مجاهد

مترجم

ڊاڪٽر منظور احمد عرساڻي

ايم- بي- بي- ايس

چار روپيه

رونق ادب

حيدرآباد (W. P.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجاهد

مترجم
ڊاڪٽر منظور احمد عرساڻي
ايم- بي- بي- ايس

چار روپيه

رونق ادب
حيدرآباد (W. P.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مترجم جا سڀ حق واسطا قائم

پرنٽر: م. ع. ڏيپلائي
پبلشر: رشيد احمد عرسالي
ڇپيندڙ: قرآن پريس حيدرآباد (سنڌ)
دفعو: پهريون
جلد: هڪ هزار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

ادب جي اها صنف، جنهن کي عرف عام ۾ افسانوي ادب چيو وڃي ٿو، سا اسان جي زبان ۾ گهڻي عرصي کان بي توجهيءَ جو شڪار رهي آهي خصوصاً تاريخي ناول ته بلڪل گهٽ آهن. شروعات ۾ ڪن اديبن تاريخي ناول نگاريءَ جو بنياد ضرور وڌو، ليڪن ان سان بجاءِ تاريخي واقعات جي صحيح علم پرائڻ جي، اڪثر غلط فهمين جا امڪانات پيدا ٿيا. انهن مان گهڻن ۾ ته فقط سستي قسم جي رومانن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي ۽ سنجهن مسلمانن جي ڪلچر ۽ اصل اسلامي روح جو فقدان آهي. اُنين پيو معلوم ٿئي جڻ ته مسلمان صرف ان لاءِ نڪتا هئا، ته جنگيون ڪريون ۽ جنگين جي دوران ۾ دشمن جي ڪنهن حسين دوشيزه سان محبت ڪري، ان سان شادي رچايون. اهڙن ناولن مان ناول نگاريءَ جي ٽيڪنڪ کان وڌيڪ داستان گوئيءَ جي فن جو اندازو لڳي ٿو.

منهنجي خواهش هئي، ته سنڌي زبان ۾ ڪو اهڙو تاريخي ناول هجي، جنهن ۾ صحيح تاريخي واقعات سان گڏوگڏ زبان جو لطف به هجي. ناول نگاريءَ جي فن جو پورو پورو مزو به اچي ۽ مسلمانن ۾ اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو مستحڪم جذبو پڻ پيدا ٿئي. جيتري قدر انهيءَ قسم جي ناولن لکڻ جو تعلق آهي، سان خود ته پنهنجي ڪم مايگيءَ جو معترف آهيان، جو مون کي اڃا اهل علم کان ڪافي استفادو ڪرڻو آهي.

بسيار سفر بايد تا پخته شود خامي

هن وقت ته اڃا مان اهو سوچي به نه ٿو سگهان، ته ڪو بلند ۽ معياري ڪتاب لکڻ جي جرات ڪريان. ان ڪري خيال ڪيم ته ڪنهن اردو يا انگريزيءَ جي اهڙي ناول جو ترجمو ڪريان، جنهن ۾ مسلمانن جي عظمت جو حقائق جي روشنيءَ ۾، دلڪش انداز سان جائزو ورتو ويو هجي ۽ جنهن جي پڙهڻ سان پڙهندڙن جي دلين ۾ اسلام سان محبت ۽ ڪم ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي.

جڏهن محترمي نسيم حجازي صاحب جي تصنيف "داستان مجاهد" پڙهي ڏٺم ته بيحد خوشي ٿي. هيءَ ڪتاب انهن سيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خصوصيتن جو حاصل آهي، جن جي مون کي تلاش هئي؛ چنانچه بسم الله ڪري مون ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. خداوند تعاليٰ جا لک لک شڪرانا، جو اڄ اهو ڪم پايہ تڪميل تي پهچي چڪو.

هتي مان اهو بہ عرض ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ مان نسيم حجازي صاحب جو دل جي گهرائيءَ سان شڪريہ ادا ڪريان، ڇاڪاڻ تہ موصوف جي ئي روح پرور، ولولہ انگيز ۽ پرجوش تحريرن جو اهو نتيجو آهي، جو مون ۾ اسلامي جذبي سان گڏ تحرير جو شوق بہ بيدار ٿيو آهي. واقعي مون تي سندس اهو عظيم احسان آهي جو پاڻ، پنهنجي فطري فراخ دليءَ کان ڪم وٺندي، مون کي هن ڪتاب جي ترجمي جي اشاعت جي اجازت مرحمت فرمائي انس. ان لاءِ ما بصد عقيدت سندس خدمت ۾ هديہ امتنان ۽ تشڪر پيش ڪريان ٿو.

اها هڪ وڏي احسان فراموشي ٿيندي، جو مان پنهنجي برادر بزرگ مسٽر خالد حسين عرسانيءَ جي شڪر ادائي نہ ڪريان، جنهن جي مدد کان سواءِ ترجمي جو ڪم گهٽو اينگهي پوي ها.

گر قبول افتد زهي عزو شرف

اخير ۾ ناظرين ڪرام کي التماس آهي تہ جيتوڻيڪ مون هيءَ ترجمو نهايت ڪوشش وٺي ساديءَ ۽ سلوليءَ سنڌيءَ ۾ ڪيو آهي، تاهم ضرور ڪي خاميون رهجي ويون هونديون، جن کي نظر استحسان سان درگذر فرمائين.

احقرالعباد

منظور احمد عرسانيحيدرآباد

(مترجم)

٢٤-٩-١٩٦٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجاهد

هيءَ فاني دنيا جڏهن کان وجود ۾ آئي آهي، تڏهن کان ڪئين انقلاب ڏٺا اٿس. ڪڏهن روسين جي هلائن جون هڪلون پئي ٻڌيون، ته ڪڏهن ايراني پهلوانن جي دستبرد کان غريب ۽ اپرا ادن جون جايون ڳولي رهيا هئا، ته ڪنهن زماني ۾ يوناني شهسوارن جي گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ ڌرتي ماتا جي ڇاتي چيني رهي هئي. اهو سڀ ڇا جي لاءِ هو؟ روس هجن يا ايراني هجن، پر سڀ پيٽ جا پوڄاري ۽ غرض جا ٻندا هئا. سپني سپاهين جيتريون به قربانيون ڪيون يا مصيبتون سٺيون، اهي سڀ هنن پنهنجي لاءِ سٺيون ڇا؟ ڪٿي روس شهنشاهت جي وڌائڻ جو سوال هو، ته ڪٿي خسرو ۽ ايران جي شهنشاهت جي وسعت جو ويچار هو. ڪٿي سڪندر جي ساري دنيا مطيع ڪرڻ جو هل هنگاسون هو، ته ڪٿي چنگيز ۽ هلاڪوءَ وانگر دنيا کي هيٺ مٿي ڪرڻ جو غوغا هو. ليڪن هنن چند ورقن ۾ جنهن سپاهيءَ جي زندگيءَ جو بيان ڪرڻ مقصود آهي، تنهن جي حياتيءَ جو مقصد نڪي عاجز ۽ ضعيف قومن کي دٻائڻ، غلام بنائڻ يا ذليل ڪرڻ هو، نه وري ڪنهن خاص شخص يا قوم لاءِ پنهنجي قيمتي حياتي خطري ۾ وجهڻ ڪو سندس غرض هو. هن جي حياتيءَ جو مقصد فقط اعلاءِ ڪلمة الله هو. هن جو جيئڻ ۽ مرڻ وڏڻ ۽ ويجهڻ، ڪمائڻ ۽ لٽائڻ، انهيءَ ئي هڪڙي مقصد لاءِ هو. سندس مقصد جي آڏو اچڻ يا رنڊڪون وجهڻ وارن ۾ ڪير به هجي، ڇاهي سندس پيءُ، ماءُ يا پٽ هجي ته به ان جي پرواهه ڪين ڪندو هو، بلڪ ان جي دفع ڪرڻ ۾ پنهنجو سمورو زور لڳائيندو هو. ان جي شاهديءَ لاءِ خود ڪلام الله موجود آهي. ”اشداءُ علی الکفار رحماءُ بينهم“ (هو خدا جي دشمن تي سخت ۽ جابر هئا، ته پاڻ ۾ هڪ ٻئي لاءِ ٻاجهارا ۽ رحيم هئا) هو ميدان جنگ ۾ رستم ۽ سام کان وڌيڪ سگهارو هو، ته قانون خداونديءَ جي اڳيان عاجز ۽ بيڪس هو. هو قربانيءَ جو پتلو ۽ ايثار جو مجسمو هو. مطلب ته سڄي اسلامي تاريخ اهڙن مجاهدن جي ذڪر سان ڀري پيئي آهي. هتي فقط هڪ مجاهد جي زندگيءَ جو بيان نموني طور ڏجي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڳو پهريون

باب پهريون

(١)

”يتيمي“

بصره جي ڏکڻ الهندي طرف ٢١-٢٢ ميلن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو هو، جنهن جي هڪ پاسي کان دجله نديءَ سان ايندڙ هڪ ننڍي نهر وهندي هئي، جنهن سبب ڳوٺ جي آسپاس ساوڪ ۽ سبزي گهڻي هوندي هئي. چوڌاري چراگاهه هوندا هئا، جن ۾ چرندڙ رڍن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ پنهنجي مالڪن جي خوشحاليءَ جو ثبوت ڏيندا هئا. ڳوٺ کي چئن ئي پاسن کان کجين جا ڍڳها ۽ گهاٽا وڻ گهيريو بيٺا هوندا هئا. مطلب ته قدرتي نظارن جي ڪمي ڪانه هئي. ڳوٺ جي پاسي کان ستانهينءَ زمين تي هڪ پراڻين جڳهه نهيل هئي. اها جڳهه ان وقت جي عمارتي فن جو هڪ سهڻو نمونو هئي. وچ ۾ هڪ وڏو هال، پاسن کان ڪوٺيون ۽ بورچيخانو خواهه غسل خانو وغيره به پنهنجي پنهنجي جڳهه تي سهڻي نموني نهيل هئا. اڳيان وڏو ۽ ويڪرو ايوان پيل هو، جنهن جي هڪ پاسي گهوڙن جي بيهڻ لاءِ طبيلو پڻ نهيل هو. ان جڳهه جو مالڪ عبدالرحمان نالي هڪ مجاهد هو، جو ڪجهه وقت اڳ ڪنهن جنگ ۾ شهيد ٿي ويو هو. باقي گهر ۾ سندس بيوهه زال حليمه نالي ۽ ٻه ننڍڙا پٽ هرهڪ عبدالله اٽڪل ٩ ورهن عمر جو ۽ جعفر اٽڪل ٧ ورهين جي عمر جا رهندا هئا. حليمه پنهنجي جوانيءَ جو عرصو ختم ڪري پيرسنيءَ ڏانهن وڌي رهي هئي، پر انهيءَ هوندي به بدن جي مضبوط هئي. پنهنجي محبوب شوهر جي امانت کي ساهه سان سانڍيندي هئي ۽ پنهنجو اڪثر وقت نماز پڙهڻ ۽ ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۾ صرف ڪندي هئي. ڳوٺ ۾ ٻيا ٻارڙا به سندس فرزندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله ۽ جعفر سان اچي گڏ سبق وٺندا هئا. سندس گهر ۾ هڪ ڇوڪري ڪلثوم نالي به رهندي هئي، جا پڻ هڪ شهيد مجاهد جي نشاني هئي. سندس ماءُ به پنهنجي پياري خاوند پٺيان وڃي چڪي هئي، يتيميءَ سبب حليمه ئي ڪيس پاليندي هئي. ڪلثوم به هن ڪي پنهنجي ماءُ ۽ عبدالله ۽ جعفر کي پنهنجا ڀائر سمجهندي هئي. هي ٽيئي ٻار پاڻ ۾ گڏ راند روند ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ وڙهندا جهڙندا هئا، ته وري پاڻيهي پرچي سرچي به ويندا هئا. هڪ ڏينهن عبدالله ۽ جعفر هٿن ۾ ڪاٺين جا ٽڪرا کڻي، انهن کي تلوارون سمجهي ۽ پاڻ کي مجاهد تصور ڪري رهيا هئا. ڪلثوم اڪيون ڦاڙي کين جاچي رهي هئي. ايتري ۾ ننڍي پاءُ وڏي کي چيو ته ”ادا! اڄ نه لڙائي ڪريون.“ عبدالله ورائيو ته ”تون روئي وجهندين.“ جعفر چيو ته ”آءٌ مجاهد آهيان ۽ هرگز ڪين روئندس، پر شايد تون پاڻ روئي پوين.“ وڏي ڀاءُ اها ڳالهه ٻڌي چيو ته ”ڀلا اڄ ته خبر پوندي.“ عبدالله مرڪندو ننڍي ڀاءُ جا وار روڪيندو رهيو. جعفر جي منهن تي ڪاوڙ جا ڪڪر ظاهر هئا. انهن پئي ڀانيو ته هو سچ پچ جنگ جي ميدان ۾ دشمن سان مقابلو ڪري رهيو آهي. مقابلو ڪندي اوچتو جعفر جو هڪ ڌڪ عبدالله جي ڪرائيءَ تي وڃي لڳو، جنهن تي هن به ڪاوڙجي وار ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري جعفر جي هٿ مان ڪاٺي (تلوار) ڪري پيئي. عبدالله چيس ته ”هاڻي ته روئندين.“ جعفر ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي جواب ڏنو ته ”آءٌ نه، پر تون روئندين.“ ائين چئي پٽ تان هڪ پٿر کڻي عبدالله جي مٿي تي ڦهڪائي ڪڍيو. پوءِ پنهنجو لڪڻ کڻي گهر ڏي ماءُ وٽ ڊوڙي ويو ۽ وڃي ماءُ جي هنج ۾ لڪو. عبدالله به نوڙهه تي هٿ ڦيريندو، سيسڙاٽ ڀريندو پٺيانس ڊوڙندو آيو. جعفر عبدالله کي ايندو ڏسي چيو ته ”اما، ادا ٿو ماري.“ عبدالله کي چڙ ته ڏاڍي هئي، پر ماءُ کي ڏسي ڪاوڙ پي ويو. ماءُ پڇيس ته ”عبدالله ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ هن جواب ڏنو ته ”اما جعفر مون کي مٿي تي پٿر هنيو آهي.“ حليمه عبدالله کي به کڻي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريو ۽ مٿي تي پيار سان هٿڙا ڦيرائيندي، پڇيائين ته ”پٽ! توهين پاڻ ۾ وڙهو ڇو ٿا؟“ جعفر جواب ڏنو ته ”اما، اسين تلوارن سان پئي وڙهياسين، ته ڀائوءَ مون کي ڪرائيءَ تي ڌڪ هنيو ۽ مون وري ان جي بدلي ڪيس پٿر هنيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حليمہ- پٽ توهان تلوارون ڪٿان آنديون، جو تلوارن سان پئي وڙهيا؟

جعفر پنهنجو ڪجيءَ جي چڙهي وارو لڪڻ ڏيکاري چيس تہ ”اما اجها تلوار. هيءَ تہ ڪجيءَ جي آهي، پر سون ڪي لوهہ جي تلوار کپي، جا ڪٽي گهوڙي تي چڙهي جهاد تي وجان.“ معصوم ٻچي جي واتان تلوار ۽ جهاد جو نالو ٻڌي حليمہ خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳي. سچ آهي بہ ائين، تہ اهڙي خوشي اهي ئي سائرون جاڻن ٿيون، جي پنهنجي نورچشمن کي کير پيارڻ يا سمهارڻ سهل لولي ڏيندي جهاد جو سبق ڏينديون آهن. جعفر جي زبان سان جهاد ۽ تلوار جا لفظ ٻڌي حليمہ جو چهرو خوشيءَ سان چمڪڻ لڳو ۽ سندس رڳ رڳ ۾ خوشيءَ ۽ فرحت جو درياءَ ڇوليون هڻڻ لڳو. هوءَ ماضيءَ ۽ حال کي وساري مستقبل ۾ پنهنجي پٽن جو تصور ڪرڻ لڳي. هن کي ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو، تہ سندس پٽ فوجيورديون پائي، تلوارون چيلهہ سان ٻڌي، نيزا ڪاهن تي ڪٽي، گهوڙن تي سوار ٿي، ميدان جنگ ۾ سيني جي اڳيان وڃي رهيا آهن. دشمنن جا گهوڙا ۽ هاٿي سندس پٽن جي حملن ڪان ڇرڪي پٺي رهيا آهن، پر مجاهد ٻنا ڪنهن خوف جي حملا ڪري رهيا آهن. دشمن سندس پٽن کي چوڌاري گهيرو ڪري تلوارن ۽ نيزن سان وار ڪري سندن قيمو بنائڻ جي ڪوشش پيا ڪن ۽ جواب ۾ هيءَ مجاهد بہ پنهنجي پوري همت ۽ قوت سان دشمنن تي حملو ڪندا ٿا رهن، پر دشمنن جو تعداد تمام گهڻو آهي، هو زخمن ڪان چور ٿي ڪرن ٿا، ڪري وري اٿن ٿا ۽ آخر زخمن جي شدت ڪان لاچار ٿي ڪرن ٿا ۽ ڪلمہ شهادت پڙهي موت تان مڙالون ڪندا پنهنجي جان خالق اڪبر جي سپرد ڪن ٿا. حليمہ پنهنجي تصورئي تصور ۾ ڏسي رهي هئي، تہ جنت الفردوس جون حورون، هار سينگار ڪري، شراباً طهورا جا پيالا ڀري، انهن شهيدن لاءِ منتظر بيٺيون آهن. اهو ڏسي بي اختيار سندس وات مان انا لله و انا اليہ راجعون نڪري ويو ۽ سر سجدي ۾ کپي ويو. سجدي ۾ ڪرندي دعا گهرڻ لڳي تہ ”اي ٻنهي جهانن جا مالڪ! جڏهن مجاهدن جون سائرون تنهنجي حضور ۾ حاضر ٿين، تڏهن آءٌ ڪنهن ڪان پٺتي نہ رهجي وڃان ۽ منهنجي هنن يتيم معصومن کي اها طاقت ۽ همت عنايت ڪر، جو هو پنهنجي وڏن جي تلوارن کي ڪٽ لڳڻ نہ ڏين ۽ انهن جو پورو پورو قدر سڃاڻن ۽ حق ادا ڪن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢)

حليمه جو ننڍپڻ ۽ جواني به عيش ۽ مسرت ۾ ڪانه گذري هئي، جو ڪيس بيوه هجڻ جو زمانو ڪا مصيبت معلوم ٿئي. هن جي رڳن ۾ انهن شهسوارن جو خون هو، جن اسلام جي اوائلي جنگين ۾ الله جي نالي بلند ڪرڻ لاءِ هر طرح جون قربانيون ڏنيون هيون. سندس ڏاڏو يرموڪ جي جنگ ۾ غازي ٿي موٽيو، ته قادسيه جي جنگ ۾ شهادت حاصل ڪيائين. مطلب ته هوءَ ننڍي هوندي کان ئي غازي ۽ شهيد لفظ کان چڱيءَ طرح واقف ٿي چڪي هئي. هي اهو زمانو هو، جو غازين جون شريڪ حيات، پنهنجي ٻارن جي ٻهريان لفظ سيکاريندي هيون، سي هوندا هئا ”ابا غازي“ يا ”ابا شهيد.“ ٻارن کي سندن پوڙهيون ڏاڏيون رات جو سمهڻ وقت پرين ۽ جنن جي فرضي قصن بدران شجاعان عرب جا سچا قصا ٻڌائينديون هيون ته ڪيئن اهي الله پاڪ جل و علا ۽ سندس رسول انام صه جي حڪمن ڦهلائڻ خاطر دنيا ۾ پکڙجي ويا ۽ ڪابه رنڊڪ کين پنهنجي مقصد تان هٽائي نه سگهي. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو هو، جو سندن ٻچڙا به اهو ساڳيو جوش ۽ ولولو پاڻ ۾ پسندا هئا ۽ اهوئي ساڳيو رستو اختيار ڪندا هئا. حليمه به انهيءَ ماحول ۾ جائي نپني هئي. سورهن ورهين جي ڄمار ۾ عبدالرحمان نالي نوجوان مجاهد سان سندس شادي ٿي ۽ ٻيئي زال مڙس هڪ ٻئي ڏن ۾ مست هئا. حليمه پنهنجي خاوند کي گهر جي چئن ڀتين جو قيدي ٿي رهڻ کان هميشه جهاد تي وڃڻ لاءِ آياريندي هئي. پوءِ پيرو جڏهن عبدالرحمان جهاد تي ٿي ويو تڏهن عبدالله جي عمر ٽن سالن کان ڪجهه سوائي هئي ۽ جعفر اجا هڪ سال جو به ڪونه ٿيو هو. وڃڻ وقت عبدالرحمان عبدالله کي ڪٺي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ جعفر کي ماءُ جي گود ۾ ئي چمي ڏيئي موڪلائي ڪيائين. سندس سنهن تي ٻهريائين ڪجهه افسوس ۽ ارمان جا نشان ظاهر ٿيا، پر بروقت پاڻ کي سنڀالي ورتائين ۽ ڏک جي بجاءِ سندس سنهن مان مُرڪ پڌري ٿي. پنهنجي آرزوئن جي مالڪ کي سفر تي ويندو ڏسي، حليمه جي اکين مان لڙڪن جي لشڪر ظاهر ٿيڻ گهريو ٿي، ليڪن حليمه انهن کي اکين جو اکين ۾ روڪي ورتو. عبدالرحمان پنهنجي رفيقه حيات سان هنن لفظن ۾ موڪلائي ڪئي:-

عبدالرحمان:- ”منهنجي منڙي! جيڪڏهن الله سائين هن جنگ ۾ مون کي شهادت نصيب ڪري ۽ آءٌ زنده نه موٽان، ته تون انجام ڪر، ته منهنجا پٽ منهنجي تلوار کي ڪنجڻ ڪين ڏيندا.“
حليمه فخر سان جواب ڏنو ته ”انشاءالله تعاليٰ منهنجا جگر جا ٽڪرا ڪنهن ڪان به پٺتي ڪين پوندا، خاطري ڪريو.“
عبدالرحمان اهي لفظ ٻڌي مرڪي خدا حافظ چيو ۽ رڪيب ۾ پير پائي گهوڙي تي سوار ٿي، ساٿين سان گڏ منزل ڏانهن روانو ٿيو. سندس اسهڻ کان پوءِ حليمه سجدي ۾ ڪري پيئي ۽ ڪجھ وقت دعائون گهري رهي هئي، جن جو تت ِ هيءُ هو:-
”اي خالق ارض و سما منهنجي ... کي ثابت قدم رکج!“

(٣)

عبدالرحمان کي ڳوٺان روانه ٿئي ڇهه مهينا گذري چڪا هئا ۽ ستون مهنو هلندڙ هو. ڳوٺ سان پيا به ڪجهه مجاهد سائس گڏ روانه ٿيا هئا. هڪ ڏينهن انهن سان هڪڙو ڄڻو ڳوٺ ۾ آيو ۽ اٺ تان لهڻ شرط سڌو عبدالرحمان جي گهر طرف روانه ٿيو، جتي دروازي تي بيهي آواز ڏنائين. حليمه پردي ۾ بيهي سائس ڳالهايو. حليمه جا پهريان لفظ هي هئا: ”چا هو ڪونه آيو؟“
آيل ماڻهو:- هو شهيد ٿي ويو.
حليمه :- ”شهيد؟“ روڪڻ جي ڪوشش ڪندي به حليمه جي اکين مان لڙڪن جون لڙهيون وهي هليون. نووارد، ڪجهه ساعت چپ بيهڻ کان پوءِ، پنهنجي کيسي مان هڪ خط ڪڍي عبدالله کي ڏنو ۽ چيائين ته عبدالرحمان پنهنجي رت سان هيءُ خط لکي تنهنجي ماءُ کي ڏيڻ لاءِ منهنجي حوالي ڪيو هو. پنهنجي امانت قابو ڪريو.
عبدالله، اهو خط پنهنجي ماءُ کي پهچايو. قاصد پنهنجي گهر روانو ٿي ويو. حليمه خط کڻي گهر ۾ اندر ويئي ۽ ڏڪندڙ هٿن سان خط کولي پڙهڻ لڳي:-
”منهنجي خوابن جي راڻي! منهنجي دلي تمنا پوري ٿي. هينئر جڏهن ته آءٌ پنهنجي حياتيءَ جا آخرين پساهه پورا ڪري رهيو آهيان، پنهنجي ڪنن ۾ عجيب راڳ جهڙو آواز محسوس ڪري رهيو آهيان، منهنجو روح جسم جي قيد سان آزاد ٿيڻ لاءِ تڙڦي رهيو آهي، سڄو جسم زخمن سان ڀرپور آهي ۽ خون فوهاري وانگر

وهي رهيو آهي، تہ بہ آءٌ هڪ قسم جي فرحت ۽ مسرت محسوس ڪري رهيو آهيان. آءٌ انهيءَ طرف وڃي رهيو آهيان، جتي مايوسيءَ ۽ نااميديءَ جو نشان بہ ڪونهي ۽ جتي ابدي راحت ۽ هميشه رهڻ وارا سک موجود آهن. حليم! منهنجي موت تي نہ روئج. آءٌ پنهنجي زندگيءَ جي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. اهو خيال هرگز نہ ڪج، تہ آءٌ ڪو توهان کي ڇڏي ڪيڏانهن دور وڃي رهيو آهيان. جلد ئي اسين سڀ هميشه لاءِ هڪ اهڙي هنڌ گڏباسين، جتي جو صبح شام ڪان ۽ بهار خزان کان واقف نہ آهي. هيءَ منزل جيتوڻيڪ ڇند ۽ سچ ڪان بہ مٿي آهي، تہ بہ مرد مجاهد هڪڙي ئي ٽپ سان اتي پهچي سگهي ٿو. عبدالله ۽ جعفر کي انهيءَ منزل جو رستو ڏيکارڻ تنهنجو ڪم آهي. آءٌ توکي کهٽوئي لکان ها، پر منهنجو روح پنهنجي ابدي سڪون واريءَ جڳهہ ڏانهن وڃڻ لاءِ ڦٿڪي رهيو آهي. آءٌ آقائي نامدار، هادي برحق صہ جي قدمن چمڻ لاءِ بي قرار آهيان. انهيءَ لاءِ هنن لفظن تي خط کي پورو ٿو ڪريان. آءٌ پنهنجي خانداني تلوار توکي موڪليان ٿو. منهنجي معصوم يتيمن کي انهيءَ امانت جو قدر ڪرڻ سيکارج، جيئن تون منهنجي لاءِ فرض شناس زال هئين، تيئن منهنجي جگر جي ٽڪرن لاءِ بہ فرض شناس ماءُ ٿي رهج، پنهنجي ماءتا کي ڪڏهن بہ انهيءَ مقصد جي وچ ۾ رنڊڪ ٿيڻ نہ ڏج. انهن کي ٻڌائج تہ مجاهد جي موت اڳيان دنيا جي زندگي بيڪار ۽ بي سود آهي "شهيد ڪڏهن بہ نہ ٿو مري." (القرآن)

تنهنجو......

باب ٻيو

(١)

ڪلثوم

عبدالرحمان کي شهيد ٿئي ٽي سال گذري چڪا هئا. حميده پنهنجو پيٽ گذر ۽ ٻارن جي تعليم، سڀڻ پرڻ سان ٿيندڙ آمدنيءَ سان ڪندي هئي. هڪ ڏينهن ڳوٺ جي ٻارڙن ۽ پنهنجي اکين جي نور عبدالله کي قرآن شريف پڙهائي رهي هئي ته جعفر هڪ ڪانيءَ کي نوڙي ٻڌي، مٿس چڙهي گهوڙي وانگر ڇهبڪ سان هڪلي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي گهوڙي سواريءَ جو مزو وٺي رهيو هو ته، ايتري ۾ ٻاهرئين در تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿيو. عبدالله ڊوڙي وڃي دروازو کوليو. دروازي کلڻ تي 'ماما سائين!' 'ماما سائين! چوندو' ايندڙ ساٿيءَ کي چنبڙي ويو. حليمه اهو آواز ٻڌي اندران ئي چيو ته "پٽ! تنهنجو ماسو سعيد آهي ڇا؟" پوءِ جواب لاءِ ترسڻ کان اڳيئي اڳڻ ۾ اچي، پنهنجي گهٽڻ ورهين جي وڇڙيل ڀاءُ سان ملي.

سعيد هڪ معصوم ڇوڪري به پاڻ سان وٺي آيو هو، جنهن کي ڏسڻ سان حليمه چيو ته "هي ڪلثوم ته ناهي؟ سنديس شڪل هوبهو ظهير جهڙي آهي." سعيد جواب ڏنو "هائو ادي! هيءَ ڪلثوم آهي، جنهن کي توهان وٽ ڇڏڻ آيو آهيان. مون کي ايران ڏانهن وڃڻ جو حڪم مليو آهي، جو اتي خارجين بغاوت ڪئي آهي ۽ آسپاس ۾ پروپئگنڊا ڪري رهيا آهن. آءٌ جلدئي اوڏانهن وڃڻ چاهيان ٿو. ڀيريائين خيال ڪيم، ته ڪلثوم کي ڪنهن سان گڏي توهان وٽ موڪلي ڏيان، پر پوءِ چيم ته توهان کي ڏٺي ڏينهن به گهڻا ٿيا آهن، سو 'هڪ ڪم ٻه ڪاج' موجب توهان سان ملي به اچان ۽ ڪلثوم کي روبرو ڇڏي به اچان."

حليمه- توهين ته جڏهن اچو ته هٽ منهن ڏئڻ ڪان به اڳ واپس ورڻ جون ڳالهيون ڪريو. ڪيتري وقت ڪان پوءِ آيا آهيو، رات اڏ ته ٽڪي پئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعيد۔ سنڌي ادي! سون کي توهان وٽ ترسڻ ۾ ڪو عار ڪونهي، پر ڏس ته سون کي ڪهڙو نه ضروري ڪم سپرد ٿيل آهي! اڄ اسان جي فوج بصره ۾ ترسندي ۽ صبح جو سويل روانه ٿيڻ جو پروگرام رٿيل آهي. سنهنجي نه وڃڻ سبب سارو پروگرام رد ڪرڻو پوندو.

عبدالله، ساءَ جي پرسان ٻيٺي، ساسي ۽ ساءَ جي گفتگو ٻڌي رهيو هو ۽ جعفر پنهنجيءَ ۾ ئي سست هو. پر پوءِ هو به ياءَ جي پرسان اچي ٻيٺو ۽ سعيد کيس گود ۾ کڻي پيار ڪرڻ لڳو ۽ وري به پيڻ سان ڳالهين ۾ مشغول ٿي ويو. جعفر اتي پنهنجي لاءِ ڪا به دلچسپي نه ڏسي، وري به راند روند ۾ مشغول ٿي ويو. گهڙي کن کان پوءِ وري به ڪجهه ويچار ڪري ياءَ جي پاسي ۾ اچي ٻيٺو ۽ ڪلثوم ڏانهن نهارڻ لڳو. هن ڪجهه چوڻ گهريو ٿي، ليڪن لفظ ڪونه ٿي سجهيس، ته ڇا چوي. آخر ٿوريءَ دير بعد همت ڪري ڪلثوم ڏانهن وڌيو ۽ چيائينس ته ”نوکي گهوڙو کپي؟“ ڪلثوم شرمائجي، سعيد جي جبي ۾ ڪٽي سنهن لڪايو. سعيد پيار سان سٺي ٿي هٿڙو ڦيري چيس ته ”اما! وڃي ياءَ سان راند ڪر.“ ڪلثوم آهسته آهسته جعفر ڏانهن وڌي ۽ آخر پنهنجو حجاب ڇڏي، سندس هٿ سان ڪاٺي وٺي سٺس سوار ٿي. جعفر پنهنجي لاءِ ٻيو گهوڙو هٿ ڪيو. ٿوري وقت کان پوءِ ٻنهي جون معصوم دليون هڪ ٻئي سان سانوس ٿي ويون. هو پنهنجي ماحول کان بي خبر ٿي، پنهنجي مصنوعي گهوڙن جي سواريءَ ۾ خوش هئا. عبدالله، جعفر تي انهيءَ ڳالهه ڪري رنج ٿيو، سو گهور ڪري ڏانهس نهارڻ لڳو، پر جعفر ان جي ڪا به پرواهه ڪانه ڪئي ۽ سنهن ڪٽي ٻئي پاسي ڦيرايو. ٿوريءَ ويرم کان پوءِ وري به جعفر، عبدالله ڏانهن ڏٺو ته عبدالله چيرا ڏنس، جنهن تي جعفر ساءَ کي دانهن ڏني ته ”اسان، ادا سون کي چيرا ٿو ڏئي.“ حليمه عبدالله کي دڙڪو ڏيئي چيو ته ”عبدالله، ڏاهو ٿيءُ. ڇڏ ته ٻئي راند ڪري پيا وندرن.“ ان تي عبدالله پنهنجو سنهن وٺي، بس ڪري ٻيهي رهيو ته جعفر وري شير ٿي کيس چيرا ڏيڻ لڳو. آخر عبدالله ڪڪ ٿي ڪٽي پنهنجو سنهن ٻئي پاسي ڪيو ۽ ياءَ ڏانهن نهارڻ جي پڄر ئي ڪٽي ڦٽي ڪيائين.

(٣)

ڪلثوم جي حالت، حليمه جي حالت کان ٻئي نموني جي ڪانه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. هوءَ انهن انسانن مان هئي، جي هوش سنڀالڻ کان اڳ ئي والدين جي مشفقانه سايه کان محروم ٿي ويندا آهن. ڪلثوم جو پيءُ قسطاط جي معتبر ماڻهن مان هو. هن ننڍيءَ ڄمار ۾ ئي پنهنجي خداداد ذهانت ۽ طاقت سان پنهنجي لاءِ اعليٰ مقام حاصل ڪيو هو. ويهن سالن جي ڀرپور جوانيءَ ۾ هڪ ايراني حسينه نيلوفر جي زلفن جي دام ۾ اسير ٿي پيو هو، آخر ساڻس شادي ڪيائين. نيلوفر جي سهاڳ جي پهرين رات هئي. ڪنوار جي سهڻي جي ڪوٺي به ڪنوار وانگر خوب سينگاريل هئي. رنگ به رنگي شمعون جلي رهيون هيون. خوشبوءِ سبب ڪوٺيءَ ۾ ايندڙ هوا به معطر ٿي پيئي هئي. نيلوفر پنهنجي محبوب خاوند جي پاسي ۾ ليٽي پئي هئي ۽ مستقبل بابت پهريون پڇائي رهي هئي. ٻنهي جي دلين ۾ عجيب قسم جو امنگ هو، ٻنهي جي اکين ۾ نشو ۽ خمار هو، پر هيءُ نشو شراب ۽ ننڊ جي گهر کان ٻئي نموني جو هو، جنهن کي فقط هو ئي سمجهي سگهيا ٿي.

ظهير هر ڀيري پنهنجي سرڪندڙ سنهن سان پڇيو پئي ته ”نيلوفر! سچ ٻڌاءِ، خوش ته آهين نه؟“ نيلوفر اڌ ٻُٽيل اکيون مٿي ڪري مرڪي ٿي ڏنو ۽ اهوئي سندس جواب هو. آخر گهڻي ردوبدل کان پوءِ حجابانه نموني سرڪندڙ چپن سان محبوب جي اکين سان اکيون ملائي چيائين ته ”پنهنجي دل کان پڇو!“ ظهير چيو ته ”سنهنجي ننڍڙيءَ دل ۾ اڄ خوشيءَ جو بي ڪنار بحر لهرون پيو هڻي. مون کي دنيا جي سڀڪا شيءِ، خوشيءَ سان ٻهڪندڙ معلوم ٿئي ٿي. شال هميشه اهڙي خوشي انسان کي نصيب هجي.“ نيلوفر جي وات مان بي اختيار ”شال“ جو لفظ نڪتو ۽ ساڳئي وقت سندس وڏين ڪارين خماريل اکين مان ٻه ٻوندون وهي اچي سندس گلابي ڳلن تي ڪريون. ظهير اهڙي خوشيءَ جي وقت ۾ پنهنجي زندگيءَ جي رفيقه جي اکين ۾ لڙڪ ڏسي بي قرار ٿي ويو. ۽ چرڪ ماري اٿي ويٺو ۽ محبوب کي پنهنجي ٻانهن جي حصار ۾ وٺي پيار ڪري کانئس روئڻ جو سبب پڇيو. نيلوفر زوريءَ مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ته ”روئي ڪير ٿو؟ آءٌ اڄ ڪيئن روئينديس؟“ سندس اها لڙڪن ملي مسڪراهٽ ظهير جي خاطري لاءِ ڪافيءَ کان زياده هئي.

ظهير- ڪوڙ ڇو ٿي ڳالهائين؟ تنهنجيون اکيون اڃا به ٿوري چغلي هڻي رهيون آهن. تنهنجا اهي لڙڪ سنهنجي برداشت کان ٻاهر آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيلوفر- سون کي ڪو خيال اچي ويو، جنهن ڪري روڪڻ جي ڪوشش جي باوجود به اهي لڙڪ ڪري پيا.

ظهير- نيلوفر! نيلوفر! منهنجي جان و دل جي مالڪ، توکي ڪهڙو خيال آيو؟

نيلوفر- سرتاج! اهڙو ڪو خاص خيال نه ڪونهي، پر سون کي ويچاريءَ صابره جو خيال اچي پيو. معصوم ڇوڪريءَ کي شاديءَ کئي اجا ٻارهن مهنا به ڪين گذريا هئا ته سندس سهاڳ لٽجي ويو.

ظهير- آءٌ اهڙي موت کان ڊڄان ٿو. مجاهد جو موت ڪهڙو نه سرهو موت آهي. ڪٿ تي پئي مرڻ کان جنگ جي ميدان ۾ توبن جي گجگوڙ ۽ رائيفلن جي گولين جي بارش ۾، قتلين جي رڙين واڪن ۾ ۽ گهوڙن جي هڻڪارن ۽ ٽاپ ٽاپ ۾ جو موت اچي ٿو سو مبارڪ موت آهي. مَرُ سرڪن اهي مائرون، جن جي ٻچڙن کي اهڙو موت حاصل ٿئي، ليڪن افسوس صابره جي مڙس کي اهڙو موت نصيب نه ٿيو. هو ويچارو ننڍپڻ کان ئي ڪيترين جسماني بيمارين ۾ مبتلا رهيو هو. آءٌ سندس مرڻ کان پنج-ڇهه ڏينهن اڳ ڪيس پڇڻ ويو هوس ته سون کي ڏسي روئي ڏنائين ۽ منهنجا هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺي چيائين ته "تون سياڳو آهين؛ تون پنهنجي سائين سان ڪڏ گهوڙن تي چڙهي دشمن سان لڙڻ وڃين ٿو؛ تنهنجا عضوا فولاد وانگر مضبوط آهن، پر آءٌ هتي ڪٽ تي پيو ڪڙيون ڪرڙيان. ننڍي هوندي آءٌ به مجاهد بنجڻ جا ويچار ڪندو هوس، پر اهي سڀ خواب ٿي ويا. دنيا ۾ منهنجو هئڻ نه هئڻ هڪ جهڙو آهي. منهنجو اٿڻ ويهڻ به ٻين جو محتاج آهي." اُئين چئي زالن وانگر اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. سون ڪيس تسلي ڏني. هن کي به جهاد تي هلڻ جو شوق هو. سندس دل بہ مجاهدانہ دل هئي. موت جو ڊپ ذرو بہ ڪونہ هوس، پر اهي سڀ اميدون پاڻ سان کڻي ويو. هن کي به اهڙو موت پسند ڪونہ هو. ظهير اها ڳالهہ پوري ڪري، ڪنهن فڪر ۾ غلطان ٿي ويو ۽ منهن ڦيرائي ڪٽي پئي پاسي ڪيائين.

انهيءَ مهل صبح ٿيڻ جا نشان ظاهر ٿيڻ لڳا. مسجد جو ٻانگو خدا جي ٻندن کي غفلت مان هوشيار ڪري، نماز ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڏي رهيو هو. هي ٻئي به نماز جي تياري ڪرڻ وارا هئا ته اوچتو ٻاهرئين دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ظهير ٽپ ڏيئي بستري تان اٿيو ۽ وڃي دروازو کوليائين تہ سعيد ڏسڻ ۾ آيس، جو مر ڪان

پيرن تائين لوهي زره ۾ ڍڪيل ۽ گهوڙي تي سوار هو. سعيد ظهير کي ڏسي گهوڙي تان لٿو ۽ ڀاڪر پائي ظهير سان مليو.

سعيد ۽ ظهير ننڍپڻ جا سنگتي هئا. سندن دوستي سڳن ڀائرن کان به وڌيڪ هئي. ٻئي هڪ هنڌ تعليم حاصل ڪري، سپاهيگريءَ جو فن سکيا هئا. ڪيترين لڙائين ۾ گڏجي لڙيا هئا. پنهنجي ٻانهن جي طاقت ۽ ذهانت سان وڏا عهدا هٿ ڪيا هئائون. ظهير، سعيد کي خوش خيروعافيت ڪرڻ کان اڳ، تنهن کانئس هن طرح اوچتو اچڻ جو سبب پڇيو. سعيد جواب ڏنو ته مون کي قيروان جي حاڪم توهان وٽ ڪنهن خاص ڪم لاءِ موڪليو آهي.

ظهير- اهڙو ڪهڙو اهم ڪم آهي، جنهن لاءِ توکي تڪليف ڏني ويئي آهي؟

سعيد- آفريڪا ۾ بغاوت ٿي آهي. رومي، جاهل بربرين کي ڀڙڪائي ۽ کين مدد ڏيئي، انهي ٻاهم کي وچڙو هٽي وڌائي رهيا آهن. انهيءَ بغاوت کي دٻائڻ ۽ جاهل بربرين کي هميشه کان سبق سيکارڻ لاءِ تازي فوج جي ضرورت آهي. اسان جي گورنر، دربار خلافت کي مدد لاءِ ڪيترا خط روانه ڪيا آهن، ۽ قاصد موڪليا آهن. ليڪن اسان جو آواز دربار جي ترنم ۾ گم ٿي وڃي ٿو. نصراني اسان جي انهيءَ ڪمزوريءَ سان ناجائز فائدو وٺڻ گهرن ٿا. جيڪڏهن ترت ڪو قدم نه کنيو ويو ته پوءِ ايڏي ساري وسيع ملڪ تان هميشه لاءِ اسلامي جهنڊو گم ٿيل نظر ايندو، گورنر مون کي توهان جي لاءِ هيءُ خط به ڏنو آهي. ظهير خط وٺي کولي پڙهيو، منجهس لکيل هو:-

”سعيد توکي آفريڪا جي حالت ٻڌائيندو. هڪ مسلمان ۽ مجاهد هئڻ جي حيثيت ۾ تنهنجو فرض آهي ته جيترا به سپاهي گڏ ڪري سگهين، انهن کي وٺي ٻنا ڪنهن دير جي پهچي وڃ. مون خليفه جي حضور ۾ ڪيترا خط ۽ قاصد موڪليا آهن ليڪن موجوده حالت ۾ جڏهن عرب پنهنجي ئي خانه جنگين ۾ مبتلا آهن، اتان ڪنهن به مدد ملڻ جو آسرو ڪونه آهي. تون پنهنجي طرفان جيڪي به ڪري سگهين تنهن ۾ ڪوتاهي نه ڪج.

هيسپتائين هي ٻئي در کان ٻاهر بيٺا هئا. هاڻي ظهير جڻ ڪنهن وڏيءَ ننڊ مان سخت نشي مان سجاڳ ٿيو، سو هڪ نوڪر کي سڏي سعيد جو گهوڙو ان کي ڏيئي، کيس پاڻ سان وٺي گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيي پاسي ۾ هڪ خلاصي ڪوٺيءَ ۾ وڃي وهاريائينس. پاڻ وري زنانخاني ۾ آيو. ڏٺائين تہ نيلوفر ”احڪم الحاڪمين“ جي اطاعت ۾ سربسجود آهي، اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. واپس سعيد وٽ اچي ٻڌايائينس تہ ”سعيد سون شادي ڪئي آهي.“

سعيد:- مبارڪون اٿوَ؛ ڪڏهن شادي ڪيو؟

ظهير:- رات نڪاح ٿيو آهي.

سعيد ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بار بار دوست کي مبارڪون ڏيڻ لڳو. پر وري ڪنهن ويچار اچڻ سبب سندس منهن ملول ۽ اداس ڏيڻ لڳو. دوست جي منهن ۾ نهاري اکين ئي اکين سان سوال ڪرڻ لڳو تہ ”توکي شاديءَ جي خوشيءَ جهاد جي جذبي کان خالي تہ ڪونہ ڪيو آهي؟“ ظهير بہ اکين ئي اکين ۾ جواب ڏنو تہ ”هرگز نہ، خوشي ۽ غم اسان کي حق جي راه تان هٽائي نہ ٿا سگهن.“ دنيا ۾ گهڻو ڪري هر انسان کي ترقي ڪرڻ جو موقعو ملندو رهي ٿو، پر سواءِ ڪن ٿورن جي ٻيا سڀ اهڙي سعيد موقعي کي اجايو وڃائي ڇڏيندا آهن.

سعيد:- ڀلا توهان هن خط بابت ڪهڙو ويچار ڪيو آهي؟

ظهير:- (سرڪي چيو تہ) ويچار ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هينئر ئي هلو.

سعيد، ظهير جي چپن مان ”هلو“ جو لفظ ٻڌي اهڙو تہ خوش ٿيو، جو نندين ٻارن وانگر ظهير کي چهٽي پيو ۽ ظهير بہ سندس چيلهہ ۾ ٻانهن وجهي، ڪيس، انهيءَ ئي حالت ۾ مسجد ۾ وٺي ويو ۽ ٻيئي جڻا جماعت ۾ وڃي شريڪ ٿيا. سلام ورائڻ کان پوءِ ظهير اٿي منبر تي آيو ۽ جماعتين جي اڳيان هڪ ننڍڙي پُراثر تقرير ڪيائين. تقرير بظاهر تہ مختصر ۽ سادي هئي، پر مجاهد جي دل مان نڪتل لفظ تير وانگر ٻڌندڙن جي دلين ۾ چڀي ويا. هن پنهنجو آواز ذرا بلند ڪري چيو تہ ”ڀائرو ۽ دوستو! موجوده وقت ۾ اسان ۾ جتي ڪٿي خانہ جنگيون پکڙجي ويئون آهن، جنهنڪري دنيا وارن جي نظر ۾ اسان جي اها وقعت ۽ عزت نہ رهي آهي، جا اڄ کان ٿورا سال اڳي مسلمان مجاهدن لاءِ هنن جي دلين ۾ هئي. روسي ۽ يوناني جن کي ڪيترا ڀيرا اسان پنهنجي گهوڙن جي پيرن هيٺان لتاڙيو ۽ چيڀاٽيو آهي، جن جون زرهون. اسان جي تلوارن ۽ نيزن جي تيزي آزمائي چڪيون آهن، سي هڪ دفعو وري بہ اسان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقابلي لاءِ للڪاري رهيا آهن. هو يرموڪ ۽ اجنادين ڪي وساري چڪا آهن. اڃا تہ وري بہ سڀ سلي هنن ڪي ٻڌايون تہ مسلمان اڄ بہ اهي ئي آهن؛ اسلام جي عظمت ۽ حفاظت خاطر اڄ بہ هر قرباني لاءِ اهڙيءَ طرح تيار آهن، جهڙيءَ طرح ڪالهہ تيار هئا. ڪفار طرحين طرحين جون سازشون ڪري، آفريڪا جي وحشي بربرن کي بغاوت لاءِ پڙڪائي رهيا آهن. هو خلق خدا ۾ بدامني پکيڙي دنيا ۾ فساد ڦهلائڻ چاهين ٿا. هو سمجهن ٿا تہ مسلمان پنهنجي خانہ جنگين سبب ڪمزور ٿي چڪا آهن. هنن کي هن سان سنهن ڏيڻ جي طاقت نہ آهي، پر آءٌ چوان ٿو تہ جيسين هڪ بہ مسلمان دنيا ۾ زنده آهي، تيسين هنن کي انهيءَ هڪ مسلمان کان بہ ڊڄڻ گهرجي. خدا جا غيور بندؤ! اٿو تہ هڪ ڀيرو وري بہ انهن طاغوتي طاقتن کي ثابت ڪري ڏيکاريون تہ اسان جي سينن ۾ اها ئي تڙپ، اسان جي ٻانهن ۾ اها ئي طاقت، اسان جي تلوارن ۾ اهائي بجلي ۽ اسان جي نيزن ۾ اهائي تيزي آهي، جا فاروق اعظم جي زماني ۾ هئي."

ظهير جي تقرير تي اڍائي سؤ نوجوان ساڻس گڏجي، جهاد تي هلڻ لاءِ تيار ٿيا.

(٣)

نيلوفر پنهنجي سيني خوشين ۽ خواهشن جي اڪيلي وسيلي کي جنگ جي ميدان ڏانهن وڃڻ لاءِ سنپرندو ڏسي رهي هئي. دل جو بخار اکين جي رستي نڪرڻ لاءِ تيار هو، پر نيلوفر جي زنانہ غرور ۽ فخر پاڻ کي خاوند جي اڳيان بزدل بڻجڻ پسند نہ ٿي ڪيو، اهي لڙڪ اکين جو آکين ۾ جذب ڪري رهي هئي. ظهير سهي سنپري جڏهن ٻاهر نڪتو، تڏهن سڌو زال جي اڳيان آيو. ڏٺائين تہ نيلوفر ارمان ۽ افسوس جي تصوير بڻي بيٺي آهي. دل سفارش ڪئي تہ بہ گهڙيون ترسي، هن غريب کي دلاسو ۽ دلبري ڏجي. ساڳيءَ دل جي ٻئي خاني مان آواز آيو تہ "امتحان کان بچ، دنيا جي فتنن ۾ نہ ڦاس." آخر ظهير الوداع جا بہ لفظ چئي ٻاهر نڪتو. اڃا ٻاهرئين دروازي مان هڪڙو پير ٻاهر ڪڍيو ٿي ڪين هٽائين تہ وري بہ دل ۾ شور ٿيو تہ شايد هيءَ پوئين ملاقات هجي. ايترو خيال ايندي ئي وري بہ تيزيءَ سان، اندر گهڙي ويو. نيلوفر جا اڃا ساڳيءَ جاءِ تي بت وانگر بيٺي هئي، سا مقناطيسي ڪشش وانگر ڇڪجي اچي ظهير جي پاڪرن ۾ پيئي. جن لڙڪن کي هيستائين نيلوفر روڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيٺي هئي، سي هاٿي چنل تسبيح جي داڻن وانگيان ٽڪڙو ٽڪڙو هيٺ ڪرڻ لڳا. ظهير جي مغز ۾ محبت ۽ فرض جو مقابلو هلي رهيو هو. هو پنهنجي ماحول کان بي خبر، انهن ئي ويچارن ۾ مست هو. ڪڏهن ارادو ڪيائين ته اجا ڪالهه نڪاح ٿيو آهي، تنهن ڪري ڪجهه ڏينهن ٽارجي. وري ان جي مٿان خيال آيس ته هي سڀ دنيا جو خسارو آهي. سچي عمر جي ڪمائي، هن ٿوري وقت ۾ برباد نه ڪر. آخر سندس سٺل ضمير سجاڳ ٿيو. زال کي آهسته آهسته ٻانهن کان جهلي ٻاهر ڪڍي، پرڀرو ٿي بيٺو. نيلوفر اکيون کڻي ڏانهس نهاريو. ظهير سندس اکين سان اکيون سلائي چيو ته ”نيلوفر! مون کي فرض کان نه هٽاءِ.“ نيلوفر هٽڪندڙ آواز سان چيو ته ”منهنجا سرتاج! منهنجي تمنائن ۽ آرزوئن جا مالڪ! مون کي معلوم آهي ته توهين رب جي راهه ۾ امن جي دشمنن ۽ خدا جي زمين ۾ فساد پکيڙيندڙن سان لڙڻ وڃي رهيا آهيو، ليڪن افسوس جو آءٌ هڪ عرب ماءُ جي هنج ۾ نه پلي آهيان، جنهنڪري منهنجي دل خبر ناهي ته ڇو ڪمزورن وانگر دڪ دڪ ڪري، مون کي ضعيف بڻائي رهي آهي.

ظهير:- نيلوفر! ڪوبه فڪر نه ڪر، منهنجي غير حاضريءَ ۾ حنيفه توکي هر طرح خوش رکندي. گهبرائڻ جو ڪوبه ضرور ڪونه آهي. تون هڪ مجاهد جي ساٿياڻي آهين. توکي لڙڪ هارڻ نه گهرجن. مون کي مرڪي ڏيکار.

نيلوفر مڙس جو چيو مڃي، زوريءَ مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مرڪڻ سان گڏ سندس اکين مان ٻه وڏا لڙڪ وهي اچي سندس ڳلن تي پيا، جن کي اُگهي پيار کي التجا طور چيائين ته ”منهنجا آقا! مون کي معاف ڪجو. انشاءالله تعاليٰ هن کان پوءِ مون کي بزدل نه ڏسندؤ. نڪي منهنجون اکيون مينهن وسائينديون. ائين چئي، نيلوفر ٻانهون مٿي ڪٽي، مڙس کي الوداعي ڀاڪر پائڻ لاءِ اڳتي وڌي، پر سندس حيرت جي حد ئي ڪانه رهي، جڏهن ڏٺائين ته سندس محبوب الائي ڪيڏيءَ مهل روانو ٿي چڪو هو.

(۴)

جيئن اڳي بيان ڪيل آهي ته نيلوفر ايراڻ هئي، تنهنڪري سندس طبيعت ۾ زنانه نازڪ اندامي عرب عورتن جي ڀيٽ ۾ زيادهه هئي. ظهير جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ رات۔ ڏينهن اداس ۽ غمگين رهڻ

لڳي. ڪيس پنهنجي دنيا بدليل ۽ انڌاري نظر اچڻ لڳي. حنيف جا سندن قديم نوڪرياڻي هئي، سا ڪيس وندرائڻ جي سڀڪا ڪوشش ڪندي هئي، پر هن تي ڪو اثر ڪونه ٿيندو هو. جتي وهندي هئي، اتي پنهنجي پورڻ پچائيندي پهر گذري ويندا هئس. ٻن - ٽن سهينن گذرڻ کان پوءِ ڪيس شڪ پيو ته پيار جي امانت سندس جسم ۾ پرورش پائي رهي آهي، جنهن سهيني ٻن بعد .پڪ جي حالت اختيار ڪئي. انهيءَ وچ ۾ ظهير جا ٻه- ٽي خط به آيا هئس. حنيف پنهنجي پاران ظهير کي لکي موڪليو ته توهان جي گهر ۾ هڪ معصوم مهمان اچڻ وارو آهي، موتي اچڻ تي گهر ۾ هڪ پاتيءَ جو اضافو ڏسندا. باقي گهر ڏياتي بلڪل غمگين ۽ اداس رهي ٿي. جيڪڏهن توهان کي موڪل سلي سگهي ته ٻن چئن ڏينهن لاءِ اچي ٿي وڃو ته بهتر آهي. اٺن سهنن جي عرصي کان پوءِ ظهير لکيو ته آءٌ هن چند ختم ٿيڻ کان اڳ گهر پهچي ويندس. انهيءَ خط کان پوءِ نيلوفر جي انتظار نهايت شدت اختيار ڪئي. ٿوري ٿي آواز تي سندس اکيون وڃي دروازي ۾ کپنديون هيون. انهيءَ اوسيڙي سندس صحت کي به بگيڙي وڌو. رات- ڏينهن جي چوويهن ڪلاڪن ۾ هڪ سنت لاءِ به ڪين سمهندي هئي. دروازي ۾ اکيون لڳايو ويٺي هوندي هئي. آخر ظهير جي اچڻ کان اڳ گهر ۾ هڪڙو ننڍڙو مهمان اچي ويو. اهو ٻارڙو هئي ڪلثوم. ڪلثوم جي جمڻ کان پوءِ جڏهن نيلوفر هوش ۾ آئي، تڏهن سندس پهريون آواز هو ”هو آيو آهي؟؟“

حنيف:- هو ٻه سگهوئي خير سان اچي نڪرندو.

نيلوفر:- هيترا ڏينهن گذري ويا آهن، الائي سنهنجي جيءُري......

انهيءَ کان وڌيڪ ڳالهائي نه سگهي ۽ وري بيهوش ٿي ويئي.

(٥)

ڪلثوم کي ڄائي ٽي هفتا گذري چڪا، پر انهيءَ وچ ۾ نيلوفر جي تندرستي بلڪل بگڙي ويئي. هوءَ ننڊ ۾ به ظهير ظهير! چئي رڙيون ڪري اٿندي هئي ۽ ڪڏهن ته ننڊ ۾ دروازي تائين هلي ويندي هئي، جنهن ڪري پتين سان پا پٽ تي پيل ڪنهن شيءِ سان ٽڪرائجي ڪري پوندي هئي. حنيف سندس تمام گهڻي سنڀال ڪندي هئي ۽ ڪيس تسليون ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن ٻن پهرن ڌاري نيلوفر بستري تي ليٽي پيئي هئي ۽ حنيف سندس پاسي ۾ پٽ تي ويهي، ڪلثوم کي ڪوڏائي رهي هئي ته دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو

آواز ٿيو. حنيفه ڪلثوم کي نيلوفر جي پاسي ۾ سمهاري دروازي ڏانهن ويئي. دروازي کولڻ تي سعيد بيٺل نظر آيس، جنهن ڪري بي اختيار سندس ڇپن مان نڪتو ته سعيد تون آئين، ظهير ڪٿي؟ نيلوفر جي سمهڻ واري ڪوٺي جيتوڻيڪ ٻاهرئين دروازي کان گهڻو پري هئي ته به هن جا ڪن، جي دروازي جي طرف لڳل هئا، سي اهو آواز جهٽي ويا. سندس دل ۾ هزارين خيال اچڻ لڳا. آخر جيئن تيئن ڪري اُٿي ۽ آٿڙندي، پاڻ کي سنڀاليندي اچي، حنيفه جي پٺيان ڪنهن اوٽ ۾ بيٺي. حنيفه هيستائين سعيد جي سنهن ۾ نهاري جواب جي انتظار ۾ چپ ڪري بيٺي هئي. تنهن وري به سعيد کي چيو ته "سعيد جواب ڇو نه ٿو ڏين؟ خير ته آهي؛ ڪجهه ته ڳالهاءِ."

سعيد منهن ستي ڪري حنيفه ڏانهن نهاريو، پر ڳالهائي نه سگهيو ۽ وري ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيائين. آخر همت ڌاري چيائين ته "اما! ڇا ڳالهايان، سنهنجو دوست ظهير شهيد ٿي ويو ۽ آءٌ وري به موٽي آيس." انهن لفظن چوڻ سان سندس اکين مان لڙڪن جون لڙهيون وهڻ لڳيون. سعيد اڃا جملو پورو ئي مس ڪيو هو ته حنيفه جي پٺيان رڙ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ ڪنهن شَي جي ڪرڻ جو زوردار آواز به ٿيو. حنيفه مڙي اندر نهاريو ۽ سعيد به اندر پرو تي ڏٺو ته نيلوفر بيهوش پٽ تي سنهن ڀر پئي هئي. سعيد وڌي کيس ٻانهن ۾ کنيو ۽ وڃي هنڌ تي ليٽايائين. حنيفه ۽ پاڻ گڏجي کيس هوش ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا، پر جڏهن ڏٺائون ته ڪو به نتيجو ڪو نه ٿو نڪري، تڏهن سعيد ڳوٺ جي حڪيم کي وٺي اچڻ لاءِ تڪڙو ٻاهر ويو. جڏهن طبيب کي وٺي آيو ته ڏٺائين ته ٻاڙي جون گهڙيون ئي زالون جمع ٿي چڪيون هيون، جن طبيب کي ڏسي چيو ته هاڻي هن جي ڪا به ضرورت ڪا نه آهي. امانت وڃي ڏڻين کي پهتي. سج لٿي ڌاري لاش کي ڪفن ڍڪائي تيار ڪيو ويو. ڳوٺ جي عامل جنازي نماز پڙهائي. ظهير جي لاءِ دعا مغفرت گهري ويئي ۽ يتيم ٻارڙي جي حق ۾ سڀني گڏجي دعا گهري. ان کان پوءِ لاش دفن ڪري، سڀڪو گهر روانو ٿيو.

(٦)

سعيد انهيءَ ئي ڏينهن ڪلثوم کي نپائڻ لاءِ هڪ دائيءَ جي حوالي ڪيو ۽ حنيفه کي چيائين ته جيڪڏهن تون ظهير جي گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ رهين ته آءٌ توکي ڪاڏو پيتو پهچائيندو رهندس ۽ سنهنجي گهر ۽ رهين ته به سنهنجي ساڻ آهين آءٌ تنهنجي خدمت ڪندس.

حنيفه ـ سنهنجو پاڻ حاب ۽ رهندو آهي، آءٌ انهيءَ ساڻ سلڻ لاءِ هيڪر اوڏانهن ويندس، پوءِ جيڪڏهين اتي سنهنجي دل نه لڳي، ته وري توهان وٽ اچي رهنديس.

سعيد سندس سفر جو انتظام ڪيو ۽ سفر جي خرچ لاءِ به چڱي رقم ڏنائين. ٻن سالن کان پوءِ ڪلثوم کي پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ خود ئي ڪيس نپائڻ لڳو. آخر جڏهن خارجين جي بغاوت بند ڪرڻ لاءِ کيس ايران وڃڻو پيو، تڏهن ڪلثوم کي پنهنجي ڀيڻ حليمه وٽ ڇڏي ويو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

(۱)

نئدي پرڻ

ڳوٺ جي پرسان باغن جي وچ سان هڪ چڱي سوچاري ندي وهندي هئي. ڳوٺ وارن پنهنجي ٻورن کي پاڻي پيارڻ لاءِ انهيءَ جي ڪناري سان هڪ هنڌ وڏي ڪڏ کوٽي ڇڏي هئي، جا هميشه نديءَ جي پاڻيءَ سان ڀري پيئي هوندي هئي. ڪڏ جي چوڌاري به ڪجهه جي وڻن جا گهاٽا جهڳٽا هئا ۽ سينهن پوڻ وقت اتي قسمين قسمين گاهه به ڦٽي پوندا هئا، جنهن ڪري اها جاءِ ڏاڍي آرام ۽ فرحت جهڙي هئي. ڳوٺ جا ڇوڪرا نه اڪثر اتي رانديون روندون ڪندا هئا، پر وڏا به وقتي انيئي اچي آرام وٺندا هئا.

هڪڙي ڏينهن عبدالله، جعفر ۽ ڪلثوم، ڳوٺ جي ٻين ٻارن سان گڏجي اتي راند پئي ڪئي، جڏهن ٻار راند ڪري ٿڪا، تڏهن وڏا ڇوڪرا جن ۾ عبدالله به شامل هو، ڪڏ ۾ وهنجڻ لڳا ۽ ننڍا ٻار وري انهن جي ترڻ ۽ ٽٻي هڻي هڪ ٻئي کي پڪڙڻ جو تماشو ڏسڻ لڳا. جعفر به جيئن ته اڃا ننڍو هو ۽ ترڻ ڪونه سکيو هو، تنهن ڪري ڪڏ جي ڪناري تي ٻين ٻارن سان گڏ ويهي رهيو. ٿوري وقت ويهڻ کان پوءِ ڪجهه سوچي ڪلثوم کي چيائين ته "ادي، اڄ ته پاڻ به وهنجون." ڪلثوم چيو ته "نه ادا، اما ڪاوڙبي."

جعفر- اما، عبدالله سان ڪاوڙجي ٿي ڪانه ٿي، پاڻ سان ڇو ڪاوڙبي.

ڪلثوم- هو وڏو آهي، تري به ڄاڻي ٿو، تنهن ڪري هن سان اما ڪيئن ڪاوڙبي. توکي ۽ مون کي ترڻ اچيئي ڪونه، سو ڳو ٻڏي نه پئون.

جعفر- پاڻ ڪٺي وڏي پاڻيءَ ۾ ڪين هلنداسين. آخر گهڻي بحث بعد ڪلثوم ۽ جعفر گڏجي پاڻيءَ ۾ گهڙيا. پهرياڻين نه رڳو ڪناري تي پاڻيءَ ۾ ٿاڦوڙا هڻي، جنهن اُڏاڻي دل پئي خوش ڪيائون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر آخر جعفر، ياءَ کي وڏي پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏيندو ڏسي، ڪلثوم کي هٿ کان جهلي اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. ڪڏ جي سڄي هڪ طرف هڪ ڪجهيءَ جو جهونو وڻ، طوفان لڳڻ سبب هيٺ نمي آيو هو. عبدالله ۽ پيا ڇوڪرا ان تي چڙهي پاڻيءَ ۾ ٽپا ڏيئي رهيا هئا. عبدالله کي ڪنهن سهل ياءَ جي يادگيري آئي سو هيڏانهن هوڏانهن اکيون ڦيرائي ڪيس ڳولڻ شروع ڪيائين. آخر سندس پڇڻ،تي ڪن ٻارن هٿ سان اشارو ڪري پاڻيءَ ۾ جعفر ۽ ڪلثوم ڏيکاريس. عبدالله جان ڪٿي نهاري ته هيئي ڳجهيءَ جيڏي پاڻيءَ ۾ آهن ۽ اجا به اڳتي وڌي رهيا آهن. انان ئي ياءَ کي هڪل ڪري پنتي موٽڻ لاءِ چيائين پر سندس آواز پهچڻ کان اڳ هو تار پاڻيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳا. عبدالله ٽڪڙو تري ڏانهن اچڻ لڳو پر سندس پهچڻ کان اڳ جعفر جو پير زمين تي وڃي لڳو هو جنهن ڪري هو ٻڏڻ کان بچي ويو، پر ڪلثوم اجا به پئي غوطا کاڌا. عبدالله وڌي ڪلثوم ڏانهن آيو ته هوءَ ڳجهيءَ ۾ ٻانهون وجهي ڪيس چهٽي پئي. عبدالله ۾ ايتري طاقت ڪانه هئي جو ڪلثوم جو بار کڻي تري سگهي. تنهن ڪري هو غوطا کائڻ لڳو. جعفر انهيءَ وچ ۾ ڪناري تي پهچي ويو هو ۽ مدد پهچڻ لاءِ رڙورڙ مچائي ڇڏيائين. پريان هڪ ڏنار سال پئي چاريو، سو دانهون ٻڌي ڊوڙندو آيو ۽ عبدالله کي غوطا کائيندو ڏسي ڪپڙن سميت پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو. ڪلثوم به هينئر بيهوش ٿي عبدالله کان جدا ٿي ويئي هئي. جنهن ڪري عبدالله آزاديءَ سان تري پاڻ کي ٻڏڻ کان بچائي هڪ هٿ ڪلثوم جي وارن ۾ وجهي ٻئي هٿ سان تري ڪناري ڏانهن پئي آيو، ته ايتري ۾ ڏنار اچي ڪلثوم کي ڪانئس ورتو. پوءِ ٻئي تري ڪناري تي آيا. ڏنار بيهوش ٿيل ڪلثوم کي کڻي سڌو سنئون گهر ويو. عبدالله ڪپڙا پائي تيز نظر تان جعفر ڏانهن نهاريو. جعفر ويچارو اڳيئي پشيمان هو سو اچي اوچنگارن ۾ پيو. عبدالله پنهنجي ننڍڙي ياءَ کي ڪڏهن به روئندو ڪونه ڏٺو هو، سو پاڻي ٿي پيو ۽ ياءَ کي ڳوهانڙي پائي آٿت ڏيڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ ڪيس گهر هاڻ جو چيائين. جعفر چيو ته ”آءٌ گهر ڪونه هلندس، اما ماريندي.“ عبدالله چيس ته ”اما ڪا نه ماريندي، دير ٿي آهي هلو ته هاڻ گهر هلي ڪلثوم کي ڏسون.“ نيٺ دلاسا ڏيئي پاڻ سان گڏ گهر ڏانهن وٺي آيس. ڏنار ڪلثوم کي کڻي اچي حليمه کي ڏني جا ڏسڻ سان ڏڪي ويئي. سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوڻ تي ٻاڙي جون ڪيتريون زالون اچي گڏ ٿيون ۽ سڀ گڏجي ڪلثوم کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳيون. حليمه ڏنار کان پڇيو ته ”سنهنجي معصومه سان هيڏو رڻ ڪيئن ٿيو؟ آءٌ ڀانيان ٿي ته هيءَ جعفر جي نالائقي آهي. جڏهن به ٻارن سان ٻاهر راند ڪرڻ وڃي، تڏهن هڪ نه ٻي شرارت ضرور ڪري. ٽيون ڏينهن به اڪبر جو ستو پٽر هٽي ڦاڙي، رتوڇاڻ ڪري ڇڏيائينس. اڄ اچي ته آءٌ ٿي سندس سوڪ ساني ڀڄايان.“ ڏنار ورندي ڏنيس ته ”اڄ ته سون کي جعفر جو ڏوهه ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هو ته ڪناري تي ٻيهي رڙيون ڪري رهيو هو، جي ٻڌي آءٌ ڊوڙندو آيس ۽ ڏٺم ته عبدالله، ڪلثوم کي چوٽيءَ کان جهلي غوطا ڀئي ڏنا.“ حليمه اها ڳالهه ٻڌي حيرت ۾ ڀئجي ويئي ۽ چيائين ته ”عبدالله ته اهڙو ڪينهي. هن جي ته اڄ تائين ڪا به گلا سون ڪانه ٻڌي آهي.“ ”ڏنار چيو ته ”سون جيڪي اکين سان ڏٺو سو ئي تو توکي ٻڌايان. جيڪڏهن آءٌ ان سهل نه ٻهچان ها ته پڪ ڪلثوم ٻڏي وڃي ها.“

ايتري ۾ عبدالله به ٻاءَ کي وٺي اچي گهر پهتو. جعفر ٻاءَ جي پٺيان لڪي ٻيٺو. حليمه جي نظر جڏهن عبدالله تي ڀئي تڏهن ڪاوڙ سان چيائينس ته ”عبدالله! سون سمجهيو هو ته تو ۾ ڪا انسانيت آهي پر تون جعفر کان به ٻه-ٽي قدم وڌي ويئن. ڪلثوم تنهنجو ڪهڙو گناهه ڪيو هو، جنهن کي ٻوڙڻ لاءِ گهر سان وٺي ويو هئين؟ هاڻي سنهنجي سنهن تان ٽري وڃ.“ عبدالله ويچارو ٻاءَ کي بچائڻ لاءِ سڄي وات رڙون رڙيندو ڀئي آيو، سو ڀئي جو ڏوهه ٻاڻ تي ڏسي حيران ٿي ويو. ٻنيان سڙي ٻاءَ ڏانهن نهاريائين ته ڏٺائين ته هو اکين ئي اکين ۾ سنتون پيون ڪري ته ٻلائي ڪري سون کي بچاءِ. عبدالله کي ٻاءَ جي بچائڻ جي اها ئي صورت نظر آئي ته چپ چاپ ۾ اهو ڏوهه پنهنجي سر تي سهي. سو سات ڪري ماءَ جا دڙڪا ۽ چينبيپ ٻدندو رهيو.

(٣)

رات جو ڪلثوم کي زڪام سان گڏ بخار به ٿي پيو. حليمه ڪلثوم جي سيرانديءَ کان ويهي، سندس مٿي کي زور ڀئي ڏنا. جعفر به سوگو ٿيو پرٻان ويٺو هو. ڪنهن سهل عبدالله به اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڙي آيو ۽ ساٽ ساٽ ڪري ماءُ جي پنيان اچي ويٺو. ماڻس ڪي نه سندس اچڻ جي خبر ني ڪا نه پيئي. هوءَ ڪلثوم جي چاڪريءَ ۾ لڳي رهي. جعفر پاءُ کي ويٺو ڏسي، اشارو ڪيو ته وڃ نه ته تنهنجي لاءِ خير ڪونهي، پر عبدالله متو ڏوڙي وڃڻ کان انڪار ڪيو. حليمه جعفر کي اشارو ڪندي ڏسي، پنيان نهاريو. عبدالله کي ويٺل ڏسي ڪاوڙ پريل اکيون ڪئي ڏانهن نهارڻ لڳي. عبدالله پڇيو ته ”اما، هاڻي ڪلثوم ڪيئن آهي؟“ حليمه عبدالله جا اهي لفظ ٻڌي اٿي ڪڙي ٿي ۽ ڪيس ڪن کان جهلي چيائين ته ”تون ڏسڻ آيو آهين ڇا ته ڪلثوم مئي آهي يا نه؟ ڪميڻا، نالائق نڪري وڃ گهر مان! اج رات توکي گهر ۾ رهڻ جي موڪل نه آهي. وڃي طبيلي ۾ سمهه“ ائين چئي ڪن مان وٺي کيس طبيلي ۾ ڇڏي آئي. واپس اچي ٿالهيءَ ۾ ڪاڌو وجهي جعفر کي ڏنائين ۽ پاڻ وري به وڃي ڪلثوم جي پر ۾ ويٺي. جعفر اڃا هڪ ٻي گرهه کٽي وات ۾ وڌو ته کيس ڀاءُ جو خيال آيو، سو گرهه ني ٿڙيءَ ۾ اٽڪي پيس. ڊڄندي ڊڄندي ماءُ کان پڇيائين ته ”اما، ڀائو کٿي آهي؟“ ماڻس چيس ته ”نپاڳو، اڄ طبيلي ۾ سمهندو.“ جعفر وري به چيس ته ”پلا کيس ڪاڌو ڏيئي اچان؟“ ماڻس دڙڪو ڏيئي چيس ته ”خبردار جي عبدالله وٽ ويو آهين ته ساري ساري دنبو بنائي ڇڏيندي سانءِ.

جعفر ٻه پيرا گرهه کٽي وات ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس هٿ وات تائين پهتو ني ڪين. حليمه پڇيس ته ڪائين چونه ٿو؟“ جواب ڏنائين ته ”ڪان وينو، ڏس.“ ائين چئي گرهه کٽي وات ۾ وڌائين. حليمه ان سهل سوسهڻي نماز لاءِ اٿي ٻاهر ويئي. وضو ڪري واپس آئي ته به جعفر کي ائين ئي ويٺل ڏٺائين. حليمه چيس ته ”جعفر تون ته جلدي ماني کائي ويندو آهين، اڄ ڇا ٿيو اٿيئي؟ اجا وينو کائين!“ جعفر چيو ته ”اما، سون کائي بس ڪئي.“ حليمه اهي لفظ ٻڌي ڪاڌي واري ٿالهي، جنهن ۾ ڪاڌو ائين جو ائين رکيو هو، سا کٽي وڃي رڌڻي ۾ رکي ۽ پاڻ وڃي نماز ۾ بيٺي. جعفر ماءُ کي ڏيکارڻ لاءِ وڃي پنهنجي بستري ۾ ستو، پر ماڻس اجا نماز ۾ مشغول ٿي ته آهسته آهسته اٿي رڌڻو ڪولي پنهنجي ڪاڌي جي ٿالهي کٽي طبيلي ۾ عبدالله وٽ ويو. عبدالله دروازي ڪي ساسهون آهري ٿي ويهي گهوڙي سان ڪيڏي رهيو هو. چنڊ جي چانڊوڪي سڌي مٿس پئي پيئي جعفر ڪاڌو کٽي سڌو سندس اڳيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيو ۽ چيائينس تہ ”اما، نماز ۾ مشغول آهي، تون ڪاٺي وٽ.“ عبدالله چيس تہ ”ڀائو، اما توکي ڏسندي تہ ماريندي؛ تون وڃي سمھ.“ جعفر جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا ۽ چيائين تہ ”ادا تون مون سان ڪاوڙيو آهين ڇا؟ هيءَ منهنجو ڪاڏو آهي، اما ڇو ماريندي تون ڀلائي ڪري ڪاٺ. آءٌ بہ توسان گڏ هتي ئي رهندس.“ انهن ٻنهي ڀاءُ ڪي ڪٽي ڀاڪر پاتائين. ٻنهي ڀائر هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي ڪيستائين لڙڪ وهائيندا رهيا. حليمہ نماز کان فارغ ٿي تہ کيس عبدالله جو خيال آيو. نيٺ بہ ماءُ هئي. پاڻ بہ اچا ڪونہ ڪاڏو هٽائين. مصلو ويڙهي رکي، ڍمپلي ڏانهن رواني ٿي. جعفر ماءُ کي ايندو ڏسي، ڀاءُ جي ڀاڪر مان نڪري ماءُ کي اچي چهٽو ۽ روني سڏڪا ڀري چيائينس تہ امي! ادا جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي؛ آءٌ ئي ڪلثوم کي وڏي پاٽيءَ ۾ وڌي ويو هوس. ڀائوءَ تہ پاڻ کيس بچايو ٿي.“ حليمہ ڪجهہ وقت تہ ماٺ ۾ ٻڌجي ويٺي. آخر عبدالله کي پيشانيءَ تي چمي ڏيئي جعفر کي چيائين تہ ”پٽ! تو انهيءَ مهل چو نہ ٿي پنهنجو ڏوهہ قبول ڪيو؟“ جواب ۾ چيائين تہ ”مون کي ڪهڙي خبر تہ تون ڀاءُ کي هيتري سزا ڏينديندءَ.“ آخر ٽيئي ڄڻا گڏجي صفي ۾ آيا ۽ اتي ويهي گڏجي ماني کاڌائون.

(٣)

حليمہ جي حياتيءَ جو مقصد هوئي انهن ٻارن جي نيڪ تربيت ڪرڻ ۽ انهن ۾ ديني جذبو جاڳائڻ. هو جي رات ڏينهن جي وندر هئي، کين تعليم ڏيڻ. هن جو اجڙيل گهر انهن ٻارن جي ڪري سندس نظر ۾ ڪنهن وڏي شهر جي رنگينين کان ڪنهن بہ ريت گهٽ ڪين هو. رات جو ماني کائي ڪفر ۽ اسلام جي ابتدائي جنگين ۽ رسول عربي صہ جا واقعات ٻڌائيندي هين. بدر ۽ ٻين جنگين جا احوال آکاڻين جي صورت ۾ ٻڌائيندي هين ۽ ٻيو بہ هرطرح کين فوجي نموني تربيت ڏيندي هئي، جنهنڪري معصومن جي ڪچڙين دلين تي سپاهيانہ زندگيءَ جي وڏائي ڄمندي ويندي هئي. عبدالله جيتري قدر عمر ۾ وڏو هو، اوتري قدر ئي سنجيدو هو. هو ٽيرهن سالن جي عمر ۾ قرآن شريف ۽ ڪجهہ ابتدائي ڪتاب پڙهي چڪو هو. جعفر هڪ تہ ننڍو هو ۽ ٻيو تہ هن جي دل پڙهڻ جي بجاءِ راند روند ۾ گهڻو لڳندي هئي. هن جي شرارت ۽ چلولائي سڀني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ۾ مشهور هئي. هو ڪهڙي به اوچي ۽ ڏکئي وڻ تي چڙهي ويندو ۽ ڪهڙي به شرير گهوڙي تي سواري ڪري سگهندو هو. گهوڙي جي اگهاڙيءَ پٺيءَ تي ڪيترائي ڀيرا ڏڪا ڪاڏا هڻائين، ليڪن سيڪنهن دفعي مسڪرائيندو اٿندو هو ۽ سندس اهو ڏڪ کائڻ سندس عزم شهسواريءَ کي اڃا به تيز ڪندو هو. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ اڃا ١١ بهارون مس ڏٺيون هيون، جو سڄي ڳوٺ ۾ سندس گهوڙي سواري ۽ تيراندازيءَ جي مشهوري ٿي ويئي هئي. هڪڙي ڏينهن صبح جو سويل عبدالله ساڻ جي اڳيان ڪتاب کڻي ويٺي پڙهيو ۽ جعفر تيرڪمان هٿ ۾ کڻي، گهر جي ڇت تي بيهي هيڏانهن پئي نهاريو حليمه کيس سڏ ڪيو ته اچي ڀاءُ سان گڏ پڙهه، پر جعفر جي جواب بجاءِ هڪڙو ڪانءُ بولائيون ڪائيندو اچي اڳيانس ڪريو. حليمه ڪاوڙ ۾ ٻرجي اٿي ۽ جعفر کي ڳالهائڻ لڳي. جعفر چيو ته اما ڪالهه ڀائوءَ چيو ٿي ته تون اڏامندڙ پکيءَ جو نشان وٺي نٿو سگهين تنهنڪري کيس پنهنجي نشان جو امتحان ٿي ڏنم. حليمه انهيءَ تي خوش ٿي خوشامد طور چيس ته پلا منهنجا بهادر پٽ، هاڻي هيٺ لهي اچي سبق پڙهه. چوڏهن سالن جي عمر ۾ عبدالله ديني علم جي تحصيل ۽ فنون سپاهگيريءَ جي تڪميل لاءِ بصره جي هڪ مڪتب ۾ وڃي داخل ٿيو، وڃڻ سان ڪلثوم جي خوشين جو اڌ ۽ ساڻ جي محبت ڀريءَ دل جو ٽڪرو ساڻ کڻي ويو.

ڪلثوم کي ٻنهي ڀائرن سان حد کان وڌيڪ محبت هئي. فقط ايترو چوڻ به ته کيس ڪنهن سان گهڻي محبت آهي ۽ ڪنهن سان ٿوري به ناممڪن نه ته مشڪل ضرور هو. هوءَ خود به اهو فيصلو نٿي ڪري سگهي ته سندس معصوم دل تي ڪنهن جي محبت زياده نقش جمائي چڪي آهي. هن جي لاءِ عبدالله ۽ جعفر هڪ ئي جسم جا ٻه نالا هئا. عبدالله ڪان سواءِ جعفر يا جعفر کان سواءِ عبدالله جو تصور به نٿي ڪري سگهي. پنهنجي دل ۾ ڪڏهن ٻنهي جي محبت جي پيٽ ڪري ڪين ڏٺي هئائين ۽ انهيءَ جي کيس ضرورت به ڪانه هئي. جڏهن هڪڙي کي ڪلندو ۽ خوش ٿيندو ڏسندي هئي ته پاڻ به سنديس خوشيءَ ۾ ساڻس ڀائيوار ٿيندي هئي ۽ جڏهن ڪنهن کي غمگين ڏسندي هئي ته ان سان همدري ڪري کيس وندرائي خوش ڪندي هئي. عبدالله جي بصره وڃڻ ڪانپوءِ

ڪيس انهن ڳالهين تي سوچڻو پيو هوءَ عبدالله کي جعفر وانگر ادا ڪري سگهندي هئي. جيئن ته عبدالله ڪانئس ڪجهه وڏو هو، تنهنڪري سندس دل ۾ عبدالله جي لاءِ محبت سان گڏ بزرگي ۽ بلنديءَ جو احساس به هو، ڳالهين ٻولين يا ڪم ڪار ۾ قدري ڪانئس حجاب ڪندي هئي. جعفر جي محبت به سندس دل ۾ اوتري هئي، پر جيئن ته ٻئي هم عمر هئا، تنهنڪري ڪلثوم ۽ جعفر ۾ ڪنهن به قسم جو حجاب وغيره نه هو. ٻين لفظن ۾ عبدالله ڪلثوم لاءِ سچ هو. جو ڪيترو به ڪٿي فائدي وارو آهي پر نڪي انهيءَ ذائقي اڪثر نهاري سگهجي ٿو ۽ نڪي سندس ويجهو به وڃڻ جو خيال ڪري سگهجي ٿو، پر جعفر ۾ هن جي لاءِ سچ جي آب و تاب سان گڏ چنڊ جي دلڪشي ۾ دلفريبي هئي. عبدالله جي وڃڻ ڪانپو جعفر ننڍپڻ جون سڀ اڙهنگايون ڇڏي پڙهڻ تي خيال رکيو. شايد ڪيس به بصره وڃڻ جو شوق هو. يا انهيءَ لاءِ ته گهر ۾ هاڻي فقط پاڻ ئي اڪيلو مرد ماڻهو هو، تنهنڪري ٻاراڻيون ارڏايون ڇڏي ڪم ڪار ڏي ڌيان ڏيڻ لڳو. هڪ ڏينهن ماءُ کان پڇيائين اماں مونکي بصره ڪڏهن موڪليندين؟ ماڻس جواب ڏنس ته پٽ، جڏهن تون ابتدائي تعليم ختم ڪندين تڏهن توکي پاڻهين مان گڏ بصره موڪليندس. ائين ته نه ٿئي جو بصره جا ماڻهو عبدالله کي مهڻا ڏيڻ ته تنهنجو ڀاءُ جاهل آهي ۽ گهوڙي تي چڙهڻ تير هڻڻ به نٿو ڄاڻي ماءُ جا اهي لفظ جعفر جي دل ۾ تير وانگيان چڀي ويا ۽ اکين مان به گرم گرم لڙڪ وهي اچي ڳلن تي پيس. ساڳئي وقت لڙڪ اگهي ماءُ کي چيائين ته اما! مون کي جاهل ۽ اڻ ڄاڻ چوڻ جي همت ڪوبه نٿو ڪري سگهي. سڀ ابتدائي ڪتاب آءٌ هنئي سال ۾ پورا ڪندس. ماڻس پاڪر پاڻي مٿي تي ڇمي ڏيئي چيس ته پٽ! تنهنجي لاءِ کهڙي ڳالهه مشڪل آهي. پر مصيبت ته اها ئي آهي جو تون ڌيان ڏيئي پڙهين ڪونه ٿو. جعفر چيو ته اما، هاڻي آءٌ شوق سان پڙهندس.

(۴)

رمضان شريف جي مهيني ۾ عبدالله موڪل ملڻ سبب ڳوٺ آيو. هو پوري فوجي ڊريس ۾ هو، ڳوٺاڻا ڇوڪرا کيس ڏسي حيران ٿي ويا، جعفر خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو.

ڪلثوم عبدالله کي پري کان ڏسي شرمائجي ويئي، حليمه ته پاڪر ۾ جهلي ڪيستائين پنهنجي جگر جي ٽڪري کي چمندي رهي، رات جو جعفر پاءُ کان مدرسه بابت گهڻيئي سوال ڪيا، جن جي جواب ۾ عبدالله ٻڌايس ته اتي ڪتابي تعليم کان زياده فوجي تربيت يعني گهوڙي سواري، تيراندازي ۽ نيزي بازيءَ ۽ شمشيرزني تي زور ڏنو وڃي ٿو، تيراندازيءَ جو ٻڌي جعفر پڙڪو ڪائي اٿيو ۽ پاءُ کي چيائين ته ادا، عيد کان پوءِ مون کي به وٺي هلج

عبدالله ـ اتي سڀ شاگرد توکان وڏيءَ عمر جا آهن، تون ننڍو آهين، تنهنڪري توکي ڪجهه وقت اتيئي رهي قربت حاصل ڪرڻي پوندي.

جعفر اهڙي نااميدي جي ڳالهه ٻڌي ماٺ ۾ اچي ويو، پر ٿوري دير رکي وري چيائين ته ادا مدرسه ۾ تون سڀني شاگردن کان هوشيار هوندين.

عبدالله ـ نه ادا، هرويرو ائين ڪونهي. بصره جو هڪ ثقفي ڇوڪرو محمد بن قاسم نالي آهي، جو جيتوڻيڪ تعليم پوري ڪري چڪو آهي ته به ڪڏهن ڪڏهن مدرسه جي آکاڙي ۾ ايندو آهي، اهو تيراندازي ۽ نيز بازيءَ ۾ مدرسه جي سڀني شاگردن کان ماهر آهي، تلواربازيءَ ۾ اسين ٻئي سٺ آهيون، هو مون کي گهڻو پائيندو آهي، آءٌ اڪثر ساڻس تنهنجي ڳالهه ڪندو آهيان تنهنجي شرارت جون ڳالهيون ٻڌي گهڻو کلندو آهي.

جعفر پاڻ تان ڪاڻ جو ٻڌي ڪاوڙجي ويو ۽ نرڙ ۾ گهنج وجهي پاءُ کي چيائين ته ادا، رک خدا تي هڪ ڏينهن آءٌ بصره ۾ اچي انهيءَ ثقفيءَ کي ٻڌائيندس ته آءٌ اهڙو نه آهيان جو مون تي ماڻهو کلن، اهڙين ڳالهين ڪندي عبدالله کي ته ننڊ اچي ويئي، جعفر کي ننڊ اچيئي نه، پاسا ورائيندي ۽ ويچارن ڪندي اڌ رات اچي ٿي، پر آخر جعفر کي به ننڊ ڪٽي ويئي، ننڊ ۾ به هو اهوئي خواب لهڻ لڳو ته بصره جي مدرسه ۾ پهچي تيراندازي ۽ نيزبازي جا ڪرتب ڏيکاري تماشبينن کي حيران ڪري رهيو آهي، آخر صبح جو به سڀني کان سوير اٿيو جلدي جلدي وضو ڪري پاءُ جي وردي ڏيکيائين ۽ سڀني کان اڳ۾ ڪلثوم کي جاڳائي پڇيائينس ته هيءَ پوشاڪ مون کي ٺهي ٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلثوم:- هن ڊريس ۾ ته تون فوج جو وڏو آفيسر پيو ڀانئجين. ڏاڍي پيئي ٺوڪي ٺهي.

جعفر:- آءٌ به جلد بصره ويندس ۽ اتان هڪڙي پوشاڪ پائي موٽندس.

جعفر جي بصره وڃڻ جو ٻڌي ڪلثوم جو منهن ٿي لهي ويو ۽ بي اختيار سندس وات مان نڪتو ته "تون بصره ويندين؟ ڪڏهن ويندين؟"

جعفر:- ٽورن ڏينهن ۾ ابا مون کي به ڀاءُ سان گڏ مدرسي ۾ موڪليندي. جعفر ته ائين چئي نماز لاءِ هليو ويو، پر ڪلثوم ڪنهن اونهي ويچار ۾ پئجي، اتيئي کٽ تي ويهي رهي.

باب چوٿون

(۱)

مدرسہ

سنہ ۳۵ ھ کان ۷۵ ھجريءَ جي وچ واري وقت ۾ اسلام ۽ اسلام جي پيروئن تي اھڙا تہ خوني حادثا ٿي گذريا آھن، جن جي ياد ۾ اڄ تائين رت جا لڙڪ وھايا پيا وڃن. اھا تلوار جا فقط خدا پاڪ جي نالي بلند ڪرڻ لاءِ ميان مان نڪتي ھئي، سا ھڪ خدا جي پوڄارين جا ڳلا ڪاٽڻ لڳي ۽ ائين ڏنو پئي ويو تہ ٿوري ئي وقت ۾ مسلمان عرب جي صحرا ۾ رھڻ تي مجبور ٿيندا. انھيءَ وقت خاص ڪري بصره ۽ ڪوفہ تہ سازشن ۽ غدارين جو مرڪز بنيل ھئا. مسلمان پنھنجي وڏن جي روايتن کي وساري ذاتي غرض ۽ پنھنجي پيٽ پرڻ جي پٺيان پيل ھئا ۽ پنھنجي جائز ۽ ناجائز خواھشن کي ڪنھن بہ ريت پورو ڪرڻ کان ڪين ھٽڪندا ھئا. پنھنجي واجبي خواھہ نا واجبي رٿن کي مڃائڻ لاءِ ضد ڪري ويھي رھندا ھئا. ان وقت مسلمانن کي وري بہ ڪنھن ھڪ مرڪز تي آڻڻ لاءِ ھڪ زبردست ليڊر يا اڳواڻ جي ضرورت ھئي. آخر ان وقت عرب جي بيابان ۾ ھڪ بہ قاتل، جنھن سازشن، فريبن ۽ بغاوتن جي چڻگن کي اڏائي ڇڏيو، جنھن جي گرميءَ مست ۽ آرام طلب سپاھين جي دلين کي گرمائي ڪين وري بہ آئي ميدان جنگ ۾ ڪڙو ڪيو. اھو بہ گولو ھو حجاج بن يوسف ثقفي. تمام ظالم، سخت گير بي رحم ۽ سفاڪ، ليڪن قدرت کي عرب جي اندروني بد انتظامين ۽ گھرو فسادن کي بند ڪري مسلمانن جي گھوڙن جي واڳن جو رخ مشرق ۽ مغرب ڏانھن موڙڻ جو ڪم انھيءَ مشھور ظالم کان وٺڻو ھو.

حجاج بن يوسف کي مسلمانن جو بھترين دوست ۽ بدترين دشمن چئي سگھجي ٿو. بھترين دوست انھيءَ لاءِ تہ ھن عربستان کي گھرو جھڳڙن کان بچائي اسلامي فتوحات لاءِ نئي گھاڙو رستا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ڪيا، جن سان پهريون رستو ونئي مسلمان سپاهين پنهنجا گهوڙا سمرقند، بخارا ۽ ڪاشغر جي ديوارين تائين پهچايا. ٻئي رستي تي محمد بن قاسم، پنهنجي سَتَ جيترن ساٿين سان عربي سمنڊ کان ونئي اتر ۾ ملتان تائين، سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي خدا جو نالو پکيڙيو ۽ اسلامي حڪومت جو عَلَمُ بلند ڪيو. ٽيون رستو ونئي موسيٰ بن نصير ۽ طارق، موراڪو ۽ اسپين جي غريب ۽ مظلوم رهاڪن کي، انساني ظلم ۽ ڏاڍ کان ڇڏائي امن عطا ڪيو.
— بدترين دشمن انهيءَ ڪري جو هن جي رت جي پياسي تلوار جا شرير ۽ فسادين کي سيکت ڏيڻ لاءِ مياڻ مان نڪتي هئي، سا ڪنهن وقت بي گناهن جي ڪنڌ تي به وچي ڪڙڪندي هئي. سچ پڇ جيڪڏهن حجاج جو هٿ مظلومن جي خون ۾ رڱيل نه هجي ها ته هو پنهنجي زماني جو هڪ عظيم الشان انسان سمجهيو وڃي ها. هو هڪ طوفان ۽ جهڪ جو مثال هو، جا سڪل ۽ سڙيل وڻن سان گڏ ساون، سرسبز ۽ ميويدار وڻن کي به پاڙن پٽي اڏائي ڇڏيندي آهي. پر انهيءَ طوفان سان اهڙو رحمت پريو مينهن به هجي جو سڪل ۽ بيڪار زمين کي پنهنجي آبياريءَ سان سرسبز بنائي ڇڏيندو آهي.

سنه ٧٥ هه ۾ گهڻو ڪري عربستان اندروني فسادن کان صاف ٿي چڪو هو. مسلمان وري به هڪ هٿ ۾ قرآن ۽ ٻئي هٿ ۾ تلوار کڻي دنيا ۾ حق جو ڪلمو پکيڙڻ لاءِ نڪري پيا. انهيءَ وقت حجاج بن يوسف جي ناالي سان گڏ زيد بن عامر جو نالو به ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو. زيد بن عامر اسي سالن جو پيرسن هو. جوانيءَ ۾ هو به انهن سوارن جو ساٿي هو، جن قيصر ۽ ڪسريٰ جي سلطنتن کي درهم برهم ڪري ڇڏيو هو. جڏهن پيريءَ ۾ تلوار کڻڻ جي طاقت نه رهيس، تڏهن ايران جي ڪنهن علائقي ۾ قاضي ٿي رهيو. وري جڏهن عرب ۾ فساد ٿيا تڏهن ايران کي ڇڏي پنهنجي وطن ۾ اچي اتي وعظ ۽ نصيحتون ڪري ساٿين کي اڳين حالت ياد ڏيارڻ لڳو، پر هن پيرسن جو آواز گوڙ ۾ ڪنهن به اثر انداز نه ٿيو. ابن عامر ڪوفي، بصره ۽ ٻين ٻن چئن شهرن ۾ ڪجهه وقت رهيو، پر ان وقت سڄي عربستان جي حالت هڪ جهڙي هئي تنهن ڪري جلد ئي پاڻ انهن درنده صفت انسانن کان ڪڪ ٿي پنهنجو سمورو توجه ننڍن ٻارن جي سڌارڻ ۾ صرف ڪرڻ لڳو. بصره جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهران پنهنجو مدرسو کولي، معصوم ٻارن جي ڪچڙين دلين ۾ اسلامي روح ۽ جذبات پيدا ڪرڻ لاءِ کين ديني تعليم ڏيڻ لڳو. جڏهن بصره ۾ امن امان قائم ٿيو، تڏهن اتي جي ڪن نيڪ ٻندن، هن بزرگ جي حوصله افزائي ڪئي. ابن عامر جي مدرسه ۾ ديني تعليم سان گڏ جنگي فن جي تعليم ۽ تربيت به ڏني ويندي هئي. حجاج بن يوسف، ابن عامر جي محنت ۽ صرف خدا ڪارڻ ايترو ڪم ڪرڻ ۽ مدرسه جي شاگردن جي تعليم ۽ تربيت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هن مدرسه جو سمورو خرچ پنهنجي ذمي ڪيو. شاگردن کي سواري سيکارڻ لاءِ عاليشان عربي گهوڙا ڏنا ۽ انهن جي ٻيهڻ لاءِ هڪ وڏو طبيلو به ٺهرائي ڏنو. انهيءَ ڪان سواءِ وقت بوقت تلوارون يا نيزا پڻ ٻيا انهيءَ وقت جا مروج هٿيار به ڏيندو رهندو هو. سڀڪنهن شام جو مدرسه جا شاگرد، مدرسه جي ڀرسان سليل ميدان تي گڏ ٿي گهوڙي سواري، تلوار بازي، نيزي بازي وغيره جي مشق ڪندا هئا. شهر جا ڪيترا ماڻهو به انهيءَ وقت اتي ايندا هئا ۽ ٻارن کي انعام وغيره ڏيئي همتائيندا هئا.

سعيد جڏهن انهيءَ مدرسه جي ساراهه ٻڌي تڏهن پيڻ کي خط لکي عبدالله کي اوڏانهن موڪلڻ جي صلاح ڏنائين، جنهن تي حليمه عبدالله کي بصره جي انهيءَ مڪتب ۾ موڪلي ڏنو، جتي عبدالله جهڙو پڙهائيءَ ۾ تهڙو جنگي تربيت ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهيو. ٻن سالن جي ٿوري عرصي ۾ عبدالله ايتري ته ترقي ڪئي ۽ اهڙو ته نالو ڪڍيو جو بصره شهر ۾ ننڍين ۽ وڏن جي زبان تي سندس ئي نالو هو. ابن عامر جي نظر ڪان به هن جا بردباريءَ ۽ ارادي جي مضبوطيءَ وارا جوهر لڪل ڪين هئا.

(۲)

هڪڙي ڏينهن ٻن پهرن جو هڪ نوعمر ڇوڪرو گهوڙي تي سوار ٿي بصره جي شهر ۾ اچي گهڙيو جو ان محلي جي رهاڪن لاءِ چڱو سوچارو تماشو ٿي پيو. گلي ۾ حمائل شريف پئي لٽڪيس، ڪمر سان تلوار ٻڌي پيئي هيس ۽ پٺيءَ سان ترڪش ۽ زين سان پٺئين پاسي ڪمان ٻڌل هيس. تلوار سندس قد ڪان به وڏي هئي. گهوڙي تي به اهڙيءَ طرح ويٺو هو، جو جنهن ٿي ڏانهس نهاريو، سو ڪلڻ ڪان سواءِ رهي نه ٿي سگهيو. سيڪو وانهڙو هيءَ تماشو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي، گهڙي ڪن اتي ئي بيهي تي رهيو. سندس عمر جيڏا ڇوڪرا ته پنهنجي لاءِ وندر ڏسي، اچي سندس چوگرد گڏ ٿيا. ٿوريءَ دير ۾ چڱو مجمع گڏ ٿي ويو. ننڍڙي گهوڙي سوار جو اڳتي وڌڻ يا پٺتي هٽڻ جو رستو بند ٿي ويو. هڪڙي ڇوڪري ڏانهس اشارو ڪري چيو ”بَدُّو“. پوءِ ته سڀني يڪ آواز ٿي وٺي بَدُّو، بَدُّو جا نعرا هنيا. ٻئي هڪ شرير ڇوڪري هڪڙو پٿر کڻي گهوڙي ڏانهن اڇلايو جنهنڪري ڏسي وري ٻين به پٿر هڻڻ شروع ڪيا. گهوڙي سوار اجا چپ ۾ هو. ڇوڪرن اجا بس نه ڪئي. هڪڙو جو سڀني ۾ شرير ٿي ڏٺو، تنهن اڳيرو وڌي ڪانئس نيزو ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. اتي سوار به همت ڪئي. نيزو هٿ ۾ ڏاڍو جهلي، گهوڙي کي اڙي هڻي، ان ڇوڪر جي پٺيان پيو، عربي گهوڙو، اڙي هڻڻ سان تيزيءَ سان اڳتي وڌيو. سب ڇوڪرا هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي ويا. گهوڙي سوار انهيءَ وڌي ڇوڪري جي پٺ وٺي ڏانهن نيزو سڌو ڪيو. ڇوڪرو پاڻ کي نيزي جو نشان ٿيندو ڏسي پير مٿي تي رکي وٺي ڀڳو. ٻيا ڇوڪرا ته سڀئي الائي ڪيڏانهن ڀڄي ويا. اتي ٻيئل وڏي جمار جا ماڻهو ان شرير جي شرارت ۽ وري ڀڄڻ ڏسي اچي کل ۾ پيا. سنجائڻ ڪجهه ان سرڳس ۾ به شامل ٿيا. ڀڄڻو ڇوڪرو، ڊوڙندي ڊوڙندي، هڪ هنڌ ٿاهڙجي ڪري پيو. سوار به اتي بيهي رهيو ۽ پٺيان ايندڙ ماڻهن ڏانهن نهارڻ لڳو. پٺيان اچڻ وارن ۾ مالڪ بن يوسف نالي هڪ اڌڙوٽ عمر جو ماڻهو به هو، سو اڳتي وڌي سوار وٽ آيو ۽ ڪانئس حقيقت حال وٺڻ لڳو، مالڪ بن يوسف قد جو بندرو ۽ هاڪي بدن جو هو. اکيان به ڏند ٻاهر نڪتل هئس، جنهن ڪري هروقت مرڪندو نظر ايندو هو. مٿي تي هڪ وڏو پٽڪو ٻڌل هوس.

مالڪ_ تون ڪير آهين؟

سوار_ مجاهد.

مالڪ_ تنهنجو نالو ته ڏاڍو سٺو آهي ۽ سچ پچ ته تون بهادر به آهين.

سوار_ منهنجو نالو جعفر آهي.

مالڪ_ هان! تڏهن تنهنجو ناله جعفر آهي؟ ڀلا توکي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟

سوار- ها سنهنجو نالو جعفر آهي ۽ مون کي ابن عامر جي مڪتب ۾ پنهنجي پيءُ وٽ وٺي آيو آهي.

سالڪ- ابن عامر جا خطابي ته هيئر آڪاڙي ۾ هوندا. آءٌ به اوڏانهن وڃان ٿو، هل ته اتي وٺي هلانءِ. آخر سالڪ ۽ جعفر آڪاڙي ۾ اچي پهتا. واٽ تي جعفر سالڪ کان پڇيو ته آڪاڙي ۾ تيراندازي ٿيندي آهي؟

سالڪ- تيراندازي، نيزي بازي ۽ تلوار بازي تيهي ڪم اتي سيکاريا وڃن ٿا. تون تيراندازي ڄاڻين؟

جعفر- آءٌ اڄاسندڙ پڪيءَ کي تير سان ڪيرائي سگهان ٿو.

سالڪ پنتي نهاري جعفر ڏانهن ڏٺو جڻ ته کيس جعفر تي اعتبار نه ٿي آيو. آڪاڙي ۾ دستور موجب شاگرد ٽن حصن ۾ ورهايل هئا. هڪ ڪاٺيءَ جي وچ تي ڪاٺ جو هڪ تختو لڳل هو جنهن جي وچ ۾ هڪ ڪارو نشان هو سيٺي تيراندازيءَ جا شاگرد، ان نشان تي تير چٽڻ جي مشق ڪري رهيا هئا. جعفر ۽ سندس ساٿي به اتي اچي نڪتا. مڪتب جا شاگرد واري واري سان انهيءَ نشان تي تير چٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، پر سواءِ هڪ ڄڻي جي ٻئي ڪنهن جو به نشان پورو نه ٿي لڳو. جعفر سالڪ کان پڇيو ته اهو تيرانداز ڪير آهي. سالڪ ٻڌايس ته اهو حجاج جو ڀائٽيو محمد بن قاسم آهي. جعفر جي وات مان بي اختيار محمد بن قاسم؟؟ جو لفظ نڪتو. سالڪ پڇيس ته تون کيس سڃاڻين ٿو؟

جعفر- هو منهنجي پيءُ جو دوست آهي جو اڪثر سندس تعريف ڪندو آهي. پر هي نشان ته ڪو اهڙو ڏکيو ڪونهي.

سالڪ- هيءُ وري ٿا جو ڏکيو آهي. هيءُ نشان ته فقط ٻارن جي سکڻ لاءِ لاهيو اٿن، مون جهڙو پيرسن به هيءُ نشان چٽي ويندو. ڀلا تنهنجي ڪمان ته ڏينم. محمد بن قاسم سمجهي ٿو ته دنيا ۾ ٻيو ڪو آهي ڪونه جو ساڻس برابري ڪري سگهي. سالڪ، جعفر جي ڪمان گهوڙي جي زين سان ڇوڙي، سندس ٻٽيءَ سان گز ڪڍي، هڪ وک اڳتي وڌي، شست ٻڌي ته ساٿو مٿس کلڻ لڳا. سالڪ ڏکندڙ هٿن سان تير ڇڏيو پر سندس تير نشان ڏانهن وڃڻ جي بدران ٿوري پنڌ تي زمين ۾ کهڙي ويو. ساٿين ۾ اچي ٽهڪڙو پيو سالڪ ويچارو لڄي ٿي پٺ تي سوٽيو ۽ ڪمان واپس جعفر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڏنائين. محمد بن قاسم کلندو اڳتي آيو ۽ تير زمين مان کڻي مالڪ کي ڏنائين ته هڪ دفعو وري به ڪوشش ڪريو. هو ويچارو شرم کان پگهرجي ويو ۽ تير وٺي جعفر کي واپس ڪيائين. تنهن تي تماشبينن جو ڌيان به هاڻي انهيءَ نوجوان ڏي ٿيو ۽ آهستہ آهستہ وڏي جعفر ڏانهن اچڻ لڳا. محمد بن قاسم ساڳيءَ طرح کلندو اڳتي آيو ۽ جعفر ڏانهن نهاري چيائين ته پهلوان تون به پنهنجو شوق پورو ڪر. جعفر، محمد بن قاسم جي ڪل ۽ ماڻهن جي مس پس سهي نہ سگهيو ۽ ڪاوڙ مان نيزو اڇلائي جهٽ تيرڪمان ۾ چاڙهي نشان چٽيائين ۽ سندس تير سڌو نشان جي وچ ۾ اچي لڳو. اهڙيءَ طرح ڪل ٽي تير ڇڏيائين جي ٽيئي هڪ ٻئي جي پرسان ڪاري نشان جي پوري وچ تي وڃي لڳا. هاڻ ساري مجمع تي حيرت ڇانئجي ويئي ۽ سڀني جي وات مان مرحبا مرحبا جا آواز نڪرڻ لڳا. محمد بن قاسم به مُرڪندو جعفر وٽ آيو ۽ سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيائينس:

محمد بن قاسم- تنهنجو نالو ڇا آهي؟

جعفر- منهنجو نالو جعفر آهي.

ابن قاسم- جعفر! جعفر بن...؟

جعفر- ابن عبدالرحمان.

ابن قاسم- ڇا تون عبدالله جو پاءُ آهين؟ تون هتي ڪڏهن آيو آهين؟ پاءُ سان مليو آهين؟

جعفر- مون کي هتي آئي تمام ٿورو وقت ٿيو آهي. پاءُ جي ڳولا ۾ آهيان.

ابن قاسم- تنهنجو پاءُ نيزي بازي يا تلوار بازيءَ جي مشق وارن شاگردن ۾ هوندو. تون تلوار بازي ڄاڻين؟

جعفر- آءٌ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ساٿيءَ کان سکندو هوس.

ابن قاسم- تنهنجي تيراندازي ڏسي سمجهان ٿو تہ تون تلوار بازيءَ ۾ به هوشيار هوندين؟ اڄ هڪڙي ڇوڪري سان تنهنجو مقابلو ڪرائيندا سون.

مقابلي جو نالو ٻڌي جعفر جي نسن ۾ خون ڊوڙڻ لڳو ۽ پڇيائين تہ اهو ڇوڪرو ڪيڏو آهي؟

بن قاسم- هو توکان ڪو گهڻو وڏو ڪونہ آهي. چالاڪيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ڪم وٺنديون تہ تون گهٽي وينديون. پر تنهنجي تلوار ذرا ڳوري آهي ۽ تنهنجي جسم تي تمام وڏي پئي لڳي. ترس تہ ڀهريائين ان جو انتظام ڪريان.

محمد بن قاسم ان وقت پنهنجي هڪ همراه کي پنهنجي جاءِ تان پنهنجي تلوار، زره وغيره کڻي اچڻ لاءِ چيو جو ٿوريءَ دير ۾ کڻي آيو. هٿيارن جي اچڻ تي محمد بن قاسم جعفر کي سندس زرهم لهرائي پنهنجي زره ڍڪائي ۽ هٿ ۾ هڪ هلڪي تلوار ڏنائينس ۽ مٿي تي يوناني نموني جو ٽوپ پاتائينس، جنهن سنهن ڪي ڪاڌيءَ تائين لڪائي ٿي ڇڏيو. هينئر گهڻو ڪري سڀ تماشائي جعفر جي مقابلي ڏسڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا، شمشير زنيءَ جي ميدان تي ابن عامر پنهنجي شاگردن کي تلوار بازيءَ جي مشق ڪرائي رهيو هو. ميدان تي هڪ ڇوڪرو هو جو ميدان پنهنجو ڪريو بيٺو هو. ڪوبہ ساڻس ٻجي نہ ٿي سگهيو، محمد بن قاسم جي اچڻ تي ابن عامر پڇيس تہ ”تون اڄ تيار ٿي نہ آيو آهين ڇا؟“ محمد بن قاسم کيس ڪجهہ آهستہ ٻڌايو. ابن عامر جعفر ڏانهن وڌي آيو ۽ پيار مان ڪلهي تي هٿ رکي پڇيائينس تہ ”تون عبدالله جو ڀاءُ آهين؟

جعفر – هائو، آءٌ ساڻس ملڻ لاءِ آيو آهيان.

ابن عامر – هيءُ سامهو جيڪو ڇوڪر تلوار کنيو بيٺو آهي، انهيءَ سان مقابلو ڪندين؟

جعفر – مون کي ايترو گهڻو آزمودو ڪونهي ۽ انهيءَ کان سواءِ هو مون کان عمر ۾ بہ وڏو آهي.

ابن عامر – تنهن ۾ ڇا ٿي پيو؟ تون بہ جوان آهين.

جعفر – پر منهنجو ڀاءُ ڪٿي آهي؟ ڀهريائين آءٌ ادا سان ملندس.

ابن عامر – توکي تنهنجي ڀاءُ سان ملايون ٿا، پر ڀهريائين اسان کي تلوار جا بہ هٿ ڏيکار.

آخر جعفر لڄئون ڪرڇئون تلوار هٿ ۾ کڻي ميدان ۾ آيو ۽ ڀاءُ سان مقابلو شروع ڪيائين. عبدالله کيس سڃاڻي نہ سگهيو ۽ ڪمسن ڇوڪرو سمجهي مٿس خيال ئي ڪونہ ڏنائين ۽ بي خياليءَ سان ساڻس مقابلو ڪرڻ لڳو. جعفر لڳا تار وار ڪري سنجهائي رکيس تماشائين ڪيترا ڀيرا مرحبا مرحبا جا نعرا هڻي کيس آفرين ڏني. عبدالله لاءِ هيءَ ڳالهہ بلڪل نئين هئي، تنهن بہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي سختيءَ سان وار ڪرڻ شروع ڪيا ۽ پنهنجي مقابل کي پٺتي هٽائڻ شروع ڪيائين. جعفر پٺتي هٽندي پير کسڪي وڃڻ سبب ڪري پيو. عبدالله پنهنجي تلوار روڪي سرڪندو سجم ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجي پيچيءَ جي وري اٿڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. جعفر ڏک کائڻ سبب چڙ ۾ ڀرجي ويو ۽ آڪاڙي جي قاعدن کي وساري، تڙ تڪڙ ۾ اٿي عبدالله تي تيزيءَ سان وار ڪرڻ لڳو. عبدالله به ڪيس سپاهيانه اصولن کان ٻاهر نڪرندو ڏسي بچاءَ ۾ تلوار گهمائي پنهنجي سموري طاقت سان وار ڪرڻ شروع ڪيو. جعفر کي هاڻي پنهنجو بچاءُ ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو پر جيئن عبدالله جي وار کي روڪڻ لاءِ پنهنجي تلوار آڏي ڏنائين، تيئن اها عبدالله جي ڏک سبب وچان ڀڄي پئي. جعفر پريشان ٿي محمد بن قاسم ۽ ابن عامر ڏانهن نهارڻ لڳو. ابن عامر سُرڪندو اڳتي وڌيو ۽ هڪڙو هٿ پنهنجي شاگرد جي ٻانهن ۾ پيو هٿ جعفر جي ٻانهن ۾ وجهي کين چپ ڪري بيهاريائين. پوءِ جعفر کي چيائين ته اڄ ته توکي پنهنجي پاءُ سان ملايان. ائين چئي هڪ هٿ سان عبدالله جو لوهي ٽوپ لاٿائين ته جعفر ادا! چئي پاءُ کي ڪُٽي پاڪر پاتو. عبدالله کيس نه سڃاڻڻ سبب حيران پئي ٿيو ته محمد بن قاسم اڳتي وڌي جعفر جو ٽوپ ڪُٽي لاٿو ۽ چيائين ته عبدالله هيءُ جعفر آهي. ڪاش! هيءَ سنهنجو پاءُ هجي ها!

(٣)

حليمه جي اميدن جا ستارا، ابن عامر جهڙي شفيق استاد جي هٿ هيٺ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندا رهيا. مڪتب ۾ عبدالله سڀ کان هوشيار هو، آڪاڙي ۾ جعفر سڀ کان زور هو. محمد بن قاسم ڪڏهن ڪڏهن آڪاڙي ۾ ايندو هو. جعفر کي ڪن ڳالهين ۾ کيس سڄڻو پوندو هو. محمد بن قاسم کي شمشير زنيءَ ۾ زياده مهارت هئي. نيزي بازيءَ ۾ ٻئي ٻٽ هئا نه وري تيراندازيءَ ۾ جعفر زياده هوشيار هو. محمد بن قاسم ننڍي هوندي کان پاڻ کي پنهنجي فضيلتن سبب مشهور ڪري چڪو هو. ابن عامر سندس واسطي هميشه چوندو هو ته ابن قاسم کي خدا ڪنهن وڏي ڪم لاءِ پيدا ڪيو آهي.

عبدالله ۽ جعفر سان، محمد بن قاسم جي دوستي ڏينهن ڏينهن وڌندي ويئي. محمد بن قاسم جي نظر ۾ ٻئي هڪ جهڙا هئا پر

عبدالله محسوس ڪندو هو ته جعفر سان سندس زياده رستو آهي. جعفر جي داخل ٿيڻ ڪان اٺن مهنن بعد محمد بن قاسم مدرسه جي تعليم ۽ تربيت ختم ڪري مدرسه سان الوداع ڪري فوج ۾ ڀرتي ٿي هليو ويو. محمد بن قاسم جي وڃڻ ڪان پوءِ جعفر مدرسه جي هرهڪ ڪم ۾ ترقي ڪندو رهيو. مدرسه جا شاگرد هر هفته ڪنهن خاص موضوع تي بحث ڪندا هئا. موضوع ابن عامر مقرر ڪندو هو. هڪ ڀيري جعفر به بحث مباحثه ۾ حصو ورتو پر سواءِ ٻن ٽن جملن جي وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو. جعفر جي اهڙي ناڪاميابيءَ تي ٻين شاگردن ڏاڍو کليو، خود جعفر به ڏاڍو ڦڪو ٿيو، پر رات جو جڏهن وڃي ستو، تڏهن دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين ته ٻئي ڀيري مٺو ڳالهائيندس ۽ جن سون تان کليو آهي ۽ سون کي شرمندو ڪيو آهي، آءٌ به انهن تان ٽوڪون ڪندس. هو هفته جا ڇهه ڏينهن صبح جي نماز پڙهڻ شرط ٻاهر جهنگل ۾ نڪري ويندو هو ۽ اتي ڪنهن سايه دار وڻ هيٺ ويهي مليل موضوع تي پنهنجي تقرير پڙهندو هو. اهڙيءَ طرح تقرير ۾ طاقت پيدا ڪري بحث واري ڏينهن اچي پنهنجي تقريرڪيائين جا ٻڌي، جن مٿانئس کليو هو ۽ ٽوڪون ڪيون هيون تن کيس شاباس ڏني، اهڙيءَ طرح هن جي هبڪ ۽ ڦڪائي دور ٿي ويئي ۽ هر هفته بحث ۾ شامل ٿي آفرين حاصل ڪندو هو. اڪثر ڪري بحث ۾ عبدالله موضوع جي فائدي ۾ ته جعفر انهيءَ جي رد ۾ تقريرون ڪندا هئا. شهر جا ماڻهو جيڪي آڪاڙي ۾ جعفر جا ڪرتب ڏسي مٿس هڪ طرح جا عاشق ۽ شيدائي ٿي پيا هئا، سي سندس تقريرون ٻڌي جهومندا هئا ۽ بحث واري ڏينهن پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي به سندس بحث ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا. ابن عامر ڪان پنهنجي لائق شاگرد جا جوهر لڪل ڪين هوندا هئا، سو سندس تربيت تي خاص خيال ڏيڻ لڳو. جعفر جي ساراهه جا گيت مدرسه جي چوديواريءَ ڪان نڪري بصره جي شهر جو گشت ڪندا آس پاس ڳوٺن تائين پهچي چڪا هئا.

ابن عامر جي شاگردن جو تعداد روزانه وڌندو رهيو ٿي، پر هن جي حياتيءَ جو سج هينئر پنهنجي مسافري پوري ڪري غروب ٿيڻ وارو هو. پيريءَ جي ضعيفي ۽ لڳاتار محنت ڪرڻ سبب حد درجي جي ضعيفي کيس وڌيڪ ڪم ڪرڻ نه ٿي ڏنو، تنهنڪري هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بصره جي واليءَ کي درخواست ڪئي تہ مون کي مدرسہ جي خدمت کان اجازت ڏني وڃي ۽ مدرسہ جو انتظام ڪنهن لائق نوجوان جي سپرد ڪيو وڃي. حجاج کي هن ڪم لاءِ سعيد (جو ان وقت قبرس جو والي هو) کان وڌيڪ لائق ۽ مناسب بيو ڪوبہ نظر ڪونہ آيو. تنهن ڪري دربار خلافت کان اجازت وٺي سعيد کان قبرس جي چارج جڏائي کيس مدرسہ جي ڪم سنڀالڻ جو حڪم ڪيو ويو. سعيد قبرس جي نو مسلم خاندان مان شادي ڪئي هئي، سو پنهنجي زال سميت ٻهريائين ٻيڻ وٽ آيو ۽ هفتہ ڏيڍ اتي رهي پوءِ بصره ۾ آيو ۽ اچي پنهنجي نئين ڪم کي لڳو. مدرسہ جي سڀني شاگردن ٻڌو هو تہ نئون استاد اچڻو آهي. عبدالله ۽ جعفر کي بہ اها خبر هئي، پر ڪين اها خبر ڪانہ هئي تہ اهو نئون استاد خود سندن ماسو آهي. سعيد جڏهن پنهنجو نئون ڪم سنڀاليو، تڏهن ڏٺائين تہ مدرسہ جا بهترين ۽ هوشيار شاگرد سندس ئي ڀاڻيجا آهن. انهيءَ ڪري کيس ڏاڍي خوشي ٿي.

ٽورن مهينن کان پوءِ عبدالله پنهنجي جماعت سميت مدرسہ جي تعليم ۽ سپاهيانہ تربيت ختم ڪئي. ابن عامر شاگردن کي الوداع ڪرڻ واري ڏينهن هڪ عام جلسو ڪيو، جنهن ۾ بصره جي واليءَ حجاج بہ شرڪت ڪئي ۽ فارغ ٿيل شاگردن کي خلافت پاران هٿيار ۽ گهوڙا انعام ڏنائين. ابن عامر پنهنجي شاگردن مان موڪلائيءَ وقت مختصر تقرير ڪئي هئي، جنهن ۾ چيائين تہ "منهنجا پيارا شاگردو! توهان مان موڪلائيءَ جو وقت اچي ويو آهي. هن وقت مون کي، توهان کي ڪا خاص ڳالهہ چوڻي ڪانهي. هن کان اڳ، گهڻيئي دفعا توهان کي نصيحتون ڏنيون اٿم. توهين اڄ کان هڪ نئين دنيا ۾ گهڙندا، جنهن ۾ توهان کي انيڪ حادثن جو مقابلو ڪرڻو پوندو. پر مون کي پڪ آهي تہ توهين ثابت ڪري ڏيکاريندا تہ مدرسہ ۾ صرف ڪيل وقت اوهان ضايع نہ ڪيو آهي. منهنجا ٻچڙا! توهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ هڪ سچي مسلمان جي زندگيءَ جو مقصد آهي، پنهنجي هاديءَ جي ڏسيل راهہ تي هلڻ ۽ ان راهہ ۾ جيڪڏهن ڪي رڪاوٽون اچن تہ سر جي ست ڏيئي بہ انهيءَ سچي رستي تي ثابت قدم ٻيهي ڏيکارڻ. ياد رکو جيسين توهان ۾ اهو جذبو قائم رهندو تيسين توهان جو دين ۽ دنيا ٻيئي روشن

هوندا. توهان دنيا ۾ اعليٰ ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪندا ۽ آخرت ۾ به جنت جا حقدار توهين ئي ٿيندا. پر جيڪڏهن توهان جي دلين مان پنهنجي آقا ۽ مولا جي محبت نڪري ويئي ته پوءِ دنيا ۾ به ذلت ۽ آخرت ۾ رسوائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪي به حاصل ڪين ٿيندو. ڪمزوري توهان تي غالب پئجي ويندي. ڪفر جون طاقتون جي مجاهدن کي ريتيءَ جي ذرن وانگر ڏسڻ ۾ اينديون آهن. سي توهان کي مضبوط پهاڙن وانگر ڏسڻ ۾ اينديون ۽ دنيا جون چالاڪ قومون توهان کي پنهنجو محڪوم بنائي پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جو نشان بنائي ڇڏينديون، جن کان ڇوٽڪارو پائڻ به توهان لاءِ مشڪل ٿي پوندو. انهيءَ وقت به توهين پاڻ کي مسلمان سمجهندا، پر اسلام جو توهان ۾ نشان به ڪونه ليندو. منهنجي هيءَ ڳالهه دل سان هنڍايو ته سچائيءَ ۽ حقانيت تي ايمان آڻڻ کان پوءِ به جيڪڏهن حق لاءِ قربانيءَ جو مادو توهان ۾ پيدا نه ٿيو ته سمجهو ته توهان جو ايمان ڪمزور آهي. ايمان جي مضبوطيءَ ۽ پڪائيءَ لاءِ باهه ۽ خون جي درياءَ تان ٽپڻ لازمي آهي. جيستائين توهان کي موت، زندگيءَ کان وڌيڪ پيارو سمجهڻ ۾ نه ايندو تيستائين توهين به پاڻ کي زنده سمجهجو، پر جڏهن شهادت جي شوق کان توهان کي حياتي مٺي لڳي ته توهين پاڻ کي قبرن ۾ پيل مُردن کان به بدتر سمجهجو. ابن عامر تقرير ڪندي، هڪ هٿ مان قرآن بلند ڪري چيو ته هيءَ پاڪ امانت رسول عربي صه کي خداوند عالم جي پاران عطا ٿي هئي، جنهن جو حق پاڻ پوريءَ طرح ادا ڪري وڃي پنهنجي مولا سان ملاقاتي ٿيا ۽ هيءَ امانت توهان جي سپرد ڪري ويا. حضور اڪرم صلي الله عليه و سلم پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ اسان کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته انهيءَ مگوريءَ امانت جي حفاظت اسين تلوار جي تيزيءَ ۽ ٻانهن جي قوت کان سواءِ ڪري نه ٿا سگهون. جيڪو پيغام توهان تائين پهتو آهي، ان کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين رسائڻ اسان جي زندگيءَ جو فرض آهي. ابن عامر ايترو چئي اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺو. ان کان پوءِ حجاج به جهاد جي فرض ۽ فائدن بابت نهايت سهڻي نموني تقرير ڪئي. تقرير کان پوءِ پنهنجي کيسي مان هڪ خط ڪڍي چيائين ته "مَرو جي گورنر هيءُ خط لکيو آهي ته هو جيحون ندي اڪري ترڪستان تي حملو ڪرڻ گهري ٿو جنهن لاءِ لشڪر جي مدد گهري اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ في الحال ٻه هزار سپاهي اوڏانهن موڪلڻ چاهيان ٿو، توهان ۾ آهي ڪو جو هن لشڪر سان گڏجي وڃي. مدرسه جي سڀني شاگردن جهاد تي وڃڻ جي شوق ۾ هٿ ٿي ڪنيا. پر حجاج چيو ته آءُ في الحال انهن شاگردن کي جهاد تي موڪليندس جن مدرسه جي تعليم ختم ڪئي آهي. هن فوج جي سالاري آءُ توهان جي مدرسه جي فارغ التحصيل شاگرد عبدالله بن عبدالرحمان کي ڏيان ٿو، جنهن جي لياقت بابت آءُ گهڻوئي ٻڌي چڪو آهيان. توهان ويهن ڏينهن تائين پنهنجي گهرن سان ٿي هر طرح تيار ڪري اچي هتي بصره ۾ فوجي ڪئمپ ۾ شامل ٿيو. ان کان پوءِ مجلس برخاست ٿي.

باب پنجون

(١)

قرباني

حليمہ جو دستور هوندو هو تہ صبح جو سويل اٿي فجر نماز پڙهي، ڪلثوم کي اڳيان وهاري سندس قرآن شريف جو دور ٻڌندي هئي. ڪلثوم جي قرآن جو سيپارو ڪڏهن ڪڏهن پاڙي جي هڪ زالن کي بہ حليمہ جي گهر چڪي ايندو هو. دور ختم ٿيڻ ڪانپوءِ حليمہ پاڙي جي ٻارڙن کي قرآن شريف جي تعليم ڏيندي هئي ۽ ڪلثوم گهر جي ڪم ڪار کي لڳندي هئي. جيڪڏهن سوير ئي ماڻهوءَ نڪيءَ جو ڪم لاهي واندي ٿيندي هئي تہ پوءِ تير ڪمان کڻي ان جي مشق ڪندي هئي. هڪ ڏينهن صبح جو نماز پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ جيئن ڪلثوم دور ٻڌائڻ لاءِ اٿي تيئن حليمہ هٿ کان جهلي کڻي پير ۾ وهاريس ۽ ساڻس پيار محبت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي. چيائينس تہ سنڙي، تون نہ هجين ها تہ منهنجو تہ ڏينهن ئي ڪين لهي ها. سچ پچ جيڪڏهن تون منهنجي پيٽ جائي ڌيءَ هجين ها تہ بہ انهيءَ کان وڌيڪ جيڪر توسان محبت ڪين هجيم ها.

ڪلثوم جواب ڏنو تہ امڙ! جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ پوءِ منهنجو جيڪر ڪهڙو حشر ٿئي ها. ايترو چوندي ڪلثوم جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون ۽ وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهي. ايتري ۾ ٻاهريون دروازو کليو ۽ عبدالله گهوڙي کي واڳ کان وٺي اندر گهڙيو، جنهن کي ڏسي حليمہ ٽپ ڏيئي اٿي ۽ پٽ کي ڀاڪر پائي ملي ۽ خوشيءَ ۽ پيار مان کيس پيشانيءَ ۽ سر تي چميون ڏيڻ لڳي. ان وقت حليمہ جو خيال ماضيءَ جي ڪنهن اونهيءَ تصوير تي جمي ويو. انهيءَ ڏينهن کان ويهارو سال اڳ عبدالرحمان بہ اهڙيءَ طرح گهوڙي کي واڳ کان وٺي گهر ۾ ايندو هو. هوءَ پنهنجن انهن خيالن ۾ مست هئي تہ عبدالله جي سڏ تي ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله - اما، تون هيترو ڪمزور ڇو ٿي ويئي آهين؟

حليمه - منهنجا اکين جا تارا، آءٌ ته اهڙي ئي آهيان. اڄوڪي سياڳي ڏينهن تي ته سون کي ڪمزور نه هئڻ کپي. پلا گهوڙو ڏي ته آءٌ ٻڌي اچان، تون هل اندر. ائين چئي جيئن ئي پٽ کان گهوڙي جي واڳ ٿي ورتائين، تيئن عبدالله واڳ پري ڪري چيو ته اما، ائين وري ڪيئن ٿيندو. پٽ جو گهوڙو ماءُ ٻڌندي ڇا؟

حليمه - ابا، تنهنجو پيءُ جڏهن جهاد تان موٽندو هو، تڏهن ان جي به اهڙي ئي شڪل ۽ ساڳيو اهڙو نمونو هوندو هو. ان جو گهوڙو به آءٌ ٻڌندي هيس.

عبدالله - پر آءٌ توکي تڪليف ڏيڻ گناهه ٿو سمجهان.

حليمه - پر اڄ ته تون مهمان ٿي آيو آهين؛ تنهنڪري ضد نه ڪر. آخر عبدالله ماءُ جي گهڻي چوڻ تي گهوڙي جي واڳ سندس حوالي ڪئي. حليمه گهوڙي کي لغام کان جهلي، اچا طبيلي جي دروازي تائين پهتي ئي مس هئي ته ڪلثوم وڌي ڪانئس اچي لغام ورتو ۽ چيائين ته ”اما، تون ڇڏ ته آءٌ ٿي ٻڌي اچان. حليمه لغام ڪٺي سندس هٿ ۾ ڏنو ۽ مرڪندي ڏانهس ڏسندي رهي.

عبدالله پنهنجي سوڪل جا ويهه ئي ڏينهن گهر ۾ گذاريا. گهر جي حالات ۾ ڪيس گهڻو ڦيرو ڏسڻ ۾ آيو. ڪلثوم جا هوڻ به مانس ملڻ جلڻ ۾ شرمائيندي هئي، سا هينئر حيا ۽ حجاب وچان مانس ڳالهائيندي به ڪين هئي. آخر عبدالله جي موڪلائڻ جو ڏينهن به اچي ويو. پياري پٽ جي تحفي لاءِ غريب ماءُ وٽ آبا و اجداد جي خوبصورت تلوار کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين هو. جڏهن عبدالله گهوڙي تي سوار ٿي ٻاهر نڪرڻ وارو هو، تڏهن ڪلثوم پنهنجي هٿ سان پريل رومال حليمه کي آڻي ڏنو؛ جنهن معصوم دل جو مطلب سمجهي اهو رومال عبدالله کي ڏنو. عبدالله کولي ڏٺو ته رومال جي وچ تي ڪلام الله جو هي ٽڪرو پريل هو:- قاتلوُ هم حتيٰ لا تکون فتنه. انهن سان جنگ ڪريو ايستائين جو فتنو باقي نه رهي. عبدالله رومال کيسي ۾ وجهي ڪلثوم ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ جلد ئي ماءُ ڏانهن ڏسي روانه ٿيڻ لاءِ اجازت گهري.

حليمه پنهنجي مامتا جي جذبه کي روڪي پٽ کي چيو ته، ”منڊ! توکي هينئر منهنجي نصيحت جي ضرورت ڪانهي؛ ليڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايترو ياد رکج تہ تون کنهن جو اولاد آهين. تنهنجا ابا ڏاڏا ڪتن تي ڪڙيون ڪرڙي ڪين سٺا هئا، انهن جي نالي ۽ منهنجي کير جي لڄ رکج - خدا حافظ!

عبدالله گهوڙي کي اڙي هڻي، هوا سان ڳالهيون ڪندو بصره جي ڇانوڻيءَ ڏانهن روانو ٿيو.

(٢)

عبدالله کي جهاد تي وڃي ٻارهن مهنا گذري چڪا هئا. ماءُ کي انهيءَ وچ ۾ ٻہ چار خط لکي پنهنجو حال احوال ڏنو هئائين، جنهن مان کيس معلوم ٿيو تہ پٽس عبدالله پنهنجي وڏن وانگيان خدا جي راهہ ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳائي رهيو آهي. پٺي پاسي ماءُ جي خطن ۽ بصره ويندڙ ڳوٺاڻن کان کيس معلوم ٿيو تہ جعفر جو نالو بصره جي هر باشنده جي زبان تي نهايت عزت ۽ حرمت سان ورتو پيو وڃي، جو جعفر پنهنجي خدا داد ذهانت ۽ محنت سان مدرسہ ۾ نالو ڪڍايو هو. هڪ ڏينهن صبح جو حليمہ ٻاڙي ۾ ڪنهن جي گهر ويٺي هئي، ڪلثوم ڪمان کڻي اڱڻ ۾ ويهي نشان جي مشق پئي ڪئي، ڪلثوم سامهون کجور جي وڻ تي ويٺل ڪانءَ تي تير ڇوڙيو. ليڪن تير ڪانءَ کي نہ لڳو ۽ هو ٻچي ڪنهن پاسي اڏامي ويو، پر ڪانءَ اچا ٿورو پريرو ويو ئي ڪين هو تہ پٺي پاسي کان آيل تير لڳڻ سان اچي اڱڻ جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪريو. ڪلثوم حيران ٿي اٿي پهريائين ڪانءَ جي قتيل جسم مان تير ڪڍيو ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي تہ اهو تير ڪٿان آيو. پر پوءِ اوچتو ڪنهن خيال اچڻ سان هن جي دل جي ڪوسائل مڪڙي کلي پيئي ۽ بي اختيار ٿي ٻاهرئين دروازي ڏانهن وڃڻ لڳي. پريان جعفر گهوڙي کي ٿهلائيندو پئي آيو. جعفر تي نظر پوندي ڪلثوم جي سفيد چهري تي حيا جي لعلاڻ پکڙي ويئي. هوءَ دروازو کولي هٽي هڪ طرف بيهي رهي. جعفر گهوڙي کي واڳ کان جهلي اندر گهڙيو. هو بصره کان وٺي ڳوٺ تائين دل ۾ گهڻوئي خيال ڪري آيو هو تہ ڪلثوم سان هي هي ڳالهيون ڪندس، پر ڪلثوم کي ملڻ وقت مٿس اهڙي تہ ڪا ڇايا پئجي ويئي جو گهڻي ڪوشش کان پوءِ ٻہ رڳو ٻہ چار لفظ مس چئي سگهيو. ڪلثوم بہ اکيون کڻي مانس ڳالهائي ڪانہ سگهي. جعفر جي خوش خير عافيت جو جواب

ڏيئي سنهن هيٺ ڪري بيهي رهي، جعفر ڪجهہ دير ڪان پوءِ پڇيس تہ ”اما ڪيڏانهن ويئي آهي؟“ ڪلثوم جواب ۾ چيو تہ پاڙي ۾ ڪنهن بيمار کي پڇڻ ويئي آهي. آخر جعفر همت ڪري چيو تہ ”ڪلثوم آءٌ توکي روز ياد ڪندو هوس.“ ڪلثوم هڪ دفعو اکيون مٿي ڪري جعفر ڏانهن نهاريو، پر وري بہ يڪدم سنهن ڪٽي ڇڏي پاسي ڪيائين.

جعفر- ڪلثوم، مون ڪان ناراض آهين ڇا؟

ڪلثوم ڳالهائڻ چاهيو ٿي پر جعفر جي سپاهيانہ شان کيس ڳالهائڻ جي همت ئي ڪرڻ نہ ڏني، ڪجهہ دير ڪان پوءِ همت ڪري چيائين تہ گهوڙو ڏيو تہ ٻڌي اچان.

جعفر- نہ ڪلثوم، تنهنجا هٿ گهوڙن ٻڌڻ لاءِ نہ آهن. ائين چئي جعفر گهوڙو طبيلي ۾ ٻڌڻ لاءِ ڪاهي ويو. جعفر ٽي سهينا گهر ۾ رهيو ۽ جهاد تي وڃڻ لاءِ بصره جي واليءَ جي حڪم جو انتظار ڪندو رهيو.

جعفر خيال ڪري آيو تہ گهر ۾ نهايت خوش رهندس، پر هو گهر ۾ خوش رهي نہ سگهيو. جوانيءَ جي آمد سندس ۽ ڪلثوم جي وچ ۾ شرم و حيا جي هڪ زبردست چپ بيهاري ڇڏي هئي. ننڍپڻ جا ڏينهن جڏهين هو ٻئي جڻا هٿ هٿ ۾ ڏيئي ڳوٺ جا چراگاه ۽ ڪجين جا باغ گهمندا هئا پر کيس خواب منل ڏسڻ ۾ آيا. ڪلثوم جي حالت بہ اها ئي هئي. هن کي پنهنجي ننڍي هوندي جو ساٿي اڳئين ڪان بدليل نظر ايندو هو. جيئن پوءِ تيئن هنن جي وچ ۾ حجاب وڌندو ويو. رڳو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ بہ کين اُجهندو هون. انهيءَ سبب جعفر پنهنجي جسم ۽ روح تي هڪ قسم جو بار محسوس ڪندو هو. ڪلثوم هن جي دل تي ٻالپڻ ڪان وٺي محبت جي مهر هڻي ڇڏي هئي. جعفر ڪنهن ڪنهن مهل چاهيندو هو تہ پنهنجي دل سيني سان ڪيڻي هن صحرائي حور جي اڳيان ڪٽي رکان. ليڪن شرم ۽ حيا کيس زبان کولڻ بہ ڪين ڏيندو هو. هي ٻيئي معصوم دليون هڪ ٻئي جي دلين جي دڪ دڪ بہ ٻڌنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن اکين جي اشارن سان پنهنجي دل جو احوال بہ هڪ ٻئي کي ٻڌائي وٺندا هئا. ڇهن سهنن ڪان پوءِ عبدالله بہ سوکل تي گهر آيو، جنهنڪري حليمہ جو غريباڻو گهر هيئنر باغيچہ وانگر ٻهڪڻ

لڳو. رات جو ساني ڪائي جعفر ۽ عبدالله پنهنجي پنهنجي ڪٽن تي ويهي هڪ ٻئي کي حال احوال ڏيڻ وٺڻ لڳا. عبدالله پنهنجا فوجي ڪارناما ترڪستان جي خبرچار ٻڌائڻ لڳو. ڪلثوم پريان پنهنجي کٽ تي ليٽي سڀ ڪجهه ٻڌي رهي هئي. سمهڻ کان اڳ عبدالله ماءُ کي ٻڌايو ته آءٌ بصره مان، ٿيندو آيو آهيان.

حليمه- مامي مان گڏيو هيئن؟

عبدالله- ماما سائين توهان کي سلام ٿي ڏنا ۽ هي خط به توهان جي نالي ڏنو اٿس. عبدالله کيسي مان خط ڪڍي ماءُ کي ڏنو. حليمه مون کي ڇو ٿو ڏين؟ پڙهي ٻڌائيم ته ڇا لکيو اٿس.

عبدالله- اماجان! هيءَ خط تنهنجي نالي آهي توهين پاڻ پڙهو.

حليمه- تون ڇونه ٿو پڙهي ٻڌائين ته ڇا لکيو اٿس؛ شرمائين ڇو ٿو؟

جعفر هنن ٻنهي کي ريڙهه پيڙهه ڪندو ڏسي؛ خط وٺي ڏسڻ لڳو ۽ خط کولي ڪلثوم ڏانهن نهاريائين، جا دل جو مطلب سمجهي شمع ٻاري کٽي آئي. جعفر خط کي جيئن پڙهيو ٿي، تيئن ٻهرئين جمليءَ سندس دل ۾ نشتر چڀائڻ جو ڪم ڪيو. جلدي جلدي خط جي عبارت تي نظر ڦيرائي ماءُ کي ٻڌائڻ چاهيائين ٿي، پر زبان سندس ساٿ نه ڏنو ۽ لفظ سندس وات ۾ رهجي ويا. خط جو مضمون سندس لاءِ ڪنهن ڪيل گناهه جي سزا مثل هو. مٿس بيهوشي غالب ٿيڻ لڳي ۽ جڻ ته ڪنهن سوين من پاڻي مٿس هاري ڇڏيو هو. هو ان بار سبب زمين تي ڌڙڻ لڳو، پر وري به مجاهد جي فطري همت ڪيس هوشيار ڪيو ۽ پنهنجي منهن تي زوريءَ مرڪ آڻي ماءُ کي خط واپس ڪندي چيائين ته امي! ماما سائينءَ پاڻوءَ جي شاديءَ بابت لکيو آهي، پاڻ خط پڙهي ڏسو. حليمه شمع جي ٿڌيءَ روشنيءَ ۾ پڙهي ڏٺو ته پاڻس لکيو هو ته:- پياري ڀيڻ.

ڪلثوم جي آئينده حياتيءَ بابت آءٌ اجا ڪنهن به فيصلي تي ڪونه پهتو آهيان. مون کي جعفر ۽ عبدالله ٻئي هڪجهڙا آهن. ٻنهي ۾ اهي گڻ ۽ لياقتون موجود آهن جي ڪلثوم جهڙي نيڪ ۽ عالي نسب ڇوڪريءَ جي مستقبل جو ضامن هئڻ گهرجن. عمر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لحاظ موجب عبدالله هن امانت جو وڏيڪ حقدار آهي. هن ڪي ٻه مهينا موڪل آهي. توهين ڪوبه ڏينهن مقرر ڪري مون ڪي اطلاع ڪريو ته آءٌ ٻه چار ڏينهن اچي هيءَ ٻار پنهنجي سر تان لاهيان. وڌيڪ ٻارن جي طبيعت ڪان توهين چڱيءَ طرح واقف هونديون. هيءَ خيال رکڻ کپي ته هيءَ ڪلثوم جي آئينده حياتيءَ جو سوال آهي.

فقط والسلام- "سعيد"

(٣)

جعفر ڪي هن خط سان پنهنجي آرزوئن ۽ تمنائن جي خون ٿيڻ جي بشارت ملي چڪي هئي؛ نه ته هونءَ هو هميشه سمجهندو هو ته ڪلثوم فقط جعفر لاءِ ۽ جعفر ڪلثوم لاءِ آهي. ليڪن هينئر ڳالهه ئي ٻي هئي. سندس خوابن جي تعبير ڪلثوم، هاڻي سندس ڀاڄائي ٿيڻ واري هئي. سڄي دنيا ڪيس ڦرندي نظر آئي. پنهنجو اباڻو گهر جو هونءَ ڪيس آباد وسندڙ ٿي لڳو. سو هينئر ڪاٽڻ پئي آيس. گهڙيءَ گهڙيءَ سندس دل سان آهه جو لفظ ٻاهر نڪرڻ لاءِ بيتاب هو. پر وري به ڪنهن نامعلوم خيال سان هن ڪي ٻاهر نڪرڻ ڪان روڪي ٿي ورتائين هوڏانهن ڪلثوم جي به ذري گهٽ ساڳي حالت هئي.

عبدالله، جعفر ڪان سندس انهيءَ اوچتي پريشانيءَ جو سبب پڇيو. ساڳيءَ طرح حليمه، ڪلثوم ڪان غمگين رهڻ جو سبب پڇيو، پر ٻنهي جدا جدا وقت تي ساڳيوئي جواب ڏنو. پنهنجي اداسيءَ ۽ غمگينيءَ جي سچي سبب ڪان ڪنهن ڪي واقف ڪرڻ مناسب نه سمجهيائون ۽ پنهنجي حقيقي عشق جي چڻگن ڪي دلئي دل ۾ ڏڪڻ واجب سمجهيائون. پنهنجي دل ڪي سندن اهوئي ارشاد هو ته:-

نهائينءَ ڪان نينهن سک سنهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

عبدالله پنهنجي شاديءَ جو ٻڌي خوش ٿيو. هن انهيءَ خوشيءَ ۾ جعفر ڪي شريڪ ڪرڻ گهريو ٿي، پر جعفر جي تصورات جي دنيا تاريڪ ٿي چڪي هئي. هن ڪي پنهنجو اباڻو گهر، جو ڪنهن وقت سندس مسرت ۽ شادمانيءَ جو مرڪز هو، هينئر بيڪس ۽ بنديءَ ٿي بلبل جي قفس جيان نظر اچڻ لڳو. هو دل وندرائڻ لاءِ ڏينهن جي ماني (ڪاڏي، ڪاڏي جهڙي) ڪائي گهوڙي تي سوار ٿي بيابان ۾ هليو ويندو هو يا نخلستان ڏانهن نڪري ويندو هو. اتي درختن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٻڙن سان، واريءَ جي دڙن سان، پاڻيءَ جي تهر سان ۽ چشمي جي لهرين سان پنهنجو درد اوريندو وتندو هو. آڌيءَ رات تائين، انهيءَ ۾ مست هوندو هو.

پوءِ اچي آهستگيءَ سان گهوڙو ٻڌي ٻستري تي ڀڄي رهندو هو. اهو سندس روزانو معمول بنجي چڪو هو. عبدالله ۽ حليمه کي اها هلت پسند ڪانه هئي، پر ته به اجا مات ۾ هئا.

هڪ رات جيئن جعفر ڪٿان سير ڪري سوٽي رهيو هو ۽ پنهنجي گهر جي ويجهو پوندو ويو تيئن دف ۽ ڳائي جو سريلو آواز سندس ڪنن تي پيو ۽ پڪ ٿيس ته عبدالله جي شاديءَ جا گيت ڳايا پيا وڃن. گيتن جو سنو ۽ سريلو آواز سا به عرب جي دوشيزائن جو، جو جيڪر سردي کي به جياري ڇڏي، پر جعفر جي حالت اهڙي ٿي رهي هئي جو پاڻ ته ڪو ڪيس لڳين ۽ ڏکن سان ڪٽي رهيو آهي. گهوڙي کي ٻهاري، لهي هيٺ ٿيو. تڏهن واري تي رڙل ٻار وانگر ليٽي پيو. تڏي تڏي هير ڀٽي لڳي پر جعفر سڄو پگهر ۾ شر ٿي ويو. سندس دل ۾ انيڪ خيال پيدا ٿيڻ لڳا ۽ وري ناس ٿي پئي ويا. خدائيءَ جو ذرو ذرو ڪيس سرور ۽ خوش نظر اچڻ لڳو. آسمان جا تارا چمڪي رهيا هئا. هوا لڳڻ سان ڪجين جا ڏڪها ڏار اهڙيءَ طرح لڏي رهيا هئا، جيئن ڪو ورهين جو وڇڙيل پنهنجي محبوب کي حاصل ڪري سرور ۽ خوشيءَ وچان جهوسندو هجي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ جڏهن ساست ۾ آيو تڏهن دل ئي دل ۾ پاڻ سان حال اورڻ ۽ پاڻ کي سمجهائڻ لڳو. ”جان ڪان پياري ياڻ جي شاديءَ ۾ آءٌ هن ريت رنجيدو ۽ مغموم ٿوٽي رهيو آهيان. مون کي ته ياڻ جي خوشيءَ ۾ هن سان هر طرح شرڪت ڪرڻ گهرجي. نه فقط ياڻ جي خوشي، پر ساڻ جي خوشي، ساسي جي خوشي ۽ شايد ڪلثوم جي به خوشي، مون کي هن طرح ڏکي ٿو ٿي لڳي. آءٌ اهڙو خود غرض ڇو ٿي پيو آهيا........ نه نه آءٌ خود غرض نه آهيان. ياڻ جي خوشيءَ لاءِ مون پنهنجي خوشي قربان ڪئي آهي. ليڪن نه اهو به سفيد ڪوڙ آهي. مون ۾ ايتري به قربانيءَ جو مادو نه آهي جو پنهنجي غم کي وساري ياڻ جي خوشيءَ ۾ شامل ٿيان! رات ڏينهن اداس ۽ غمگين رهڻ، هروقت تڏا ساهه پرڻ، ڪنهن سان به نه ڳالهائڻ، اهي ڳالهيون هنن تي ڇا ظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنديون؟ رات ڏينهن گهر کان ٻاهر رهڻ، ادي جي دل ۾ ڪهڙو خيال پيدا ڪندو؟ ليڪن آهه! آءٌ ڇا ڪريان؟ هيءَ ڳالهه سنهنجي طاقت کان ٻاهر آهي. هاءِ ڇا ڪريان!... بس هڪ ئي رستو آهي. هن ابائي ڳوٺڙي کي، هنن سائٽائن ڪکن کي، والده محترمه کي، سنڙي ڀاءُ کي ۽ دل و دماغ تي ڇانيل ڪلثوم کي ڪجهه وقت لاءِ ڇڏي ڪنهن پاسي هليو وڃان ۽ وڃي دل کي پرچايان، من سنهنجا سارو سون کي وسرن! انهيءَ خيال کان ٻوءِ قدري دل کي فرحت آيس، اٿي گهوڙي کي واڳ کان جهلي گهر آيو، صبح جو نماز پڙهي، ماءُ کان بصري وڃڻ جي موڪل گهريائين، حليمه سندس گفتو ٻڌي حيران ٿي ويئي، چيائينس ته پٽ! ڏينهن ۾ تنهنجي ڀاءُ جي شادي ٿيندي؛ تون هينئر ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ جواب ڏنائين ته ڪنهن ضروري ڪم سان وڃان ٿو، شادي کان اڳئين ڏينهن انشاء الله تعالىٰ ته اچي ويندس.

حليمه - نه، نه، پٽ! تنهنجو هتي رهڻ ضروري ۽ لازمي آهي. هينئر تون نه وڃ.

جعفر - اماں سون کي موڪل ڏي.

حليمه - ذرا تيز ٿي چيس ته جعفر سون سمجهيو هو ته تون سچ سچ مجاهد آهين، ليڪن سنهنجو اندازو غلط نڪتو. توکي وڏي ڀاءُ جي خوشيءَ ۾ شامل ٿيڻ پسند نه آهي. توکي ڀاءُ سان حسد ٿو ٿئي. تو سنجهان سون کي اها اميد ڪانه هئي.

جعفر - نه امي نه، سون کي حسد نه آهي. آءٌ ته پنهنجيون سڀ خوشيون ڀاءُ لاءِ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان...... جعفر هيءُ جملو ڪجهه اهڙي انداز سان چيو جو حليمه جي دل پگهرجي ويئي ۽ نرم ٿي چيائين ”پر بابا، تنهنجو هروقت ڪنهن ڳوڙهي خيال ۾ رهڻ، هميشه ماٺ ۾ رهڻ، ڪنهن سان ڪلي نه ڳالهائڻ، ٻيو ڇا ٿو ظاهر ڪري؟“

انهن لفظن ٻڌڻ سان جعفر جي اکين سان بي اختيار لڙڪ وهي نڪتا ۽ نماڻو ٿي چيائين ته ”جيجل سون کي معاف ڪر.“ حليمه وڏي ڀاڪر ۾ جهليس ۽ پيشاني چمي چيائينس ته ”پٽ! مجاهد هميشه فراخ دل ٿيندا آهن.“ ٻيءَ رات جعفر گهر کان ٻاهر ڪونه نڪتو ۽ کٽ تي ليٽيو پيو هو. ننڊ ڪٿي ٿي آيس! پاسا ورائيندي

سوچيندو رهيو. رکي رکي اهو خيال ستائي رهيو هوس تہ جيکي اِها سمجهيو آهي، عبدالله جي دل ۾ بہ اهوئي خيال هوندو ڇا؟ اهي خيال پچائيندي، دل ۾ پڪ ڪيائين تہ بس هاڻي هتان نڪرڻ ئي سوزون آهي. اهو خيال ڪري اٿيو، پنهنجو ساسان ٺيڪ ڪيائين ۽ طبلي ۾ وڃي گهوڙو تيار ڪيائين، پوءِ وري بہ ڪو خيال ڪري اندر گهر ۾ ويو. ڪلثوم جي کٽ جي ويجهو وڃي سندس ڇهري ۾ نظر ڄمائي بيهي رهيو ۽ ان نظاري بازيءَ ۾ اهڙو تہ محو ٿي ويو جو تن بدن جي سَرَ بہ ڪانہ ٿي پيس. آخر هڪ ڏکهو ساهہ کڻي ڏکويل آواز ۾ چيائين تہ ”ڪلثوم توکي شادي مبارڪ هجي.“ ڪلثوم جا جعفر وانگر راتين جون راتيون اکين تي ويهي گذاريندي هئي ۽ اڄ بہ سندس هر هڪ چرپر ڏسي رهي هئي، هينئر جڏهن جعفر ستائس اچي بيٺو هو، تڏهن ڳيگ ڪري سمهي رهي هئي، سا اهي لفظ ٻڌي ڏکي ويئي ۽ ڀانيائين تہ ڪو ڪيس جيئري ئي قبر ۾ دفن ڪري رهيو آهي. هن جو دم گهٽجڻ لڳو، هن رڙيون ڪرڻ گهريون مگر آواز ڳلي ۾ ئي روڪجي ويس؛ آخر جعفر پاڻ سنڀالي گهوڙي ڏانهن وريو، گهوڙي کي واڳ کان وٺي ٻاهر نڪتو تہ ڏسي تہ ڪلثوم ٻاهرئين دروازي تي بيٺي آهي. جعفر کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ چيائينس تہ ”ڪلثوم تون هن وقت هتي! تون تہ ننڊ پيئي هُئينءَ؟“

ڪلثوم— ڪير ٿو چوي تہ آءٌ ستي پيئي هيس؟“

انهن چئي جعفر جي هٿ سان گهوڙي جي واڳ ڦري ورتائين.

جعفر— ڪلثوم ... سون کي ڇڏي. سون کي روڪ نہ ڪر.

ڪلثوم— تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

جعفر— آءٌ ڪجهہ ڏينهن لاءِ بصري ٿو وڃان.

ڪلثوم— هن وقت، چورن وانگر ڇو ٿو وڃين؟

جعفر - تون سون کان پڇين ٿي تہ چورن وانگر ڇو ٿو وڃان؟ توکي خبر آهي تہ... چوندي آواز ڀرجي آيس. ڪلثوم جي بہ دل ڀرجي آئي. اکيون لڙڪن سان آليون ٿي پيس، لغام هٿ سان ڇڏي، ٻنهي هٿن سان منهن ڪٽي لڪايائين. جعفر گهگي آواز سان چيس تہ ”ڪلثوم، پنهنجي دل روز نپوڙي وڃي ٿي، هرڪو سچ پرڻ سان سنهنجي ضبط ۽ صبر جو امتحان ٿو وٺي، انهيءَ ڪري لاچار ڪجهہ ڏينهن لاءِ بصري وڃان ٿو. اتي دوستن ۾ رهي پنهنجي

دل کي سمجهائي، انشاء الله تعاليٰ پنهنجي شاديءَ کان ڏينهن ٻه اڳي اچي ويندس. سون کي خوشي آهي جو تنهنجي شادي منهنجي وڏي ڀاءُ عبدالله سان ٿي رهي آهي. عبدالله سون کان هر طرح وڌيڪ لائق آهي. انشاء الله تعاليٰ هو توکي هرطرح خوش رکندو. هو سون کي پنهنجي ساهه کان به وڌيڪ پيارو آهي. ڪلثوم، هن جي اکيان ڪڏهن به هي لڙڪ نه وهائج."

ائين چئي جعفر پير ڪڍي رڪاب ۾ وڌو ۽ سوار ٿيڻ وارو هو ته ڪلثوم، تڪڙي تڪڙي گهر ۾ هلي ويئي. وڃڻ سان پنهنجي کٽ تي ڪري پيئي ۽ سڏڪا ڀري رئڻ لڳي. جعفر ڏانهن تڪيندو رهيو، نيٺ آسرو لاهي سوار ٿي اڳتي هليو، اڃا پنج ست قدم مس کنيا هوندائين ته ڪنهن سندس واڳ جهلي. ۽ حڪم ڪيائينس ته هيٺ لهه. جعفر ڪنڌ مٿي کنيو ته عبدالله کي بيٺل ڏٺائين.

جعفر ـ ادا، سون کي ڪنهن ضروري ڪم سان بصري وڃڻو آهي.
عبدالله ـ سون کي سڀ خبر آهي. ڀهريائين تو هيٺ لهه. پوءِ ڀلي وڃج.

جعفر ـ گهوڙي تان هيٺ لٿو. عبدالله هڪ هٿ سان گهوڙي جي واڳ ۽ ٻئي هٿ سان ڪيس جهلي ڀهريائين طبيلي ۾ وڃي گهوڙو ٻڌو ۽ پوءِ جعفر کي وٺي گهر جي اندرئين ڪمري ۾ ويو ۽ ڪيس وهڻ لاءِ چيائين. جعفر جو ڏنل هرڻيءَ وانگر عبدالله جي هرهڪ حڪم جي پيروي ڪري رهيو هو، سو پٽ تي وڇايل تڏي تي ويهي رهيو. عبدالله ڀهريائين شمع ٻاري پوءِ ٻيتي کولي ان سان ڪاغذ ۽ مس ڪڍي آيو ۽ ڪاغذ تي ڪجهه لکي جعفر کي ڏنائين ته هاڻي ڀلي تون بصري وڃ ۽ هيءُ خط وڃي ماما کي ڏج. جعفر خط وٺندي چيو ته "ادا، سون کي خبر نه هئي ته توهين جاسوسي به ڪري ڄاڻندا آهيو."

عبدالله ـ جعفر، آءٌ تنهنجي نه پر ٻئي ڪنهن جي جاسوسي ڪري رهيو هوس. منهنجي راءِ توهان ٻنهي متعلق غلط نه ٿي، ٿي سگهي، هاڻي تون وڃي سگهين ٿو.

جعفر ـ ڀائو، توهان خط ۾ ڇا لکيو آهي؟
عبدالله ـ تون خود پڙهي ڏس.
جعفر خط کولي پڙهڻ شروع ڪيو، جو هن ريت هو:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماما سائين،

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته - سلامن ۽ ادبن بعد گذارش آهي جيئن تہ ڪلثوم جو مستقبل توهان وانگر مون کي بہ عزيز آهي، تنهنڪري سنهنجي خيال ۾ هن جي زندگي جعفر جي رفاقت ۾ مون کان وڌيڪ خوش ۽ سکي گذرندي، وڌيڪ ڇا لکان. اميد تہ توهين لکڻ کي قبوليت جو شرف بخشيندا. سنهنجي موڪل پوري ٿيڻ کان اڳ اچي هنهي جو نڪاح پنهنجي هٿ سان ڪندا. فقط والسلام .

توهان جو فرمانبردار
عبدالله

خط پڙهي پوري ڪرڻ سان جعفر جون اکيون بي اختيار ڳوڙهن سان پرجي آيون ۽ سڏڪا ڀري چيائين تہ "ادا سائين، هيءَ خط ڪٽي آءٌ بصري نہ ويندس، مون کي معاف ڪريو. ڪلثوم جي شادي توهان سان ئي سونهي ۽ توهان ئي سان ٺهندي. آءٌ هاڻي ڪيڏانهن بہ نہ ويندس.

عبدالله - نہ، نہ، ڇا تون سمجهين ٿو تہ آءٌ پنهنجي چند روزه خوشيءَ لاءِ پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي سڄي زندگي جهنم بنائي ڇڏيندس؟ انهي کان وڌيڪ هڪ معصوم جي حياتيءَ جو سوال پڻ آهي. جو ڪجهہ تون سنهنجي لاءِ ڪرڻ ٿو چاهين، اهوئي آءٌ ڪلثوم لاءِ ٿو ڪريان، مون پيو ڇا ڪيو آهي. هاڻي سڳهو ٿي دير نہ ڪر. صبح ٿيڻ وارو آهي. سياڻي شام تائين واپس اچج. شايد ماما سائين بہ توسان گڏيو اچي. جعفر اڃا ڪجهہ چوڻ ٿي هو تہ عبدالله سنهن ۾ گهنڊ وجهي تيز ٿي چيس تہ هاڻي ڪجهہ بہ چوڻ نہ ڏيندوسانءِ، هل ٻاهر. وري بہ ڪيس ٻانهن کان جهلي ٻاهر وٺي آيو. ڪيس دروازي تي ڇڏي پاڻ طبيلي سان سندس سنجيل گهوڙو ٻاهر ڪري آيو ۽ گهوڙي تي سوار ڪري ڪيس روانو ڪيائين. ڪلثوم جنهن لڪي هيءَ سڄي روئداد ڏٺي ۽ ٻڌي هئي ۽ پائرن جي ٻاهر نڪرڻ وقت اچي بستري تي ڪري هئي، تنهن کي ڏوري ئي وقت کان پوءِ گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. عبدالله اندر اچي بارگاهہ ايزديءَ ۾ بطور شڪرانہ سجدي ۾ ڪري پيو.

صبح جو حليمہ جيئن ئي اٿي، تيئن جعفر جو بسترو خالي

ڏسي ٽڪڙو ٽڪڙو ٽميلي ۾ ويئي. اتي به جعفر جو گهوڙو نه ڏسي پريشان ٿي عبدالله جي اڳيان اچي بيٺي. عبدالله سندس مطلب سمجهي چيو ته "اماں، سون اڄ صبح جو سويل جعفر کي ڪنهن ضروري ڪم سان، ساما وٽ سوڪليو آهي." گهڙي سهي وري پڇيائينس ته اماں جعفر جي شادي ڪڏهن ٿيندي؟

حليمه - اباں، تنهنجي شادي ته خير سان گذري ته جعفر جي به ٿي پوندي.

عبدالله - نه اماں سنهنجي مرضي آهي ته جعفر جي شادي سون ڪان اڳي ٿئي.

حليمه - سنهنجا ٻچڙاں آءٌ سمجهان ٿي ته تون ڀاءٌ کي گهڻو پيار ٿو ڪرين، پر آءٌ به ڪوگهر ڏسي اڪتائيندي سانس. ائين ته ته ڪونه ڪٿي ڪٿي ڦاسائيندي سانس! شل ڪا ڪلثوم جهڙي چوڪري ملي ته جهٽ ڪٿي قابو ڪريانس.

عبدالله - اماں جعفر ۽ ڪلثوم ننڍپڻ ڪان وٺي گڏ گذاريو آهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان پيار به اٿن، تنهنڪري منهنجي مرضي آهي ته هو هميشه گڏ رهن ...

حليمه - چا تنهنجو مطلب آهي ته ... حليمه پنهنجو جملو پورو ڪري نه ٿي تنهن ڪان اڳ عبدالله چيس ته هائو اماں سنهنجي خواهش آهي ته ٻنهي جي شادي ڪري ڇڏجي. حليمه، حيرانيءَ سان ڏانهس نهاريندي رهي. آخر لڙڪ وهائيندي، پيار ڪندي ٻئي هٿ ڪٿي سڻي تي رکيائينس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇهون

(١)

ڀڄڻ جو رستو

جعفر بصره شهر جي دروازي ۾ داخل ٿي ٻه چار قدم مس کنيا هئا ته سندس هڪ هم مڪتب دوست طليح نالي مليس، جنهن سان حال احوال ڏيندي معلوم ٿيس ته جمع نماز کان پوءِ جامع مسجد ۾ عام جلسو آهي، جتي ابن عامر جي صدارت هيٺ هڪ وڏو جلسو ٿيندو، جنهن ۾ سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ تمام ماڻهن کي ترغيب ڏني ويندي. بصره جا ماڻهو جيتوڻيڪ آرام پسند آهن، ته به ابن عامر جي روحانيت ۾ اميد رکي بصره جي والي حجاج بن يوسف اهو ڪم مٿس رکيو آهي ۽ اسان سڀني کي ڪاميابيءَ جي اميد آهي. پر سڄي شهر ۾ ابن صادق نالي هڪ نالي جو درويش، منهن ۾ ملا، اندر ۾ ابليس مصداق آيل آهي، جنهن جا شرپسند مريد، سنڌ تي حملو ڪرڻ جي اعلان جي مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ هيءَ به ڊپ پيو ٿئي ته شايد جلسي وقت اهي نالائق ڪو فتنو برپا ڪن.

جعفر، طليح سان گڏ ڳالهيون ڪندو وڃي سندس گهر پهتو ۽ اتي ئي ترسي، آرام ڪري، ماني کائي ٻئي جڻا سويل ئي مسجد ۾ ويا، جتي انهيءَ ڏينهن هميشه کان گهڻا ماڻهو آيل هئا. هي جيتوڻيڪ نماز جي ٽائيم کان اڳ آيا هئا، ته به ڪين پوين صفن ۾ جاءِ ملي. خير نماز خير و خوبيءَ سان ختم ٿي. نماز پوري ٿيڻ بعد، ابن عامر تقرير لاءِ اٿيو. اڃان حمد و صلواة جا جملا به مس چيا هئائين ته ٻاهران ٻه ٽي سؤ ماڻهو هڪ ٿلهي متاري احمق نما انسان جي اڳوانيءَ ۾ گوڙ ڪندا اندرگهري آيا. اڳواڻ تمام ٿلهو ۽ مضبوط جسم وارو هو. سندس هٿ ۾ هڪ مضبوط لٺ هئي. ڳچيءَ ۾ قيمتي موتين جو هار، مٿي تي وڏو اڇو پٽڪو ۽ ڪارو جبو اوڍيل هوس، ڏاڙهي اڇي ۽ وڏي بزرگن جهڙي هيس. طليح انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن اشارو ڪري جعفر کي چيو تہ ابن صادق اهو آهي، جو ضرور ڪونہ ڪو فساد مچائيندو. ابن صادق، جعفر جي ويجهوئي اچي ويٺو ۽ سندس ساٿين کي بہ جتي جتي جاءِ سلي، اتي ويهي رهيا. ابن عامر انهن سيني جي ويهي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي تقرير هن ريت شروع ڪئي:-

اسلام جا شيدائيو-

دنيا ٨٠، ٩٠ ورهين کان اسان جو ۽ اسان جي ابن ڏاڏن جي شجاعت، غيرت ۽ ايماني قوت جو امتحان ڪندي اچي ٿي. انهيءَ وچ ۾ اسان دنيا جي وڏين کان وڏين حڪومتن سان مقابلا ڪيا ۽ ڪين جيتيو ۽ زماني جي ستڪبر ۽ جابر شهنشاهن کي ذليل شڪستون ڏنيون. اسان جو داستان انهيءَ ڏينهن کان شروع ٿيو آهي، جنهن ڏينهن کان ڪفر جي سوري طاقت پنهنجو سامان ڪٺو ڪري نوراني شمع کي وسائڻ لاءِ مدينتہ النبي جي پيش طرف وڌي رهي هئي ۽ اهي ٣١٣ متبرڪ انسان، جن پنهنجي جان ۽ مال بچائڻ مطلب تہ سڀڪجهہ پنهنجي خالق اڪبر ۽ سندس رسول پاڪ تان قربان لاءِ بدر جي ميدان تي نذر رکيو ۽ اِن اِلله اشتريٰ بن المومنين بالعسهم وآموالهم بان لهم الجنة جا پورا مصداق بنيا.

پاڻ کي نخل اسلام جي آبياريءَ لاءِ آقائي مدنيءَ جي چوڪيداري سپرد ڪرائي بيهي رهيا. ان وقت خداوند عالم سندس عرض اونايو ۽ کين عظيم الشان فتح نصيب ڪئي. انهيءَ برڪت پريءَ فتح کان پوءِ اهي خدا جا نيڪ بندا توحيد جا مشعل کڻي ڪفر جي اونده جي پٺيان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪاهي پيا. پر اجا بہ هن زمين جون ڪي ڏورانهيون ڪنڊون آهن، جتي اسلام جو چراغ اجا نہ پهتو آهي. اها سعادت توهان جي نصيب ۾ آيل آهي آهي ۽ توهان جو اهو فرض آهي تہ پنهنجي وڏن وانگر پنهنجي خالق ۽ سندس حسب پاڪ جو پيغام انهن پليل بندن تائين پهچايو جي اجا تائين ڪفر ۽ شرڪ جي انڌاريءَ ۾ ٺوڪرون ڏيئي رهيا آهن. اهوئي برڪت وارو قانون آهي. جنهن سبب دنيا ۾ امن قائم ٿي سگهي ٿو، جنهن سان ڪمزور بہ دنيا ۾ آرام سان ۽ بنا ڊپ رهي سگهي ٿو؛ جنهن جي رائج ٿيڻ سان مظلومن کي سندن ڦريل حق واپس ملڻ جي اميد آهي. تاريخ شاهد آهي تہ اڄ تائين دنيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جن طاقتن انهيءَ سڳوري پيغام جو مقابلو ڪيو آهي، سي نابود ٿي وييون آهن.

مسلمانو!

آءٌ حيران آهيان ته سنڌ جي راجا کي اسان جي غيرت ۽ شجاعت جي امتحان جي جرات ڪيئن ٿي؟ ڇا هو سمجهي ٿو ته مسلمان پنهنجي اندروني جنگين سبب اهڙو ڪمزور ٿي چڪا آهن، جو هو پنهنجي نياڻين جي بي عزتيءَ جو تماشو خاموشيءَ سان ويهي ڏسندا!

مجاهدو!

توهان کي خبر آهي ته نه رڳو سنڌ پر هندستان جي گوشي گوشي ۾ هزرادو خدائن کي پوڄيو وڃي ٿو. نه فقط پوڄيو وڃي ٿو، پر سندن اڳيان انسان جهڙي اشرف المخلوقات کي قربان ڪيو وڃي ٿو. هتي جي رهاڪن سان هڪ حصي جي زندگي نجس جانورن کان به خراب ۽ تنگ گذري ٿي.

هڪ خدا جا پوڄاريو!

اڄ، هند ۽ سنڌ جا مظلوم ۽ بيڪس شودر توهان کي پڪاري رهيا آهن. هنن کي برهمڻن جي ظلم ۽ ستم کان نجات ڏياريو. توهان جو وڙهڻ خاص خدا جي خوشنوديءَ لاءِ هئڻ گهرجي؛ نه ڪنهن انتقامي جذبه لاءِ. ڌنچ هميشه خدا جي نيڪ بندن جي آهي......

ابن عامر اڃا پنهنجي تقرير پوري ئي ڪانه ڪئي هئي ته ابن صادق ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ شر گذيل سٺي آواز ۾ پڪاري چوڻ لڳو ته:-

مؤمنو!

”آءٌ ابن عامر کي پنهنجو بزرگ ٿو سمجهان، سندس خلوص ۾ ڪنهن کي به شڪ ٿي نه ٿو سگهي، ليڪن افسوس هن ڳالهه جو آهي ته ههڙو نيڪ سيرت انسان به حجاج بن يوسف جهڙي هوس پرست جي هٿن ۾ رانديڪو بڻجي پيو آهي ۽ هن جي اشاري تي دنيا جي امن کي برباد ڪرڻ لاءِ توهان جي اڳيان جنگ جون تجويزون پيش ڪري رهيو آهي.“

بصره جا ماڻهو حجاج جي ظلمن سبب ڪانئس نفرت ڪندا هئا ۽ مدت کان ڪنهن اهڙي انسان جي تلاش ۾ هئا جو علي الاعلان

حجاج بن يوسف جي برخلاف ڪجهہ ڳالهائي سگهي؛ سي اهي لفظ ٻڌي حيرانيءَ مان ابن صادق ڏانهن نهارڻ لڳا. ابن عامر ڪجهہ ڳالهائڻ گهريو پر ابن صادق جي گهنڊ جهڙي آواز ۾ سندس ضعيف آواز دٻجي ويو. ابن صادق پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو تہ:-

ڀائرو!

حڪومت توهان کي انهيءَ لاءِ آياري رهي آهي، جو هن کي نئون ساڪن جي ضرورت آهي. هوءَ پنهنجي حڪومت کي وسيع ڪرڻ گهري ٿي، پر خيال ڪريو تہ انهيءَ مان توهان کي ڇا ٿو ملي؟ صرف غنيمت جي مال مان ڪجهہ. ليڪن ان جي عيوض جيڪو نقصان ٿئي ٿو، ان جو بہ ڪو خيال اٿوَ؟ ڪيترا هزار ڪونئر انهيءَ جنگ جي ڀيانڪ آگ ۾ جلندا، ڪيترا هزار معصوم ٻار يتيم ٿيندا؟ بيڪس ۽ بيوس ڪنواريون جن جي هٿن جي ميندي بہ اجا ڪين سڪي هوندي، جن دنيا جي خوشيءَ مان ڪجهہ ڪين حاصل ڪيو هوندو، سي بيوہ ٿي وينديون. انهن سڀني جي پرورش جو ٻار توهان تي ئي پوندو. مون ترڪستان ۾ پنهنجي هنن اکين سان توهان جي سوَها ڀائرن جي لاشن کي بي گور و ڪفن ميدان تي پيل ڏٺو آهي؛ زخمين کي ڦٿڪندو ۽ رڙيون ڪندو ڏٺو ۽ ٻڌو اٿم، جن کي پاڻي پيارڻ وارو بہ ڪونہ هوندو آهي. اهڙي عبرتناڪ حالتن ڏسڻ کان پوءِ هن چوڻ تي مجبور آهيان تہ، مسلم نوجوانن جو خون ايترو سستو بہ هئڻ گهرجي جو حجاج جي نالي جي شهرت لاءِ وهايو وڃي.

مجاهدو!

آءٌ جهاد جو مخالف نہ آهيان، ليڪن ايترو ضرور چوندس تہ شروعات ۾ جهاد جي اسان کي انهيءَ لاءِ ضرورت هئي جو اسين ڪمزور هئاسين ۽ ڪافر اسان کي نابود ڪرڻ لاءِ ڪوشان هئا، ليڪن هيئنر اسين ڌڻي جي مهربانيءَ سان طاقتور آهيون. اسان کي ڪنهن بہ دشمن جو ڊپ نہ آهي. هن وقت اسان کي خدا جي زمين کي امن جو گهر بڻائڻ کپي ۽ نہ دنيا جي امن کي درهم برهم ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهڻ کپي. جيڪي جنگيون هيستائين حجاج پنهنجي نالي ڪڍڻ لاءِ ڪرايون آهن، انهن جو جهاد سان ڪو واسطوئي ڪونهي.

اهي لفظ نہ هئا پر هٿوڙا هئا جي جماعتين جي ڪنن سان ٽڪرائجي دل ۽ دماغ تي غائب ٿي ويا. ابن عامر، ابن صادق جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقرير جي اثر وجائڻ جي خيال کان ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي، پر سندس لفظ چپن ۾ رهجيو ٿي ويا. آخر ابن صادق جڏهن ڏٺو ته هاڻي ميدان صاف آهي، تڏهن آخرين وار ڪيائين ۽ چيائين ته:-

بصره جا غيور مسلمانو!

سون کي هيءَ ڳالهه ٻڌائيندي شرم ٿو اچي ته ابن عامر جهڙو انسان به حجاج جي جاسوسن جي ٽوليءَ ۾ شامل آهي. انهيءَ فقري کي ٽيڪو وري سندس هڪ ساٿيءَ هيئن چوڻ سان ڏنو:-

”حجاج جي جاسوسن کي ٻاهر ڪڍو.“ ابن صادق جو هيءَ وار نهايت سخت لڳو. مسجد ۾ جتان ڪٿان اهو آواز اچڻ لڳو، ”حجاج جي جاسوسن کي ٻاهر ڪڍو.“ اهي ماڻهن جي ڪجهه وقت اڳي ابن عامر کي فرشتن کان به وڌيڪ عزت جو لائق سمجهي رهيا هئا، سي هينئر کيس شيطان کان به برو سمجهڻ لڳا. اها روئداد ابن عامر جي شاگردن کان سٺي نه ٿي. هڪ نوجوان پنهنجي استاد جي بي عزتي ٿيندو ڏسي هڪ ساٿيءَ کي ٺٺڙ هڻي ڪڍي، جنهن ته هيڪاري ٻاهه تي تيل جو ڪم ڏنو. بصره جا رهاڪو مسجد جي حرمت وساري پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا. محمد بن قاسم جو هٿ هر هر شمشير جي مٺ تي پيو ٿي، پر مسجد جي حرمت جي خيال ۽ استاد جي اشاري سبب چپ ڪري ويٺو رهيو. اهڙي نازڪ موقعي تي جعفر هجوم کي چيريندو منبر جي طرف وڌيو ۽ نيٺ منبر تي ويهي بلند آواز سان قرآن شريف پڙهڻ شروع ڪيائين. جعفر جي قرات تي بصره جا رهاڪو عاشق هوندا هئا، سي جيڪو جتي هو، اتي چپ ڪري ويهي رهيو. ابن صادق جنهن جلسه کي ناڪام بنائي ڇڏيو هو. تنهن پنهنجي محنت اجائي ويندي ڏسي وري به گوڙ ڪرڻ گهريو، پر قرآن جي تلاوت جيڪو جادو جماعتين تي ڪيو هو، سو ڏسي پنهنجي جان جي ڊپ کان ماٺ ۾ رهيو. جعفر جڏهن ڏٺو ته هاڻي چپ ٿي ويئي آهي، تڏهن تقرير ڪرڻ شروع ڪيائين:-

بصره جا بدبخت انسانو!

خدا جي غضب کان ڊڄو ۽ ڏسو ته توهين ڪٿي بيٺا آهيو ۽ ڇا پيو ڪريو؟ افسوس! جن مسجدن ٺاهڻ لاءِ توهان جا وڏا خون پسينو هڪ ڪري ڇڏيندا هئا. اڄ توهين انهن جو اولاد ٿي انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيءَ جاءِ ۾ داخل ٿي فتني ۽ فساد برپا ڪرڻ کان باز نه ٿا اچو!" جعفر جا اهي لفظ وچ وانگر ماڻهن جي اکين ۽ ڪنن مان گهڙي دلين ۾ پيوست ٿي ويا ۽ اهڙي چپ چاپ لڳي ويئي جو سُئي ڪري ته به آواز ٻڌجي. اڳتي هلندي آواز ڪي ذرا مغموم بڻائي چيائين ته "هيءَ جاءِ آهي، جتي توهان جا وڏا داخل ٿيندي ئي خدا جي خوف کان ڏڪندا هئا. هتي اچي هو دنيا جي پليتين کان پاڪ ۽ صاف ٿيندا هئا، پر ارسان جي ڳالهه آهي جو اوهين اهڙن بزرگن جو اولاد ٿي ڪري، هن ئي مقدس جاءِ ۾ فساد ڌا ڪريو. مون کي حيرت ٿي وئي ته توهان جي ذهنيت ۾ اهڙو انقلاب ڪيئن آيو؟ مون کي ويساهه ئي نه ٿو اچي ته ڪو توهان جو ايمان اهڙو ڪمزور ٿي ويو آهي جو پنهنجي وڏن جو رستو ڇڏي خدا جي گهر جي عزت، پاڪائي ۽ وڏائيءَ قائم رکڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ کان اوهان ڪوتاهي ڪندا! توهين خدا ۽ ان جي رسول صم جي عاشقن جو اولاد آهيو، جن هميشه پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو رت ڪلمه خداونديءَ جي بلند ڪرڻ لاءِ زمين تي ڇٽڪاريو. ڇا اهڙن بزرگن جو اولاد ٿي ڪري توهين اج اهڙا ذليل ٿي پيا آهيو جو خدا جي دشمنن کي چئلينج ڪرڻ تي به توهان جو خون گرم نه ٿو ٿئي. ڇا؟ توهان کي هڪ ڏينهن انهيءَ خالق اڪبر جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو نه آهي ڇا؟ ڇا اوهان کي پنهنجي بزرگن سان ملاقات ڪرڻي نه آهي؟ شايد توهان کي اهو خيال آهي ته هيءَ زندگي هميشه جي رهڻ واري آهي! ليڪن اهو خيال باطل آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته اوهين اهڙا بزدل نه ٿيا آهيو، ليڪن توهان شيرن کي رڍ بڻائڻ واري ڪا بي هستي آهي." هيءُ جملو ابن صادق جي دل ۾ نشتر وانگر چڀي ويو. ماڻهو سندس منهن ڏانهن نهارڻ لڳا. هن چالاڪ گدڙ پنهنجو اثر ويندو ڏسي وري به هڪ جملو ڦهڪائي ڏنو ته :-

پاڙرو!

"هيءُ به حجاج جو جاسوس آهي. هن کي هڪالي ٻاهر ڪڍيو."

اجا به وڏيڪ ڪجهه چوي ها پر جعفر ڪاوڙ ۾ پرجي گوڙ جهڙي آواز ۾ چيو ته "آءٌ حجاج جو جاسوس هجان نه ڪٿي هجان، پر ياد رکو اسلام جو باغي ۽ قوم جو غدار نه آهيان.

اي بصري جا بد بخت رهاڪو! اوهان هن ماڻهوءَ جي واتان پنهنجي ڪنن سان ٻڌو ته ڇپائين ته اسان کي جهاد جي ضرورت ان وقت هئي جڏهن اسين ڪمزور هئاسين، تڏهن به توهان جو خون جوش ۾ نه آيو! توهان مان ڪنهن به نه سوچيو ته ٽرن اول جا مسلمان ڪمزور هئا ڇا؟ ڇا، ان وقت جو هر مسلمان طاقت، صبر ۽ استقلال ۾ اسان کان ڪيئن ڀيرا زياده نه هو؟ هو ڇا هئا ۽ ڇا ڪري ويا؟ توهان کي خبر آهي ته انهن جا ساٿي ڪير هئا؟ صديق اڪبر جي صداقت، فاروق اعظم جي جلالت، ذوالنورين جي غنا، حيدر ڪرار جي شجاعت ۽ سڀ کان وڌيڪ زمين و آسمان جي مالڪ جي محبوب رسول انامؐ جون دعائون، انهن سان شامل هيون. هو گهرن ها ته گهڙيءَ ۾ ڇا مان ڇا ڪري ڇڏين ها. توهان کي ياد آهي ته جڏهن ٣١٣ قدسي انسانن ڪفر ۽ اسلام جي پهرين جنگ ۾ نڪتا هئا، تڏهن سرور ڪائنات فرمايو هو ته اڄ سڄو اسلام ساري ڪفر جي مقابلي ۾ نڪتو آهي. ليڪن اڄ اوهان جي سامهون هڪڙو ذليل انسان چئي رهيو آهي ته پهرين وقت جا مسلمان ڪمزور هئا. نعوذ با لله منها!“

جعفر جي تقرير جا لفظ ماڻهن جي دلين ۽ دماغ تي ڇانئجي ويا ۽ ڪنهن جوشيلي جوان الله اڪبر جو نعرو هنيو ۽ ٻين به سندس سرُ جهلايو. سڄي مسجد الله اڪبر جي نعرن سان گونججي وئي. هن وقت سڀئي حاضرين، ابن صادق ڏانهن تکين نظرن سان ڏسي رهيا هئا ۽ ڇپن ۾ پٽ پٽ ڪري مٿس ملامت ڪري رهيا هئا. جعفر اڳتي تقرير ڪندي چيو ته:-

دوستو ۽ بزرگو!

خدا جي راهه ۾ جان و مال ۽ دنيا جون آسائشون قربان ڪندڙ مجاهدن تي ملڪ گيري ۽ دنوي مال جي حرص ۽ لالچ جو بهتان ٻڌڻ نا انصافي آهي. جيڪڏهن انهن ماڻهن کي ملڪگيريءَ جي لالچ هجي ها ته لکن جي مقابلي ۾ آگرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو ڪيئن وڃن ها. حڪومت جا بکيا هجن ها ته مفتوح قومن کي برابريءَ وارو درجو ڪيئن ڏين ها؟ اڄ به اسان مان هرهڪ مجاهد شهادت جي نيت سان ئي جهاد تي وڃي ٿو ۽ نه مال غنيمت جي لالچ ۾. مجاهد جي دل دنيا جي گندگين کان پاڪ آهي؛ ليڪن خدا جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهه ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ واري مجاهد لاءِ قدرت دنيا جا دروازا کولي ڇڏيا آهن.

منهنجا محترم ڀائرو!

ڇا هيءَ ڳالهه توهان کان لڪل آهي ته اسلام ۾ شروع کان وٺي صديق اڪبر رضه جي صداقت ۽ عبدالله ابن ابي جي منافقت گڏوگڏ هلنديون اچن ٿيون. صديق رضه جي پيروي ڪرڻ وارا هميشه خدا ۽ ان جي حبيب پاڪ صه جي خوشنوديءَ لاءِ قصر اسلام کي مضبوط ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا رهن ٿا ۽ عبدالله ابن ابي جا جاءِ نشين انهن ڪوشش کي ناڪام ڪرڻ لاءِ رٿڻ ۾ مشغول هوندا آهن. ليڪن نتيجو جيڪو نڪري ٿو سو ڪنهن کان به لڪل ڪونهي؛ خاص ڪري هيڙن (ابن صادق ڏانهن اشارو ڪري) عبدالله جي مريدن لاءِ ته عيان آهي.

ابن صادق جي حالت اهڙي هئي جهڙي انهيءَ لومڙيءَ جي جنهن کي چؤڌاري ڪتا ڦري ايندا آهن. هن کي يقين ٿي ويو ته هن جادو بيان نؤجوان، جيڪڏهن اجا به تقرير جاري رکي ته مجمع جي ڪاوڙ کيس سڪل ڪاٺين وانگر جلائي ڇڏيندي. ان ڪري هيڏانهن هوڏانهن واڙن وانگر نهارڻ لڳو. سندس تکي نظر تاڙي ورتو ته ساٿين جون نگاهون مٽس آهن، سو آهستي آهستي کسڪڻ لڳو.

کيس ويندو ڏسي هڪ گرم مزاج نؤجوان بلند آواز سان چيو ته ”اهو منافق ٿو وڃي، وٺوس.“ بس پوءِ ته مسجد ۾ چوڌاري ”منافق“ ۽ ”وٺوس“ اهي ٻه لفظ هئا، ٻيو ڪجهه به ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. ڪيترا جوشيلا جؤان ڦري آيس، ڪنهن لت پئي ڦهڪايس ڪنهن مڪ پئي هنيس ته ڪنهن ڏڦڙ پئي پيڙيس. سندس ساٿين گهڻئي ڪوشش ڪئي ته باعزت ڪيئي وڃونس، پر بگڙيل هجوم سان پڄي ڪين سگهيا. محمد بن قاسم ۽ ابن عامر جي ڪوشش سان هجوم ڏڏو ٿيو ۽ هيءَ منوسوي لباس ۾ قارون، ”پتڪو لٿو عزت بچي“ جي مصداق جند ڇڏائي وٺي ڀڳو. سندس جماعت جا به سڀ ساٿهو آهستي آهستي ڪري اٿي ويا. ساٿين وري به جعفر کي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو، جنهن پنهنجي تقرير هن طرح شروع ڪئي:-

”هن دنيا ۾ هر شيءِ کي پنهنجي هستي برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. ساڳيءَ طرح هر مسلمان لاءِ به جهاد هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص فرض آهي. دنيا کي امن ۽ پناهه جي جاءِ بڻائڻ لاءِ ڪفر جي آتش ڪده کي ٺنڊو رکڻ ضروري آهي. اڄ کان تيرهن سؤ ورهيه اڳي نبي عربيءَ صلي الله عليه و سلم، ڪفر جي فتني کي دٻائڻ ۽ ظلم کي ناس ڪرڻ لاءِ پنهنجي تلوار مياڻ مان ٻاهر ڪڍي هئي. خدا جو قسم، جيستائين ظلم جي وڻ جي ذري جيتري پاڙ يا ڪفر جي فتني جي چڻنگ باقي رهيل هوندي، تيستائين اسان جون تلوارون مياڻن کان ٻاهر هونديون. ائين چوندي جعفر پنهنجي تلوار مياڻ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي. ڪيس ڏسندي مسجد ۾ ويٺل ٽن هزارن نوجوانن ”الله اڪبر“ جي فلڪ شگاف نعرن جي وچ ۾ پنهنجون تلوارون به مياڻن مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيون. جعفر تلوار هوا ۾ ڦيرائيندي چيو ته مجاهدو، خدا جي تلوار آهي. جو سِرُ سندس اڳيان تڪبر سان ڪڇندو سو زمين تي ڪرندو. سنڌ جي مغرور راجا، اسان جي تلوار جي ڌار ۽ تيزيءَ جي آزمائش وٺڻ تي سنبريو آهي. اٿو ۽ ثابت ڪريو ته توهان ۾ به انهن مجاهدن جو خون آهي، جن يرموڪ ۽ قادسيه جي ميدان تي اهڙن متڪبر بادشاهن جون اميدون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيون هيون. راجا ڏاهر کي به ثابت ڪري ڏيکاريو ته اهو خون اڃا ٿڌو نه ٿيو آهي. هڪ طرف خداوندڪريم توهان جي غيرت جو امتحان وٺڻ گهري ٿي.

(٣)

جمع ڏينهن جعفر جي تقرير ڪيس بصري جي ڪند ڪڙڇ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو هو. نوجوانن ۾ ته هو اڳيئي محبوب هو، پر هن ليڪچر ڪيس پيرسنن جو به پيارو بڻائي ڇڏيو. جلسه ختم ٿيڻ کان پوءِ محمد بن قاسم پاڪر پاڻي سانس مليو. اهڙيءَ ته محبت سان مليس جو پاڻ ته ورهين کان پوءِ مليا هئا. خوش خيروعافيت کان پوءِ پاڻ سان گڏي پنهنجي جاءِ تي وٺي ويو. رات جو ابن عامر، سعيد ۽ شهر جا معزز به اچي اتي گڏ ٿيا. هرهڪ جي زبان تي جعفر جي جرات ۽ دليريءَ جي ساراهه هئي. سعيد پنهنجي نوجوان پاٽيجي جي ڏسڻ سان ئي نه ٿي ڍاپو. ڏاڍو خوش پئي ٿيو ۽ دل ئي دل ۾ کيس دعائون ڪندو رهيو. مسجد ۾ به سندس دل وڌائڻ لاءِ سڀ کان اول پنهنجو نالو ڏنو هئائين. ابن عامر سندس انهيءَ قدم جي مخالفت ڪئي ۽ چيائين ته مدرسه ۾ تنهنجي سخت ضرورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر محمد بن قاسم هر هڪ ريجمينٽ جي اڳواڻيءَ لاءِ هڪ تجربه ڪار سپه سالار جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ ڪانئس سعيد جي بانهن گهري ورتي. جعفر جيتوڻيڪ وينو انهيءَ مجلس ۾ هو پر سندس دل ۾ ڪئين طوفان هئا. پاڻ ابن عامر خواهه ٻين جي گفتگو ۾ ڪابه دلچسپي ڪانه ٿي ورتائين. ڪجھ وقت ڪان پوءِ انهيءَ مجلس ۾ هڪ پوڙهو شهري به اچي شامل ٿيو. سندس سٿو ته سڄو سفيد هو، پر پيرون به اچا ٿي ويا هئس. هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ٻئي هٿ ۾ هڪ ننڍي هر ڪٽي آيو هو. سندس منهن تي ڪيترن ئي پراڻن ڦٽن جا نشان هئا، جن مان ظاهر هو ته ڪنهن زماني ۾ داد شجاعت ڏنو اٿس. ابن عامر کيس ڏسي اٿيو ۽ اڳيان وڌي عزت سان ملِيس ۽ کيڪاري آڻي پنهنجي پر ۾ وهاريائينس. پوڙهي ڏڪندڙ ۽ ضعيف آواز ۾ چيو ته توهان لاءِ مڪتب ۾ به ويو هوس جتان هتي جو ڏس مليو. نيٺ اچي هتي توهان کي مليو آهيان.

ابن عامر- توهان ڏاڍي تڪليف ڪئي آهي. ڪارخدمت هجي حاضر آهيان.

پوڙهو- مون پاڙي مان اچوکي مسجد واري جلسي جي خبر پڌي. هتي منهنجي دل ۾ انهيءَ نوجوان جي ڏسڻ جي تمنا ٿي جنهن جي همت جا گيت اڄ بصري جي گهر گهر ۾ ڳايا وڃن ٿا. مون ٻڌو آهي. اهو عبدالرحمان جو پٽ آهي. عبدالرحمان جو پيءَ منهنجو سچو دوست هو. ڪيترين ئي لڙاين ۾ اسين گڏ لڙيا هئاسين، توهان کي اهو چوڪرو ملي ته هي به ٿي شيون کيس ڏجو. ائين چئي پوڙهي، اها هڙ کولي ۽ چيائين ته ٽيون ڏينهن ترڪستان مان نياپو آيو ته عبيده شهيد ٿي ويو......

ابن عامر- عبيده! توهانجو نوجوان پوٽو عبيده! انا لله وانا اليه راجعون.

پوڙهو- هائو منهنجو پوٽو. هيءَ تلوار ۽ زره اجايو گهر ۾ پيون آهن. منهنجي ڪٽنب ۾ هنن جو حق ادا ڪرڻ وارو ڪوئي ڪونه رهيو آهي. انهيءَ لاءِ منهنجي دل گهريو ته هي شيون ڪنهن مجاهد کي سوکڙيءَ طور ڏيان.

ابن عامر- جعفر ڏانهن نهاريو جو مطلب سمجهي پوڙهي ڏانهن رڙهي آيو ۽ سائس هٿ ملائي پنهنجي مجاٺپ ڪرايائيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙهي دعائن ڪندي ڪيس مجاهدانه تحفو عنايت ڪيو. آڌيءَ رات ڌاري هيءَ مجلس پوري ٿي. محمد بن قاسم جي زور ڀرڻ تي سعيد، جعفر ڪي اتي ئي رهي پوڻ لاءِ اجازت ڏني ابن عاسر ۽ سعيد کي اماڻڻ جي لاءِ محمد بن قاسم ۽ جعفر ساڻن گڏ ٻاهر آيا. سعيد کي اچڻ تائين جعفر کان گهر جي خيروعافيت پڇڻ جو سوکو ڪونه مليو هو، سو هلندي پيڻ ۽ ڪلثوم جي چڱيڀلائيءَ بابت پڇيائيس. جعفر کيسي ۾ هٿ وجهي چٺي هٿ ۾ جهلي، پر وري به ڪجهه سوچي چڙي ڏنائين ۽ چيائين ته ماسا سائين! گهر ۾ سڀ خيريت آهي. اسڙ توهان کي سلام دعائون تي ڏنيون.

سڄي رات جعفر کي ننڊ ڪانه آئي. جيڪڏهين ڪا اک لڳس ٿي ته به عجيب عجيب خواب ڏسي رهيو هو. ٻئي ڏينهن فوج جي هڪ دستي جي سالار جي حيثيت ۾ جعفر سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. سنڌ هرهڪ پير جو اڳتي وڌيو پئي، سو سنڌس دل جي سيني تمنائن کي لتاڙي پئي ويو. ڪجهه پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪ اوچي ڏڙي تان لنگهڻو پيس، جتان جعفر کي پنهنجو ڳوٺ ڪجين جي ڏگهن ڏگهن وڻن جي وچان چٽو پئي ڏسڻ ۾ آيو. سنڌس اسيدن جو بر ڪز ان ڏڙي کان فقط ٣ يا ٣ ميل پري هو. دل ۾ خيال ڪيائين ته گهوڙي کي ڊوڙائي هڪ دفعو انهيءَ زمين جي حور کان موڪلائي اچان، پر وري مجاهدانه ضمير روڪيس. کيسي مان خط ڪڍي هڪ ڀيڙو پڙهيائين. ڳوٺ جي ڪجن جي چوٽين تي الوداعي نظر وجهي وري به خط کيسي ۾ وجهي اڳتي روانو ٿيو.

(٣)

عبدالله ۽ جعفر جي پوئين گفتگو ٻڌڻ کان پوءِ ڪلثوم جي خوشيءَ جو اندازو لڳائڻ مشڪل هو. هن جا پير زمين کان سٽي پئي هليا. هن جو روح خوشيءَ وچان ستين آسمان تي پئي نچيو. هوءَ هنڌ تي پوندي پوندي تارن سان گڏ رقص ڪري رهي هئي. جيتوڻيڪ سڄي رات جاڳي هئي ته به سنهن تي اداسائيءَ جو ذرو به ڪونه هوس. مايوسيءَ جي باهه ۾ پچڻ کان پوءِ اميد جو گل ٽڙيو هو: جو ڪريم جو سڀ کان وڏو احسان هو. اجوڪو سڄو ڏينهن اک چنبي ۾ گذري ويو ۽ رات به سڙي جي ننڊ آيس ٻيو ڏينهن به ڪلثوم، اينڌڙ شام جي خوشيءَ ۾ نهايت ئي خوش گذرايوا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشڪ اهو ڏينهن سندس زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ٻي انتها خوشيءَ جو ڏينهن هو. ڪلثوم جي مسرت جي گلاب ۾ ڪو خار هو ته صرف اهو جو سندس خوشي عبدالله جي سبهان هئي؛ تنهنڪري جڏهن ٻه عبدالله سنهن ساسهون آيس ٿي ته ڪجهه شرم حيا ۽ شڪرگذاريءَ جي خيال کان جهڪي ٿي ويس. سڄو ڏينهن رات انهيءَ فڪر ۾ هئي ته عبدالله جي اها قرباني فقط جعفر لاءِ ڪانهي، پر سنهنجي لاءِ پڻ آهي. ڪيترو نه عبدالله جي دل ۾ صدسو پهتو هوندو! انهيءَ سڀ ڳالهه جو بنياد فقط آءٌ آهيان. آءٌ هنن جي گهر ۾ ڇو نپنس ۽ جعفر سان سنهنجي ايتري محبت ڇو ٿي؟ وغيره وغيره.

شام جو اسيد ۾ هر لحظه سڄ ڏانهن نهاري رهي هئي ته اجا لئو ڪونهي. اهو ڏينهن ڏاڍي انتظار ۾ لٿس. سڄ لٿو رات آئي، پر جعفر ڪونه آيو. رات جي ڪاري چادر تي ستارن لما سوتي جڳمڳ ڪرڻ لڳا. ڪلثوم ويچاري سڄي رات پاسا ورائيندي گذاري. صبح جو وري ٻه نئين اسيد دل ڏاري آئي. اهو ڏينهن به ڏاڍيءَ بيآراميءَ ۾ گذريس پر جعفر ڪي اچڻو هو نه آيو. رات به اڪين ۾ گذري ويئي. سڄ ايرهو پر ڪلثوم جي اسيد جو ڪرڻو ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. شام جو ڪلثوم گهر سان اڪري واريءَ جي دڙن تي بيهي بصره کان ايندڙ رستي ڏانهن واجهائي رهي هئي. جڏهن به پري کان ڪجهه اڏاسندي ڏٺائين ٿي ته ڪيس جعفر جي اچڻ جي اسيد جاڳي ٿي. پر سوار جي ويجهي اچڻ تي تڏو شوڪارو پري چپ تي ٿي ويئي. سڄ لٿي جو نظارو ڪهڙو نه دل کي پٽي وٺيو! ڌنار پنهنجا ڌڻ چاري پياري واپس وٺي پٽي آيا. ٻڪرين ۽ ڳانين جي ٻچين ۾ ٻڌل ٽلين ۽ گهنڊلين جي واجي سڄي سيدان کي ٻرائي ڇڏيو هو. وڻن تي پکي ويهي پنهنجي ذات وارن کي واپس اچڻ لاءِ آواز ڪري رهيا هئا. اهڙي سهاني سمَي ۾ ڪلثوم سڀ ڪجهه ٻلجي، ڪنهن اونهي خيال ۾ غلطان هئي، اوچتو ڇڪ جو آواز پنهنجي پنيان ٻڌائين، جنهن تي ڇرڪ ڀري جاڳي پيئي. پنيان نهاري ته عبدالله بيٺو آهي. لڄ وچان ٻيٽي ٿي ويئي. عبدالله چوس ته ڪلثوم! هيءَ وقت گهر سوڻ جو آهي. جعفر اسيد ته جلد اچي ويندو. بصره ۾ وڏا وڏا سائهو جعفر جا واقف آهن. شايد انهن ڪيس ترساني ڇڏيو آهي. ڪلثوم چپ چاپ گهر رواني ٿي. ٻئي ڏينهن بصره کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيل هڪ ساٿيءَ عبدالله کي سعيد جو نياپو ڏنو ته جعفر سنڌ ڏانهن لشڪر سان گڏ روانو ٿي ويو آهي. انهيءَ نياپي عبدالله، حليمه ۽ ڪلثوم جي دل ۾ طرحين طرحين جا خيال اڀاريا. حليمه ۽ عبدالله جو خيال هو ته جعفر جي غيرت، پاڻ جو ٿورو ڪڏهن قبول نه ڪيو، پر ڪلثوم جو خيال وچان ٿي ٻيو هو. عبدالله جي انهن اکرن تي ته "بصره ۾ وڏا وڏا ساٿهو جعفر جا واقف آهن." ڪلثوم جي دل ۾ ڪئين شڪ جاڳيا. خيال ڪيائين ته جعفر نوجوان آهي، حسين آهي، بهادر ۽ جرات وارو آهي ۽ سندس آواز ۾ جادو آهي. ڪير نه اهڙي انسان سان ساٿي ٿيڻ چاهيندو! بصره ۾ ڪيئن عالي نسب، تهذيب يافته ۽ خوبصورت ڇوڪريون هونديون، جن جعفر جي حسن ۽ پهلوانيءَ جي هاڪ ٻڌي هوندي ۽ جن ساڻس سڱ ڪرڻ لاءِ سعيي ۾ هونديون. آخر سون ۾ ڇا آهي جو ههڙو خوبصورت نوجوان، سون جهڙي لاءِ ايتري قرباني ڪندو. جيڪڏهن ڪيس جهاد تي وڃڻو هو ته ڪيس انهيءَ نيڪ ڪم ڪان ڪنهن ٿي روڪيو؟ ڇا سوڪلائيءَ جا ٻه اکر به سون کي چئي نه ٿي سگهيو. شايد ڪالهه جيڪو لشڪر هتان پئي ويو، انهيءَ ۾ پاڻ به هجي. پنڌ ڪيترو هو: گهوڙي کي تڪو هڪلي اچي ها ته وري ٻه رات ڪان اڳي وڃي پنهنجي ساٿين سان ملي ها. شايد هيستائين جيڪا سون سان رغبت هيس، سا فقط انهيءَ ڪري جو آءٌ يتيم ٿي سندن در تي پلي هيس... پر نه اهين ٿي نه ٿو سگهي. جعفر سنهنجو ۽ فقط سنهنجو ٿي آهي. هو سون کي ڌوڪو ڏيئي نه ٿو سگهي. پر جيڪڏهن ڪٿي اهين به هجي ته به سون کي گلا ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي! اهين پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وڃي کٽ تي پئجي رهي ۽ وهاڻي ۾ سنهن لڪائي دل ٿي دل ۾ روئي رهي هئي.

(۴)

جنهن وقت جو هيءُ قصو آهي، ان زماني ۾ ديبل سنڌ جو مشهور بندر ۽ شهر هو. شهر جي پناهه اهڙي ته مضبوط هئي جو سنڌ جي راجا ڏاهر جو نائب فوج ۽ رعيت سميت دروازا بند ڪري اندر ويهي رهيو. محمد بن قاسم به شهر جو گهيرو ڪري ويٺو رهيو. البت ڪڏهن ڪڏهن منجنيقن سان شهر جي ڀتين ۽ سندر تي پٿر هڻندو هو. هڪڙي ڏينهن شهر سان هڪڙو ٻڍو پنڊت مسلمانن

جي ڪئمپ ۾ آيو ۽ محمد بن قاسم کي صلاح ڏنائين ته ساموهون مندر جي چوٽيءَ تي جيڪو ڦرندڙ جهنڊو آهي، اهو جيستائين نه ڪرندو تيستائين قلعو ۽ شهر توهين فتح ڪري ڪين سگهندا. محمد بن قاسم پنڊت جي شڪرگذاري ڪئي ۽ توبچين کي حڪم ڪيائين ته يڪدم انهيءَ مندر جي چوٽي ڏاهي وجهو. مندر ڊهڻ شرط هندو هراسجي ٻاهر نڪري آيا، پر مسلمانن جي اڳيان بيهي نه سگهيا ۽ شهر مسلمانن جي اڳيان بيهي نه سگهيا ۽ شهر مسلمانن جي قبضي ۾ اچي ويو. ديبل جي فتح کان پوءِ محمد بن قاسم نيرون ڏانهن وڌيو. نيرون جو نائب رات وچ ۾ لڪي ڀڄي ويو. شهر وارن آڻ مڃي، شهر ۽ قلعي جو مسلمانن کي ڏيئي ڇڏيو. اتان وري محمد بن قاسم، بروچ سيوستان ۽ ٻيا ننڍا ننڍا قلعا ۽ شهر فتح ڪندو، الور جي ساموهون اچي منزل انداز ٿيو، جتي سنڌ جو راجا هندستان جي مختلف راجائن کان مدد وٺي، شاهي فوج ۽ هاٿين جي وڏي ٽولي سان اڳيئي تيار ويٺو هو. وچ ۾ فقط سنڌو ندي هئي. ڪجهه وقت جي انتظار بعد آخر محمد بن قاسم درياءَ تي ٻيڙين جي پُل ٻڌائي ٻئي طرف ويو. هندن جي لشڪر اڳيان اڍائي سؤ هاٿي هئا، جن کي ڏسي مسلمانن جا گهوڙا ٿهڻ لڳا. محمد بن قاسم حڪم ڪيو ته هاٿين تي تيراندازي ڪئي وڃي. پاڻ اڳتي وڌي جيڪو هاٿي سڀني جي اڳيان هو، تنهن جي سونڊ ترار سان ڪپي وڌائين. هاٿي چينگهندو اڳتي وڌڻ جي بدران پٺتي هٽيو. ڪيس پٺتي هٽندو ڏسي، ٻيا هاٿي جن سان ڪيترا تيرن لڳڻ سبب ڦٽجي پيا هئا، سي ٻڻ پٺيانس ڀڄڻ لڳا. ڀڄندي ڀڄندي، پنهنجي لشڪر کي لتاڙي وڃي پار پيا. هاٿين جي ڀاڄ سبب هندو لشڪر ۾ ڦڙ ڦوٽ پئجي ويئي. اهو چڱو موقعو سمجهي محمد بن قاسم پنهنجي لشڪر کي اهڙيءَ طرح ٻيهاريو، جو هندن جو سڄو لشڪر گهيري ۾ اچي ويو. ڪي مئا، ڪي ڀڳا پر تہ به جيئن ته سندن لشڪر تمام گهڻو هو، راجا ڏاهر پنهنجي خاص فوج کي آياري، جوش ڏياري اڳتي آيو. مسلمانن جو منهن به هاٿي سڌو ڏانهس ٿيو. سعيد صفن کي چيري راجا تي حملو ڪيو. هندو جانباز پنهنجي راجا جي اهڙي بي عزتي سهي ڪين سگهيا. سي سعيد ۽ سندس سٺ جيترن سائين کي وڪوڙي ويا. راجا ڏاهر هڪ زبردست سفيد هاٿيءَ تي سوني پالڪيءَ ۾ سوار هو. سندس ٻنهي پاسن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه نهايت خوبصورت عورتون ويٺل هيون. راجا جي اڳيان ٻئي هاٿيءَ تي ڪجهه پوڄاري هڪ بت جي پوڄا پاٺ ۾ مشغول هئا. جعفر جي تيرن انهن پوڄارين مان ڪن کي ڦٽي ڪيرائي وڌو. باقي پنڊت پنهنجي ساٿين جي حالت ڏسي بت کي ميدان جنگ ۾ ڪيرائي وڃي ڪٿي سکي ٿيا. هاڻي جعفر پنهنجي ساٿي جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊڪڻ لڳو، پر ڪٿي به نظر ڪونه آيس. اوچتو سعيد جو خالي گهوڙو ڏٺائين جو ميدان جنگ ۾ چوطرف ڊوڙي پنهنجي سوار جي تلاش ۾ مشغول هو. جعفر هڪ طرف لاشن جو ڍير ڏسي اوڏانهن روانو ٿيو. ڏٺائين ته سندس ساٿي دشمن جي لاشن جي ڍڳ تي منهن ڀر ڪريو پيو آهي. يڪدم گهوڙي تان لهي ساٿي جو سر ڪڍي پنهنجي جهول تي رکيائين، پر ڏسڻ ۾ آيس ته سندس مجاهد ساٿي بهشت برين ۾ جاگهرين ٿي چڪو هو. انا لله و انا اليه راجعون پڙهي ساٿي جو لاش ڪنهن حفاظت واريءَ جاءِ تي رکي، ڪاوڙ ۾ ڀرجي راجا تي حملو آور ٿيو. سندس پهرئين ئي تير راجا کي پالڪيءَ ۾ ليٽائي رکيو. ميدان جنگ ۾ راجا جي قتل ٿيڻ جو گوڙ مچي ويو. سنڌي جي اڳيئي بزدل ٿيا بيٺا هئا، سي نيم بسمل راجا کي بي شمار لاشن سميت دشمن جي حوالي ڪري وٺي ڀڳا. ڪي الور جي قلعي ۾ ويا ته ڪن وڃي برهمڻ آباد ۾ دم پٽيو. جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ، مسلمان پنهنجي زخمين جي سار پٽيءَ ۽ لاشن دفنائڻ ۾ مشغول ٿي ويا. سعيد جي لاش تي چاليهن کان وڌيڪ ڌڪن جا نشان هئا. جڏهن کيس لحد ۾ لاٿو ويو، تڏهن جعفر کيسي مان پاءُ وارو خط ڪڍي قبر ۾ ڦٽو ڪيو. محمد بن قاسم حيران ٿي پڇيو ته هيءُ ڇا آهي؟ جعفر ڏکويل آواز ۾ چيو ته ادي جو خط آهي جو مون کي ساٿي کي پهچائڻ لاءِ ڏنو ويو هو، پر قدرت کي اهو منظور نه هو ته ڪو آئون جيئري ساٿي کي پهچايان. محمد بن قاسم جعفر کان سوڪلائي چٺي قبر مان ٻاهر ڪڍي پڙهي، واپس جعفر کي ڏني ۽ چيائينس ته دوست شهيدن جو شان دنيا جي ڏيتيءَ ليتيءَ کان گهڻو مٿي آهي؛ تنهنڪري هاڻي هيءَ چٺي پاڻ وٽ قابو رک. محمد بن قاسم کان هنن ٻنهي ڀائرن جي ڪابه ڳالهه ڳجهي ڪانه هئي. جعفر لاءِ عبدالله جو ايثار ۽ جعفر جي خدا جي راهه ۾ هيڏي قرباني ڏسي، سندس دل ۾ ٻنهي ڀائرن لاءِ عقيدت پيدا ٿي. رات جو سمهڻ کان ٿورو اڳ محمد بن قاسم جعفر کي چيو ته منهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال آهي ته توکي بصره موڪليون ته اتي وڃي فوجي ڀرتيءَ لاءِ پروپئگنڊا ڪرين. واٽ تان پنهنجي گهران به ٿيندو وڃ، ته تنهنجي عزيزن کي تسلي ٿئي. جعفر جواب ڏنو ته جهادڪان وڌيڪ سانت ڪونهن هنن کي ضرور خبر پئي هوندي وڌيڪ تسلي جو ڪهڙو ضرور آهي؟ باقي رهيو فوجي ڀرتيءَ جو سوال. اچوڪيءَ جنگ سان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جي فتح لاءِ ٻيءَ فوج جو ضرور ڪونه آهي.

محمد بن قاسم ــ منهنجو ارادو فقط سنڌ جي فتح تي قناعت ڪري ويهڻ نه آهي. هن وقت اسان جي اڳيان هندستان جهڙو وسيع ملڪ آهي، تنهنڪري توکي ضرور وڃڻو پوندو.

جعفر ــ سپاهيءَ جي حيثيت ۾ توهان جو حڪم مڃڻ مون تي فرض آهي باقي دوست جي حيثيت ۾ توهان جو اهو احسان غير ضروري آهي.

محمد بن قاسم ــ دوست! هن ۾ احسان جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟

جعفر ــ توهين مون کي بصره جي بهاني گهر موڪلڻ سوڇيو ڏيو ٿا، جنهن کي ٿي آءٌ احسان ٿو سمجهان.

محمد بن قاسم ــ پر جڏهن تنهنجو هتي رهڻ ضروري نه آهي ۽ بصره وڃي تون هتي رهڻ کان بهتر ڪم ڪندين، تڏهين منهنجي خيال ۾ ائين سنو آهي. توکي سڀاڻي صبح جو روانو ٿي وڃڻ گهرجي. هتي باقي رهيو ڇا آهي. برهمن آباد کي فتح ڪرڻ اسان جي لاءِ ٻارالو کيل آهي. ننڍين وڏين رياستن کي تابع ڪرڻ ۾ ڪا به تڪليف نه ٿيندي. ايتري وقت اندر تون به اچي ويندين. جيڪي سپاهي ساڻ آڻيندين، سي ملتان فتح ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪافي مدد ڏيندا. نيٺ جعفر اها ڳالهه مڃي. صبح جو نماز پڙهي گهوڙي تي سوار ٿي بصره لاءِ روانو ٿيو.

(٥)

سنڌ جي لڙائيءَ کان حجاج کي واقف ڪرڻ لاءِ محمد بن قاسم بصره تائين ڏهن ڏهن ميلن جي مفاصلي تي سپاهين جون چونڪيون قائم ڪيون هيون، جتان تيز رفتار گهوڙي سوار ٽپال آڻيندا نيندا هئا. جعفر به انهن چونڪين تي گهوڙا بدلائيندو بنا ساهيءَ ڪڻڻ جي ڊوڙندو ويو. هينئر هن جا خيال سنڌ کان هزارين ميل پري

ڊوڙي رهيا هئا. رات اڇڻ ني هڪ چونڪيءَ تي داخل ڪيائين. آڏيءَ ڏاري سنڌ ڪان هڪڙو سوار ايندو معلوم ٿيو، جنهن جي گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ جعفر ۽ ٻين کي جاڳائي وڌو. سوار لباس سان مسلمان ٿي معلوم ٿيو. اڇڻ سان چونڪيءَ وارن کي چيائين ته مون کي سپهه سالار جي ڪنهن اهم ضرورت لاءِ بصره وڃڻو آهي جنهن لاءِ يڪدم ٻيو گهوڙو تيار ڪري ڏيو. جعفر کي محمد بن قاسم جي هر حڪم سان دلچسپي هئي، تنهن اٿي مشعل جي روشنيءَ ۾ نوجوان ڏانهن نهاريو. نوجوان ڪڻڪ رنگو ۽ مضبوط جسم وارو هو.

جعفر – تون محمد بن قاسم جو خط بصره ڪٿي نه وٺي ٿو وڃين ڇا؟

نوجوان – هائو، پر مون کي ان بابت ٻيو ڪنهن کي ڪجهه به ٻڌائڻ جو حڪم نه آهي. ايتري ۾ پهريدار گهوڙو تيار ڪري وٺي آيو. نوجوان جعفر کي باادب سلام ڪري سوار ٿي روانو ٿي ويو. ٽورن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ جعفر پنهنجي منزل کي جڏهن ويجهو اچي پيو هو. تڏهن واٽ تي اهو ساڳيو سوار ملوس جنهن ويجهو اچڻ تي سلام ورايو. جعفر سلام جو جواب ڏيئي چيس ته مون ته سمجهو ٿي ته تون بصره پهچي ويو هوندين! انهيءَ ڏينهن جيڪر ٿورو ترسين ها ته پنهنجو سڄو سفر گڏ گذري ها.

نوجوان جواب ڏنو ته مون سمجهيو هو ته توهين آرام سان ساهيون ڪٿي ايندا انهيءَ ڪري هليو آيس.

جعفر – منهنجي خيال ۾ تون رستي جو چڱيءَ طرح واقف هوندين تنهنڪري اڳيان ٿي هل.

آخر ٻنهي ڄڻن هڪ ٽڪري جي پٺ ۾ گهوڙا ڪٿي ڇڏيا. گهڻي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ جڏهين ٽپال چونڪيءَ جو تنبو ڏسڻ ۾ ڪونه آين، تڏهن جعفر پنهنجي ساٿيءَ کان پڇيو ته اڃا چونڪي ڪانه ٿي ڏسجي؟ ڀانجي نه ڪونه ويو آهين؟

نوجوان هيڏانهن هوڏانهن نهاري چيو ته منهنجو به اهوئي خيال آهي، پر پريشان ٿيڻ جو ڪو سبب ڪونهي. انهي سانري پوري ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رستي تي پهچي ويندا سون. انين چئي وري به ڪٿي گهوڙا ڇڏيائون ۽ ڪجهه پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وري به جعفر گهوڙي کي روڪي ساٿيءَ کي آڻي ٻيهڻ لاءِ چيو، جنهن به

اقرار ڪيو ته سچ پچ پلجي ويا آهيون ۽ گهوڙا به تمام ٿڪجي پيا آهن تنهنڪري ٿوري ساهي کڻڻ کپي. انهن چئي گهوڙي تان لهي پيو ۽ جعفر به ائين ڪيو. گهوڙي کي هڪڙي تلاءَ تان پاڻي پياري ڇپر تي ڇوڙي ڇڏيائون ۽ پاڻ وڻ هيٺ ڇانوَ ۾ ويهي رهيا. قاصد پنهنجو ٿيلهو ڇوڙي ان مان ڪجهه کارڪون ۽ پنير جا ٽڪرا ڪڍي جعفر جي اڳيان رکيا ۽ چيائينس ته ”سائين توهين ٿڪيا هوندا، سون ته اڳيئن چونڪيءَ تي کائي پيٽ ڀريو هو. هيءُ ٿورو شايد اوهان جي لاءِ رهجي ويو هو. هن جي زور ڀرڻ تي لاچار جعفر ان مان ڪجهه کاڌو ۽ چشمي تان پاڻي پي وري سوار ٿيڻ لاءِ اٿيو ئي ته مٿو ڦرڻ لڳس ۽ اتيئي ڇپر تي پئجي رهيو. هڪ دفعو سو هن ڏاڙئين سوار کي چيائين ته منهنجو مٿو پيو ڦري، پر پوءِ جيئن ڪريو تيئن بيهوش ٿي ويو. جعفر جي غش ٿي وڃڻ تي هو نوجوان وحشي نموني ٽهه ٽهه ڪري کلڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ جعفر کي معلوم ٿيو ته ڪي ماڻهو سندس هٿ پير ٻڌي رهيا آهن. پاڻ به ٻي دفعا عضوا چورڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ٽنگ يا ٻانهن مٿي به نه کڻي سگهيو. رڳو ايترو هوش هوس جو پانيائين ته ڪي ماڻهو کيس ڪنهن طرف کڻيو پيا وڃن. جنهن وقت جعفر کي هوش آيو ته پاڻ کي هڪ ننڍڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏٺائين.

ماسهون اهوئي سوار نظر آيس جنهن کيس کاڌو کارايو هو. جعفر کانئس پڇيو ته آخر تون ڪير آهين ۽ سون کي هن ريت ڇو ٻڌو ويو آهي؟ سون کي هتي بند ڪرڻ مان تنهنجو ڪهڙو مطلب آهي؟

ان جي جواب ۾ هن فقط ايترو چيس ته وقت اچڻ تي سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويندءِ. ائين چئي ڪوٺي بند ڪري هليو ويو. جعفر کي ٽي مهنا انهيءَ بند ۾ گذري ويا. کيس فقط اهو ڏڍ هو ته الله تعاليٰ سون مظلوم جي ضرور ڪنهن نه ڪنهن ريت مدد ڪندو. صبح ۽ شام جو هڪ ماڻهو ڪوٺيءَ جي هڪ سوڙهيءَ دريءَ مان کيس ماني ڏيئي ويندو هو پيو ٿيو خير. جعفر ان مانيءَ ڏيڻ واري کان ڪيترائي سوال ڪندو هو ته سون کي قيد ڪرڻ وارو ڪير آهي؟ ڇا جي لاءِ سون کي هن ريت بند ڪيو ويو آهي؟ ٻر هو ڪوبه جواب ڪونه ڏيندو هوس. ٽن مهنن گذرڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن صبح جو سويل پنهنجي مولا کي سڏائي رهيو هو ته ”اي بيڪسن

جا والي! اي ڏکويلن ۽ ستايلن جا سائين! مون تي رحم جي نظر ڪري، هن بند مان نجات ڏيار...

اوچتو دروازو کليو ۽ اهوئي سوار ٻن ڄڻن ماڻهن سان اندر آيو ۽ جعفر کي ٻاهر هلڻ لاءِ چيائين. جعفر کي اگهاڙين تلوارن جي پهري هيٺ هڪ سينگاريل ڪمري ۾ آندو ويو، جتي ايراني غاليچن تي عاليشان مسند وڇايل هئي، جنهن تي طولن جي نيڪ ڏيٺي ڪو شخص ويٺو هو. جعفر ڏسڻ سان کيس سڃاتو ۽ ڇپن ۾ چيائين ته هيءُ ته ابن صادق آهي.

ڀاڱو ٻيو

باب پهريون

(١)

قيد و بند

ابن صادق هڪڙو نهايت سنگدل ۽ جفاڪار انسان هو. هو اُٺ ڪان وڌيڪ وير وٺو، ٻگهڙ ڪان وڌيڪ ظالم ۽ چالاڪ، لومڙ ڪان به وڌيڪ مڪار ۽ ڳجهه ڪان وڌيڪ لالچي هو. هو معاف ڪرڻ ته اصل سکيو ئي ڪونه هو. هن جي گذريل زندگي نا اميدين ۽ ناڪاميابين جو مجموعو هئي. پنهنجون اميدون ۽ تمنائون جي ننڍپڻ ڪان دل ۾ جاڳيون هيس. سي دل ئي دل ۾ دٻيندو ۽ سانڍيندو رهندو هو. انهن جي پوري نه ٿيڻ سبب ڪاوڙجي باهه، جا سيني ۾ اٿندي هيس. تنهن سان مظلومن ۽ بي واهن کي جلائي رک ڪرڻ سندس دلچسپ مشغولي هئي. هو جيروسلم جي هڪ پراڻي يڪلائي يهوديءَ جي گهر ۾ ڄائو هو. ذهن ۽ دماغ اهڙو ته هوس، جو سورهن سالن جي ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي عربي، فارسي، يوناني ۽ لئٽن ٻولين ۾ ماهر ٿي پيو. ارڙهن سالن جو هو ته هڪ عيسائي ڇوڪري مريم جي محبت جي تير سندس جگر ۾ چڀي، هميشه لاءِ ناسور پيدا ڪري ڇڏيو. محبوبه جي ماڻهن جو راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ آبائي مذهب کي ترڪ ڪري عيسائي بڻيو، پر سندس اميدن جو مرڪز ڪيس ڇڏي سندس سوٽ الياس ڏانهن مائل ٿي پيو، يعني مريم کي ابن صادق لاءِ اهڙي ته نفرت ٿي جو سندس منهن ڏسڻ به ڪين وڻندو هوس. آخر هڪ ڏينهن وجهه وٺي، پنهنجي نئين عاشق کي ساڻ ڪري دمشق هلي ويئي. اتي شادي ڪري پنهنجو گهر بنائي ويهي رهيا. الياس هوشيار رازو هو. دمشق جهڙي شهر ۾ ڪيس ڀورهئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تنگي ڪانه ٿي: جنهنڪري هيءَ جوڙو بلڪل خوش گذارڻ لڳو سال سواءِ ڪان پوءِ سندس گهر ۾ هڪ ننڍن ڀاڻيءَ جو اضافو ٿيو يعني ته چنڊ جهڙي خوبصورت ۽ حسين ڌيءَ ڄائين، جنهنجو نالو زليخا رکيائون. زليخا سندن محبت جي پڪائيءَ جو سبب بڻي.

ابن صادق سات ڪري ڪين ويٺو، پر رقيب جي تلاش ۾ لڳو رهيو. آخر گهڻي ڳولا ڪان پوءِ پتو پيس ته هيءَ جوڙو اميرالمسلمين جي پناهه ۾ عيش جي زندگي گذاري رهيو آهي، تنهنڪري انتقام جي باهه ڪين دمشق ۾ پهچڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ وطن جي زمين باهه وانگيان ساڙڻ لڳس. دمشق رسي، سوٽ ڪي پنهنجي محبوبه سان آرام ۽ فرحت جا ڏينهن ڪاٽيندو ڏسي اکيون ٻرڻ لڳس ۽ ڪانئس وير وٺڻ جا وجهه سوچڻ لڳو. سوچي ويچاري هڪ ڏينهن شيخ الاسلام جي حضور ۾ حاضر ٿي سندس هٿ تي اسلام قبول ڪيائين ۽ مريم تي پنهنجو حق ٻڌائي عرض ڪيائين ته مريم الياس ڪان ڦري ڪيس ڏني وڃي. شيخ الاسلام ڪيس خليفه جي دربار ۾ موڪليو.

خليفه سندس بيان ٻڌي حڪم ڪيو ته يهودي ۽ ڪرستان اسان جي امن ۾ آهن. جيئن ته مريم پنهنجي رضا ۽ خوشيءَ سان شادي ڪئي آهي، تنهنڪري ڪيس زوريءَ تنهنجي حوالي ڪري نه ٿو سگهجي. هن جواب سندس طاق لڳائي ڇڏيا. دربار خلافت مان نااميد ٿي نڪرڻ ڪان پوءِ هيءَ قسمت جو ڦٽيل نه يهودي هو، نه عيسائي ۽ نه مسلمان. سندس وس پڄي ها ته جيڪر ساري پرٿويءَ کي ساڙي ٻاري ڦلهيو ڪري ڇڏي ها. هاڻي سندس لاءِ ڪٿي به سر لڪائڻ لاءِ اجهو ڪونه هو. ڪجهه وقت دمشق جي گهٽين جي خاڪ ٻهارڻ ڪان پوءِ ڪوفه ۾ حجاج بن يوسف وٽ پهتو. حجاج بن يوسف کي به پنهنجي ڏکن جي آکاڻي ٻڌائي سدد جي طلب ڪيائين. حجاج هن جي چالاڪيءَ ڀريل گفتگو ٻڌي ڪا ساعت سندس باري ۾ چپ چاپ سوچيندو رهيو. ابن صادق حجاج جي خاموشيءَ جو ناجائز فائدو وٺڻ لاءِ سندس تعريف ۽ خليفة المسلمين جي ذات جي باري ۾ ڪجهه ناروا گفتا ڳالهايا: جي سون چڱيءَ طرح ڄاڻي ڏٺو آهي ته بنو امين جي سلطنت توهان جي ئي قابليت ۽ دانشمنديءَ سان هلي رهي آهي. آءٌ ته ائين چوندس ته تخت خلافت جا سڀ کان زياده حقدار توهين آهيو......

ابن صادق اجا پنهنجو جملو پورو ئي ڪين ڪيو هو ته حجاج ڏاڙهي ڏيئي چپ ڪرايس ۽ چيائينس ته ”جي تون مون وٽ مهمان ني آيل نه هجين ها ته تنهنجو ڌڙ هن خاڪ تي ڦٿڪندو نظر اچي ها، پر هاڻي نه ويو، باقي هينئر جو هينئر ڪوئي جون حدون ڇڏي هليو وڃ.“ ابن صادق هتان به نا اميد ٿي لوڏجي نڪتو. رات جو شهر کان ٻاهر هڪ يهودي راهب جي مڙهيءَ ۾ رهي، صبح جو اڳئين کان به پڪو ۽ خطرناڪ انتقامي عزم ۽ ارادو ڪري جيروسلم ڏانهن راهي ٿيو. جيروسلم ۾ به مَڪ ڪين آيس. پنهنجي موٽ ۽ معشوقه کان بدلي وٺڻ کان سواءِ هاڻي ته سڄي دنيا کان بدلي وٺڻ جا پهه پچائڻ لڳو. سال کن رلڻ ۽ ڌڪن کائڻ کان پوءِ لوفرن ۽ بدمعاشن جي جماعت گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ پاڻ سندن اڳواڻ ٿيو. آخر هڪ ڏينهن پنهنجي موٽ ۽ معشوق کان وير وٺڻ جو وجهه مليس. مريم جي هڪ ئي ڌيءَ زليخا جا ان وقت اٺن سالن جي هئي، تنهن کي کڻي ماءُ پيءُ کي هميشه سندس جدائيءَ جي باهه ۾ سڙڻ جو عذاب ڏيئي، پاڻ پنهنجي ٽوليءَ سميت ايران ڏانهن ڀڄي ويو.

ايران جي گادي مداين شهر ۾ سندس هڪ مريد اسحاق نالي رهندو هو جو نهايت ئي سنگدل، مڪار ۽ ظالم هو. زليخا کي ان جي حوالي ڪري، پاڻ وري به ڪن سازشن ۾ لڳو رهيو. سندس ارادا ۽ خيال هاڻي فقط الياس ۽ مريم کان وير وٺڻ تائين محدود ڪونه هئا، پر سڄي دنيا سندس نظر ۾ مجرم هئي. ٿورن ڏينهن ۾ ڪنهن سفاڪ جي هٿان ويچاري الياس ۽ مريم کي مارائي في الحال پنهنجي سيني ۾ ڀڙڪندڙ باهه کي ٿڌو ڪيائين. ان وقت ڪيترا پارسي شهزادا ۽ رومي يا يهودي امير ۽ جاگيردار اهڙا هئا، جن جي امارت جو مسلمانن جي هٿان خاتمو ٿيو هو، سي مسلمانن جي خلاف هر سازش ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار هئا؛ تن ابن صادق جهڙي چالاڪ ۽ فتنو پکيڙيندڙ ڏاڙيلي جي ميڪا همت افزائي ڪئي. پر تڏهين به ايڏي ساري حڪومت جي برخلاف ڪو اثر انداز قدم کڻڻ لاءِ زبردست مالي مدد جي ضرورت هئي. ابن صادق انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ نئين تجويز سوچي. قيصر روم پنهنجي وڃايل عظمت حاصل ڪرڻ ۽ بن ڏاڏن جي شڪستن جو مسلمانن کان وير وٺڻ لاءِ ئي دل ۾ پيچ گهڙ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو. ابن صادق کي اتان مالي مدد ملڻ جي پوري خاطري هئي: سو کهي قيصر جي دربار ۾ پهتو. قيصر کان پنهنجي بزرگن جون شڪستون وسري ڪونه ويون هيون. تنهن ڪانسواءِ هرملڪي سياست سان به وڏيڪ ڄاڻندو هو، تنهن اسلامي سلطنت جي خلاف ڪو قدم کڻڻ کان انڪار ڪيو، پر ابن صادق کي مشوري طور چيائين ته ”جيسين مسلمانن ۾ اتحاد آهي، تيسين هنن سان هٿ اٽڪائڻ صلاح پريو ڪم نه آهي. تون اسلامي سرڪز جي پسگردائي ۾ رهي، پنهنجو ڪم اهڙيءَ طرح جاري رک جو مسلمانن مان جهاد جو روح نڪري وڃي ۽ سنجهن قوت پوي. تنهنجي خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو.

ابن صادق اها صلاح ڪَن ڪري اتان موٽيو. پر هيئر ابن صادق ڪو اڳئين وانگر ڪنگل ڪونه هو. قيصر کان نهايت قيمتي جواهرات، سون ۽ چانديءَ جا تحفا حاصل ڪري پنهنجي هڙ ڳرم ڪري اچي رهيو هو. بصره ۽ ڪوفي جي وچ ۾ هڪ گمنام ۽ قدل قلعو ايراني سلطنت جو نهرايل پيل هو، جو هيئر باڪل بيڪار هئڻ سبب پگهو پُرِيو پيو هو. ان جي چوڌاري گهاٽو جهنگ لڳو پيو هوندو هو. ابن صادق جي تيز نظر انهيءَ هنڌ پنهنجو آکاڙو بنايو ۽ اتان پنهنجي خيالن جي تبليغ شروع ڪيائين پر حجاج بن يوسف جي دپ کان کليءَ طرح ڪنهن سان به پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ جي جرات ڪين ٿيندي هيس. نيٺ هن سالن ڪن جي مٿي مارڻ کانءِ پنج سؤ ڪن جيتري جماعت گڏ ڪري سگهيو. انهن ۾ به گهڻا ته اهڙا هئا، جن جو ضمير ۽ ايمان سون چانديءَ جي عيوض ابن صادق خريد ڪيو هو، يعني ته هو ياڙي جا ٽٽون هئا. هو قيصر روم کي پنهنجي ڪم کان هميشه واقف ڪندو رهندو هو ۽ وقتي اتان گهربل مدد به گهرائي وٺندو هو. جڏهن ابن صادق جي جماعت ستن سون کان به مٿي جمع ٿي ويئي، تڏهن پنهنجي طاقت آزمائڻ ۽ دشمن کي پنهنجي هستي ڏيکارڻ جو خيال ٿيس. هڪ ڏينهن جاسوسن ٻڌايس ته حجاج هن وقت ڪوفي ۾ ويل آهي ۽ ابن عامر جي صدارت هيٺ جمعي نماز کان پوءِ جلسو ٿيندو، جنهن ۾ ابن عامر فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ ماڻهن کي ترغيب ڏيندو. جاسوسن اهو به ٻڌايس ته بصره جا اڪثر رهاڪو فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان اڪثر ڪيٻائين ٿا. ابن صادق هن موقعي مان فائدو وٺڻ جو خيال ڪيو.

كيس پڪ هئي تہ پنهنجي جادو اثر تقرير رستي بصره جي مست ساٿين كي لشكر ۾ ڀرتي ٿيڻ كان روڪي سگهندس. ليڪن سندس نهيل جرنيل ڪم کي جعفر جي ٻن لفظن ٽوڙي ڦٽو ڪيو، جيئن ٻهرين ڀاڱي ۾ پڙهي آيا آهيون.

جعفر جي تقرير، بصره جي ساٿين تي اهڙو اثر ڪيو جو هو ابن صادق جا جاني دشمن بڻجي پيا. ابن صادق پنهنجي زندگيءَ لاءِ خطرو محسوس ڪندي بصره مان ڀڄي رملہ ۾ خليفہ جي ڀاءُ سليمان وٽ وڃي لڪو. سندس جماعت بہ ڇڙوڇڙ ٿي ويئي. سوا سؤ کن ساٿيو سس ساٿس شامل هئا. سليمان خليفہ وليد جو ولي عهد هو، ليڪن خليفو پنهنجي پٽ کي ولي عهد بنائڻ جي ڪوشش ۾ هو. سندس گورنرن مان حجاج جو سندس خاص مددگار هو. جنهن ڪري سليمان، حجاج ۽ سندس لاڳاپيدارن کي پنهنجو دشمن سمجهندو هو ۽ حجاج جي دشمنن کي پنهنجو خيرخواه ڀانئيندو هو، تنهن، ابن صادق کي پاڻ وٽ پناهہ ڏني. حجاج، ابن صادق جي مڪاريءَ ۽ مسجد ۾ ڪيل بدمعاشيءَ کان واقف ٿي، سندس گرفتاريءَ جو حڪم ڪيو هو. جڏهن خبر مليس تہ سليمان، ابن صادق کي پناهہ ڏني آهي، تڏهن سموري حقيقت خليفہ وليد کي لکي موڪليائون. خليفہ پنهنجي ڀاءُ کي حڪم ڪيو ابن صادق ۽ سندس ڇاڙتن کي زنجيرن ۾ ٻڌي حجاج کي پهچائي ڏي. سليمان تہ ابن صادق جو عاشق ٿي چڪو هو، تنهن کيس اصفهان ڏانهن موڪلي ڇڏيو ۽ خليفي کي لکي موڪليائين تہ ابن صادق ڀڄي ويو آهي. ابن صادق نا اميد ٿيڻ جاڻندو ئي ڪونہ هو، سو ڪجهہ وقت هيڏانهن هوڏانهن گهمي وري بہ شيراز جي آسپاس، ٽڪرين جي وچ ۾، آڳاٽي زماني جي هڪ ويران قلعي کي پنهنجو مرڪز بنائي، پنهنجي ڪم کي لڳي ويو. ابن صادق هن تازيءَ مصيبت جي سموري جوابداري جعفر جي سر تي مڙهي، کيس عبرت ناڪ سزا ڏيڻ جو پڪو ارادو ڪيو.

(۲)

جعفر، ابن صادق جي اڳيان چپ ڪريو بيٺو هو تہ اسحاق پنڌيان اچي ٽڪو ڏنس ۽ چيائينس تہ ڪڏهن! هيءَ بصره جي مسجد ڪانهي. هتي تون اسان جي اڳواڻ اڳيان بيٺو آهين، تعظيم لاءِ جهڪين چو نہ ٿو؟ هتي تو جهڙن گستاخن جا سر ڪپيا ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابن صادق ظاهريءَ، اسحاق تي ڪاوڙيو ۽ چيائينس ته اسحاق! تون بيوقوف آهين. بهادر، بهادر سان اهڙي هلت ڪانه ڪندا آهن. ائين چئي ابن صادق، جعفر کي پاڻهن ڪان جهلي اٿاريو. پٽ جي فرش تي ڪرڻ سبب جعفر جي نڪ ۽ وات سان رت پئي وهيو. ابن صادق پنهنجي رومال سان رت اُگهي، نفرت ڀريل سُرڪ سان ساڻس هيٺين گفتگو ڪئي :-

ابن صادق- مون کي معلوم ٿيو آهي ته توهين پنهنجي ميزبان جو نالو ڏاڍيءَ بي قراري سان پڇندا آهيو. ڏاڍو ارمان اٿم جو ڪيترن ڏينهن تائين توهان کي جواب ڪونه مليو آهي. منهنجي دل توهان سان ساڻ لاءِ بي قرار هئي، پر وانڊڪائي نه ساڻ سبب اوهان سان ملي نه ٿي سگهيس. اڄ توهان جهڙن جهونن دوستن جو ديدار ڪري جا خوشي مون کي ٿي آهي، ان جو اندازو منهنجي دل ئي ڪري سگهي ٿي. اميد ته توهين به پنهنجي پراڻي واقف سان ملي خوش ٿيا هوندا. ڪيئن، طبيعت ته خوش اٿو؟ توهان جو رنگ زرد ٿي ويو آهي؛ شايد سوڙهيءَ ڪوٺڙيءَ جي اوندهه توهان جي مجاهدانه طبيعت کي منجهائي ضعيف ڪري وڌو آهي. پر افسوس اٿم جو هن قلعي ۾ ڪا اهڙي وڏي ڪوٺي آهي ئي ڪانه جنهن ۾ توهان کي رهايو وڃي. اڄ مون توهان کي انهيءَ لاءِ ٻاهر ڪڍيو ته جيئن اونده ۽ سوجهري ۾ تفاوت سمجهڻ وارو حواس بيڪار بيڪار نه ٿي وڃيو. پر هي جا! توهين سون ڏانهن ائين ڇو پيا نهاريو؟ جا مون کي سڃاڻو ڪونه ٿا؟ پنهنجي پهرين گڏجاڻي بصره جي جامع مسجد ۾ ٿي هئي. اميد ته ياد هونديو. مون کي ان وقت توهان جي ڪيل تقرير جي آفرين ڏيڻ جو موقعو ڪونه مليو هو. بيشڪ توهان جي تقرير تحسين جي لائق هئي. توهان جو عبدالله بن ابي جي جاءِ نشين جي اڳيان هن طرح بيهڻ تي مون کي رحم ٿو اچي. ٻڌاءِ ته تو سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو وڃي؟

ابن صادق جو هر لفظ جعفر جي ضعيف جسم کي لوڏي رهيو هو. ڪاوڙ وچان سندس زردا ڳل ڏاڙهونءَ جي گل جيان لعل ٿي ويا. ٿوريءَ دير کان پوءِ، ابن صادق ڏانهن نهاري چيائين ته "اي چالاڪ لومڙ! تون سمجهين ٿو ته آءٌ تنهنجي انهن زهر گڏيل ڏنڪن کان مرعوب ٿي تنهنجي اڳيان ڪنڌ جهڪائيندس! اي نادان، سون

کي پنهنجي قيد ٿيڻ جو ڪوبہ افسوس نہ آهي. افسوس آهي تہ فقط هن ڳالهہ جو، تہ آءٌ تو جهڙي ذليل ۽ ڪميني بزدل جي بند ۾ آهيان. تون ياد رک تہ منهنجو موت ۽ زندگي ٻئي تنهنجي لاءِ خوفناڪ آهن. شينهن آخر شينهن آهي. قيد جي ڪوٺڙي، شير کي گدڙ بنائي نہ ٿي سگهي.“ ابن صادق، جعفر جي سخت لفظن ڪري ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري چيو تہ تون بهادر بيشڪ آهين، پر انهيءَ ڪان وڌيڪ بي وقوف آهين. توکي خبر آهي تہ تنهنجو سر هينئر واڳوءَ جي وات ۾ آهي. توکي ڪجهو ڳهي وڃڻ يا ڇڏي ڏيڻ انهيءَ جي وس آهي. انهيءَ نڊڙيءَ ڪوٺيءَ مان پنهنجي مرضيءَ سان ٻاهر نڪرڻ جو خيال بہ نہ ڪج. منهنجي جماعت جا ٻہ سؤ جوڌا جوان هر وقت اگهاڙين تلوارن سان تنهنجي نگهبانيءَ لاءِ تيار رهندا. ائين چئي ابن صادق ڪو آواز ڪيو تہ قلعي جي ڪنڊن ڪڙڇڻ سان ٻہ سؤ سپاهي پيانڪ شڪلين سان اگهاڙيون تلوارون هٿن ۾ ڪئي صادق جي اڳيان سر جهڪائي اچي بيٺا. جعفر، ابن صادق کي چيو تہ ”توکي خبر هئڻ گهرجي تہ آءٌ ڪڏهن بہ تڪليف ڪان ڊڄي توکان معافي نہ وٺندس. آءٌ مرڻ لاءِ تيار آهيان. جڏهن بہ اجل جو وقت ايندو تڏهن مهلت ڪانہ ملندي! وڌيڪ تون ڇا ڪندين؟

ابن صادق ــ ابوجهہ نوجوان! تون سمجهين ٿو تہ وڏي ۾ وڏي سزا موت آهي. تون ڀليل آهين. آءٌ توکي اهڙي سزا ڏيندي سگهان ٿو جو موت کان وڌيڪ خوفناڪ آهي، جنهن جي سهڻ جي طاقت تو ۾ نہ آهي. آءٌ تنهنجي زندگيءَ جو هر منٽ اهڙو ڪوڙو ڪري سگهان ٿو جو تون هر هر موت جي تمنا ڪندين، پر موت بہ ڊجي توکان پري ڀڄندو. ليڪن آءٌ تنهنجو دشمن نہ آهيان. آءٌ گهران ٿو تہ تنهنجي حياتي اهڙي سک ۽ آرام جي گذري جهڙي ڪنهن شهزادي جي گذري. تون خوبصورت آهين، نوجوان ۽ بهادر آهين. دنيا جي حسين کان حسين عورت توسان محبت ڪري پنهنجي لاءَ فخر سمجهندي. ليڪن توکي ڪهڙي خبر آ، ڪنهن جي گلابي رخسارن، لعل لبن ۽ نانگ جهڙن ڪارن وارن ۾ ڪهڙو سرور آهي. تنهنجي حياتي هڪ جهنگلي گل جيان آهي، جو بيابان ۾ ٽڙيو هجي ۽ نہ مٿس ڪنهن جي نظر پوي، نہ ڪنهن جي نرم ۽ نازڪ هٿن تائين پهچي، پر اتيئي ٽڙي، ڪومائجي ورق ورق ٿي ريتيءَ ۾ ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سلي پاڻ تي وجي. تون پنهنجي دل کي فريب ڏيئي رهيو آهين. خدا کي توهان جي قربانين جي ڪهڙي ضرورت! توهان کي نه انهيءَ قربانيءَ سان ڪوبه فائدو ڪونه ڏيو پهچي. البت خليفو ۽ حجاج توهان جهڙن ابوجهن ۽ بالن پولن کي خدا جي راهه ۾ وڙهي شهادت ۽ جنت حاصل ڪرڻ جا ڪوڙا دلاسا ڏيئي مستي شهرت حاصل ڪري، پنهنجي سلطنت وڌائي، خزانا ڀري رهيا آهن. توهان غريب ساٿهو آهيو. گهوڙن ۾ رهيا آهيو، جنهنڪري ٿوهان جا خيال به غريباڻا آهن. تو ڪڏهن خواب ۾ به اهو عيش ۽ دبدبو ڪونه ڏٺو هوندو جو آءٌ توکي ميسر ڪري ڏيڻ گهران ٿو. آءٌ تنهنجي لاءِ گهڻو ئي ڪري سگهان ٿو، پر ارمان فقط اهو اٿم جو تون سون سان سنهنجي ڪم ۾ پاڻيوار نه ٿو ٿين. اسين بنو اميه جي حڪومت ختم ڪري قومي حڪومت جو بنياد رکنداسين. مون کي اميد آهي ته اسين خليفي ۽ حجاج جي ظلمن کان دنيا کي نجات ڏئي سگهنداسين. خبر ناهي ته تون مون کي اهڙو حقير ڇو سمجهي رهيو آهين. آءٌ توکي يقين ڏياريان ٿو ته آءٌ اهڙو بي قدر نه آهيان. تنهنجو ڄاڻڻ لاءِ ايترو ئي ڪافي ٿو سمجهان ته قيصر روم جهڙي سلطنت اسان جي پشت پناهيءَ لاءِ موجود آهي. آءٌ عرب ۽ عجم ۾ هڪ زبردست انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ وقت جو انتظار ڪري رهيو آهيان. عرصي کان تو جهڙي جادو بيان نوجوان جي ڳولا ۾ هوس. تو جهڙي دلير ۽ لائق نوجوان کي رواجي سپاهيءَ جي عهدي تي قناعت ڪرڻ نه گهرجي. تون هر طرح خلافت جي لائق آهين. فقط همت ۽ ڪوشش جي ضرورت آهي. ڪاميابي تنهنجي انتظار ۾ آهي." جعفر کي ساڻ ڪندو ڏسي، ابن صادق سمجهيو ته جهرڪي ڄار ۾ اچي ويئي، سو پنهنجي گفتگو کي نرم ڪندي چيائين ته "تون فقط مون سان وفاداريءَ جو انجام ڪر ته توکي زنجيرن سان ڪڍائي، امارت جي مسند تي وهاريان. آءٌ فقط توهان جو خادم ٿي رهندس. خدا جي گگداسن بندن تان بنو اميه جي ظلم لاهڻ کان سواءِ سنهنجي زندگيءَ جو ٻيو ڪوبه مقصد نه آهي. بذاءِ ته تنهنجي مرضي ڪهڙي آهي، تنهنجي زندگي، قدرت جي نعمتن جا مزا ماڻي شاهاڻي نموني گذارڻ ٿو گهرين يا انهيءَ اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ سڙي ڳري مرڻ پسند اٿيئي؟" جعفر سنهن سٽي ڪري، ڏانهن اهڙيءَ طرح نهاريو جيئن پڃري ۾ بند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيل شينهن ٻاهر ٻيٺل شڪار ڏانهن نهاريندو آهي. ٿوري وقت کان پوءِ هڪل ڪري چيائينس ته ”اي لالچي ڪتا! تنهنجون ڳالهيون منهنجي خيال ۾ ڪتن جي ڀونڪڻ کان وڌيڪ وقعت ڪونه ٿيون رکن. توکي خبر هئڻ گهرجي ته آءٌ انهي آقا جو غلام آهيان جنهن ساري ڪائنات جي مالڪ هوندي به پيٽ تي پٿر ٻڌي ڏينهن گذاريا هئا، تون مون کي دنيا جي مال ۽ خزانن جي لالچ ڏين ٿو. عيش ۽ موجن ۾ غرق ٿيڻ جي دعوت ڏين ٿو؛ ليڪن اهي سڀ بي جنا ءُ نفساني خواهشون آهن. حقيقي ۽ دائمي سرور جهڙو تلوارن جي ڇانوَ ۾ آهي تهڙو تو جهڙي ذليل ۽ ڪميڻي انسان جي خيال ۾ به ڪين اچي سگهندو. تون جهاد جي ته مخالفت ڪرين ٿو، پر پنهنجي دلي خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ دنيا جي امن کي تيلي ڏيڻ ۽ بي گناهه ابوجهن جي خون وهائڻ مهل ته ڪا به ڳالهه ياد ڪانه ٿي پوئي! جنهن قيصر جي طاقت تي تون ڪڏين ٿو، انهيءَ جي خبر اٿيئي ته ڪيئن سندس ابا ۽ ڏاڏا خواب ۾ اسان جي بزرگن جي تلوارن جون جهڻڪارون ۽ گهوڙن جون هڻڪارون ٻڌي ننڊ مان رڙيون ڪري اٿندا هئا. هيئر منهنجو جسم تنهنجي زنجيرن ۾ ٻڌل آهي. تون مون کي موت کان به وڌيڪ سخت تڪليفن جو هانءُ ٻجي، پنهنجي ناپاڪ مقصدن جي پورائيءَ لاءِ پاڻ سان شامل ڪرڻ چاهين ٿو. ليڪن ياد رک! موت جو وقت مقرر آهي ۽ هڪ ساعت به اڳي پوءِ ڪين ٿيندو. مون ۾ اهڙي ڪنهن به ڪم جي اميد نه رکج جو مجاهد جي منهن تي نه پوندو هجي.“

صادق ٿڪو ٿي پنهنجي شرم وندرائڻ لاءِ چيس ته ”چڱو ڀلا ترس. ٿورن ئي ڏينهن ۾ خوشيءَ سان اهڙا ڪم ڪندين جن کي ڏسي شيطان به شرمندو ٿيندو.“ ائين چئي ابن صادق، اسحاق جو ناٺو وٺي چيو ته اسحاق مهمان جي خاطر تواضح ڪر.“ جنهن تي اهوئي خوفناڪ شڪل وارو، ٿلهو متارو جوان جنهن جعفر کي فريب سان گرفتار ڪيو هو، سو اٿيو ۽ هن غريب کي ورانديءَ جي هڪ ٿنڀ سان چوڪنيو ٻڌي سندس ٻهراڻ اڳ کان ٽاڙي، ڇاتي ۽ ٻانهون اگهاڙيون ڪيائينس. پوءِ چم جو چهبڪ کڻي مٿس چرڙن وانگر وسائڻ لڳو. پر شاباش ڙي غريب ماءُ جا پٽ! چپن مان چون به ڪانه ڪيائين. اسحاق سمجهيو ته منهنجا چهبڪ ڪنهن زنده انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بدران، قلعي جي پٿرن جي پٽ تي پيا لڳن. ايتري ۾ سامهون هڪ دروازي مان هڪ ڇوڪري نڪتي جنهن جا ڇرڪيل هرڻيءَ وانگر آهستي آهستي پير کڻندي ابن صادق جي ويجهو اچي بيٺي. جعفر جي حالت ڏسي دل پرجي آيس. نماڻا نيڻ کڻي ابن صادق کي ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين ته "چاچا، هو ويچارو بيهوش ٿيڻ تي آهي." ابن صادق ڇڙٻ ڏيئي چيس ته بس ڪري هلي وڃ. هي سيف الله آهي، پر اجا پاڻيءَ جي گهٽتائي اٿس. اهو پاڻي ڏيئي آبدار ٿو بنايانس. ڇوڪري هيءَ ظلم ڏسي بيهي ڪين سگهي سو سماجهڙيون اکيون کڻي جعفر ڏانهن نهاري اڙڪ وهائي پنهنجي بي وسيءَ ۽ بي پهچ هئڻ جو اظهار ڪندي وري به ساڳئي دروازي ۾ گم ٿي ويئي.

جعفر هن بگهڙ جي ڇهبڪن جي سختيءَ کان بيهوش ٿي ويو، تڏهن ابن صادق جي حڪم سان کيس، کڻي ساڳئيءَ ڪوٺيءَ ۾ ڇڏي دروازو بند ڪري ڇڏيائون. اهڙيءَ طرح ڪيترائي پيرا کيس ٻاهر ڪڍي سخت ماريندا هئا ۽ بيهوش ٿيڻ تي وري ڪوٺيءَ ۾ ڇڏي ويندا هئا. پر هن شخص جي وات اهائي وائي هئي ته "مرسان مرسان ڏيپ نه ڇڏسان" جڏهن سزا سان ڪو نتيجو نه نڪتو، تڏهن ابن صادق حڪم ڪيو ته هن کي به ٽي ڏينهن کاڌو نه ڏيو. پاڻي بک کيس سڌو ڪندي. ابن صادق کي اها خبر نه هئي ته مولا جي متوالي کي بک ڇا ڪندي، جو خدا تعاليٰ جبار جل وعليٰ جي راهه ۾ سر ڏيڻ آسرو کڻي، دنيا جي لڳ لاڳاپن کي ٽوڙي ميدان ۾ اچي ٿو، ان کي پنهنجي تن بدن جي تڪليفن جي ڪهڙي پرواهه! انهيءَ جو سر تلوار سان ڪٽجي ته ڇا، جي خنجر آبدار سان وڍجي ته ڇا؟ کيس قبر ۾ پوريو وڃي ته ڇا جي غارن ۾ چڙهن ۾ ڦٽو ڪيو وڃي ته ڇا؟ سنڌ جي عارف سچ چيو آهي ته :-

ڪاڪل ڪٽي جان، ڪفن تنهن ڪين ٿئي
سنجهه شهادت سان، لڌي ۽ لاڏ ڪري.
"لطائي"

جعفر کي ابن صادق جي طرفان ذليل ڪنهن به تڪليف جي پرواهه ڪانه هئي. هن جي زبان تي هر وقت رب جو شڪر ۽ حمد و ثنا هو. هو زبان حال سان چوندو هو ته "اِن صلاتي و نسڪي و محياي ومماتي لله رب العالمين (القران). بيشڪ منهنجي نماز، منهنجي عبادت، منهنجو موت، منهنجي زندگي خاص جهانن جي پالڻهار لاءِ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ رات جو نماز کان فارغ ٿي وينو هو ۽ پنهنجي حالت تي ويچار ڪري، پنهنجي خالق کي ستائي رهيو هو تہ: - اي خالق ارض و سما! بر و بحر جا مالڪ! مون کي تنهنجي ۽ تنهنجي محبوب حقيقيءَ جي محبت سبب هي تڪليفون سلي رهيون آهن. اي دانا بينا سائين! مون کي پنهنجي راهہ تي مستقيم رک ۽ مصيبتن سهڻ جي طاقت عنايت ڪر.“ هيءَ اجها دعائن گهرڻ ۾ ئي مشغول هو تہ سندس ڪوٺيءَ ۾ جو ننڍڙو روشن دان جي نموني سوراخ هو، جتان ڪيس ساني سلندي هئي، اتان ڪنهن سڌ ڪري انگور، صوف ۽ ڏڙهون اڇلائي ڏنس. جعفر حيران ٿي ان ننڍڙي تنگ ۾ سنهن وجهي ٻاهر ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. لهندڙ چنڊ جي انڌيءَ روشنائيءَ ۾ ١٥- ٢٠ وکن جي مفاصلي تي ڪنهن کي ويندو ڏٺائين. سندس ڪپڙن ۽ هلڻ جي نموني سان سمجهي ويو تہ ڪير آهي؟ ڪيترائي پيرا ڇهبڪن جي وسڪاري وقت هڪ نوجوان خوبصورت ڇوڪريءَ کي بي آرام ٿيندو ڏٺو هئائين، جنهن جي معصوميت، مظلوميت ۽ رحمدلي، جا ان جي منهن مان ظاهر ٿيندي هئي، سا سندس دل تي نقش ٿيل هئي. اها ڪير آهي؟ هن خطرناڪ جڳهہ ۾ هنن درندن جي ٽوليءَ ۾ ڪيئن آئي آهي؟ منهنجي مصيبتن تي ڪيس قياس ڇوٿو اچي؟ اهي پهہ پرچائيندي، صوف کٽي کائڻ ۾ لڳي ويو.

(٣)

جعفر سان همدردي رکندڙ ڇوڪريءَ جو نالو زليخا هو. هن جي عمر سورهن سالن کي اچي ويجهي ٿي هئي. پنهنجي عمر گهڻو ڪري ابن صادق ۽ وحشي جماعت سان گذ گذاري هئائين. سندس خيال ۾ سڀ انسان ظالم سنگدل هئا. انهيءَ ڪري ماڻهوءَ جي پاڇي کان بہ نفرت هوندي هيس. جڏهن ابن صادق جا چاڙتا جعفر کي زنجيرن ۾ جڪڙي قلعي ۾ وٺي آيا هئا، تڏهن سمجهيو هئائين تہ هڪڙي خود غرض کي ٻيا خودغرض پڪڙي وٺي آيا آهن، پر جڏهن ڏٺائين تہ سخت مصيبتن سهندي بہ ابن صادق سان بي رحميءَ جي ڪم ۾ شامل نہ ٿو ٿئي، تڏهن سندس اڳوڻا خيال بدلجي ويا ۽ هن نوجوان کي ڪنهن ٻيءَ دنيا جو رهاڪو سمجهڻ لڳي، جتي ابن صاق جي ظالم دنيا جي بجا محبت ۽ قرب جو وهنوار هلندڙ هوندو. شروعات ۾ جعفر کي مظلوم سمجهي ساڻس همدردي ڪندی هئي، پر جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي ايمان ۽ ارادي جي مضبوطي ڏنائين تڏهن ڪيس پنهنجي دل جي خانن ۾ جاءِ ڏيڻ جو لائق سمجهيائين.

زليخا کي پنهنجي ساءُ پيءُ جي قتل جي خبر ڪانه هئي. هوءَ پنهنجي والدين جو منهن ڏسڻ لاءِ دعائون گهڙي گهڙي ٽڪجي پئي هئي. آخر نا اميد ٿي دعا گهرڻ ڇڏي ڏني هئائين. زليخا لاءِ دنيا جي زندگي هڪ خواب مثل هئي. هوءَ ڪاڏيندي پيئندي هئي، هلندي چلندي هئي، ليڪن خبر ڪانه ٿي پيس ته هيءَ سڀ ڇا آهي؟ هن جي ننڍيل دل ۾ ابن صادق جي خلاف بغاوت جا خيال اڀندا هئا، پر وري به ڪنهن نامعلوم ڊپ سبب غائب ٿي ويندا هئا. هن جي حالت اهڙي ساڳئي جي هئي، جو ڪنهن سمنڊ ۾ جهاز ٻڏجي پوڻ سبب ٻوڏيءَ ۾ ويهي ڪناري تي وڃڻ جي ڪوشش ۾ هجي، ليڪن گهڻي وقت جي ڪوشش ۽ لهرين سان لڙائيءَ ڪندي بہ ڪنارو نہ ملڻ سبب آخر جيئڻ ۽ مرڻ کان بي پرواهہ ٿي ٻيڙيءَ ۾ اکيون پوري پيو هجي يا انهيءَ اڻتارو وانگيان جو ڪناري کان ٿورو پرپروني ٻڏي رهيو هجي ۽ هٿ پير هڻي آخر مايوسيءَ ۽ نا اميديءَ وچان ننگون ٻانهون هڻن ڇڏي، ڪناري کان مدد ملڻ جي آسري تي پئجي رهي. زليخا بہ ڪنهن ٻاهرئين واهروءَ جي انتظار ۾ پئي مصيبت جا ڏهاڙا اڳهاريندي هئي:

ڪيم مهاڙ ملير ڏي مٿي ڪوٽ چڙهي،
نيت نهاري ڏيهہ ڏي ڳوڙها پيم ڳڙي،
نڳي ڪوڪ قلب مان سنجهان روح رڙي،
وڃڙهيچن وري، ڪَرَ نہ لڏي ڪڏهين.

قدرت زليخا جي واهر جو ڪم جعفر کان وٺڻ ٿي گهريو يا خبر نہ آهي تہ موڙڳو زليخا هئي ني جعفر کي آزاد ڪرائڻ لاءِ زليخا هاڻي روز رات جو ڪنهن نہ ڪنهن وقت جعفر جي ڪوٺيءَ ۾ ڪاڏي جي ڪانہ ڪا لذيذ شيءِ ڏيڻ سان گڏ اميد جو نرورو پسايو ويندي هئي. جعفر بہ هن موڙهيءَ ڪوٺي ۾ هاڻ پاڻ کي اڪيلو ڪونہ سمجهندو هو. هفتي کن کان پوءِ جعفر کي وري ابن صادق جي اڳيان آندو ويو. ابن صادق کيس اهڙوئي تازو توانو ڏسي حيران ٿي ويو. وات ڦاڙي ڏانهس نهاريندو رهيو. آخر نهايت عجب سان پڇيائيس تہ” هفتي جي بک، توني نہ ڪو اثرئي ڪونہ

ڪيو آهي! ڏاڍو سخت جان آهين. شايد خدا کي توکان ڪو وڏو ڪم ڪرائڻو آهي. آءٌ توکي انهيءَ اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هر قسم مدد ڪرڻ جو وعدو ٿو ڏيان. آءٌ تنهنجي ڏڪارڻ ۽ منهنجي بي ادبي ڪندي به توڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايان ٿو. هيءَ آخرين موقعو اٿيئي. جيڪڏهن هيئنر به منهنجي نيڪ نيتيءَ کي ٺڪرائيندين ته پوءِ پڇتائڻو پوندءِ.

جعفر ـ اي نالائق! تون هرهنڌ مون کي تنگ ٿو ڪرين.

”ڦرلي گهرٽي نامردان دي، مردان دي ايڪ“

منهجو اهوئي جواب اٿيئي جو پهريائين ڏنو اٿم.

ابن صادق ـ اي ڪم بخت ۽ بد قسمت انسان! آءٌ توکي دنيان جي اعليٰ ۾ اعليٰ مقام تي پهچائڻ جو خواهشمند هوس، ليڪن تون مون کي پنهنجو دشمن سمجهي رهيو آهين ته پوءِ ماشاءالله دشمن ٿي سهي. ڏس هي قدرت جا نظارا. ساموڻ ٺڪر تي برسات سبب ڪيئن نه قسمين قسمين گاهه ابري پيا آهن، ساوڪ ٿي ساوڪ لڳي پيئي آهي. اج توکي جيڪي ڏسڻو آهي، ڏسي وٺ، سڀاڻي توکي ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪين ايندو. جيڪي پڙڏو هجيئي سو ٻڌي وٺ، سڀاڻي تنهنجا ڪن به بيڪار ٿي ويندا. اجوڪو ڏينهن توکي اتيئي گذارڻو آهي. ابن صادق جي حڪم سان، ڪن وحشين اٿي جعفر کي هڪ پيل پائي سان مضبوط ٻڌي ڇيڏيو.

ڪجهه وقت جي خاموشيءَ کان پوءِ هن ظالم ۽ جفاڪار درنده صفت انسان، پنهنجي پوڄارين کي چيو ته هن نياڳي سنهنجي دل کي نهايت وڏو صدمو پهچايو آهي. اج اهڙي ڪا راڳ رنگ جي مجلس رچايو جو پنهنجو غم ڀلجي وڃيم. ٿوري وقت ۾ ڪيترن ئي نمونن جا ساز، سارنگيون، ستارون رباب، چنگ مرڏنگ وغيره اچي ويا. پهريائين گوين پنهنجي هنر جي ڪماليت ڏيکاري؛ ان کان پوءِ ڏهن عورتن جي ٽولي. اڌ اگهاڙي، پر زيورن سان جهنجهيل، هڪ طرف کان اهڙيءَ طرح نڪتي جو ڄڻ ته زمين سان پيئيون نڪرن. سندن حسن جي کهڙي ڳالهه ڪجي! راجا اندر جي آکاڙي جون پريون به ڪين ڏسي جيڪر شرم کان ڪوهه ڪاف ۾ لڪي وڃن. خير هنن اچڻ سان نوڙي، ابن صادق جو سلام ڪيو ۽ راڳ ناچ لاءِ اجازت گهري. اجازت وٺي پنهنجي سريلي گلي سان، اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آلاپ آلاپيائون ۽ ناچ جو نظارو ڏيکاريائون جو ابن صادق جهڙو پاڏو ب، مدهوشيءَ وچا جهوسي رهيو هو. جعفر جا خيال هن مجلس کان گهڻو پري هڪڙي ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ رسي رهيا هئا. هن محفل کي هلندي اڃا ڪلاڪ مس گذريو هو گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ جو آواز ٻڌي مڄي مجلس چرڪ پري مجاڳ ٿي. ابن صادق به ڪنهن جي اچڻ جي انتظار ۾ دروازي ۾ اکيو اڙائي ويهي رهيو ته ايتري ۾ هڪ شيديءَ غلام، اسحاق جي اچڻ جو اطلاع اچي ڏنو.

ابن صادق- جعفر کي آواز ڏيئي چيو ته شايد تون هڪ دلچسپ خبر ٻڌندين. ايتري ۾ اسحاق چانديءَ جي ٿالهي ۾ ڪو انساني سر رکي کڻي آيو ۽ ابن صادق جو سلام ڪري، اچي اڳيان رکيائين. ابن صادق، جعفر کي چيو ته هيءُ ڏسي اميد ته خوش ٿيندين. ائين چئي هڪ غلام کي اشارو ڪيائين، جنهن انهيءَ سسيءَ کي صفا ڪري جعفر جي اڳيان آڻي رکيو. سسيءَ کي سڃاڻي جعفر جو جگر جلي ويو. هيءُ سر ابن عامر جو هو. سڪل سنهن تي به هڪ سرڪ هئي جا گهڻيءَ جو ڏس ڏيئي رهي هئي. جعفر جون اکيون لڙڪن سان پرجي آيو. ارمان ۽ ڏک وچان اکيون پوري ڇڏيائين. زليخا، ابن صادق جي پرسان ويهي هيءُ نظارو ڏسي رهي هئي. جنهن آهني انسان سخت کان سخت جسماني تڪليفون سهڻ وقت سنهن ۾ سر ڪونه وڌو تنهن جي اکين ۾ لڙڪ ڏسي حيران ٿي ويئي. ابن صادق اسحاق جي پٺي ٺپري چيس ته سنهنجا بهادر ساٿي، هاڻي باقي هڪڙو شرط رهيو آهي. آءٌ گهران ٿو ته محمد بن قاسم جو سر به هن نوجوان جي لاش سان گڏ دفن ڪيو وڃي. جيڪڏهن تون انهيءَ هنيلي مر آڻڻ ۾ ڪامياب ٿئين ته پوءِ زليخا کي تو جهڙي بهادر سان لائون لهڻ ۾ ڪوبه اعتراض ڪونه ٿيندو. ائين چئي، ابن صادق زليخان ڏي نهاريو. زليخا جو خيال جعفر ڏانهن هو پنهنجي خيالن جي مرڪز کي لڙڪ وهائيندو ڏسي پاڻ جهلي ڪين سگهي. لڙڪن جون لڙهيون وهائيندي تڪڙو تڪڙو پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هلي ويئي. ابن صادق اٿي جعفر جي پرسان آيو ۽ چيائين ته ڄاڻان ٿو ته ابن عامر ۽ محمد بن قاسم سان توکي تمام گهڻي محبت آهي. ابن عامر جو سر پنهنجي پيرن وٽ ڏسي سگهين ٿو. باقي ابن قاسم جو سر به اميد ته جلد اچي ويندو. آءٌ تو سان انجام ٿو ڪريان ته جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ غرور ۾ ڀريل نوجوان جي سر اچڻ ۾ دير ٿي ۽ ٿوري انهيءَ کان اڳ وچي ابن عامر سان ملئين ته ٻه ٻين قاسم جو سر ٽنهنجي سر سان گڏ دفن ڪيو ويندو. پوءِ ابن صادق جي حڪم سان ڪجهه سپاهي جعفر کي سندس ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏي آيا.

(۴)

جعفر ڪجهه وقت ڪوٺيءَ ۾ بي حس ٿيو پيو هو. سجاڳ ٿيڻ تي اٿي، مٿو گوڏي تي رکي ويهي رهيو. رات ٿي ويئي ته به اٺين جو اٺين ويٺو رهيو. شايد ڪي خيال ستائي رهيا هئس. هونءَ ته ايڏو ڏکيو عرصو طرحين طرحين روحاني ۽ جسماني مصيبتون سهي بلڪل بي حس بڻجي ويو هو، پر اڄ اڪين ۽ ڪنن کان محروم ڪرڻ جي ڌمڪي سندس ڪنن تي هٿوڙي کان به وڌيڪ تيز اثر ڪيو هو. اهي لفظ ڪنن کان لنگهي دماغ جي پردن ۾ گشت ڪري رهيا هئس. اهڙيءَ وحشيانه سزا جي تصور بي قرار بنائي وڌو هوس. جيئن پئي وقت گذريو، تيئي وڌيڪ بي آرامي ٿيندو پئي ويو. آخر اٿي پنهنجي انهيءَ تنگ ڪوٺڙيءَ ۾ ٽهلڻ لڳو. ڪڏهن دل سان دعا پئي نڪتس ته اجوڪي رات ختم نه ٿئي ۽ ڪڏهن پئي چاهيائين ته هينئر ئي صبح ٿي پوي ۽ مون کي انتظار ۽ اوسيڙي کان ڇڏائي. گهڻي دير جي مغز ساريءَ کان پوءِ ننڊ مٿس غلبو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اتي ئي زمين تي پئجي رهيو. ٿوريءَ دير جي ننڊ کان پوءِ خواب ۾ ڏسي ٿو ته صبح ٿي ويو آهي. مون کي ڪوٺيءَ مان ڪڍي ٻاهر وڻ سان ٻڌو اٿن. ابن صادق خنجر سان اکيون ڪڍي ڇڏيون اٿم ۽ ڪنن ۾ اهڙي ڪا دوا وڌي اٿس جو ڪن سواءِ سوسائن جي ٻيو ڪوبه آواز سڻي ڪونه ٿا سگهن. انهيءَ عقوبت کان پوءِ وري ڪيس ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪري هليا ويا آهن. هو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي طاقتن کان محروم ٿي ڪوٺڙيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڌڪا پيو کائي. اٽري ۾ وري سپاهي اچن ٿا ۽ کيس ڪٽي وڃي ڪٺي ٻاهر ڇڏي ٿا اچن. اتي ويٺي ويٺي اوچتو سندس ڪن وري نيڪ ٿي پون ٿا ۽ وڻن تي ويٺل پکين جون مٺيون مٺيون ٻوليون ٻڌي سگهي ٿو ۽ پري کان ڪٿان ڪلثوم جي سڏن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچنس ٿا. هو اٿي ان آواز ڏانهن هلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر وک کڻڻ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڪري پوي ٿو. ڪرڻ سان اکين ۾ وري بينائي اچيس ٿي ۽ ڏسي ٿو تہ سامهون ڪلثوم بيٺي آهي. هائي تہ بي اختيار ٿي ٻانهون ڊگهيون ڪري ڪلثوم! ڪلثوم! ڪري پڪاري انهيءَ طرف وڌي ٿو پر ويجهو وڃڻ تي ڪلثوم جي بجاءِ هڪ ٻي نوجوان ڇوڪري ڏسي سنجهي ٻيهي رهي ٿو. سندس خواب جو پويون حصو حقيقت هو، ليڪن ڪلثوم جي بدران زليخا هئي جا ڪيس آزاد ڪرڻ لاءِ آئي هئي. جعفر هوشيار ٿيڻ تي سانس گفتگو شروع ڪئي:-

جعفر - اي منهنجي تاريڪ ڪوٺيءَ کي روشن ڪرڻ واري! سون پرڏيهيءَ تي رحم ڪرڻ واري همدرد ۽ غمگسار! تون سون بدنصيب لاءِ ڇو پنهنجو آرام ڦٽائي هن طرح تڪليفون وٺي رهي آهين؟ زليخا يڪدم وڌي وات تي هٿ رکيس ۽ چيائينس تہ خدا جي نالي هينئر چپ ڪر. ڳالهائڻ جي ضرورت ڪانهي. سون پنهنجا سڀ ڳجهہ پهريدارن کي ڏيئي منٿون ڪري سس سس ڪين پاڻ سان سلايو آهي. هو پاڻ کي دروازي سان ٻاهر ڪڍي ٻہ گهوڙا ڏيندا. تون سست ۽ ٻي همت نہ ٿيءُ. اٿ تہ هن ظالم جي قيد سان نڪري هلون.

جعفر حيران ٿي پڇيو تہ تون سون سان گڏ ڪيئن ٿي هلين؟ زليخا چيس تہ هيءُ وقت سوال جواب ڪرڻ جو نہ آهي. آءٌ بہ تو وانگيان قيديائي آهيان. منهنجي والدين جو گهر دمشق ۾ آهي. اميد تہ تون سون کي حفاظت سان اتي پهچائيندين.

جعفر - پوءِ ڀلا تون هن بي رحم جي ڦندي ۾ ڪيئن ڦاٿينءَ؟

زليخا - وقت تمام ٿورو آهي. اجايون ڳالهيون ڇڏ. جيڪڏهن ڪو چوڪيدار جاڳي پيو تہ سڄو نهيل ڪم بگڙي پوندو. آءٌ سڀ راز ڪان توکي واقف ڪنديس. هينئر اٿ تہ ٻاهر نڪرون.

جعفر - هينئر تنهنجو سون سان گڏ هلڻ مناسب نہ آهي. تون هتي ترس تہ آءٌ جلد توکي هن بند سان اچي آزاد ڪندس.

زليخا - نہ نہ، خدا جي واسطي سون کي نا اميد نہ ڪر، آءٌ توسان گڏ هلنديس. تنهنجي نڪري وڃڻ کان پوءِ جيڪڏهن هن کي ٿورو بہ شڪ پيو تہ تنهنجي پڄڻ ۾ منهنجو هٿ آهي تہ سون کي هرگز جيئرو ڪين ڇڏيندو، نہ تہ بہ توهان جي فوجن کان ٻچي هيءُ قلعو ڇڏي وري الائي ڪٿان وڃي نڪرندو، جتي توهين هرگز

هن کي رسي ڪين سگهندا. توهان کي شايد خبر ناهي ته هيءَ سردار سون ڏي اسحاق سان پرڻائڻ ٿو چاهي ۽ هن سان وعدو به ڪيو اٿس ته محمد بن قاسم جي سر آڻڻ تي سون کي سندس حوالي ڪيو ويندو. رب جي ناليِ، سون کي هن بي ترس ٻگهڙ کان بچايو.“ اٿين چئي جعفر جي دامن ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀرڻ لڳي.

جعفر ـ ڀلا تون گهوڙي تي سواري ڪري سگهندينءَ؟

زليخا ـ انهيءَ جو ويچار تون نه ڪر. آءٌ هن بي رحم انسان سان گڏجي اتڪل اڌ دنيا جو سفر گهوڙي تي ڪري چڪي آهيان. ائين چئي جعفر جي پيرن جون ڪڙيون ڪنجيءَ سان کولي کيس آزاد ڪيائين. جعفر کيس هٿ کان جهلي ٻاهر نڪتو. رستي ۾ هڪ هنڌ هڪ چوڪيدار کيس ڏسي رڙيون ڪيون، پر جعفر سندس آواز ڪرڻ کان اڳيئي گلو گهٽي پورو ڪري ڇڏيس. آخر هي ٻئي لڪندا ڇپندا، اچي ٻاهرئين دروازي تي پهتا. پهريدارن زليخا کي ڏسي دروازو کوليو. پريان وڻن جي جهڳٽي ۾ کو سالهو ڪجهه گهوڙا جهليو بيٺو هو. هنن کي ڏسي هو به گهوڙا وٺي وڻن آيو. هڪ تي زليخا سوار ٿي، ۽ ٻئي تي جعفر چڙهيو. جعفر کي تلوار ۽ ڍال به ڏنائون. جعفر هٿيار بدن تي لڳائيندي، پهريدارن کان پڇيو ته اسان جي نڪري وڃڻ سبب توهين ته ڪنهن مصيبت ۾ ڪونه ڦاسندا؟ پهريدارن جواب ڏنو ته اسان جو فڪر نه ڪريو. هو گهوڙا ڏسو. توهان جي وڃڻ کان پوءِ اسين به هتي ڪونه ترسنداسين. آخر جعفر پهريدارن جي هدايل رستي تي ڪٽي گهوڙو ڇڏيو. زليخا به سائس گڏ پئي هلي. جعفر ڪيترن مهينن کان پوءِ کلي ميدان ۾ آزاديءَ جو ساهه کنيو هو. آسمان جي نيليءَ چادر تي چمڪندڙ تارا سونهري موتين وانگر پئي جرڪيا. چنڊ جي ٿڌي ۽ هلڪي روشنائي آسپاس وڻن ٽڻن تي پئي پيئي. اها روشني هنن ٻن بيڪس ۽ تازو آزاد ٿيل روحن جي رهبري ڪري رهي هئي. پري وڻن ۾ لڪي لڪي ٽمڪندڙ ڪڙڪبيتا، وڻن جي خوشبوءِ ڀريل هوا، ميدان تي بيٺل ننڍا وڏا وڻ، پريان بيٺل ٽڪرين جون چوٽيون، مطلب ته هر شيءِ جعفر کي هميشه کان وڌيڪ خوبصورت ۽ دل لڀائيندڙ نظر اچي رهي هئي. اهڙيءَ طرح گهوڙا ڊوڙائيندي، پنڌ پورو ڪندي، نيٺ رات به اچي پوري ٿي، پکي پکڻ، پنهنجي آکيڙن ۾ خالق اڪبر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساراهه جا گيت ڳائڻ لڳا. گدڙ ۽ لومڙ پيٽ ڀري پنهنجي پنهنجي ڏرين ۾ ڪل لڪائڻ لاءِ ڊوڙندا نظر اچڻ لڳا. اڀرندي طرف کان سورج به ڊاڪون ڪيڻ شروع ڪيون. گهڻو اجالو ٿيو، تڏهن جعفر ڪجهه خيال ڪري گهوڙا ڍرا ڪيا ۽ پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه شروع ڪيائون. پهريائين زليخا پنهنجي گرفتار ٿيڻ جو احوال ٻڌايس. جڏهن زليخا ٻڌايس ته ابن صادق، اسحاق سان معاهدو ڪيو آهي ته محمد بن قاسم جي مسي آڻڻ تي سنهنجي شادي ساڻس ڪئي ويندي، تڏهن ڪنهن اونهي ويچار ۾ پئجي ويو. ڪجهه وقت جي فڪر ڪرڻ کان وري پڇيائينس ته توکي پڪ آهي ته اسحاق، محمد بن قاسم جي قتل ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو آهي؟ زليخا چيس ته هائو، هو ڪالهه شام جو ئي روانو ٿيو هو. "تڏهين هو اجا ڀري ڪونه ويو هوندو" ائين چئي جعفر گهوڙي جي واڳ هڪ طرف ورائي اڙي هنيس. زليخا به سندس پيروي ڪئي. اس ٽڪي ڏيڻ کان اڳ پنهنجي هڪ چونڪيءَ تي اچي پهتا. هيءَ چونڪي سنڌ کان بصره طرف ايندڙ رستي تي هئي. حفاظت جي خيال سبب ٽيهارو ڪن سپاهي هتي مقرر ٿيل هئا. ويجهو اچي جعفر گهوڙي تان لٿو. هڪڙو پوڙهو سپاهي جو تنبن جي ٻاهران بيٺل هو، سو جعفر! جعفر! پڪاريندو اڳتي وڌيو. ٻئي هڪٻئيءَ کي ڀاڪر پائي مليا. هيءَ پوڙهو جعفر جي ڳوٺ جو هو. گهڻن ڏينهن جي وڇوڙي کان پوءِ جعفر کي ڏسڻ ڪري خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو. خوشيءَ ۾ اچي جعفر جي پيشانيءَ تي چميون ڏيڻ لڳو. اکين مان بي اختيار ڳوڙها ڪرڻ لڳس. آخر پاڻ کي جهلي پڇيائينس ته ميان آءُ سان خير! تون هيترو وقت ڪٿي هئين! وري به خدا جو شڪر آهي جو توکي سلامت ته ڏٺو اٿئون. توکي ڳولڻ لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ماڻهو موڪليل آهن. تنهنجي پياءُ تنهنجي تلاش ۾ سنڌ جو وڻ وڻ ڳوليو آهي. محمد بن قاسم تنهنجي خبر ڏيڻ واري لاءِ پنج هزار اشرفين جو انعام مقرر ڪيو آهي. آخر تون هُئين ڪٿي؟

جعفر ـ چاچا سائين! آءٌ توهان کي سڀ حقيقت ڏيندس پر هيئر ڪنهن خاص ڪم سبب تڪڙو آهيان. پهريائين ٻڌايو ته هتان ڪو ڏاڍو مترو ماڻهو گهوڙي تي سوار رات وچ ۾ لنگهي ويو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙهو ـ هائو، پرهه ڦٽي ڏاري اهڙو هڪڙو سوار جنهن جو رنگ شايد ڪڪ رنگو هو، هتي آيو هو؛ چيائين ته حجاج جو خاص پيغام محمد بن قاسم لاءِ کڻي ٿو وڃان. هن هتي گهوڙو به مٽايو هو. اهو ٻڌي جعفر خوش ٿيو ۽ وڏيڪ چيائين ته توهين هڪڙو سپاهي تيار ڪريو جو هتان سڌو اتر اپرندي جي ڪنڌ تي ٻارهن چوڏهن ميل وڃي، اتي پهاڙي تي گهاٽن وڻن جي وچ ۾ هڪڙو لڪل قلعو آهي، اتي لڪي وڃي خبر چار رکي ته قلعي ۾ رهندڙ ويٺا آهن يا پڇي ويا آهن. جي ويٺا هجن ته انهن جي اچ وڃ تي نظر رکي، جي پڇي ويا هجن ته جلد موٽي اچي. يڪدم هڪڙو بهادر ۽ هوشيار سپاهي اوڏانهن روانو ڪيو ويو. پاڻ ۽ زليخا، هٿ مهنن ڏوني ڪجهه کاڌو ڪڍو. پوءِ انهن سپاهين سان پندرهن بهادر چونڊي کين چيائين ته توهين هن معزز خاتونءَ کي بصره وٺي وڃو. بصره جي واليءَ کي منهنجي پاران نياپو ڏجو ته کيس حفاظت سان باعزت دمشق ۾ پهچايو وڃي. توهين به رستي ۾ چونڪين ٿان جيترا سپاهي ٿي سگهن، پاڻ سان شامل ڪجو. شايد هڪڙو ڪميڻو دشمن توهان جي پٺ وٺي. جيڪڏهن مقابلي جو وقت اچي ته توهان جو سڀ کان اول فرض آهي، هن جان جي حفاظت ڪرڻ. سپاهين کي سمجهائي وري زليخا ڏانهن وڌيو جا حيرانيءَ سان ساري ڪارروائي ڏسي رهي هئي. جعفر گهڙي کن سندس اڳيان بيهي چيس ته ”مون کي ڪنهن دوست جي جان بچائڻ جو فڪر آهي، جنهنڪري به ترسي نه ٿو سگهان. منهنجا هي همراه توکي حفاظت سان بصره جي گورنر وٽ پهچائيندا، جتان توکي تنهنجي والدين وٽ موڪليو ويندو. اميد توکي رستي ۾ ڪا به تڪليف ڪانه ٿيندي.“

زليخا ـ توهين، اسحاق جي پٺيان ويندا؟

جعفر ـ هائو، اميد، جلدئي وڃي پڪڙيندو سانس.

زليخا ـ مهرباني ڪري سنڀال ڪيو، هو بهادر به آهي ۽ ساڳئي وقت مڪار به آهي.

جعفر ـ ان جو فڪر نه ڪر، خدا منهنجو مددگار آهي، دير ٿي ٿئي. تنهنجا ساٿي تيار آهن. زليخا گهوڙهن پرپل اکين سان ڏانهنس نهاري چيو ته فقط هڪ ڳالهه پڇڻ جي اجازت.....

جعفر ـ تون هڪ ڳالهه نه پر جيتريون تنهنجي دل گهري اوتريون ڳالهيون مون کان پڇي سگهين ٿي، ليڪن هي وقت شايد تون سنهنجي مجبوريءَ کان واقف نه آهين.

زليخا ـ آءٌ سڀ ڄاڻان ٿي. مون کي فقط ايترو ٻڌايو ته جنهن ڪلثوم جو نالو اکثر ڪري توهين وٺندا هئا... خوش‌نصيب... ڪير ڪلثوم جو نالو ٻڌي جعفر کي جهٽڪ کا وسريل ڳالهه ياد اچي ويئي ڪجهه وقت نه خبرني کانه پيس ته آءٌ ڪٿي آهيان. آخر هوش جاءِ ڪري زليخا کي چيائين ته آءٌ پانيان ٿو ته تو غلط اندازو لڳايو آهي. شايد هوءَ ايتري قدر خوش قسمت نه هجي.

زليخا ـ ڀلا هوءَ هن وقت حيات آهي؟

جعفر ـ والله اعلم......

زليخا ـ خدا ڪري ته هوءَ زنده هجي ۽ خوش و خرم هجي. جيڪڏهن هوءَ اسان جي رستي کان ايترو پري نه هجي ته آءٌ ڪيس هوند ڏسندي وڃان. توهين منهنجي اوڏانهن وڃڻ سبب رنج ته ڪين ٿيندا.

جعفر ـ سچ پچ تون اوڏانهن ويندينءَ!

زليخا ـ جيڪڏهن توهان کي ناگوار نه لڳي ته مون کي وڃڻ ۾ گهڻي خوشي ٿيندي.

جعفر ـ تمام سٺو. هي سپاهي توکي سنهنجي گهر رسائيندا آءٌ ۽ اميد ته جلدي اچي پهچندس.

زليخان ـ هوءَ توهان جي والده سان گڏ رهندي آهي؟ توهان جي شادي ٿي ويئي آهي؟

جعفر ـ نه هن جي پرورش اسان‌جي گهر ۾ ٿي آهي. ايترو چئي جعفر سپاهين کي حڪم ڏنو ته هن کي اسان جي گهر والده وٽ ڇڏي اچو. جعفر ايترو چئي روانو ٿيڻ تي هو ته زليخا جي‌نما ٿين اکين‌ ڪيس وري به ترسائي ڇڏيو. هن اکيون هيٺ ڪري ساڄي هٿ سان هڪڙو خنجر ڏانهس وڌائي چيو ته توهان جي هٿيارن سان هيءَ خنجر سياڳو سونڻ سمجهي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو اٿم. شايد ڪنهن مهل ڪم اچي.

جعفر ـ بيشڪ آءٌ خوشي سان اهو خنجر توهان کي پاڻ وٽ رکڻ لاءِ تحفو ڏيان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زليخا- عنايت، اميد تہ هيءَ خنجر هميشه منهنجي سيني سان گڏ هوندو. شايد ڪنهن مهل منهنجي ڪم اچي!

جعفر جنهن کي وڃڻ جي گهڻي تڪڙ هئي، سو ان وقت تہ اهي لفظ ٻي ڌياني‌ءَ سان ٻڌندو گهوڙي تي ٽپ ڏيئي هوا ٿي ويو، پر رستي ۾ جڏهن اڪيلو ٿيو تڏهين زليخا جا اُهي لفظ سندس ڪنن ۾ ٻرندا رهيا.

نمن نيڻ، رت وهي، چڻڪا ڪيو،
سون کي ڏنءُ ڏيو، آئين ٿا وجو اوڏيا
"شاه"

(٥)

هي سڄڻ سيئي، جي سون ڪو ڏنهاريا،
ايندم جان ٻمهي، تان سپ لاهيندم ڏکڙا
"شاه"

زليخا کي سپاهين سان گڏ موڪلي، جعفر، اسحاق جي پٺيان روانو ٿيو. هرهڪ اڳيان ايندڙ چونڪيءَ تي گهوڙو مٽائي، بنا ڪنهن آرام ۽ ساهيءَ پٽن جي اڳتي وڌندو ٿي ويو. اٽڪل چاليهہ پائيتاليهہ ڪوهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ کيس پري کان هڪڙو سوار ويندو نظر آيو، جنهن کي ڏسي هن گهوڙي کي اڃا بہ تکو ڪيو. اڳيان ويندڙ سوار پٺيان ٻيو سوار ايندو ڏسي پنهنجو گهوڙو ڊرو ڪيو. جعفر بہ کيس پري کان ئي سڃاڻو تہ هيءَ ڪير آهي؟ سو پنهنجو فولادي ٽوپ ڏورو نرڙ تي سرڪائي ڇڏيائين. اسحاق جڏهن ڏٺو تہ ايندڙ سوار بلڪل ويجهو اچي پهتو آهي، تڏهن پندرهن ويهہ قدم هٽي، رستو ڇڏي، پاسي کان هلڻ لڳو، پر جعفر کي تہ ماڻس ئي ڪم هو، سو ٻکايل شير وانگر ڏانهس وڌندو ويو. جڏهن ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا، تڏهن ساعت ڪن ٻئي چپ ۾ اچي ويا. آخر اسحاق ساٿ جي مهر پڇين خشڪيءَ سان پڇيو تہ "تون ڪير آهين ۽ ڪيڏانهن ٿو هينئن تڪڙو وڃين؟"

جعفر ڪڙڪو ڪري ڇيس تہ خيال ڪري سون ڏانهن نهار. توکي ٻنهي سوالن جو جواب ملي ويندو، ائين چئي ٻئي هٿ سان ڏوپ لاهي ڇڏيائين. جعفر کي سڃاڻي اسحاق جي هٿن سان جهٽڪ ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پيو. آخر هوش حواس جاءِ ڪري گهوڙيَ کي واڳن سان جهلي پري هٽائي حملي لاءِ تيار ٿيو. جعفر جو اڳيئي انهيءَ انتظار ۾ هو، سؤ به تيار ٿي بيٺو پهريائين اسحاق نيزو اپو ڪري گهوڙي کي اڙي هٽي جعفر ٿي اچي ڪڙڪيو، پر اڳيان به عربي شير هو، سو بجليءَ جهڙيءَ ڦرتيءَ سان هڪ طرف جهڪي ويو. اسحاق جو نيزو سندس ران تي هاڪي رهڻ جو نشان ڇڏي اڳتي وڌي ويو ۽ اسحاق به ڏورو اڳتي ويو. جعفر يڪدم پنهنجو گهوڙو ڦيرائي سندس پٺيان پيو. اينري ۾ اسحاق پنهنجي گهوڙي کي ننڍو چڪر ڏياري هڪ ڦيرو وري به اچي جعفر جي سامهون بيٺو. ٻئي سوار ساڳئي وقت پنهنجن گهوڙن کي اڙي هٽي نيزو سنڀالي هڪ ٻئي ڏانهن وڌيا. جعفر هن ڀيري به چالاڪيءَ سان دشمن جي وار کان پاڻ بچائي ورتو پر سندس نيزي جو وار اجايو نه ويو. اسحاق جي سيني سان جعفر جو نيزو پار ٿي چڪو هو ۽ پٽ تي ڪري پئي ٿڪيو. سندس گهوڙو، جو شايد ڪيس سچائي چڪو هو، زمين تي اچلائڻ کان پوءِ ڪانئس ڏهه ٻارهن قدم پري وڃي بيٺو هو. جعفر کي جڏهن پڪ ٿي ته اسحاق جو ڪم ختم ٿي چڪو آهي، تڏهن ساڳيءَ رفتار سان وري پنتي موٽيو. اهڙيءَ طرح چونڪين تان گهوڙا سمائيندو، اڳينءَ چونڪيءَ تي پهتو. انسي پهچي معلوم ٿيس ته ابن صادق پنهنجي مريدن سميت قلعو خالي ڪري ڪنهن طرف ڀڄي ويو. جعفر، پنو ۽ مس کڻي محمد بن قاسم جي نالي هڪڙو خط لکيو، جنهن ۾ ڪانئس موڪل وٺي اسحاق جي قيدي ۾ ڦاسڻ، ابن صادق وٽ قيد ٿيڻ ۽ وري زليخا جي مدد سان آزاد ٿيڻ ۽ اسحاق جو سندس، قتل لاءِ سنڌ ڏي روانو ٿيڻ ۽ خود قتل وغيره مختصر طرح لکي ڪيس ان مڪار جماعت جي شرارتن کان خبردار رهڻ جو تاڪيد ڪيائين. ٻيو هڪ خط حجاج بن يوسف جي نالي لکي ان کي به ساري حقيقت مختصر طرح ڏيئي لکيائين ته يڪدم ابن صادق جي گرفتار ڪرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. خط لکي ساڳيءَ پوڙهي جي حوالي ڪيائينس ته جلد مالڪن کي پهچايا وڃن. پاڻ وري به گهوڙي تي چڙهي اڳتي روانو ٿيو.

جعفر کي دل ۾ اها ڳالهه ويهي ويئي ته ابن صادق، زليخا جي پٺ ورتي آهي، سو پنهنجو ٿڪ ۽ آرام وساري گهوڙي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇائيندو پئي ويو ۽ سپڪنهن چونڪيءَ تان زليخا واري قافلي بابت پڇا ڪندو پئي ويو. ٻيءَ چونڪيءَ تي پتو پيس ته سپاهين جي ڪميءَ سبب اتان ڏهن ڪان وڌيڪ سپاهي ان ڪافلي سان شامل ٿي ڪين سگهيا هئا. انهيءَ خبر ٻڌڻ سان پاڻ تمام جلد زليخا جي سار لهڻ خاطر گهوڙي کي اجا به تکو ڪيائين. هوندئر سج لهي ويو هو. چوڏهينءَ جو چنڊ پنهنجي دلفريبين سان آسمان آي مسند نشين هو. چانڊوڪيءَ سبب بيابان جي واري چانديءَ جو فرش پئي ڏسڻ ۾ آئي. پر هيءَ جانباز پنهنجن ني ڪن خيالن جي ڌن ۾ آسپاس جي دلچسپ نظارن کان بي نياز ٿي چرين وانگر گهوڙي کي ڊوڙائيندو پئي ويو. اوچتو هڪ هنڌ واريءَ جي پٽن جي وچ ۾ ڪن گهوڙن ۽ ماڻهن جا لاشا ڏسڻ ۾ آيس جي ڏسي سندس شڪ خاطريءَ ۾ بدلجي ويو. گهوڙي کي اڙي هڻي اتي پهچي گهوڙي تان لهي پيو. پٽ تي پيل ڪي گهايل اجا ساهه کڻي رهيا هئا. منجهائن ڪن ڪي سڃاتائين. هڪ قتيل جهيڻي آواز ۾ پاڻي گهريو. جعفر جهٽ ڏيئي گهوڙي تان سانداري لاهي کڻي آيو ۽ کولي نه ٿي لپون ان سپاهيءَ کي پياريائين. پاڻي پيڻ سان زخميل مجاهد هوش ۾ آيو. جعفر کي سڃاڻي چيائين ته "ارسان جي ڳالهه آهي جو اسين توهان جي امانت حفاظت سان پهچائي نه سگهياسين. ليڪن توهان جي ارشاد موجب ان جي بچاءَ لاءِ آخر دم تائين لڙندا رهياسين، پر چا ڪريون قضا ائين هئي. دشمن بي انداز هئا. توهين هن جي خبر ونو." قتيل جانباز هٿ سان هڪ طرف اشارو ڪيو. جعفر چقدق وانگر ڇڪجي اوڏانهن ويو. هڪ پاسي پنج ڇهه لاشن جي وچ ۾ زليخا کي ڏسي جعفر جو مغز قرڻ لڳو. دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳس. اکين جي اڳيان انڌارو اچي ويس. جنهن مجاهد پيانڪ کان پيانڪ خطرن جو مقابلو ڪلندي ني ڪيو، سو هي نظارو ڏسي ڏکي ويو. سندس ٽنگون ست ڇڏڻ لڳيون. آخر پنهنجون سڀ طاقتون گڏ ڪري زور سان سڏ ڪرڻ لڳو. زليخا! زليخا! زليخا! زليخا ۾ اجا ساهه هو.

پيئي کڻي پساهه پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

ان موجب رڳو سندس اچڻ لاءِ ترسيل هئي، سا اکيون کولي فقط ايترو چئي سگهي :-

اڌر نڌر ايري، آهيان اسونهين
پرڏيهي پرين ڪيا، مرڻ لئي مونهين

جعفر اڳتي وڌي ٿڌي پاڻيءَ جا چنبا هنيس ۽ لپ ڪن پياريائينس. پاڻي پيڻ تي ڪجهه سڌير ٿي. جعفر سڌي هيٺان هٿ ڏيئي سڌو ڪري وهاريس. زليخا جي ڇاتيءَ ۾ خنجر لڳل هو. جعفر ڏڪندڙ هٿن سان اهو خنجر ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ گهريو، پر زليخا هٿ جي اشاري سان خنجر ڪڍڻ کان روڪيس ۽ چيائينس ته ”هن پنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيو آهي. اها تنهنجي نشاني پلي ته هميشه لاءِ مون سان گڏ هجي.“

”منهنجي نشاني!“ جعفر حيرت سان ڏانهس نهاري پڇيو.

هائو تنهنجي نشاني.“ زليخا ٻڌايس ته ظالم چاچو مون کي پڪڙي پاڻ سان گڏ وٺي ٿي ويو. ليڪن مون اهڙي جلاد سان گڏ رهڻ کان موت کي بهتر سمجهيو. خوش آهيان جو تنهنجو خنجر مون کي مهل ۾ ڪم آيو. ان لاءِ تنهنجي ٿورائتي آهيان.

جعفر- زليخا تو خودڪشي......

زليخا- هائو مون روزمره جي روحاني قتل کان هڪڙو ڀيرو جسماني موت قبول ڪيو. هيءَ منهنجي خودڪشي نه آهي. دلين جو مالڪ زياده سمجهندڙ آهي. زليخا ايترو ڳالهائي وري ڍرڪي پيئي. دم پرجي آيس. ضعيف سبب اکيون به بند ٿي ويس. جعفر هيءَ حالت ڏسي ڏجي ويو. هميشه جي جدائي اکين سان ڏسي بي اختيار ٿي مڌ ڪرڻ لڳس. زليخا مڌ ٻڌي اکيون کولي ڏانهس نهاريو پر ڳالهائي نه سگهي. وات تي هٿ رکي پاڻيءَ لاءِ اشارو ڪيائينس. جعفر يڪدم ساندارءَ جو منهن کولي کيس پاڻي پياريو. زليخا جي هيڪر وري ٻه سجاڳ ٿي ڪجهه وقت هڪ ٻئي ڏانهن اکيون اکين ۾ اٽڪائي ويهي رهيا. ڪجهو ڪنهن به ڪونه ٿي. آخر زليخا سانت جي مهر کي ٽوڙي چيو ته توهان جي گهر وڃي ... ڪي ڏسڻ جي سڌ هيم، پر ظالمن منهنجي خواهش پوري ٿيڻ نه ڏني. توهين جڏهن گهر وڃو ته کيس منهنجا سلام ڏجو. ايترو چئي وري به ڪمزوريءَ سبب چپ ٿي ويئي. جعفر وري به منهن تي پاڻيءَ جا چنبا هنيس ۽ به ٽي ڍڪ پياريائينس، جنهن تي وري به سات ۾ آئي. اکيون کولي پنهنجي گفتگو جاري رکيائين... آءٌ هڪ اهڙي وڏي سفر تي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي آهيان، جتي مون کي نه کو ڄاڻي نڪو سڃاڻي. منهنجا ساٿي پڻ شايد مون کي نه سڃاڻن، ڇو ته جنهن وقت مون کي هيءُ ڏاڙيلو ڪٽي آيو هو، ان وقت آءٌ تمام ننڍڙي هيس. آخر اتي به ڪونه هجي، جنهن کي آءٌ پنهنجو چئي سگهان. آءٌ توهان کي پنهنجو ته سمجهان ٿي، پر توهين مون کي ويجها به آهيو ۽ سلڻ جي خيال کان بلڪل پرانهان به آهيو. ڇا توهان مون کي اتي ملي سگهو ٿا... زليخا جا اهي الفاظ جعفر جي ڪنن مان جاءِ ڪري مغز جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ پهچي چڪا هئا. اکيون آليون ٿي ويس. وات سان اکر به ڳالهائي نه سگهيو. آخر جذبات تي قبضو ڪري چيائين ته ”زليخا! آءٌ هميشه لاءِ تنهنجو ٿيان، ان جو فقط هڪڙو طريقو آهي. زليخا جو نا اميديءَ سبب ڪوماڻل چهرو اهڙيءَ اميد ڀريل ڳالهه ٻڌڻ سان ٻهڪڻ لڳو. بي قرار ٿي پڇيائين تہ اهو ڪهڙو......؟

”منهنجي آقا جي غلامي قبول ڪر“ جعفر جواب ڏنو، پوءِ مون ۾ ۽ تو ۾ فرق ڪونه رهندو.“

”آءٌ تيار آهيان، پر تنهنجو آقا مون کي پنهنجي غلاميءَ ۾ قبول ڪندو؟“ زليخا وراڻيو.“ جڏهن آءٌ فقط ڪن گهڙين جي مهمان آهيان.“

”هائو بيشڪ!“ جعفر آنت ڏيئي چيس. ”هو بلڪل رحيم ۽ ڪريم آهي.“

” آءٌ دل جان سان تيار آهيان“ زليخا چيو. ”مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟

جعفر- ڪنهن گهڻي ڪَرَاڳَ جي ضرورت ڪانهي. فقط تون هي لفظ چؤ ”اَشهد اَن ... جعفر اشهد جو ڪلمو پڙهيو. زليخا اهي ساڳيا لفظ دهرايا. هيئنر اُپ اکئين پئي ڏٺو. جعفر وري به هڪ ڀيرو ڀاڻيءَ جا ڪجهه قطرا نڙيءَ ۾ وڌس. زليخا اکيون کوليون. جعفر چيس ته ”هتان ڏن چئن ميلن تي اسان جي فوجي چونڪي آهي. تون مون کي اجازت ڏي ته آءٌ اتان ڪجهه سپاهي وٺي اچان. شايد ويجهن ڳوٺن مان ڪٿان ڪو طبيب هٿ اچي سگهي.“ زليخا هٿ جي اشاري سان چيس، ته هاڻي طبيب جو اچڻ فضول آهي. منهنجو طبيب منهنجي اڳيان موجود آهي. ڀلائي ڪري هن پوئين وقت ۾ مون کي اڪيلو ڇڏي نه وڃ.“ ائين چوندي به لڙڪ وهي اچي ڳلن

تي پيس. جعفر اها حالت ڏسي وري به ساڳيءَ طرح ويهي رهيو. زليخا بلڪل ناتوان ٿي پئي. اڪيون پوري چپ ٿي پيئي هئي. سندس بندن نستو ٿي چڪو هو. ساهه تمام تيز ٿي هليس. جعفر اها حالت ڏسي اچي سيرانديءَ ڪان ويٺس. اهو بهادر جو جنگ جي ميدان ۾ جبل وانگر محڪم ۽ مست هاٿيءَ وانگر بي پرواهه هوندو هو، سو هيءُ نظارو ڏسي پاڻ جهلي نه سگهيو. اکين مان تسبيح جي چنل داڻن وانگر لڙڪ ڪرڻ لڳس. ڪي لڙڪ وڃي زليخا جي منهن تي ڪريا. گرم لڙڪن ڪرڻ سبب زليخا اکيون کولي جعفر ڏانهن نهاريو ۽ جهيڻي آواز ۾ چيائينس ته ”رڙڻ مان ڪهڙو فائدو؟ منهن ... جي ... لاءِ ... دعائي ... مغف... هن کان وڌيڪ چئي ڪين سگهي، سندس ڪنڌ هڪ پاسي لڙڪي پيو ۽ هميشه لاءِ آرام جي ننڊ ستهي رهي.

جعفر- انا لله ... پڙهي اٿيو. سندس اکيون بند ڪيائين ۽ مٿان پنهنجي چادر وجهي کيس ڍڪي، اٿي گهوڙي ڏانهن سوار ٿيڻ لاءِ هليو، پر ڪنهن خيال اچڻ سبب وري به زليخا جي بي جان جسم تان اچي چادر لاهي، سندس هيبدي منهن جو ديدار ڪيائين. ان وقت پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ زالن وانگر رڙيون ڪري رئڻ لڳو. هيئنئر رات به سوڪلائڻ واري هئي ۽ تارا گم ٿي رهيا هئا. پرهه باڪون ڪڍيون هيون. پري کان ڪنهن ڳوٺ مان الله اڪبر جو پڙلاءُ ڪن تي پيس. پاپائين ته ڪا وسريل ڳالهه ياد اچي ويس. زليخا جي منهن تي ڪپڙو پائي، پاڻ اٿي وضو ڪري فجر جي نماز ادا ڪيائين. پوءِ لاش کي خدا جي حفاظت ۾ ڇڏي گهوڙي تي چڙهي چونڪيءَ تي آيو جتان ڪجهه جيترا سپاهي به وٺي آيو. پاڻ جنازي نماز پڙهايائين. پوءِ ٻنهي لاشن کي دفن ڪري، همراهن کان سوڪلائي پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جي ارادي سان گهوڙي تي چڙهي هڪ طرف روانو ٿيو.

مسئيءَ جي سريءَ سان، ڪيچ ڏٺي ڪانڌي.
پسڻ ڪارڻ پريئنءَ جي، منڌ هئي ساندي،
لڪن تان لطيف چئي، آريانيءَ آندي،
پنهونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿئي.

باب ٻيو

(١)

”اڙاڻي اڏ-ڳ“

جعفر سڄو ڏينهن گهوڙو ڊوڙايو. ظهر کان ٿورو اڳ هڪ ڳوٺڙي ۾ ترسي دم ڪنيائين. ڏينهن لڙڻ تي وچين نماز پڙهي وري به گهوڙي کي تيار ڪيائين. سوار ٿيڻ سان ويچاري گگدام کي سرپٽ ڪٽي ڇڏيائين. فقط سانجهي نماز لاءِ سو وات تي لٿو، باقي ٻيو سمورو وقت هل‌هلان ۾ مست هو.

سانجهي نماز کان پوءِ وري به گهوڙي تي سوار ٿي اڳتي روانو ٿيو. سج لهڻ کان پوءِ ٿڌي هوا جا جهوٽا شروع ٿيا، جن هن غريب جي بدن ۾ نئون روح ۽ اسنگ پيدا ڪيو. جلدئي چنڊ اڀريو. چنڊ جي روشنائيءَ ۾ پري کان واريءَ جا دڙا ۽ ڪجين جا ڍڳها وڻ ڏسڻ ۾ آيا. هاڻي پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو هو، جيئن جيئن ڳوٺ کي قريب ٿيندو ويو، تيئن تيئن ننڍي هوندي جا واقعا اکين اڳيان اچڻ لڳس. سعيد جو ڪلثوم کي سندن گهر وٺي اچڻ. ڪلثوم سان گهر ۾ رانديون ڪرڻ، تلاءَ ۾ گهڙڻ، ڪلثوم جو تلاءَ ۾ غوطا کائڻ، عبدالله جو بصره جي درسگاه ۾ داخل ٿيڻ وغيره سڀ واقعا هڪ هڪ ٿي سئينما جي پردي وانگيان اڳيان اچڻ لڳس. ساڳئي وقت ابن صادق وٽ قيد ٿيڻ، زليخا سان ملاقات ٿيڻ ۽ سڀ کان زياده زليخا جي سڻ وارو وقت ۽ هن جا آخرين لفظ سندس ڪنن تي سترڪن وانگر ڦهڪا ڪرڻ لڳا. گهڻي ڪوشش ڪيائين ته زليخا جي ياد وسري وڃي، پر سڀ ڪوشش اجائي ويس ڪيس چوطرف زليخا جي مظلوميت ۽ لڙڪن پريل اکين وارو سنهن ڏسڻ ۾ پئي آيو، جنهن کان متاثر ٿي پاڻ به ڪيستائين رئندو رهيو. رئندو به رهيو ۽ هلندو به رهيو. آخر اچي ڳوٺ جي ساسهون پهتو. سندس خيال هاڻي زليخا کان ڦري گهر ڏانهن ڌسڻ لڳا. گهر جي باري ۾ ڪيترا اجايا وهم ۽ خيال سندس دماغ ۾ پيدا ٿيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ زائل ٿيڻ لڳا. هو پنهنجي اميدن جي پوري ٿيڻ واريءَ جڳهه ڏانهن وڃي رهيو هو، پر سندس دل ۾ نوجوانن وارو ذوق ۽ ولولو ڪونه هو. هن پنهنجي گذريل عمر ۾ پاڻ کي ڪڏهن به اهڙو نستو ڪين سمجهو هو. گهوڙي تي به ائين سريضن واگر وينو هو. دل ۾ ڪيترن ئي خيالن جو هجوم متل هوس. پنهنجي ماحول کان بي نياز گم سم گهوڙي تي ويٺو رهيو. هوشيار گهوڙو پنهنجي ساٿيءَ کي سندس منزل گاهه ڏي کڻي پئي ويو. اوچتو دف جي واڄي جي آواز جعفر کي سجاڳ ڪيو. هينئر هو پنهنجي گهر کي بلڪل سامهون هو. پهريائين دل ۾ خوشيءَ جي لهر اٿيس ۽ خيال ٿيس ته هڪڙيءَ ڊوڙ ۾ وڃي گهر پهچان، ليڪن وري ٻيو پور پيس، جنهن پهريائين پيدا ٿيل خوشيءَ کي فنا ڪري ڇڏيو. زليخا، مظلوميت جي تصوير بنجي اچي اکيان بيٺيس ۽ دل ۾ اٿندڙ خوشيءَ جي امنگن کي غم جي اونداهي پاڇي هيٺ ڍڪي ڇڏيائين. جعفر پنهنجي گهوڙي کي روڪي هيٺ لٿو. واريءَ جو ننڍڙو دڙو سندس آڏو ڏيئي ويٺي رهيو. گهوڙو به پاسي کان بيهي رهيو سندن گهر جو دروازو کليو پيو هو ۽ روشنائي به اڳيئن کان گهٽي هئي. ماڻهو به ٽوليون ٽوليون ٿي اندر پئي ويا. اندران دف جي واڄي سان گڏ سٺن سٺن گيتن جو دل ڦريندڙ آواز پئي آيو. هيءَ بگڙيل قسمت وارو مسافر، اهي سڀ نيون ڳاليهون ڏسي اڳيئن کان به وڌيڪ حيران ٿي ويو. سندس دماغ ۾ طرحين طرحين خيالن ۽ ويچارن جو ڪورو متل هو جتي ڪئين خيال آيا ۽ ويا پئي اجا ڪنهن ارادي تي پهتوئي ڪين هو ته هڪ ڇوڪرا سندس گهران ڊوڙندو ٻاهر نڪتو. جعفر اڳتي وڌي اچي ٻانهن کان جهليس. هيڪر ته ڇوڪرو ڊڄي ويو، پر وري پنهنجي فطري بهادريءَ آڌار ڏنس؛ سو بي ڊپو ٿي اڳيانس کڙو ٿي بيٺو. جعفر پڇيس ته هن گهر ۾ اڄ هيترا ماڻهو ڇو اچي مڙيا آهن؟

ڇوڪر - هيءُ عبدالله جو گهر آهي ۽ سندس شادي آهي. آءٌ قاضي صاحب کي نڪاح پڙهڻ لاءِ وٺڻ ٿو وڃان. ڇوڪر، جعفر کي سڃاڻي ڪين سگهيون ڇو ته هڪ ته انڌيرو هو ۽ ٻيو ته جعفر ٽوپ سان اڌ منهن ڍڪي ڇڏيو هو.

جعفر - عبدالله جي شادی ڪنهن سان ٿيَ ٿئي؟

ڇوڪر - تون شايد پرديسي آهين، هلي شاديءَ جي دعوت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ شريڪ ٿيءُ ٻن جي شادي ڪلثوم سان ٿي ٿئي.

جعفر - عبدالله جي ماءُ ڪٿي آهي؟

ڇوڪر - عبدالله جي ماءُ! انهيءَ کي ڇوڏهن پندرهن ڏينهن ٿيا ته گذار ڪري ويئي. ايترو چئي ڇوڪرو ڀڄي ويو. جعفر ۾ وڏيڪ ٻڌڻ جو ست ڪونه رهيو. هن جو مٿو ڦرڻ لڳو ۽ ڪرڻ تي هو، پر هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏيئي ٻيهي رهيو اکين مان لڙڪ ائين وهڻ لڳس جيئن ڦڪل ٻير مان ڏوٺڻ تي ٻير ڇڻندا آهن. ماءُ کي ياد ڪري اوڇنگارون ڏيئي رئڻ لڳو ۽ جيجل اما! پڪاري ٻارن وانگر سڏڪا ڀريندو رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ساڳيو ڇوڪرو قاضيءَ کي ساڻ وٺي گهر اندر داخل ٿيو. ان وقت وري به جعفر جي دل ۾ ٻن خيالن جي لڙائي لڳي. هڪڙو آواز هو ته هيئنر به ڪلثوم تنهنجي ٿي سگهي ٿي. عبدالله کي جيڪڏهن معلوم ٿئي ته تون زنده آهين ته هو پنهنجون سڀ خوشيون قربان ڪري تنهنجي ويران دل کي آباد ڪندو. وقت آهي، سست نه ٿيءُ. ٻيو آواز هو ته هيئنر تنهنجي ايثار ۽ قربانيءَ جو وقت آهي ڪلثوم سان عبدالله جي محبت توکان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ڪين آهي. قدرت کي اهائي ڳالهه پسند آهي ته ڪلثوم ۽ عبدالله گڏ رهن. جان نثار ياءُ تنهنجي واسطي پنهنجي شادماني ڇڏڻ لاءِ تيار آهي ته توکي به هن لاءِ قرباني ڪرڻ گهرجي. اهو جو تنهنجي ٻولا ۾ سنڌ جي رڻ پٽ کي جهاڳڻ کان بس نه هٽيو، هيئنر تنهنجي وجود کان نا اميد ٿي ڪلثوم سان شادي ٿو ڪري. تون مجاهد آهين، توکي به پنهنجي دل تي ضابطو رکڻ گهرجي. ڪلثوم جو ذڪر نه ڪر وقت گذرڻ تي هن جي دل مان تنهنجا نقش سنجي ويندا. آخر تو ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهه آهي. جا عبدالله ۾ ڪانهي! آخر اهو آواز سندس دل تي غالب ٿيو، جعفر سمجهو نه ڪو ڳورو ٻار سندس دل تان لهي پيو.

(٢)

جنهن مهل عبدالله ۽ ڪلثوم جو نڪاح پڙهيو، ان مهل جعفر سندس گهر جي سامهون هڪ وڻ هيٺ سجدي ۾ سر رکي دعا گهري رهيو هو:- ”اي دانا بينا سائين! اي قادر قيوم! هن شاديءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ خير ۽ برڪت نازل فرماءِ. اي رب رحيم! عبدالله ۽ ڪلثوم سڄي عمر خوش رهن ۽ هڪ ٻئي تي جان دل سان فدا هجن. منهنجا سائين! منهنجي حصي جي خوشي به کين عطا ڪر...... جڏهن نفل پڙهي واندو ٿيو ۽ گهرجي درازي ڏانهن نهاريائين ته ڏٺائين ته آيس ته عبدالله مهمانن کي دروازي تي رخصت ڪري رهيو آهي. دل ۾ خيال ٿيس ته ڊوڙي وڃي پاڻ کي مبارڪ ڏئي، پر وري ڪنهن ويچار اچڻ سبب اتي ئي بيٺو رهيو؛ جڻ ڪو چئي رهيو هوس ته هن وقت تنهنجو ظاهر ٿيڻ مناسب نه آهي. ڪلثوم جنهن تنهنجي گهر ۾ وڃڻ ۽ گولڻ تي به پتو نه سبب توکي لاپته سمجهي سيني تي سر رکي توکي مهسانئي چڏيو هوندو، توکي زنده ڏسي، هن جا ستل سور وري نئين سر جاڳندا. چتل ڦٽ وري کلي پوندس هيستائين جيو صبر ۽ قرار حاصل ڪيو هونداٺن، سو وري چڏائي ويندس. منهنجي محبوب پاڻ جي گهر واريءَ جنهن بيآراميءَ تي غالب پئجي اطمينان حاصل ڪيو آهي، تنهن کي جڏهن منهنجي جيئرو جاڳندو اچڻ جي خبر پوندي تڏهن ڪهڪ ڦٽي پوندو ۽ شايد هن جي ساري زندگي بي مزي ٿي پوي. عبدالله! سون کي ڏسي يقينا شرمندو ٿيندو. تهنڪري بهتر آهي ته هينئر هنن کان پري رهان ۽ پنهنجي بدبختيءَ ۾ هنن کي پائيوار نه بنايان. اهو سوچي اتي ئي ٿڌيءَ واري تي ليٽي پيو. ساري ڪائنات ننڊ ۾ هئي پکي پکڻ آکيرن ۾، ساٿهو گهرن ۾، ڍڳا ڍور وٿاڻن ۾، جانور پنهنجي پنهنجي ڏرين ۽ ڏمن ۾ مٺي ننڊ جو مزو ماڻي رهيا هئا. البت ڪنهن ڪنهن مهل چپري جي مهي ۽ ڍڳي ڪوڪ، ان وقت جي مثل دنيا ۾ آئي ٿي، نه ته بيو ٿيو خير. ٿڌي ٿڌي هير لڳي رهي هئي، پر جعفر جي لاءِ اها سڙي هير تنور جي جيڀن کان گهٽ ڪونه هئي. اهڙيءَ من سوهڻيءَ مهل هڪڙو هي خدا جو بندو، بيآرام ۽ بيقرار هو. آسمان ۾ چمڪندڙ تارا لڪي لڪي کيس گهوري رهيا هئا. جڏهن واريءَ تي ويهي ويهي ٿڪو، تڏهن اٿي هيڏانهن هوڏانهن ٽهلڻ لڳو رات به هالي من مفهوم کي وڏيڪ ڏسڻ پسند نه ڪيو ۽ پوئين پهرين موڙڻ لڳي. جعفر بياختيار پنهنجي گهر ڏانهن وڌي رهيو هو. پاهرئين دروازي تي بيهي چيرن سان ليماڪو پاڻي اندر ڏسڻ لڳو. ساهه کي ياد ڪري اکين مان لڙڪ ڳاڙي اتيئي بيٺو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺو رهيو. سونهن جي ويچار ۾ هو ته انهن ئي اڱڻ ۾ ڪنهن جي هلڻ جي آواز سندس ڌيان پاڻ ڏي ڇڪي ورتو. ڏٺائين ته ڪلثوم ۽ عبدالله صفي سان نڪري اڱڻ ۾ آيا آهن. جعفر چاهيو ته سنهن ڦيرائي ٻئي پاسي ڪريان، پر هن ڏٺو ته عبدالله شاديءَ جي ڪپڙن بدران زره پائي ويٺو آهي ۽ ڪلثوم سندس ڪمر تي تلوار ٻڌي ٻڌي. عجب ۾ پئجي ويو ۽ وڌيڪ ڇا ٿو ٿئي سو لکي ڏسڻ لڳو. هن ايترو ته سمجهيو ته عبدالله ڪنهن پاسي جهاد تي وڃي ٿو. اها ڪا نئين يا عجب جهڙي ڳالهه ڪانه هئي. اهو زمانوئي اهڙو هو، جنهن ۾ هر مسلمان هروقت راه خدا ۾ سر ڏيڻ لاءِ تيار رهندو هو. خير عبدالله طبيلي مان گهوڙو ڇوڙي وري به اچي ڪلثوم جي پرسان ويٺو.

”ڪلثوم، تون خوش ته آهين؟“ عبدالله مرڪندي ڪلثوم جي اکين مان اکيون ملائي ڪانئس پڇيو. ”ڇو نه“ اج نه خوش ٿيندس ته سون يتيم لاءِ ٻيو ڪهڙو خوشيءَ جو سج اڀرندو؟“ ڪلثوم خوشيءَ ۾ ٽهڪندي جواب ڏنو. آءٌ نه چاهيان ٿي ته آءٌ به زره پائي هٿيار ٻڌي توهان سان گڏ ميدان جنگ تي هلان.

عبدالله ـ مون کي خبر آهي ته تون بهادر آهين ۽ هٿيار به هلائي ڄاڻين ٿي، پر مون توکي اڄ سارو ڏينهن ڏٺو آهي ته ڪنهن فڪر ۾ غلطان آهين. تنهنجي دل تي ڪو نامعلوم بار آهي ۽ تون مون کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪرين ٿي. پر آءٌ ڄاڻان ٿو ته انهن ڳڻتين جو سبب ڪير آهي؟ بيشڪ جعفر وساري ڇڏڻ جهڙي هستي نه آهي. ڪلثوم! اسين سڀ خدا وٽان آيا آهيون ۽ وري به انهيءَ وٽ موٽي هلڻو اٿئون. جيڪڏهن هو زنده هجي ها ته ضرور هيتري وقت ۾ موٽي اچي ها. هو مون کي ڪو توکان گهٽ عزيز ڪين هو. خدا جو قسم اڄ به منهنجي جان جي عيوض جعفر واپس اچي سگهي ته پنهنجي ساهه ڏيڻ کان ڪين مڙندس.

ڪاش! توکي هيءَ خيال اچي ته آءٌ به تو وانگر يتيم ۽ اڪيلو آهيان. والده ۽ جعفر جي جدائيءَ جي داغ سهڻ کان پوءِ، هن زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ توکان سواءِ ٻيو ڪير آهي، جنهن کي آءٌ پنهنجو... عبدالله انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه به ڪجهه ڪين سگهيو. ڏک کان سندس گلو ڀرجي آيو. اکين مان لڙڪ وهڻ لڳس. گهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ڪان پوءِ گهنٽيل آواز ۾ چيائين تہ ڪلثوم! جيڪڏهن اسين ڪوشش ڪريو تہ جيڪر هڪ ڀيرو ٻيهر هٿي ڪي خوش رکي، هيءَ قتل ۽ ويران گهر وري وسائي سگهون ٿا. ڪلثوم بہ سندس غم ۽ ڏک ۾ ڀائيوار ٿي ساڳئي گهٽيل آواز ۾ چيو تہ ”آءٌ هرڪا ڪوشش ڪري توهان کي خوش رکڻ جو جتن ڪنديس.“

عبدالله ـ ”سون بابت زياده فڪر نہ ڪج، جو تہ اسپين ۾ سون کي هاڻي ڪنهن خطرناڪ دشمن کي سنهن ڏيڻو ڪونہ آهي. ملڪ تقريباً سڄو فتح ٿي چڪو آهي، باقي بچيل ٽڪرن جي حاڪمن کي اسان سان ساڃهون ٿيڻ جي توفيق ڪانہ رهي آهي. آءٌ جلد ايندس ۽ توکي بہ ساڻ وٺي هلندس. وڌ ۾ وڌ ڇهہ مهنا هن سفر ۾ لڳندم.“ عبدالله خدا حافظ چئي گهوڙي تي سوار ٿي دروازي ڏانهن وڌيو. جعفر ڪيس ايندو ڏسي پريرو ٿي ڪجور جي هڪ سڪل ٽڙ جي آڙ ۾ ٿي ويٺو. دروازي سان ٻاهر نڪري عبدالله هڪ ڀيرو وري بہ ڪلثوم کان موڪلايو ۽ پوءِ گهوڙي کي اڙي هڻي روانو ٿيو. ڪلثوم ڪيس ڏسندي ۽ سندس خير سلامتيءَ سان موٽي اچڻ لاءِ دل ئي دل ۾ دعائون گهرندي رهي.

(٣)

صبح ٿيڻ جا نشان ظاهر پيا ڏسجن. ايرندي پاسي ڳاڙهاڻ وڌندي وڃي، عبدالله پنهنجي گهوڙي کي تکو هڪليندو پيو وڃي. اوچتو پٺيان ڪنهن جي گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ جو آواز ٻڌائين. منهن ڦيرائي ڏٺائين تہ هڪڙو گهوڙي سوار ڪانئس بہ گهوڙو تکو ڪاهيندو پيو اچي. عبدالله گهوڙو روڪي، پنهنجي پٺيان ايندڙ سوار کي ڏيان سان ڏسڻ لڳو. نئين سوار فولادي ٽوپ اهڙيءَ طرح پاتو هو، جو سندس منهن ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو. جڏهن اهو سوار عبدالله جي پر وٽان اچي لنگهيو، تڏهن عبدالله هٿ سان اشارو ڪري گهوڙو روڪڻ لاءِ چيس، پر هو ساڳيءَ رفتار سان هليو ويو. اتي تہ عبدالله کي وڌيڪ فڪر ٿيو، سو سندس پٺيان گهوڙو تيز ڇڏي ڏنائين. عبدالله جو گهوڙو تازو توانو هو، تنهنڪري پهچي ويندڙ سوار (جو تمام تکو شهسوار ڏسڻ ۾ پئي آيو) جلد ئي وڃي پهتو. هن جو گهوڙو ٿڪل پئي معلوم ٿيو. عبدالله ويجهو وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيس تہ جيڪڏهن دوست آهين تہ بيهي رهہ (ڀاڻ ٽوپ لاهي) ۽ ٻنهن ڌيڪار پر جي دشمن آهين تہ مقابلي لاءِ تيار ٿيءُ. انهن چئي ڀاڻ بہ نيزو ڪڍي تيار ٿي بيٺو. ايترو ٻڌي ٻئي سوار بہ گهوڙو ڍرو ڪيو. ”سون ڪي معاف ڪج“ عبدالله چيو. ”آءٌ معلوم ڪرڻ ٿو گهران تہ تون ڪير آهين؟“ جو تہ سنهنجو هڪڙو ڀاءُ هوندو هو جو قد ڪاٺيءَ ۾ تو جيترو هو ۽ گهوڙي تي بہ تو وانگر ٿي وهندو هو. اميد تہ توهان ڪي پنهنجي نالي ٻڌائڻ ۾ ڪوبہ اعتراض ڪونہ ٿيندو. سوار بلڪل ساڻ ۾ هو. عبدالله گهٽائي وس ڪيا، پر هو ڪين ڪڇيو. عبدالله ايترو بہ چيس تہ جي تون ڪنهن سبب ڳالهائڻ نہ ٿو گهرين تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو منهن تہ ڌيڪار. جيڪڏهن تون جاسوس آهين تہ بہ ڌسڻ بنا توکي اڳتي ڪين ڇڏيندس. پر سوار تي سندس ڳالهين جو اثر اهڙو ٿيو جهڙو ڪنهن پوڄاريءَ جي التجائن جو ڪنهن پٿر جي بت تي ٿئي. نيٺ لاچار ٿي نيزي جي انيءَ سان محبوب سوار جو فولادي ٽوپ لاهي ڇڏيائين، تہ بہ سوار انهن جو انهن بيٺو رهيو. جڏهن عبدالله جي نظر انهيءَ خاموشيءَ جي ديوتا تي پيئي تہ ڏهن وات سان هڪ ڊهيل رڙ نڪري ويس. بيهوش ٿيڻ تي هو پر ڀاڻ کي سنڀالي ورتائين. ڪيترو وقت ٽڪٽڪي لڳائي سامهون بيٺل کي ڏسندو رهيو جڻ تہ ڳالهائي جي طاقت گم ٿي ويئي اٿس. سامهون بيٺل سوار جي اکين سان بہ لڙڪن جون لڙهيون وهي رهيون هيون. هن جي زبان سان بہ آواز نہ ٿي نڪري سگهيو. ڪجهہ وقت جي خاموشيءَ کان پوءِ، ٻئي پائر گهوڙن تان لهي، هڪ ٻئي سان لپيٽجي ويا. ”وڏو بيوقوف آهين جعفر!“ ڌار ٿيڻ مهل عبدالله چيو. ”هوين جو بہ ڪو خيال پيئي؟ تنهنجو ڀاءُ خبر انيئي تہ تنهنجي ڳولا ۾ سنڌ جي سر زمين جو انچ انچ ڳولي ٿڪو آهي. ڪلثوم روزانو توکي ڌسڻ لاءِ ڳوٺ جي آسپاس واريءَ جي دڙن تي چڙهيو، تنهنجون راهون پئي تڪيون. سڀ کان وڌيڪ منڙي جيجل تنهنجي جدائيءَ ۾ ۽ تنهنجي اچڻ جي انتظار ۾ فڪر ۽ ڳڻتيون ڪري انهن ٿي خيالن پڄائيندي وڃي قبر...“ ساءُ جي يادگيري اچڻ سبب وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو، اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيس، جعفر جي بہ ساڳي حالت هئي. هن جو منهن سندس دل جو سڀ حال ٻڌائي رهيو هو. عبدالله تي جعفر جي ساٿ جي سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍو اثر ڪيو: سو وري به ياڪر پائي، پنهنجي ڀيرانڻ جي پلاند سان اکيون اگهيائينس، جيئن ڪنهن يتيم ٻار کي سندس بيوهه ماءُ رئڻ کان بس ڪرائيندي آهي. دلاسا ڏيندي چيائينس ته جعفر خدا جي واسطي ٻه لفظ ته ڳالهاءِ. هيترن ڏينهن کان ٻوءِ سليو آهين. ايڏي ڏکي وڇوڙي کان پوءِ به منهنجا ڪن، تنهنجي مٺن لفظن ٻڌڻ کان محروم رهندا ڇا؟ يقيناً آءٌ نفرت جي لائق آهيان، پر تنهنجي محبت ۾ اميد اٿم ته مون کي معاف ڪندين. گهر کي هيترو ويجهو آيو آهين ته به گهر ڏانهن نه آئين! خبر نه آهي ته انهيءَ ۾ ڪهڙو راز آهي. آخر تون هيترو وقت ڪٿين ڪٿي؟ نيٺ جعفر پاڻ سنڀالي ڳالهايو:-

”ادا سائين! رب کي انهن ئي منظور هو. هن نه ٿي گهريو ته آءٌ گهر اچان.“

”ڀلا مون کي ايترو ته ٻڌاءِ ته تون ڪٿي وڃي لڪوهئين؟“ عبدالله چيو ته اسان جي هيترين ڪوشش هوندي به تنهنجو ڪو نشان پتو ڪونه مليو.

جعفر پنهنجو سڄو داستان مختصر ڪري ماءُ کي ٻڌايو، پر ان ۾ نڪي زليخا جو ذڪر ڪيائين ۽ نڪي اهو ٻڌايائينس ته ڪو رات تنهنجي نڪاح مهل آءٌ گهر وٽ موجود هوس.

عبدالله- تون قيد مان آزاد ٿي سڌو گهر ڇونه آئين؟

جعفر وٽ انهيءَ جو ته ڪو جواب ڪونه هو، تنهنڪري ماٺ ۾ رهيو.

عبدالله- ڀلا ايترو ته ٻڌائينم ته هينئر به گهر وڃڻ جي بدران تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟

جعفر- آءٌ ابن صادق کي گرفتار ڪرڻ لاءِ بصره مان ڪجهه سپاهي وٺڻ لاءِ وڃان ٿو.

عبدالله- آءٌ توکان فقط هڪ ڳالهه پڇان ٿو، اميد ته سچ ڳالهائيندين.

جعفر- انشاء الله تعالیٰ آءٌ ڪوڙ ڪين ڳالهائيندس.

عبدالله- بند مان ڇٽڻ کان پوءِ توکي ڪنهن ٻڌايو ته ڪلثوم جي شادي ٿيڻ واري آهي؟

جعفر ڪنڌ ڌوڻي نه ۾ جواب ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله ـ توکي هاڻي خبر آهي ته ڪلثوم جي شادي ٿي چڪي آهي؟

جعفر ـ هائو، توهان کي مبارڪون هجن. منهنجي دعا آهي ته پاڻ ۾ شال سدائين کيرکنڊ هجو...

عبدالله ـ (تکڙ سان) ”نون گوٺ ويو هئين؟ گهر ڪونه وئين ڇا؟“ عبدالله ڪجهه ساهيءَ ڇني ويو.

جعفر وري به خاموش ٿي ويو.

عبدالله ـ منهنجا محبوب ڀائڙا! تون ڪڏهن به ائين نه سمجهج ته آءٌ ڪو تنهنجو بدخواهه آهيان. شل الله سائين اهو ڏينهن نه ڪري جو آءٌ تنهنجو مدو ٿيان. مون بلڪل مجبور ٿي نڪاح ڪيو آهي. جڏهن توکي ڳولي ڳولي ٿڪاسون ۽ ڪٿان به تنهنجي خبر نه ملي تڏهن نيٺ تنهنجي زندگيءَ کان نااميد ٿي والده جي وصيت موجب رات مون نڪاح ڪيو آهي، پر جيڪڏهن تنهنجي........

عبدالله اڃا به ڪجهه وڌيڪ چوڻ وارو هو پر جعفر اوچتو سندس پيرن تي ڪري پيو ۽ سڏڪا ڀريندي چيائينس ته ادا سائين! خدا جي واسطي وڌيڪ شرمسار نه ڪريوم. توهان جي شاديءَ ۾ منهنجي به مرضي شامل هئي. نڪاح وقت آءٌ به گهر جي ماڻهن ۾ موجود هوس ۽ سڀڪجهه اکين سان ڏسي ۽ ڪنن سان ٻڌي، دل ۽ من سان سمجهي رهيو هوس، پر رڳو انهيءَ ڪري گهر ڪونه آيس جو مون توهان ۽ ڪلثوم تي ظلم ڪرڻ نه چاهيو. نڪي چاهيم ته ڪلثوم جا چتل ڦٽ وري رسجن. جا ڪلثوم هڪ ڀيرو مون کي وساري توهان جي ٿي چڪي آهي، تنهن کي ٿڻين سر پنهنجي زنده هئڻ جي ثابتي ڏيڻ مناسب نه سمجهيم. توهان بي سيار آهيو. توهان تي ڪوبه ڏک ڏوراپو ٿي نه ٿو سگهي. اوهان منهنجي لاءِ سيڪا سڪڻ ڪوشش ڪئي. ڪوبه ڀاءُ توهان وانگر انهيءَ کان وڌيڪ تڪليف وٺي نه ٿو سگهي. الله تعاليٰ، توهان کي انهيءَ جو نيڪ اجورو ڏيندو. قدرت مون کي ڪيترا ڀيرا اشارا ڏنا ته انهيءَ امانت جا صحيح حقدار توهين ئي آهيو. آءٌ بلڪل خوش آهيان. مون کي خاطري آهي ته توهين ڪلثوم کي ۽ ڪلثوم توهان کي خوش رکي سگهندي. منهنجي انهيءَ کان وڌيڪ ڪابه خواهش نه آهي، توهين هميشه خوش ۽ شاد رهو. آءٌ فقط ايترو عرض ڪريان ٿو جو اميد ته توهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبول ڪندا ۽ اهو فقط ايترو آهي ته توهين ڪلثوم کي ڪڏهن به نه ٻڌائجو ته ڪو آءٌ جيئرو آهيان ۽ توهان کي ڪڏهن مليو هوس.

عبدالله- جعفر! تون مون کان ڇا ٿو لڪائين؟ تنهنجي شڪل صورت، اکيون ۽ سنهن سڀ توتي چغلي ٿا هڻن ته تون ڪنهن وڏي بار هيٺ دٻيل آهين. ڪلثوم به مجبوريءَ کان هيءَ قرباني ڪئي آهي. شايد انهيءَ خيال کان ته... جعفر، سندس ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽري چيو ته ”شايد آءٌ مري چڪو آهيان...“

اوهو! جعفر تون مون کي انهي کان وڌيڪ شرمسار نه ڪر. مون تنهنجي حد کان زياده ڳولا ڪئي پر...

”خدا کي ائين منظور هو“ جعفر، عبدالله جي ڳالهه کي اڌ مان ڪٽي چيو.

جعفر! جعفر! الله جي ناالي ائين نه چؤ. تون اڃا به اهو خيال پيو ڪرين ته آءٌ ...... عبدالله انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه به چئي نه سگهيو. هو هڪ بي گناهه ڏوهيءَ وانگر پاڻ جي اکيان ڪنڌ هيٺ ڪريو بيٺو هو. اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئس.

جعفر- پائو! توهين هڪڙيءَ معمولي ڳالهه کي ايتري اهميت ڇو ٿا ڏيو، جڏهن مون توهان کي عرض ڪيو آهي ته انهيءَ ۾ توهان جو ڪوبه ڏوهه ڪونهي. منهنجو ڪنهن به قسم جو ڏک ڏوراپو توهان تي نه آهي ۽ توهان جي شادي منهنجي مرضيءَ مان ٿي آهي. مهرباني ڪري ان بابت ڪوبه ڏک نه ڪريو. عبدالله جي دل ۾ اتي ٿورو شڪ پيدا ٿيو، سو پڇيائين ته تنهنجي دل ۾ ڪلثوم جي جڳهه تي ڪنهن ٻئي جو ته قبضو ڪونه ڪيو آهي؟

جعفر هيءَ اوچتو ۽ اميد جي خلاف سوال ٻڌي گهٻرائجي ويو، پر وري به ڪجهه سوچي پاڻ جي دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ مرڪي پاڻ جي اکين مان اکيون ملائي جواب ڏنائين ته ”هائو ادا، اهو سچ آهي. ڪنهن جي زلفن جي پيچن منهنجي دل کي مضبوط پڪڙي ورتو آهي. منهنجو خيال اتي ئي وڃي رهيو آهي.

عبدالله اهو ٻڌي آرام جو ساهه کنيو ۽ پڇيائينس ته شادي ڪئي اٿيئي يا نه؟

جعفر چيو ته مون کي سڀ کان وڌيڪ فڪر ابن صادق کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪڙڻ جو آهي. ان سردرود کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ ٻيءَ ڳالهه تي سوچيندس. عبدالله ـ گهر ڪڏهن ايندين؟

جعفر ـ سون عرض ڪيو ته سڀ کان اهم ڪم ۽ سنهنجي زندگيءَ جي اولين خواهش، ابن صادق کي پڪڙڻ آهي. ان کان پوءِ انشاء الله تعاليٰ ته گهر به اچي پهچندس.

ٿوري پاڻي ورتي ٿي هڪ ٿوري سان پاڪر پاڻي سليا ۽ پوءِ گهوڙن تي چڙهي اڳتي روانا ٿيا. جعفر بظاهر ته عبدالله جي دل کي تسلي ڏني هئي، اجان به کيس ڪتڪو هونه ستان عبدالله کو سوال ڪري ۽ ڳالهه کلي پوي، سو سڄي وات ياءُ کان اندين جي حالت بابت سوال پڇندو هليو. ويهن ٿاويهين ميلن پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪ چوسول آيو جتي ٻنهي کي هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻو پيو. جعفر سوڪلائڻ جي خيال کان پنهنجو هٿ عبدالله ڏانهن وڌايو. عبدالله سندس هٿ کي جهلي پڇيس ته جيڪي سون کي ٻڌايو اٿيئي سچ آهي يا سنهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ ٻڌايو اٿيئي؟

”توهان کي سون تي اعتبار ڪونهي؟“ جعفر وراڻي ڏني.

عبدالله سندس سنهن تي اکيون جمائي چيس سون کي توني اعتبار آهي. چڱو الله جي امان!

جعفر هڪ لمحه به وڃائڻ کان سواءِ ڪٺي گهوڙي جون واڳون ڇڏيون ۽ اک ڇنڀ ۾ گهڻو پري نڪري ويو. جيستائين جعفر ڏسڻ ۾ پئي آيو، تيستائين عبدلله کيس ڏسندو رهيو جڏهن ڏسڻ کان غائب ٿي ويو، تڏهن اٿي ٻئي هٿ کڻي دعا گهرڻ لڳو:ـ ”اي مالڪ يوم الدين! اي خالق اڪبر! جيڪڏهن توکي اڻين سنظور هو ته ڪلثوم سنهنجي حياتيءَ جي ساٿڻ ٿئي ته سنهنجي ان لاءِ ڪا به شڪايت ڪانهي. اي الله العالمين! جيڪي جعفر سون کي ٻڌايو آهي، اهو شل سچ هجي، پر جيڪڏهن سچ نه هجي نه به تون ان کي سچ ڪري ڏيکار. اي قادر قيوم! جعفر جي محبوبه اهڙي هجي جا ڪلثوم به وساري ڇڏيس. اي مالڪ! هن جي ويران دل کي آباد ڪر. سنهجنا سائين! جيڪڏهن سنهنجي ڪا نيڪي تنهنجي درگاهه ۾ قبوليت جي حقدار هجي ته ان جي سحابي، جعفر کي دنيا ۽ دين جي سرخروئي عطا ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جعفر جي بصره ۾ پهچڻ کان اڳ۾ئي ابن صادق جي گرفتاريءَ جو بندوبست ٿي چڪو هو، ليڪن ڪيترين ڪوشش هوندي به هن جو پتو ڪونه پئجي سگهيو هو. جعفر، بصره جي واليءَ سان ملاقات ڪري سنڌ وڃڻ جي موڪل گهري. حجاج کيس جيڪو جاڳندو. ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته سنڌ جي فتح لاءِ هاڻي ابن قاسم ڪافي آهي. هو طوفان وانگر سنڌ جي آباد ملڪ تي قابض ٿيندو ٿو وڃي. هاڻي ترڪستان جي فتح لاءِ جانباز سپاهين جي ضرورت آهي. قتيبه، بخارا تي حملو ڪيو هو، ليڪن ڪا اهڙي ڪاميابي حاصل ڪانه ٿي اٿس. ڪوفي ۽ بصري مان کيس مددي فوج رواني ڪئي پيئي وڃي. ٿيو ڏينهن به هتان پنج سؤ فوج موڪلي اٿئون، تون ڪوشش ڪندين ته جلدئي انهن سان وڃي رستي ۾ ملندين. محمد بن قاسم، تنهنجو دوست آهي، پر قتيبه بن مسلم به مردم شناس آهي. هو به تنهنجو اهڙوئي قدر ڪندو ۽ آءٌ به توکي خط لکي ٿو ڏيان.

جعفر – آءٌ فقط خدا ۽ رسول جي خوشنوديءَ لاءِ جهاد ۾ شامل ٿيو آهيان. ڪو قدر ڪري يا نه، انهيءَ سان منهنجو ڪو واسطو ڪونه آهي. توهين، ابن صادق جو خيال رکجو، هو دنيا جي امن لاءِ نهايت خطرناڪ آهي.

”انهيءَ جو ويچار تون نه ڪر. ابن صادق کي آءٌ به گهڻوئي ٿو سڃاڻان. دربار خلافت مان کيس گرفتار ڪرڻ جا حڪم جاري ٿي چڪا آهن، پر انهيءَ موذي جو پتو به ڪونه پيو آهي. توهين به ان کان هوشيار رهجو. ڪهڙي خبر هو مدو ترڪستان ويو هجي.“
ان بعد حجاز کان موڪلائي روانو ٿيو. ٻئي ڏينهن صبح جو سويل ترڪستان ڏانهن ويندڙ رستي جعفر مجاهدانه شان سان وڃي رهيو هو. جيتوڻيڪ سنڌ جي سفر ۾ غير معمولي حادثن جو شڪار ٿيو هو، ته به هن اسلامي جانباز جي گهوڙي جي رفتار اهاڻي هئي ۽ سندس دل ۾ اهوئي شهادت جو شوق سوجزن هو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

(١)

فاتح ترڪستان

قتيبه بن مسلم باهلي

محمد بن قاسم، جنهن وقت سنڌ تي حملو ڪيو هو، انهيءَ کان ڪجهه، ڏينهن اڳ قتيبه بن مسلم باهليءَ، جيحون درياءَ اڪري، ترڪستان جي ڪن رياستن تي حملو ڪري، اهي فتح ڪيون هيون. پر پوءِ، ڪي سامان جي ڪميءَ ۽ ڪي سرديءَ جي سختيءَ کان لاچار ٿي موٽي اچي مرو ۾ مقيم ٿي ويٺو. اونهاري اچڻ تي وري به پنهنجي فوج کي تيار ڪري، جيحون درياءَ پار ڪري، ڪجهه وڌيڪ ملڪ فتح ڪيائين. اهڙيءَ طرح هر سال سياري ۾ موٽي اچي مرو ۾ رهندو هو ۽ اونهاري ۾ حملا ڪري، مڙيو ٿي ڪجهه نه ڪجهه فتح ڪري وٺندو هو.

سن ۸۷ هه ۾، هن ترڪستان جي مشهور شهر بيڪند تي حملو ڪيو. هزارين ترڪستاني، حب الوطنيءَ جي جذبي کان متاثر ٿي شهر بچائڻ لاءِ اچي جمع ٿيا. پر آفرين آهي قتيبه ۽ سندس ساٿين کي! سامان جنگ ۽ کاڌي خوراڪ جي ڪمي، ملڪ پرائو، رستا دشمنن سان ڀريل، چوڌاري ويري ڀڪڙيل، ته به هي مولا جا متوالا، انهيءَ رب العزت تي توڪل رکي گهيرو ڪري ويهي رهيا. لڳاتار ٻه مهنا ويڙهه ٿيندي رهي. آخر سچ جي فتح ٿي. شهر وارا پيش پيا. بيڪند فتح ٿيڻ کان پوءِ قتيبه، باقاعدي ترڪستان فتح ڪرڻ شروع ڪيو. سن ۸۸ هه ۾ سُغد جي زبردست لشڪر سان مقابلو ڪري، شاندار سوڀ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ترڪستان جون ننڍيون ننڍيون رياستون فتح ڪندو وڃي بخارا جي قلعي وٽ پهتو. سياري جي تکي سيءَ ۽ اسباب جي گهٽتائيءَ سبب، گهڻو وقت گهيرو قائم رکي نه سگهيا، تنهنڪري لاچار موٽي پٺ تي آيا. وري به اڃا سرديءَ گهٽجڻ شروع ڪيو ته هيءَ جوان به ساٿين کي سنڀرائي اچي بخارا

تي ڪڙڪيو ۽ چوڌاري قلعي کي ڦري، پورو بندوبست رکي، ٻاهر ئي ويهي رهيو. انهيءَ ئي گهيري هلندي، جعفر به بصري جي پنج سؤ مجاهدن سميت اچي قتيبه جي فوج سان شامل ٿيو ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾، پنهنجي خداداد ذهانت ۽ تجربيڪاريءَ سبب، سپه سالار جو اعتبار جوڳو صلاح ڪار بنجي ويو.

بخارا جي گهيري ڪندي قتيبه کي گهڻيون ئي تڪليفون سهڻيون پيون. هڪڙو ته هو مرڪز کان تمام گهڻو پري هو، جنهن ڪري وقت سر فوجي مرد ۽ سامان وغيره جو پهچڻ تمام ڏکيو هو ۽ ٻيو ته بخارا وارن جي مدد لاءِ ترڪن ۽ سغدين جون فوجن پٺيان فوجون پئي آيون. مسلمان منجنقين ذريعي قلعي کي پٿر هڻي ڀڃڻ ۾ مشغول هئا ۽ هڪ آخري حملي جي تياريءَ ۾ هئا ته اوچتو ترڪن جو زبردست لشڪر اچي نڪتو. مسلمان هاڻي ٻن آفتن جي وچ ۾ هئا، اڳيان قلعي وارا، پنهنجي مدد ڏسي، شينهن ٿي وڙهڻ لاءِ نڪري آيا هئا ۽ پٺيان نئين آيل فوج اچڻ سان حملو ڪري ڏنو. مسلمانن جي فوج ۾ اچي ڦڙڦوٽ پيئي ۽ ڀونتي هٽندي اچي زنانن تنبن سان لڳا. عرب جي ناموس (عورتن) پنهنجي مردن کي هن طرح هٽندو ڏسي، ڪين شرمايو ۽ عربي رجز ڳائي، غيرت ڏيارڻ لڳيون. مسلمان وري به سر تريءَ تي رکي وڙهڻ لڳا. ليڪن هئا تمام ٿورا سو، فوج ۾ ائين پکڙي ويا، جيئن پاڻيءَ ۾ مڇيون ٽڙيون پکڙيون پيون هونديون آهن. دشمن، وچ لشڪر تائين چڙهي آيا. زنانا تنبو به هاڻي ڪو ايترو پري ڪونه هئا. ليڪن مجاهد هاڻي پوري جوش سان وڙهي رهيا هئا. ڏک ڪائي گهائجي ڪريا ٿي، پر وري به ائين دشمنن کي حملي جو جواب ٿي ڏنائون. قتيبه هن صورت حال تي قبضي ڪرڻ جي تجويز سوچڻ لڳو. خيال ڪيائين ته شهر وارن جو سڄو ڏيان لڙائيءَ ۾ آهي. جيڪڏهن مسلمانن جو ڪو دستو لڪي قلعي ۾ گهڙي وڃي، ته پوءِ قلعي تي قابض ٿيڻ ڏکيو ڪين ٿيندو. هن اڃا اهو ويچار پئي ڪيو ته ايتري ۾ جعفر به گهوڙي کي ڊوڙائيندو وٽس آيو ۽ اهائي صلاح اچي ڏنائينس. قتيبه چيو ته آءٌ اڳيئي انهيءَ رٿ تي پيو ويچار ڪريان، پر سوال آهي ته اهڙي خوفائتي ڪم تي آساده ڪير ٿيندو ۽ ڪير ويندو؟ جعفر يڪدم چيو ته مون کي ڪجهه سپاهي ڏيو ته آءٌ ٿو وڃان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قتيبه هٿ ڏکهو ڪري چيو ته آهي ڪو جانباز جو هن نوجوان سان همراهي ڪري! انهيءَ تي يڪدم وڪيع ۽ حريم ٻه تميمي سردار پنهنجي قبيلي جي اٺ سؤ نوجوانن سان جعفر سان شامل ٿيڻ لاءِ تيار ٿيا. جعفر پنهنجي ساٿين سان گڏجي آهستي آهستي جنگ جي ميدان مان کسڪي ويو ۽ ڦيرو ڏيئي شهر جي نهر الهندي پاسي آيا. هاڻي سندن ۽ شهر پناهه جي وچ ۾ هڪ وهندڙ ندي هئي جا کاهيءَ جو ڪم ڏيندي هئي. نديءَ جي ڪناري تي بيهي، پاڻيءَ جي اونهائيءَ جو اندازو ڪري، بسم الله ڪري گهوڙن تان لهي، پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا. شهر پناهه جي اندرئين پاسي، ڪجيءَ جو هڪ وڏو وڻ هو، جو پٽ تان کاهيءَ جي پاسي نميل هو. جعفر ان جي هيٺان پهچي، مٿس ڪمند اڇلائي، مٿي چڙهي ويو. قلعي جي ديوار تي بيهي ۽ اتان رسيءَ جون ڏهيل ڏاڪڻيون هيٺ اڇلايائين، جن جي ذريعي ٻه چار ٻيا به مجاهد مٿي چڙهي ويا. اهڙيءَ طرح سؤ سوا جانباز مٿي چڙهي ويا. ايتري ۾ پنج سؤ ڪن دشمنن جو هڪ دستو سامهون ايندو ڏسڻ ۾ آين. جعفر ڇا ڪيو جو پنهنجي همراهن سان اڌ جماعت کي اتي ڇڏيائين ۽ اڌ کي پاڻ سان وٺي، اڳيرو وڃي، هڪ چونڪ ۾ ساڻن سامهون ٿيو. ايتري ۾ ٻاهر رهيل سپاهي به مٿي چڙهي آيا ۽ پٽ تي ڇڏيل سپاهين سان گڏجي قلعي جي سيني دروازن تي قبضو ڪري، اتي اسلامي جهنڊا چاڙهيائون ۽ ڪجهه اڇي جعفر سان شامل ٿيا، جن قلعي ۾ رهيل ترڪن کي آڻ ميڙڻ تي لاچار ڪيو. اهڙيءَ طرح، هنن سڀ جيترن مجاهدن اهو ڪم ڪري ڏيکاريو جو ڪا وڏي فوج به جيڪر مشڪل ڪري. جعفر قلعي ۾ اندر مناسب انتظام ڪري، ٻه سؤ ڪن سپاهي، اتي انتظام رکڻ لاءِ ڇڏيا ۽ باقي فوج پٽين تي پکيڙي بيهاري، کين حڪم ڪيائين ته ترڪن تي تيراندازي ڪريو. ترڪ فتح جي نشي ۾ مست ٿي، آخرين زور لڳائي لڙي رهيا هئا، سي هيءَ اوچتو تير لڳندا ڏسي حيرت جي درياءَ ۾ غرق ٿي ويا. هنن بدحواس ٿي پٺيان نهاريو، پر جيڪي ڏٺائون، تنهن کين پڇڻ تي مجبور ڪيو. قتيبه هيءَ حالت ڏسي، پنهنجي سپاهه کي زبردست حملي جو حڪم ڏنو. ترڪن جي اڳيان پٺيان موت نچي رهيو هو. جيڏانهن ٿي ويا تيڏانهن کين موت سامهون ٿي نظر آيو. ڪجهه ٿورا جان بچائي ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ۽ ٻيا سڀ اتي ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ختم ٿي ويا. قتيبه بن مسلم ميدان خالي ڏسي، شهر ڏانهن وڌيو ۽ شهر پناهه جي دروازي تي پهچي، گهوڙن تان لهي، شڪراني جو سجدو ادا ڪيو. جعفر پنهنجي بهادر سپاهين سميت دروازي تي سندن استقبال ڪيو. زخمين جي مرهم پٽي ڪرڻ ۽ شهيدن جي دفن ڪرڻ کان پوءِ، غنيمت جو مال گڏ ڪري، سنجهائڻس پنجون حصو بيت المال لاءِ ڪڍي، باقي سپاهين ۾ تقسيم ڪيو ويو.

بخارا جي فتح کان پوءِ قتيبه جي ناموس سان گڏ جعفر جي نالي جي به چڱي ڌوم مچي ويئي جعفر جا اڳيان زخم هاڻي صفا ميٽجي چڪا هئا. هن کي بن تلوارن جي ٽڪرائڻ سان اهڙو نه مزو ٿي آيو، جهڙو ڪنهن راڳ ناچ جي شيدائيءَ کي ڪنهن حسينه جي پازيبن جي آواز سان ايندو آهي. جعفر کي جيڪڏهن ڪا اڪيلائيءَ جي گهڙي نصيب ٿي ٿيي ته ان ۾ ڪلثوم ۽ پاڻ بابت ئي سوچيندو رهندو هو. ڪڏهن خيال ڪندو هو ته ادي، ڪلثوم کي هدايو هوندو ته جعفر دنيا ۾ موجود ڪونه آهي، جنهن ڪري هن مون کي سئو سهسائي چڏيو هوندو. ڪڏهن ويچاريندو هو ته ڪلثوم کي پڪ ٿي هوندي ته شايد آءٌ ڪنهن جنگ ۾ هرڪ هاري وينو آهيان وغيره. اهڙن خيالن جو خاتمو وري به انهن بن جي نيڪ دعائن تي ٿيندو هو. ٽي سال اهڙيءَ طرح پورا ٿي ويا. قتيبه جون فوجون، فتح جا واڄا وڄائينديون، ترڪستان جي ڪند ڪڙڇ تي قابض ٿي چڪيون هيون. جعفر جي شهرت به پري پري تائين پکڙجي چڪي هئي. قتيبه دربار خلافت ۾ هڪ خط موڪليندي، جعفر جي هن ريت ساراهه ڪئي: ”ترڪستان جي فتح کان به وڌيڪ هن نوجوان جي همراهيءَ جو فخر اٿم.“

(٢)

سنه ٩١هه ۾ ترڪستان جي ڪيترن ملڪن ۾ بغاوت جي باهه ڀڙڪي اٿي. انهيءَ باهه کي دکائي پري کان تماشو ڏسڻ وارو، اهوئي ابن صادق هو، جنهن کي اسين گهٽو سڃاڻندا آهيون. جعفر جي ڀڄي وڃڻ کان پوءِ، ابن صادق پنهنجي ڪل بچائڻ لاءِ قلعو ڇڏي ڀڳو هو ۽ رستي ۾ بدنصيب ياڻٽي گڏيس جنهن چاچي سان گڏ رهڻ کان موت بهتر سمجهيو هو. ابن صادق پنهنجي عقيدتمندن سان خراسان ۾ پهتو. اتي پنهنجي جماعت کي منظم بنائي، ترڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شڪست ڪاڏل شهزادن ڪي مسمانن جي برخلاف ڀڙڪائي، هڪ فيصلي ڪندڙ لڙائي لڙڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ ترڪستان ۾ پهتو. نزاق نالي هڪ ترڪ امير، ترڪستان جي سرحدي سردارن سان هو، جو اڳيئي انهيءَ خيال جو هو ۽ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ هو. سو جيئن چوندا آهن ته ”چنڊو چنڊي کي سؤ ڪوهن جو ور ڪري به ڳولي هٿ ڪندو آهي“ تيئن هي ٻئي به ”جهڙي کي تهڙا مليا“ وانگر هم خياليءَ سبب، جلد هڪ ٻئي جا رازدان بنجي ويا. نزاق کي ترڪستان جو بادشاهه بنجڻ جو هوس هو ۽ ابن صادق ته دنيا ڪان وير وڌڻ جي خيالن ۾ هو، سو نزاق کي هميشه ٿيون ٻڌائي، پاڻ سان شامل ڪيائين. نزاق، ابن صادق جي ڳالهين ۾ اهڙو ته غرق ٿي ويو، جو سمجهيائين ته اجهو ٿو ترڪستان جي حڪومت جو چٽ پهريان، سو پنهنجي سيڙي چوندي، ابن صادق جي حوالي ڪري، سندس اشارن تي نچڻ لڳو.

ترڪستان جي رهاڪن تي قتيبه جو ايڏو ته رعب ويٺل هو، جو هو بغاوت جو خيال ڪندي به ڏڪندا هئا، پر ابن صادق جي فساد ڀريل ڳالهين، ملڪ ۾ باهه ٻاري ڏني، هو جنهن ڳوٺ ۾ ويندو هو، اتي جوشيليون تقريرون ڪري، ماڻهن کي عربن جي خلاف ڀڙڪائيندو هو. گهڻو ڪري سندس تقريرن جو مطلب هيءَ هو:- ”ترڪستان جي زمين ترڪن لاءِ آهي. ٻئي ڪنهن کي به انهيءَ تي ڪو حق نه آهي. ڪوبه عقلمند پنهنجي ملڪ ۾ ڌارين جي حڪومت ڏسڻ پسند ڪين ڪندو آهي. انسان آزاد ٿي پيدا ٿيو آهي ۽ قدرت انسان کي ڌارين جي غلاميءَ ۾ رهڻ لاءِ پيدا ڪونه ڪيو آهي. وغيره.“

ابن صادق ۽ نزاق جي ڪوشش سان ترڪستان جا ڪي امير ۽ هارايل شهزادا، سيحون درياءَ جي ڪناري تي هڪ سڃي قلعي ۾ اچي گڏ ٿيا، جتي نزاق، ابن صادق ۽ سندن ڪن چاڙتن، ماڻهن کي باغي بنائڻ لاءِ ڏکيون ۽ رنگين تقريرون ڪيون. گهڻو بحث مباحثو هيلو. بحث ۾ ڪن پيرمردن (جن زماني جي سردي گرمي چڱيءَ طرح سٺي هئي) مسلمانن جي پرامن حڪومت جي خلاف بغاوت ڪرڻ جي مخالفت ڪئي. ابن صادق وقت جي حالت ڏسي، نزاق جي ڪن ۾ ڪجهه چيو. نزاق اٿي کڙو ٿيو ۽ ڌاڍيان چوڻ لڳو ته ”اي منهنجا ڀائرو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افسوس ۽ ارمان ساڻ چوڻو ٿو پوي تہ اج اسان جو خون ٿڌو ٿي ويو آهي. اسين پنهنجي وڏن جي بهادريءَ جي ڪارنامن کي وساري سست ۽ ڪاهل ٿي چڪا آهيون. هينئر منهنجو هڪ معزز مهمان، جنهن کي اسان جي هن حالت تي قياس ٿو اچي، جو اسان جو سچو خيرخواهہ آهي، جو اسان کي غلاميءَ جي اوڙاهہ ۾ ڏسي، اسان سان همدرد آهي، سو توهان کي ڪجهہ ٻڌائيندو. مهرباني ڪري خيال سان هن کي ٻڌاندا.“ ائين چئي نزاق ويهي رهيو. ابن صادق اٿي، رنڍي شڪل بنائي، ترڪن جي اڳيان مسلمانن جا ترڪن تي ڪيل خيالي ظلم، اهڙي نموني بيان ڪرڻ لڳو، جو ترڪن جو خون ٽهڪڻ لڳو. هو چوڻ تہ فاتح قوم هميشه شروع ۾ پنهنجي محڪومن کي غفلت جي ننڊ ۾ ست ڪرڻ ۽ هنن سان بهادريءَ جو جوهر ڪڍڻ لاءِ سڻن سختي ڪين ڪندي آهي پرجڏهن هو پنهنجي آقا جي غلاميءَ تي هري ويندا آهن، تڏهن سڻن اهڙا ظلم ڪيا ويندا آهن، جو سان پلي آهي. مسلمانن جي موجوده نرمي ۽ رعايت کي ڏسي، ائين نہ سمجهو تہ ڪو هو سدائين توهان سان اهڙا هلندا. ٿوريءَ ني وقت ڪان پوءِ اهي سادا سودا ۽ ڀالا ڀولا مسلمان پنهنجو نمونو اهڙو تہ بدلائيندا، جو توهين سڃاڻي بہ ڪين سگهندا تہ هي مسلمان اهي ساڳيا آهن يا ٻيا آهن! توهين ٻڌي حيران ٿيندا تہ ڪنهن زماني ۾ آءٌ بہ مسلمان هوس، پر مسلمانن جا ظلم ۽ دنيا جي غريب ۽ ابوجهہ بي گناهہ قومن تي حملا ڪري، خون جا درياءَ وهائڻ، ڦرلٽ ڪرڻ ۽ آزاد قومن کي پنهنجو غلام بنائڻ ۽ اهڙا ٻيا ظلم ڏسي، آءٌ انهن بگهڙن جي ٽوليءَ ڪان جدا ٿيس. آءٌ توهان کان وڌيڪ انهن اسن جي دعويٰ ڪندڙن کي سڃاڻان ٿو. هي ماڻهو فقط مال ملڪيت گڏ ڪرڻ گهرن ٿا. جلد ئي توهين ڏسندا تہ توهان جي ملڪ ۾ ڪابہ قيمتي ۽ ڪمائتي شَي نہ رهندي. نہ رڳو اهو پر توهان جون پينرون ۽ نياڻيون، بصرى ۽ ڪوفي جي بازارين ۾ نيلام ٿينديون...“

ابن صادق جي انهن ڳالهين ترڪ اميرن تي گهڻو اثر ڪيو. هو هڪ ٻئي جي منهن ڏي نهارڻ لڳا. هڪڙي پوڙهي سردار اٿي چيس تہ اسان کي تنهنجي ڳالهين مان فساد جي بوءِ ٿي اچي. بيشڪ اسين مسلمانن جي غلاميءَ کي نهايت خراب ٿا سمجهون، ليڪن پنهنجي معزز دشمنن جي خلاف، تو جهڙي فساديءَ جي ڳالهين تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعتبار ڪري نہ ٿا سگهون. اهو پڌرو ئي پڌرو بهتان آهي تہ ڪو مسلمان پنهنجي فتح ڪيل ملڪن جي رهاڪن کي پيڙيندا آهن. مون ايران ۾ پنهنجي اکين سان وچي ڏٺو تہ، اتي جا رهاڪو مسلمانن جي حڪومت ۾ پنهنجي حڪومت کان بہ زياده خوش آهن. عزيزان وطن! اسان کي نزاق ۽ هن ساٿيءَ جي جوش ڏياريندڙ ڳالهين تي لڳي پئي سان متو ٽڪرائڻ نہ گهرجي. آءٌ قسم سان چوان ٿو تہ مون کي هن جنگ ۾ فتح جي ٿوري بہ اميد هجي ها تہ سڀ کان اڳي آءٌ ميدان ۾ اچان ها، ليڪن آءٌ توهان کي نصيحت ٿو ڪريان ۽ اها حقيقت بہ آهي تہ جنهن قوم سان روما ۽ ايران جهڙيون زبردست سلطنتون بہ مقابلي ۾ پوري پئجي ڪين سگهيون، جنهن جي محڪم يقين اڳيان درياءَ ۽ سمنڊ بہ هٽيو وڃن ۽ اتانهان جبل بہ زمين ۾ گم ٿيو وڃن، تنهن سان ٽڪر مصلحت پريو ڪين آهي. اوهين ائين نہ سمجهو تہ ڪو آءٌ مسلمانن جي وڪالت ٿو ڪريان، ليڪن جا حق ۽ سچي ڳالهہ آهي، سا پنهنجي ديس جي ڀلي لاءِ توهان جي پيش ڪريان ٿو. آءٌ ڏسي رهيو آهيان تہ اسان جا ڪي اڻ آزمودگار جوان بغاوت جو پڪو ارادو ڪري چڪا آهن، پر آءٌ توهان کي خبردار ٿو ڪريان تہ انهيءَ لڙائيءَ سان هزارين ترڪ عورتن جي بيوهہ ۽ ٻارن جي يتيم ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نتيجو ڪونہ نڪرندو. نزاق پنهنجي قوم کي قربان ڪري ناليو ڪيڏائڻ ٿو گهري ۽ هن ٻئي کي نہ آءٌ مجاڻون بہ ڪين ٿو تہ الائي ڪير آهي ۽ سندس مقصد ڪهڙو آهي." ائين چئي ويهي رهيو.

ابن صادق اڳي ئي اهڙن اعتراضن جا جواب سوچي آيو هو، سو سندس ويهڻ سان وري اٿي بيٺو ۽ مجمع جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڪري، سرڪي پوڙهي سردار جي شڪن ۽ خطرن جا جواب ڏيڻ لڳو. ابن صادق، ٻالي ڀولي پيرسن سردار کان گهڻو وڌيڪ چالاڪ هو. سندس لفظن جي جادوءَ سبب ويٺلن کي پوڙهي سردار جا اثاريل اعتراض وهم جيان نظر اچڻ لڳا ۽ هو سڀ ابن صادق جي خيالن جي ساراهہ ڪرڻ لڳا. آخر هيءُ جلسو آزاديءَ ۽ بغاوت جي آسمان ڏاريندڙ نعرن سان ختم ٿيو ۽ مسلمانن سان آخرين ٽڪر کائڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو ۽ سڀڪو وڃي آرامي ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

قتيبه رات جو پنهنجي تنبوءَ ۾ شمع جي جهڪيءَ روشنائيءَ ۾ نقشو ڏسي، ڪي رٿون پئي رٿيون. ڪجهه وقت جي دماغ سوزيءَ کان پوءِ نقشو ويڙهي اتي ڪڙو ڏيو. ٿوري دير تنبوءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن پسار ڪري اچي دروازي تي بيٺو. شايد ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺو هو، جو ٿوري ٿي ڪڙڪي تي آسپاس چٽائي پئي نهاريائين. سياري جي موسم هئي. چوڌاري جبلن جون چوٽيون برف سان ڇانيون پيون هيون. دروازي سان اينديڙ ٿڌي هوا، ٻڍيءَ وانگر جسم ۾ گهڙي ٿي ويئي. جيتوڻيڪ قتيبه کي هڪ گورو پوستين پيل هو، تہ بہ ٿورن منٽن کان وڌيڪ هو اتي بيهي نہ ٿي سگهيو ۽ وري وڃيو اندر پرندڙ باهہ تي بدن ٿي سيڪيائين. ٿوري وقت کان پوءِ گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس، سو وري بہ اچي دروازي تي بيٺو. ايتري ۾ سوار بہ اچي سندس تنبوءَ کي ويجهو پيو. قتيبه اينديڙ سوار کي سڃاتي، خوشيءَ وچان پنج ست قدم وڌي اڳتي ويو. سوار پنهنجي سپہ سالار کي سڃاتي گهوڙي تان لهي هيٺ ٿيو. هڪ پهريدار اچي گهوڙو ورتو. قتيبه، انتظار وچان پڇيو تہ ”جعفر! بداءِ ڪهڙو پتو لڳايئي؟“ جعفر ورائي ڏني تہ نزاق هڪ لک کان وڌيڪ فوج گڏ ڪئي آهي. اسان کي بہ ترت تياري ڪرڻ کپي. ڳالهيون ڪندا تنبوءَ ۾ اندر گهڙيا. جعفر نقشو کڻي قتيبه کي ٻڌايو تہ بلخ کان اٽڪل سٺ ستر ميل اڀرندي طرف نزاق جو هيڊ ڪوارٽر آهي، جنهن کي ڏکڻ طرف هڪ ننڍڙي ندي آهي ۽ باقي ٽن پاسن ڏانهن جبل ۽ گهاٽا ٻيلا اٿس. برف باريءَ سبب نزاق کي پڪ آهي تہ مسلمان سون تي حملو ڪين ڪندا. تنهنڪري هن جو حوصلو وڌي ويو آهي. روز بروز سندس فوج وڌندي رهي ٿي ۽ طاقت جي نشي ۾ بي گناهہ مسلمانن کي سخت تڪليفون ڏيئي رهيو آهي. سمرقند ۾ فساد جو امڪان آهي. منهنجو خيال آهي تہ تڪليف جو خيال نہ ڪري هينئر جو هينئر حملو ڪجي جيئن فساد اڳتي نہ وڌي ۽ بغاوت جي باهہ اتيئي دٻجي وڃي.

قتيبه- اسان وٽ فوج جو تعداد تمام ٿورو آهي. ايران سان مدد اچڻ تي حملو ڪنداسون.

هنن اڃا ڳالهيون پئي ڪيون تہ هڪ سپاهيءَ اچي ٻڌايو تہ هڪڙو پوڙهو ترڪ سردار توهان سان ملاقات جي اجازت گهري

ٿو. قتيبه ڪيس چيو ته اندر موڪليس. ٿوري دير کان پوءِ هڪ پيرسن ترڪ عاليشان پوستين پاتل اندر گهڙي آيو. سندس مٿي تي سيمور جي وڏن وارن واري ٽوپي پيل هئي. جنهن ڪري پري کان نهايت خوفناڪ رڇ وانگيان ڏسڻ ۾ پئي آيو. اندر اچڻ سان نمي سلام ڪري بيهي رهيو. قتيبه هن ڏانهن سوالي انداز ۾ نهاريو، جنهن تي چيائين ته منهنجو نالو نيزڪ آهي. شايد توهين سون ڪي ڪونه ڏا سڃاڻو. قتيبه مرڪي چيس ته توهان پاڻ کي مڃوئي لڪائي ڇڏيو آهي، پوءِ ڪيئن سڃاڻي سگهجي؟ اچو، اچي ويهو. قتيبه کيس چڱي خوش خيرعافيت ڪئي. پوءِ ڪائنس اچڻ جو سبب پڇيائين.

نيزڪ- آءٌ پنهنجي بي وقوف قوم جي سفارش لاءِ توهان وٽ آيو آهيان، ته اوهين هنن تي سختي نه ڪريو. قتيبه هي لفظ ٻڌي باهه ٿي ويو. ڪاوڙ سبب سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو. پر وري به پنهنجي جذبن تي قبضو ڪري، مرڪي چيائين ته ”ڇا چيو؟ سختي نه ڪريون! باغين سان ڪهڙو سلوڪ ڪبو آهي، شايد توهان کي ان جي خبر ڪانهي! جن غدارن اسن پسند ۽ بي گناهه مسلمانن جي ٻارن، عورتن ۽ پيرسن مردن کي به قتل ڪري ڇڏيو آهي، توهين انهن جي سفارش ڪرڻ آيا آهيو؟ نهايت عجب جي ڳالهه آهي...

”ليڪن هو باغي ڪين آهن“ نيزڪ ساڳيءَ طرح مرڪندي ۽ قتيبه جي ڳالهه ڪپيندي چيو ته ”منهنجي قوم بيوقوف ۽ ڀالي ڀولي آهي. توهان ٿي جو هڪڙو مسلمان پاڻ هيءَ سڄي ڪارروائي رهيو آهي.“

”اسان جو پاڻ“ قتيبه جي وات مان بي اختيار نڪتو، ”اهو ڪير آهي؟“ ”ابن صادق!“ نيزڪ ساڳيءَ سادگيءَ سان جواب ڏنو. نيزڪ چيو ته ”سون کي رڳو ايتري خبر آهي ته هو مسلمان فقير آهي. اسان جي ملڪ ۾ آئي به سال کن ٿيا اٿس. اهو سورو وقت هو ترڪ اميرن ۽ سردارن کي توهان جي برخلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ آپاريندو رهيو آهي.“ جعفر جو نقشو ڪوائي ڪجهه جاچي رهيو هو، سو ابن صادق جو نالو ٻڌي ڇرڪ ڀري هنن ڏانهن متوجه ٿيو ۽ نقشو ويڙهي چيائين ته ”ابن صادق کي آءٌ ڪهڙو سڃاڻان. ڇا هو هن وقت نزاق سان گڏ آهي؟

”نه“ پوڙهي ترڪ چيو. ”هو هن وقت قوقند جي آسپاس جابلو علائقي جي ماڻهن کي گڏ ڪري نزاق لاءِ مددي فوج گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۾ رڌل آهي ۽ ٻڌجي ٿو ته هو اتان چين جي حڪومت ڪان مدد حاصل ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪندو رهي ٿو.“

جعفر- قتيبہ ڪي ٻڌايو ته آءٌ گهڻي وقت ڪان انهيءَ مردود جي ڳولا ۾ هوس. پتوني ڪونہ هو تہ هو ڪو مون ڪي ايترو ويجهو آهي. موڪل ڏيو تہ ڪيس پڪڙي اچان. هن ڪي ڇڙواڳ ڇڏڻ مان نهايت خرابي پيدا ٿيندي.

قتيبہ- مون ڪي بہ تہ خبر ہوڻ گهرجي تہ هو آهي ڪير؟

جعفر- توهين تورن لفظن ۾ سمجهہ تہ هو ابوجهل ڪان وڌيڪ اسلام جو دشمن آهي. منافقيءَ ۾ عبدالله بن ابي ڪان بہ گهڻو زياده آهي. هو نانگ ڪان وڌيڪ خطرناڪ ۽ گدڙ ڪان وڌيڪ چالاڪ ۽ مڪار آهي. ترڪستان ۾ هن جو رهڻ فتني ۽ فساد جو باعث ٿيندو جيستائين هيءُ بگهڙ نہ جهلبو تيستائين هيءَ بغاوت جي باهہ ٿڌي ڪين ٿيندي.

قتيبہ- ليڪن هن وقت جڏهن فولند جي رستن تي برف جا تهن جا تهہ ڄميا پيا آهن، تڏهن اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟

جعفر- ڇا بہ ٿي پوي. توهين مون ڪي اجازت ڏيو تہ آءٌ پاڙيي ٿو مانس پڄان. هو فولند ۾ رهيو ٿي انهيءَ لاءِ آهي جو اني ڪيس ڪو ڊپ ڪونہ ٿو ٿئي. هو سمجهي ٿو تہ برف رستا ڍڪي ڇڏيا آهن. مسلمان هيئنر هيڏانهن اچي ڪونہ سگهندا. گرمي ٿيڻ مان اتان اهڙيءَ طرح گم ٿي ويندو جو وري ہڌڻ ۾ بہ ڪين ايندو ۽ وري وجي ڪا بي حفاظت واري جاءِ ڳوليندو.

قتيبہ پڇيس تہ ”تون ڪلا ڪڏهن ويندين؟“

جعفر جواب ڏنو تہ ”جيستين انهيءَ خدا جي دشمن کي نہ پڪڙيندس، تيستين آرام ۽ ڪاڌو حرام آهي. هيئنر جو هيئنر ويندس؟“

قتيبہ- هيئنر برف پئي وسي. اڃا تازو سفر تان موٽيو آهين. گهٽ ۾ گهٽ، هي رات جا ست ڪلاڪ تہ آرام ڪر. فجر پڙهي روانو ٿج.

جعفر- آرام وري ڇا جو! منهنجي پيرن هيٺان باهہ پئي ٻري. ڀلائي ڪري توهين موڪل ڏيو. ائين چئي جعفر اٿي کڙو ٿيو. قتيبہ ڏنو تہ هيءُ ترسڻ وارو ڪونہ آهي، سو چيائينس تہ ڇڳو ڀلا بہ سؤ سپاهي مان وٺي وڃ.

”ٻه سؤ سپاهي!“ نيزڪ جي وات مان دانهن نڪري ويئي ۽ حيران ٿي چيائين ته توهين پنهنجي سپاهين جا دشمن آهيو ڇا؟ قوقند ڏانهن ٻه سؤ سپاهين جو ٽولو موڪليو! شايد توهين جابلن جي لڙائيءَ جي هنر کان واقف نه آهيو. هو دنيا جي بهادر قومن کان گهٽ ڪين آهي. رڳو ابن صادق جي پهري ڏيڻ لاءِ ئي پنج سؤ هٿيار بند جوانن جو جٿو هر وقت تيار رهندو آهي. جيڪا فوج گڏ ڪئي اٿس، اها ته ان کان سواءِ آهي. هن کي گهٽ ۾ گهٽ، ته ٻه هڪ هزار سپاهي ته ضرور پاڻ سان وٺي وڃڻ گهرجن. جعفر چيو ته جنهن فوج جو اڳواڻ ابن صادق جهڙو بزدل آهي، انهيءَ جي مقابلي لاءِ سون کي هي سپاهي به گهڻا آهن. قتيبه ڪجهه سوچي چيس ته ”ڀلا ٽي سؤ سپاهي ته پاڻ سان وٺي وڃ، جو پري جو سفر آهي.“

ٿوريءَ دير کان پوءِ قتيبه ۽ نيزڪ تنبوءَ جي ٻاهران بيهي مجاهدن جي رواني ٿيڻ جو تماشو ڏسي رهيا هئا. نيزڪ جعفر جي ڦڙتي ڏسي، قتيبه کي چيو ته ڏاڍو بهادر آهي. قتيبه چيس ته هن جو پيءُ به ڏاڍو بهادر هو. ”خبر نه آهي ته توهين اهڙا بهادر ڪيئن ٿيا آهيو؟“ نيزڪ پڇيو. ”ڀلا توهين سڀ اهڙا بهادر آهيو ڇا؟“

”جو ته اسين موت کان ڊڄون ئي ڪونه.“ قتيبه بيپرواهيءَ سان جواب ڏنو. ”اسان جي زنده رهڻ جو مقصد آهي، پنهنجي خالق جو نالو بلند ڪرڻ؛ پنهنجي ڀاين ۽ گمراهه ٿيل ڀائرن کي سڌي راهه تي آڻڻ؛ الله جي واسطي جيئڻ ۽ انهيءَ لاءِ مرڻ. آءٌ چاهيان ٿو ته جو به انسان خدا وحده لا شريڪ له ۽ سندس پاڪ پيغمبر تي دل سان ويساهه رکندڙ هوندو، تنهن کي موت جو ڊپ اصل ڪونه ٿيندو. هو موت کي پنهنجي زندگيءَ جي ڪاميابي سمجهندو ۽ انهيءَ سبب هو بهادر ٿيندو.

(٤)

ابن صادق قوقند جي جبل ۾ لڪو ويٺو آهي. هڪ هنڌ چؤطرف جبل اهڙيءَ طرح گهيرڙو ڪيو بيٺا هئا جو مضبوط فصيل به ٿي ڏسڻ ۾ آئي. ابن صادق ظاهريءَ طرح بالڪل بي فڪريءَ سان ڪم ۾ رڌل هو. ۽ سرڪش جابلو تاتارين کي هاڪين ٽولين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهائي، جدا جدا رستن تان نزاق ڌانهن موڪلي رهيو هو، پر اندر ڪاڏو پيو هوس. هروقت اهوئي پڙ پيئو هوندو هوس ته مسلمانن کي جنهن وقت سندن ڪرتوتن جي خبر پوندي، ان وقت مون کي ناس ڪري ڇڏيندا. ڪيس هيڏانهن اچڻ کان نڪو رستي جو تڪليفون جهليندڙون ۽ نه ڪو برف باري يا فوج جي ڪثرت روڪيندي. جنهن وقت اڪيلو وهندو هو، ان وقت اهي ئي پور پوندا هئس جن سان پيو وندرندو هو. ڪيترائي جاسوس، پڪيڙي ڇڏيا هئائين، جي هروقت ڪيس مسلمانن جي چرپر کان واقف ڪندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ جاسوس اچي ٻڌايس ته جعفر نالي هڪ عرب سردار، ٽي سؤ سپاهين سان، هن طرف ڌوڪيندو اچي. جعفر جو نالو ٻڌي بت ساهه ڇڏي ويس ۽ سندس جو رنگ هيڊو ٿي ويس. ڪيستائين ته وات سان اکر به نه ٿي اُڪليس. تاتاري سندس اها بدحواسي ڏسي حيران ٿي ويا. هڪ چٽي ته ابهرائيءَ سان چيو ته بس رڳو ٽي سؤ اهي ته هتي پهچڻ کان اڳيئي اسان جي اچلايل تيرن هيٺان دٻجي مري ويندا! ابن صادق، جهنن هنن جون لباڙون ٻڌيون هيون، تنهن چيو ته توهين ٻڌاڪ نه هئو، اهي ٽي سؤ نوجوان، مون کي چين ۽ ترڪستان جي گڏيل فوجن کان به زياده خطرناڪ ڏسڻ ۾ ٿا اچن.“ ميني کان زياده ڊپ، جو ابن صادق کي رات جو سمهڻ به ڪين ڏيندو هو، سو هو جعفر. وٽس ست سؤ کان به وڌيڪ تاتاري پهلوان موجود هئا، ته به ڪيس فتح جي پڪ ڪانه هئي. هن چڱيءَ طرح ٿي سمجهيو ته کلئي ميدان ۾ مسلمانن سان وڙهڻ موت سان مقابلو ڪرڻ آهي هروقت انهيءَ جنگ جي پيچ گهڙ ۾ هوندو هو. آسپاس جي رستن تي مضبوط فوجي چونڪيون لڳائي، چوڌاري جاسوس پکيڙي ڇڏيا هئائين. جعفر به ابن صادق کي ڳوليندو قوقند جي اتر ايرندي طرف کان ٿوري مفاصلي تي اچي نڪتو. جيئن ته هيءَ زمين ٽڪرائتي هئڻ سبب گڙهڙ واري ۽ ڪٿي هيٺ ته ڪٿي مٿي هئي، تنهن ڪري گهوڙا تمام ڏکيائيءَ سان ٿي هليا. اوچيون اوچيون چوٽيون برف سان ڇانيون پيون هيون. هيٺ ماٿرين ۾ وڻن جا جهڳٽا هئا، پر برف باريءَ سبب، سڀ سڪا ٻنڊ ٿيا پيا هئا. ڪٿي ڪٿي هيٺ اونها ۽ اونداها غار به هئا. شل نه ڪنهنجو پير برف تان ترڪي! هيڪر ڪريو ته وري ڏسڻ ۾ به ڪونه ايندو. جعفر هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍيءَ ٽڪريءَ جي پاسي کان سوڙهي ۽ ورن وڪڙن واري رستي تان همراهن سميت گهوڙن کي ڪڏائيندو ٻئي ويو ته اوچتو پريان وٽن سان تاتارين پٿر هڻڻ شروع ڪيا. هن اوچتي پٿربازيءَ سبب ڪيترا سوار زخمي ٿي گهوڙن تان ڪري پيا ۽ فوج جو انتظام به خراب ٿي پيو. چار پنج سوار ته ويچارا گهوڙن سميت برف تان غارن ۾ ڪري پيا. پر اڳيان به مجاهد هئا، جي پنهنجون جانيون اڳيئي جنت جي بدلي ڏيئي چڪا هئا، سي يڪدم پاڻ سنڀالي. سالار جي صلاح موجب گهوڙن تان لهي پيادا ٿيا. پنجاهه سپاهي گهوڙن کي وٺي، هيٺ ڪنهن حفاظت واريءَ جاءِ ڏانهن ويا ۽ باقي سپاهي، ڀاليون آڏيون ڏيئي حملي ڪندڙن سان سامهون ٿيا. ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تائين پهچڻ ۾ به هنن پرديسن کي سٺ همراهن جي قرباني ڏيڻي پئي. چوٽيءَ تي پهچي جعفر پنهنجي ساٿين سان گڏجي زبردست حملو ڪيو. تاتاري مسلمان جي ثابت قدمي ڏسي ڊڄي ويا ۽ سڀ گڏجي هڪ هنڌ ٿي بيٺا. وچ ۾ خود ابن صادق کين پرڪائي ۽ ويڙهائي رهيو هو. جيئن جعفر جي نگاهه مٿس پئي، تيئن جوش ۾ اچي "الله اڪبر!" جو نعرو بلند ڪري، باز وانگر ڏانهس ڊوڙيو. هو هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي ۾ ڀالو کڻي، پنهنجو رستو صفا ڪندو اڳتي وڌندو ويو. تاتارين هڪڙو هيبتناڪ سپاهي اڳ ڪڏهن، ڪونه ڏٺو هو، سي آهسته آهسته هڪ ٻئي پٺيان ڀڄڻ لڳا. ابن صادق پنهنجي جهوني وفادار کي ڏٺو ته موت اکين اڳيان نچڻ لڳس. سو پنهنجي جان نثار رفيقن کي اتي ئي ڇڏي کسڪڻ لڳو "جتي ڀڄڻ پيٽي ناهي، اتي ڀڄڻ ڪم وريام جو." تنهن وانگر، ابن صادق به پير مٿي تي رکي ڀڄ پائي، پوريءَ طاقت سان ڀڄڻ لڳو. پر جنهن کيس آسمان تي پئي ڳوليو، سو ڪٿي ٿو سندس پٺ ڇڏي! ابن صادق ۽ جعفر پنهنجا پنهنجا سپاهي اتي ئي وڙهندي ڇڏيا ۽ ڊوڙندا ٽڪريءَ تان هيٺ لٿا. مڪار ابن صادق، پنهنجي ڀڄڻ جو اڳيئي بندوبست ڪري ڇڏيو هو. ٽڪريءَ جي تري وٽ هڪ ساٿيو به گهوڙا جهليو بيٺو هو. ابن صادق اتي پهچي هڪ گهوڙي تي سوار ٿي گهوڙي کي ڪٺي چوٽ ڇڏيو سندس ٻيو همراهه جو گهوڙا جهليو بيٺو هو، سو به گهوڙي تي سوار ٿيڻ وارو هو ته ايتري ۾ جعفر به اچي رسيس ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ تلوار جي هڪ ئي وار سان ڪيس جهنم رسيد ڪري پاڻ ان گهوڙي تي سوار ٿي ابن صادق جي پٺيان پيو. پر ابن صادق جو گهوڙو، هن گهوڙي کان گهڻو تکو هو، تنهن ڪري هو اڳتي وڌندو ويو مگر تہ بہ جعفر پٺ ڪانہ ڇڏيس ۽ نڪي نظر کان غائب ٿيڻ ڏنائينس. ابن صادق پيچرو ڇڏي ساڄيءَ طرف ڀڳو، جتي وڻن جي اوٽ ۾ ڪي ترڪ سپاهي لڪل هئا، جن ابن صادق جي اشاري سان جعفر تي تير وسائڻ شروع ڪيا. هڪڙو تير جعفر جي ٻانهن ۾ اچي لڳو پر تہ بہ هن گهوڙي جي رفتار گهٽ ڪانہ ڪئي. ٻن چئن قدمن کان پوءِ ٻيو تير ٻاسراٽيءَ ۾ بہ اچي لڳس ۽ هڪڙو تير گهوڙي جي پٺيءَ ۾ پڻ اچي لڳو. گهوڙو زخمجي اڳئين کان بہ تکو هلڻ لڳو. جعفر هلندي پنهنجي جسم مان ڇڪي تير ڪڍيا، پر ابن صادق جي پٺ ڪانہ ڇڏيائين. ايتري ۾ ٽيون تير چيلهہ ۾ اچي لڳس. جيتوڻيڪ تيرن سبب سندس جسم مان گهڻو رت نڪري ويو هو تہ بہ هن مجاهد خدا جي دشمن جي پٺ ڪانہ ڇڏي. ٻئي گهڻو اڳتي وڌي ويا هئا. هاڻي تہ وڻ بہ ڪٿي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو، پر رڳو هڪڙو شاهي ميدان هو. ابن صادق ساڳيءَ طرح گهوڙي کي تيز هڪليندو ڀڄندو ويو. جعفر گهڻي رت ڇڏڻ سبب ضعيف ٿي ويو هو، اکين اڳيان انڌارو اچڻ لڳس، متو ڦرڻ ۽ ڪنن مان سوساٽ نڪرڻ لڳس. آخر چڪر کائي گهوڙي تان هيٺ ڪري اچي پٽ تي پيو ۽ بي هوش ٿي ويو. ڪيترو وقت تہ ائين ئي بي هوشيءَ جي حالت ۾ اتي پيو رهيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ازخود هوش ۾ اچڻ لڳو. جڏهن ڪجهہ هوش جاءِ ٿيس، تڏهن ڪنهن جي ڳائڻ جو آواز ٻڌائين. گهڻي وقت کان پوءِ اهڙو مٺو ۽ دل لڀائيندڙ آواز ٻڌو هئائين، تنهنڪري ڪيترو وقت غشيءَ جي حالت ۾ پئي، اهو من موهيندڙ آواز ٻڌندو رهيو. آخر همت ڪري، سڄو متي ڪٽي ڳائڻ واري جي منهن ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ڪمزوريءَ جي ڪري وري بہ اکين اڳيان اونداهہ اچي ويس ۽ بي اختيار ٿي متو اچي پٽ تي پيس. سندس ويجهو رڍن جو ننڍڙو ڌڻ پئي چريو. چرندي چرندي هڪ رڍ جعفر جي متان اچي بيٺي ۽ پنهنجو وات جعفر جي منهن تي رکي ڪيس سنگهايائين ۽ پوءِ ”هي هي“ ڪري پنهنجي قوم وارن کي ڪجهہ ٻڌايائين. ويرم ئي ڪين گذري تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڏيون جعفر جي چوڌاري اچي گڏ ٿيون ۽ ٻي ٻي ڪري سڀ ڪري سڀ پونو نپائي ڏنائون. ٻريان هڪ جابلو ڇوڪري، جنهن جي جوانيءَ جي مکڙي سڙ لڙي هئي، هٿ ۾ سنهي ۽ ڊگهي تلهڙ ڪٺي ڏين جي ڦرن کي هڪليندي ۽ ماڳيءَ طرح ڳائيندي پئي آئي. پنهنجي ڏين کي هڪ هنڌ گڏ بيٺل ڏسي اوڏانهن وڌي. ڏين جي وچ ۾ جعفر کي خون ۾ وهنل ۽ بي هوش حالت ۾ ڏسي، وات سان رڙ نڪري ويس ۽ ٿورو پريرو اگر وات ۾ ڏيئي بيهي رهي.

جعفر بي هوشيءَ جي حالت ۾ ڪنڌ مٿي ڪنيو ته سامهون قدرتي حسن جو نمونو هڪ جابلو جوان ڇوڪريءَ جي شڪل ۾ نظر آيس، جا کيس غور سان جاچي رهي هئي. ڇوڪريءَ جو قد جسماني صحت ۽ عضون جي سوڌائي کيس وڌيڪ خوبصورت بڻائي رهيا هئا. هن کي ڏلهي ۽ کهري ڪپڙن سان ٺهيل ڀهراڻ پيل هو. سيمور جو هڪ وڏو ٽڪر ڳچيءَ تي ويڙهيل هوس. مٿي تي ٻه اهڙيءَ ئي کل جي ٺهيل ٽوپي پيل هوس. سندس اکيون ڪاريون ۽ وڏيون هيون، جي هرڻ جي اکين کي ٻه شهه ڏيو بيٺيون هيون ۽ گلاب جي ورقن جهڙا چپ هئس جن جي رنگ تي لالہ جو گل ٻه دست هو. ڪشادي پيشاني ۽ صوف جهڙي ڪاڏي هيس. مطلب ته هن حسينہ جو هرهڪ عضوو خالق اڪبر، خاص طرح ويهي ٺاهيو هو. جعفر جي جيئن نگاهہ مٿس پيئي، تيئن سمجهيائين ته ڪلثوم آهي، پر وري ٻئي دفعي ڏسڻ سان خيال آيس ته شايد زليخا آهي جا چاچس جي قيد مان ڇٽي آئي آهي. هيئنئر سندس مغز جي ميدان ۾ هڪ حسين ات جي مچائڻ لاءِ جنگ چالو هئي، ڪنهن مهل هن کي ڪلثوم ڏسي ڪونيائين ته ڪنهن وقت زليخا ٿي سمجهيائين. اجا تائين سندس ذهن، ڪنهن هڪ ڳالهه تي متفق نہ ٿيو هو. انهيءَ ڇوڪريءَ همت ڪري، اڳيان وڌي پڇيس تہ توهين زخميل آهيو؟ رڇ جي شڪار تي آيا هئا ڇا؟ جعفر ترڪستان ۾ رهي ترڪي زبان چڱيءَ طرح سکي ورتي هئي، سو سوال سمجهي پائيائين ته اٿي ويهي جواب ڏيان، پر ضعيفائيءَ سبب ويهي نہ سگهيو ۽ مٿي ۾ ڦيري اچڻ سبب وري ٻه ليٽي پيو ۽ بيهوش ٿي ويو.

———

باب چوٿون

(۱)

ڏ گس

جعفر جڏهن وري هوش ۾ آيو تڏهن پاڻ کي جهنگ جي بدران هڪ سادي سوڌي گهر ۾ بستري تي ليٽيل ڏٺائين. سندس چوڌاري ڪيترا مرد ۽ زالون کيس حيرت مان تڪي رهيا هئا. اها خوبصورت ڇوڪري جا سندس خيالي دنيا تي ڇانيل هئي، سا هڪ هٿ ۾ گرم کير جو پيالو کڻي، ٻيو هٿ سندس مٿي هيٺان ڏيئي کيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. جعفر گهر جي حالت ۾ ٻي پيالو وات کي ويجهو ڏسي ٻه چار ڍڪ ڀري ورتا. کير پيڻ مان سندس جسم ۾ ڪجهه طاقت آئي ۽ هوش جاءِ ٿيس. سڀ کان پهريائين جو خيال سندس دل ۾ پيدا ٿيو، سو هيءُ هو ته آءٌ شهيد ٿي ويو آهيان ۽ هيءَ جنت جي حور آهي جا شراباً طهورا جو پيالو مون کي پياري رهي آهي. ڇوڪري جعفر کي کير پياري وري ليٽائي ڇڏيس ۽ پاڻ ٿورو پريرو ٻين سان گڏ وڃي ويٺي. جعفر ڪڏهن اکيون کولي ويٺلن کي ٿي ڏٺو ۽ ڪڏهن ضعف سبب اکيون پوري ماٺ ڪيو پيو رهيو. ايتري ۾ هڪ نوجوان هڪ هٿ ۾ نيزو ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪمان کڻي اچي دروازي تي بيٺو. ڇوڪريءَ کيس ڏسي پڇيو ته توهين رڍون وٺي آيا؟

”هائو“ نوجوان جواب ڏنو ۽ چيائين ته ”مون هڪ هنڌ هڪ وڏو رڇ ڏٺو آهي. اڄ انهيءَ جي پٺيان وڃان ٿو. مهمان جو ڪهڙو حال آهي؟“

ڇوڪريءَ جواب ڏنو ته ”اڳئين کان ڪجهه ٺيڪ آهي، پر مون اڃا ملم ڪونه لڳايو اٿس، جو هيءُ مون کان نٿو لهي“ ڇوڪريءَ جعفر جي زرهه ڏانهن اشارو ڪندي چيو. نوجوان اهو ٻڌي اندر گهڙي آيو ۽ جعفر کي آهستي ڪري اٿاريائين، سندس زرهه لاٿائين ۽ لوهه ٻهراڻ مٿي ڪري ڦٽن کي ڌوئي. ملم لڳائي، پٽي ٻڌي ڇڏيائينس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ چيائينس ته ”وقت تمام خراب آهن، پر تون فڪر نه ڪر هن سلم سان اميد ته جلد چنگي ويندا. جعفر نماٽيون اکيون ڪٽي ڏانهس نهاريو ۽ ڪنا ڪجهہ پڇڻ جي سمهي ٿيو. ان کان پوءِ اهو جوان پنهنجا هٿيار کٽي ٻاهر هليو ويو. ان جي وڃڻ کان پوءِ اني وينل به سڀ هڪ ٻئي پٺيان اٿي هليا ويا. جعفر هاڻي چڱيءَ طرح هوش ۾ هو ۽ کيس جو وهم هو ته آءٌ شهيد ٿي ويو آهيان، سو به لهي ويس. گهر ۾ رڳو ڇوڪري وڃي رهي هئي. جعفر وڌيڪ پڪ ڪرڻ لاءِ ڇوڪريءَ کان پڇيو ته آءٌ ڪير آهيان؟“

ڇوڪريءَ ٻڌايس ته ”توهين ٻاهر بي هوش پيا هئا. مون اچي پنهنجي پاءُ کي ٻڌايو جو توهان کي هتي اسان جي گهر کڻي آيو.

جعفر – تون ڪير آهين؟

ڇوڪري – آءٌ ردون چارينديي آهيان.

جعفر – تنهنجو نالو ڇا آهي.

ڇوڪري – منهنجو نالو نرگس آهي.

جعفر – نرگس!!

ڇوڪري – هائو- نرگس.

جعفر کي جيئن ڇوڪريءَ جي ڏسڻ سان ٿيون ٿي، شڪليون اکين اڳيان ڦرڻ لڳيون هيون، تيئن ٿيا به ٻه نالا سندس دماغ ۾ ڦرڻ لڳا. هن سنهي آواز ۾ ڪلثوم، زليخا ۽ نرگس لفظ اچاريا ۽ هڪ اونهي خيال ۾ پئجي ڇت ڏانهن نهارڻ لڳو.

ڇوڪريءَ کيس پاڻ ڏانهن متوجه ڪرڻ لاءِ چيو ته ”توهان کي بک ته ضرور لڳي هوندي. اڃين چئي اٿي پرواريءَ ڪونيءَ سان ڪجهہ صوف، انگور ۽ ٻيو سڪل ميوو کڻي آئي جعفر جي اڳيان رکيو ۽ ٻئي هٿان هٿ ڏيئي اٿاري وهاريائينس ۽ ٽيڪ ڏيڻ جي خيال کان، هڪ وڏي پوستين کڻي آئي پٺيان رکيائنس. جعفر ڪجهہ انگور کاڌا ۽ نرگس کان پڇيائين ته هيءُ نوجوان جو سوير آيو هو ۽ منهنجي سلم پٺي ڪيائين سو ڪير هو؟ ڇوڪريءَ جواب ڏنس ته اهو منهنجو ڀاءُ آهي.

جعفر – نالو ڇا اٿس؟

ڇوڪري – ”هوسان“.

ڳالهين ڪندي جعفر کي معلوم ٿيو ته هنن جا مائٽ سري

ويا آهن. رڳو پاڻ پيڻ آهن، جي انهيءَ گهر ۾ گڏجي رهندا آهن. انهيءَ ڳوٺ جي آدمشماري ۵۰۰ يا ۶۰۰ سائهو ٿيندي. ڳوٺ وارن جي روزگار جو وسيلو رڍون چارڻ ۽ شڪار تي آهي. ڳوٺ جو وڏيرو به هوسان آهي ۽ سڀ ڳوناٺا سندس چئي ۾ آهن.

سج لٿي هوسان گهر موٽي آيو ۽ پڌايائين نه رڃ پڄي ويو. نرگس ۽ هوسان پنهي، هن پرديسيءَ جي خدمت دل و جان سان ڪئي. وقت تي ٿت صفا ڪري پٿي پڌڻ، سهل تي پسنديءَ جهڙو کاڌو ڏيڻ، ڪڏهن رڳو ڪپڙ، ڪڏهن ميوو، ڪڏهن ٻي ڪا اهڙي شيءِ کيس کائڻ لاءِ ڏيڻ؛ مطلب نه اهڙي سار سنڀال لڌائونس جهڙي ڪو ابو اما پنهنجي پياري ٻچڙي جي لهندو آهي. رات جو به دير تائين وٽس ويٺا هوندا هئا. جڏهن کيس ننڊ ايندي هئي تڏهن نرگس لاڳيتيءَ ڪوٺيءَ ۾ ۽ هوسان ڪڏهن اٿي ئي جعفر جي پرسان ۽ ڪڏهن نرگس واريءَ ڪوٺيءَ ۾ وڃي سمهندو هو. پهرين راتين ۾ اڪثر ڪري جعفر کي پوريءَ طرح ننڊ ڪين ايندي هئي، پر جي ايندي هيس نه به خواب پيو لهندو هو. عبدالله کان موڪلائڻ بعد هيءَ پهريون پيرو هو، جنهن ۾ جعفر جي خيالن جو باز ميدان جنگ جي بجاءِ ٻئي طرف پرواز ڪندو هو. ڪڏهن ڏسندو هو ته سندس مرحوم ماءُ ٿڻن جي سرهم پٺي پيئي ڪريس ۽ ڪڏهن ڏسندو هو ته ڪلثوم سماجهيون اکيون ڪٽي دلاسو ۽ دلبري پيئي ڏئيس نه ڪڏهن سمجهندو هو نه زليخا پنهنجي معصوم جمال جو جلوو پسائي رهي آهي.

اهڙيءَ نيمانداريءَ ڪرڻ سبب، هفتہ کن اندر جعفر هاڻ گهڻو ڄهڙو ٿيو. هو هاڻي ٻالن پولن ڳوناٺن سان رلي ملي ويو هو. هيءَ ڳوٺ شهرن کان تمام گهڻو پري هو تنهنڪري هتي تهذيب جي هوا اڃا ڪانه لڳي هئي. ڳوٺ جا رهاڪو بهادر، نڊر، سچار ۽ قول جا پڪا هئا. دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي، تنهن جي خبر ئي ڪانه هين. هنن جو نڪو واسطو هو ترڪن جي بغاوت سان، نه ڪو هو ابن صادق جي ڏني ۾ اچڻ وارا هئا. هو صفا ڏي وٽ تي پورا عاسل هئا. جبلن ۾ شڪار ڪرڻ جا ڪوڏيا هئا. رڃ جي شڪار لاءِ ٽوليون ناهي، گهڻو پري به نڪري ويندا هئا. رڍن ٻڪرين جا ڌڻ گهڻو ڪري سيڪنهن وٽ هئا، جن جي چارڻ جو ڪم زالن جي سپرد هو. آس پاس وڏا ميدان هئا، جتي آزاديءَ سان سال چاريندا هئا. ڪنهن

کي به کنهن جي يادگيري کانہ هئي ۽ کوبہ کنهن جي پچار کانہ کندو هو. هک ٻئي سان گهڻي سٺ محبت سان انهن جبلن جي قدرتي کوٺن اندر بي ڏکريءَ سان رهندا هئا. ساڙين ۾ ميويدار وڻ جهڙوک صوف، بادام وغيره بہ گهڻا هئا. ڪٿي ڪٿي انگورن جون وليون پکڙيون پيئون هونديون هيون، جتان آيو ويو بنا ڊپ ڊاءَ جي کائي پيو موج ڪندو هو. ڳوٺ جي پاسي کان هک ميدان کي چوڌاري پٿر جي پٽ ڏنل هوندی هئي. اهو هنن جو وندرگاهہ هو. رات جو سڀ شوقين، اتي اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ راڳ ڳائيندا ۽ نچندا هئا. اکثر کري ڳوٺ جا مڱڻهار دهل ۽ شرنايون وڄائيندا هئا ۽ زالون مڙس گڏجي نچندا ۽ ڳائيندا هئا. ڪڏهن ڪو ميراثي ڪن بادشاهن جون آکاڻيون يا اڳين بهادرن جا کارناما ٻڌائيندو هو. ڪڏهن ڪو پيرسن پنهنجي رڇ جي شکار جو داستان ٻڌائي نوجوانن کي شڪار ۾ گهربل ضروری ڳالهيون ٻڌائي ڪين هر طرح جي تعليم ڏيندو هو. عام طرح هي ساڻهو وهمي هئا. جنن ڀوتن تي گهڻو اعتبار هوندو هون ۽ آکاڻيون بہ اهڙيون وڻنديون هين، جن ۾ جنن، ڀوتن ۽ ڏائڻين جو ذڪر هوندو هو، پر جعفر جي اچڻ کان پوءِ هنن جي آکاڻين جو نمونو گهڻي قدر بدلجي ويو هو. هو هک شهزادي جو ذڪر کندا رهندا هئا. ڪڏهن شهزادي جي بت، قد ۽ حسن جي ساراهہ کندي وهامي ويندي هين تہ ڪڏهن هن جي لباس جي تعريف سان ڪين ڍاپندا هئا. ڪو هن جي ٿنڃي سندن ڳوٺ ۾ اچڻ جو ذڪر ڪري ميني کي عجب ۾ وجهي ڇڏيندو هو تہ ڪو وري چوندو هو تہ اسان ريڍارن لاءِ ديوتائن هن کي بادشاه ڪري موڪليو آهي. هو هوسان کي پنهنجو وزير بنائيندو. مطلب تہ جيترا هئا ساڻهو، اوترئيون هيون ڳالهيون. سڀڪو پنهنجي پنهنجي خيال موجب پيو قصو ٺاهيندو هو ۽ جعفر جي اصلي نالي وٺڻ بدران کيس چوندا ٿي شهزادو ٿا.

ساڳيءَ طرح زالن ۾ بہ اهو خيال هو تہ هن شهزادي کي ديوتائن بادشاهہ بنائي موڪليو آهي. سندس شادي نرگس سان ٿيندي. ڳوٺ جون ڪنواريون ڇوڪريون ۽ سندن سائرون نرگس جي نصيب تي ريس ڪنديون هيون. کي نرگس کي مبارڪ ڏينديون هيون تہ کي ساڻس مسخريون ڪري چيڙائينديون هيس. نرگس ٻاهرينءَ دل سان کاوڙبي هئي پر دل ۾ خوش پئي ٿيندي هئي. ڪڏهن خوشيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچان سنهن پيو پهڪندو هوس، ڪڏهن وري ابتي تعبير جو خيال ڪريو ڏڪيو ويندي هئي. آخر اها حالت ٿيس جو سندس ڪن جعفر جي ساراهه ٻڌڻ لاءِ بي قرار هوندا. ٻئي پاسي جعفر ڳوٺاڻن جي انهن سيني ڳالهين ۽ آڪائين کان بي نياز، هوسان جي گهر ۾ سانئي سان ۾ پيو پنهنجي حالت تي ويچار ڪندو هو. پاڙي وارا يا ٻيا هوسان جا واقفڪار ڪڏهن ايندا هئا ته ڪجهه وقت ويهي وري هليا ويندا ها. ايندڙ سانهو ڪيس سچ پچ شهزادو سمجهي ٿورو پريرو ٿي وهندا هئا ۽ ڪيس ادب سان سلام ڪندا هئا ۽ جعفر جي حالت معلوم ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪري ڪوبه سوال ڪين ڪندا هئا. پر جعفر پنهنجي شگفته سزاجيءَ سبب جلدئي هنن سان رلي ملي ويو جنهنڪري هي اٻوجهه ريدار نه رڳو سندس ادب ڪندا هئا، پر سندن رڳ رڳ ۾ جعفر جي محبت پئجي هئي.

(۲)

هڪ ڏينهن جيئن جعفر، سانجهيءَ جي نماز پئي پڙهي، تيئن نرگس پنهنجي ڪن ساهيڙين سان اوچتو اندر لنگهي آئي، پر جعفر کي نماز پڙهندو ڏسي، سڀ هڪيون ٻڪيون ٿي، جتي هيون اتيئي بيهي رهيون ۽ هڪ ٻئي ڏانهن حيرت سان نهاري اکين ئي اکين سان پڇڻ لڳيون ته هيءَ ڇا پيو ڪري؟

”ڇريون ڇو ٿيون آهيو؟“ زمرد، سادگيءَ سان جواب ڏنو. ”توهان کي خبر ڪانهي ته هيءَ شهزادو آهي! ڏسو ته ڪهڙي شان سان ٿو اٿي ۽ ويهي...... قربان وڃان......نرگس تون به ائين ڪندي آهين؟

نرگس چپن تي آڱر رکي ماٺ ڪرڻ لاءِ اشارو ڪيس. ايتري ۾ جعفر نماز پڙهي پوري ڪئي ۽ ٻه ڪ جهلي دعا گهرڻ لڳو. اهو ڏسي ڪن ڇوڪرين کي اچي کل ٿي، سو دروازي کان هٽي پري ٿيءِ وڃي بيٺيون. پنهنجي ساهيڙين کي کلندو ڏسي، نرگس کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هڪ ڇوڪري جا سنجهن چالاڪ ٿي ڏني، تنهن سندس ڏيان ٻئي پاسي ڪرڻ لاءِ چيو ته ادي، هاڻي هلو ته هلو، دير پيئي ٿئي.

نرگس چيو ته توهان کي ڪنهن جهليو آهي ته نه وڃو. ڪيترا پيرا ٻڌايو اٿمانو ته آءٌ هن کي اڪيلو ڇڏي ڪيڏانهن وڃي نه ٿي سگهان. ”نه پوءِ يلا هلو ته انهيءَ کي به اچ ونئي

هلو.“ ڇوڪريءَ بنا ويچار ۾ سمجهڻ جي تڪر سان چيو.

”ڇري ته ڪين آهين؟“ ساڳئي نموني ٻيءَ وراڻيو. نياڳي! هو شهزادو آهي يا توهان لاءِ رانديڪو آهي؟

هنن ڇوڪرين ۾ اڃان اهڙا ڳالهه ٻولهه پئي هلي ته ايتري ۾ هوسان پري کان گهوڙي تي سوار ايندو نظر آيو. هوسان ويجهو اچي هيٺ لٿو ۽ لغام، نرگس کي ڏيئي پاڻ ٽڪڙوٽڪڙو جعفر ڏانهن هلو ويو. نرگس، گهوڙو طبيلي ۾ ٻڌي آئي ته سڀ ڇوڪريون زوريءَ کيس پاڻ سان وٺي کنهن پاسي هليو ويون. هوسان جي ايندئي، جعفر خبر چار پڇيس.

جعفر ـ ادا ٻڌاءِ ته توهان جي ڏک ڏوڙ جو ڪهڙو نتيجو نڪتو؟ هوسان ـ آءٌ اهي سڀ ٽڪريون ۽ ڳوٺ چڱيءَ طرح ڦري آيو آهيان. توهان جي فوج ڪٿي به ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. ابن صادق، به شايد ڪٿي لڪي ويو آهي. هڪ ساٿيءَ کان ايترو ٻڌڻ ۾ آيو توهان جي فوج جلدئي سمرقند تي حملو ڪندي. ڪجهه وقت پاڻ ۾ لهواريون اوپاريون ڳالهيون ڪندا رهيا. آخر جعفر اٿي سمهڻ نماز پڙهي. نماز پڙهي سمهڻ لاءِ وڃي بستري تي ليٽيو. هوسان به سمهڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو، ته ايتري ۾ ڳوٺ وارن جي ڳائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آين.” توهان اسان جي ڳوٺ وارن جو راڳ ٻڌو آهي؟“ هوسان جعفر ڏي منهن ڪري چيو.

جعفر جواب ڏنو ته آءٌ هتي ستي پئي هميشه ٻڌندو آهيان. هوسان ـ اڄ هلو ته اوتاري ۾ هلي راڳ ٻڌون. منهنجي ڳوٺ وارا توهان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا. اوهان کي به شايد خبر ڪانهي ته هو توهان کي شهزادو سمجهندا آهن.

جعفر” شهزادو!“ جعفر سرڪي چيو ته اسان ۾ نڪو بادشاهه ٿئي، نڪو شهزادو.

هوسان ـ توهين سون کان لڪ ڇو ٿا ڪريو؟

جعفر ـ سون کي لڪ ڪرڻ سان ڪهڙو فائدو؟

هوسان ـ آخر توهين آهيو ڪير؟

جعفر ـ آءٌ هڪڙو غريب الوطن مسلمان آهيان.

هوسان ـ شايد توهين جنهن کي مسلمان ٿا چئو، ان کي اسين شهزادو چوندا آهيون.

راڳ جو آواز به آهستي آهستي وڌنده ويو. هوسان، وري

ٻہ هڪڙو پيرو همت ڪري جعفر کي چيو تہ هلو تہ هلو. ڳوٺ وارن سون کي ڪيترا پيرا توهان کي وٺن ونئي هلڻ لاءِ عرض ڪيو ڪيو آهي. ليڪن آءٌ توهان کي مجبور ڪري نہ ٿو سگهان. جعفر چيس تہ ”ڀلا هل تہ هلو.“ ٻئي ڄڻا هلي اچي اوتاري ۾ پهتا. هڪڙو پوڙهو تاتاري، دل ۾ شرناءِ جي آواز سان، سر ملائي، پنهنجو ڪو قومي راڳ ڳائي رهيو هو. هنن جي اچڻ سان سڀ ساٿ ٿي ويئي. هوسان چين تہ توهين ”ساٿ چوتي ويا آهيو؟ ڀلي ڳايو“ وري ٻہ آهستي آهستي ٿي راڳ شروع ٿيو. ڪجهہ وقت جي ڳائڻ کان پوءِ ميراثين ساز جو تال بدلايو، جنهن تي سڀ ويٺل زالون مڙس اٿي هڪ ٻئي جو هٿ وٺي نچڻ لڳا. هوسان بہ اڳتي وڌي زمرد جو هٿ جهليو ۽ ناچ ۾ شامل ٿيو. پر جعفر اتين جو اتين ويٺو رهيو. نرگس بہ پري کان کيس ڏسندي رهي. سيني جون اکيون وجهي هن جوڙي ۾ ڪتيون. هڪ پوڙهو تاتاري همت ڪري جعفر وٽ آيو ۽ چيائيس تہ ”اڙي توهان جو ساٿي توهان جي انتظار ۾ بيٺو آهي.“

جعفر اکيون نرگس ڏانهن نهاريو. هن کنڌ کڻي هيٺ ڪيو. جعفر بنا ڪجهہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي، اٿي ٻاهر هليو ويو. هن جي ٻاهر نڪر سان وري بہ هڪ پيرو چپ چپات ٿي ويئي. ”هن کي اسان جو جهنگلي ناچ ڳانو نہ ٿو وڻي. آءٌ کيس گهر ڇڏي اچهو ٿو اچان.“ هوسان پنهنجي همراهن کي اتين چئي ڊوڙي وڃي جعفر سان گڏيو. ”توهان کي اسان جو جهنگلي ناچ ۽ راڳ پسند ڪين آيو!“ هوسان جعفر کي ويجهو اچي چيو.

جعفر — تون پنهنجي همراهن کي ڇڏي ڇو آئين؟

هوسان — آءٌ توهان کي گهر اسائي وري ويندس.

جعفر — نہ نہ، آءٌ پاڻيهي گهر ويندس، تون ڪو خيال نہ ڪر تون ڀلي وڃ آءٌ گهمندو ڦرندو پيو ويندس.

اهو ٻڌي هوسان هلو ويو ۽ جعفر ڳوٺ ۾ ڏورو هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ کان پوءِ، هوسان جي گهر جي ٻاهران پيل پٿر جي هڪ چپ تي اچي ويهي رهيو. ويهڻ سان ڪيتران خيالن اچي ورايس. ”آءٌ هتي ويهي اجايو وقت پيو وڃايان، مجاهد کي هيئنن بيڪار وقت وڃائڻ نہ گهرجي. هفتہ کن اندر سواري ڪرڻ جهڙو ٿي پوندس ۽ پوءِ يڪدم سون کي پنهنجي ڪئمپ ڏانهن وڃڻ گهرجي. هن ڳوٺ جا ماڻهو ويچارا ٻالا ڀولا آهن. هنن کي اسلام جي نوراني راه ڏيکارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي، وغيره وغيره. اوچتو کنهن جي پيرن جو دڙڪو پڌي سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. سنهن وراڻي ڏٺائين ته سندس پٺيان نرگس بيٺي هئي. نرگس ويجهو اچڻ تي يڪدم کيس چيو ته توهين اتي سرديءَ ۾ چو وينا آهيو؟

جعفر جواب ڏيڻ جي بدران، اکيون کڻي سندس منهن ۾ ڪِپايون چنڊ جي دلفريب روشنائيءَ ۾ نرگس، اڳئين کان به زياده خوبصورت پئي ڏسڻ ۾ آئي. هن جو حسين چهرو معصوميت جو مجسمو هو. گهڙي کن رکي جعفر چيس ته نرگس، تون پنهنجي ساهيڙين سان رسي آئين آهين ڇا؟

نرگس هٻڪي هٻڪي، جواب ڏنو ته "نه... رڳي ته ڪانه آهيان، پر توهين هليا آيا... سون کي خيال ٿيو... توهين... اڪيلا هوندا... سو آءٌ به هلي آيس..."

انهن لفظن جعفر جي گهايل دل تي اهڙو ته ڪم ڪيو جهڙو ڪنهن ڦٽ تي لوڻ ۽ مرچ پوڻ سان ٿئي. هو پنهنجي جاءِ تان اٿيو. نرگس ڏانهن نهاري ٽڪڙيون وڪون کڻندو، پنهنجي بستري تي وڃي ليٽيو. پر ٿي پيرل هيڏانهن هوڏانهن پاسا وراڻي، ڪلثوم زليخا ۽ نرگس جا لفظ اچاريندو رهيو. تان جو ننڊ اچي ويس.

پرههُ ڦٽيءَ کان اڳ جعفر جي اک کلي. اٿي ٻاهر نڪتو. چشمي تي وضو ڪري، پنهنجي ڪمري ۾ واپس اچي فجر جي نماز پڙهيائين ۽ پوءِ سير لاءِ ٻاهر نڪري ويو. ڪجهه تائين ٽڪرين جي لاهين تي چڙهندو گهمندو ڦرندو رهيو، سوني اچڻ تي ڏسي ته سندس نماز پڙهڻ واريءَ جاءِ تي هوسان اکيون پوري قبلي طرف منهن ڪري بيٺو آهي. جعفر کيس ڏسي سان ڪري بيهي تماشو ڏسڻ لڳو. هوسان ٿوري دير قيام ڪري رڪوع ۾ ويو. وءِ وري ايو تي سجدو ڪري، سڌو ٿي زمين تي ويهي، ٿوري دير چپ چلايا ۽ پوءِ سڄي کٻي نهاريائين. کٻي طرف نهارڻ تي جعفر کي ڏسي ڦڪو ٿي، اٿي ڪڙو ٿيو. پنهنجي شرم کي لڪائيندي، چيائين ته سون توهان جي اهل ٿي ڪئي. ڳوٺ جا گهڻو ڪري سڀ رهاڪو، زالون خواهه سڙس ائين ڪندا آهن. هو چون ٿا ته ائين ڪرڻ، اسان کي تمام چڱو ٿو لڳي. آءٌ جڏهن هتي آيس، تڏهن نرگس به ساڳيءَ طرح توهان جي اهل پئي ڪئي. سو سون به...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هوشان! توهين هر ڳالهه ۾ سنهنجو نقل ڇو ٿا ڪريو؟“ جعفر سندس ڳالهه ڪپي ڇڏيو.

”ڇو ته توهين اسان سڀني ۾ بهتر آهيو ۽ توهان جو هرڪو ڪم اسان کي سٺو ٿو لڳي.“ هوشان جواب ڏنس.

جعفر – چڱو، هيئن ڪر. اڄ سڀني ڳوٺ جي رهاڪن کي گڏ ڪر ته آءٌ سائن ڪجهه ڳالهائيندس.

هوشان – هو توهان جون ڳالهيون دل و جان سان ٻڌندا. آءٌ انهن کي هيئر جو هيئر گڏ ڪري ٿو وڃان.

ٿورن پهرن کان پوءِ ڳوٺ جا سڀ ماڻهو اوتاري ۾ اچي گڏ ٿيا. جعفر ٻڌايائين خدا ۽ ان جي رسول جي ساراهه ڪئي. پوءِ انهن کي ٻڌايائين ته باهه، پٿر، وڻ وغيره سڀ خدا جا خلقيل آهن. خالق کي ڇڏي، ان جي ناهيل شين جي بندگي ڪرڻ عقلمندي نه آهي. اسان جي قوم به اڳي ائين توهان وانگر پٿر جا بت ٺاهي، انهن جي پوڄا ڪندي هئي. ليڪن رب پاڪ پنهنجي ٻاجهه سان، هڪڙو نيڪ انسان، اسان جي ئي قوم ۾ پيدا ڪيو، جنهن اسان کي پنهنجي مالڪ جي حڪم موجب نئون رستو ڏيکاريو. جعفر نبي عربي صلعم جي زندگيءَ جو احوال کين ٻڌايو ته ڪيئن عرب جي وحشين کي نيڪيءَ جو رستو ڏيکاري انسان بڻايو. اهڙيءَ طرح هن چار دفعا تقريرون ڪري، کين اسلام ڏانهن ڇڪي ورتائين. سڀ کان اڳي ڪلمو توحيد پڙهڻ وارا هوشان ۽ نرگس هئا. ٿورن ڏينهن ۾ هن ڳوٺ جو نمونو ئي ڦري ويو. دلڪش چراگاهن ۾ جعفر جي ٻانگن جي گونج ٻڌبي هئي. راڳ ۽ ناچ جي مجلسن بدران قرآن ۽ حديث جا سبق پڙهيا ويندا هئا. جعفر، هاڻي پوريءَ طرح تندرست ٿي چڪو هو. هن ڪئين ڀيرا واپس ورڻ جو خيال ڪيو. پر برف باريءَ سبب رستا بند ٿيا پيا هئا. تنهنڪري ڪجهه ڏينهن لاچار ترسڻو پيس.

عرب جو هيءُ نوجوان، بي ڪار ويهي سڄ لاهڻ تي هريل ڪين هو. هو ڪڏهن ڪڏهن، انهن ڳوٺاڻن سان گڏجي، شڪار لاءِ ويندو هو. هڪ ڏينهن، رڇ جي شڪار ڪندي، جعفر اهڙي بهادري ڏيکاري، جو سڀ حيران ٿي ويا. هڪڙي رڇ، هڪ شڪاريءَ جي تير سان ڦٽجي، اهڙو ته تيز حملو ڪيو، جو سڀ شڪاري پيچي پٿر جي وڏين ڇپن جي آڙ ۾ لڪي، سٺو تيراندازي ڪرڻ لڳا. پر هيءُ نئون شڪاري نڪي ڀڳو، نڪي ڊنو ۽ پنهنجي جاءِ تي جمي بيٺو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو. رڇ به ٻاهه تي اچي مٿس ڪڙڪيو. پر هن پنهنجي ڍال تي سندس حملو روڪي، نيزو پيٽ ۾ لنگهائي ڏنس. رڇ نيزي لڳڻ سان اونڌو ٿي وڃي ڪريو، پر وري به رڙيون ڪندي مٿس ڪاهي آيو. ايتري ۾ جعفر جي ترار بجليءَ وانگر رڇ جي کوپڙيءَ کي چيري ڇاتيءَ تائين وڃي پهتي. شڪاري پنهنجي جاءِ پناه سان نڪري اچي گڏ ٿيا ۽ حيرت سان جعفر ڏانهن ڏسڻ لڳا. هڪ پيرسن شڪاريءَ چيو ته "سنهنجي عمر ۾ هيڏو رڇ ڪنهن به ڪونه ماريو آهي. اسان سان ڪو هجي ها ته شايد رڇ جو لقمو بڻجي ها. توهان اڄ تائين ڪيترا رڇ ماريا آهن؟"

"هي پهريون آهي." جعفر تلوار مياڻ ۾ وجهندي چيو.

"پهريون؟ توهين ته وڏا تجربيڪار شڪاري معلوم ٿيو ٿا." سڀني يڪ زبان ٿي چيو.

هڪ پوڙهو ترڪ جو هيستائين ماٺ ڪري بيٺو هو، تنهن چيو ته "دل جي بهادريءَ، ٻانهن جي ٻل ۽ تلوار جي تيزيءَ کي تجربي جي ڪهڙي ضرورت آهي."

(٣)

جعفر کي هينئر هن ڳوٺ جا رهاڪو، انسانيت جو بهتر ۾ بهتر نمونو سمجهڻ لڳا هئا. هن جو هرڪو ڪم ۽ هر ڳالهه مڃڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هئا. هن ڳوٺ ۾ آئي کيس اٽڪل ڏيڍ مهنو اچي ٿيو هو. پڪ هيس ته قتيبه سرديءَ جي سختيءَ گهٽ ٿيڻ کان اڳي حملو ڪين ڪندو، تنهنڪري اتي رهي پوڻ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪانه هيس. ليڪن هڪ نئون فتنو پيدا ٿيو هو، جنهن جو ڏاڍو ڊڪر هوندو هوس. نرگس جي اٺڻ وهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي نموني، سندس حساس دل ۾ هڪ ڀيرو وري به تحرڪ پيدا ڪري ڇڏيو هو. هو پنهنجي خيال ۾ نوجوانيءَ جا رنگين خواب ڏسڻ کان وڌو ٿي چڪو هو. ليڪن قدرت جا عجائب سندس سڌل دل ۾ هڪ ڀيرو وري به ننڍن جذبن جي اياري، کيس هڪ اڻ نڙيل مکڙيءَ سان پنهنجي دامن اٽڪائڻ جي دعوت ڏيئي رهيا هئا. نرگس، پنهنجي شڪل شباهت ۽ عادتن اخلاقن جي خيال سان ڳوٺ جي سڀني ڇوڪرين کان ٻيءَ طرح جي ڏسڻ ۾ ايندي هيس. شروعات ۾ جڏهن ڳوٺ جا ٻيا ساٿهو ڪانئس، چڱيءَ طرح واقف نه هئا، ته نرگس ساڻس بي حجاب ٿي

ڳالهائيندي هئي، ليڪن جڏهن ڳوٺ جا سڀ ماڻهو جعفر سان هري مري ويا، تڏهن وري نرگس ماڻس ملندي ڦڪي ٿيندي هئي، شوق جي انتها، هن ڪي جعفر جي رهڻ واري ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويندي هئي، پر جلد ئي گهبرائجي، اتان اٿي ويندي هئي. هوءَ اتي اهو خيال ڪٺي ويندي هئي ته سڄو ڏينهن وڃي وهنديس، پر جعفر جي ماسهون ٿيندي ئي مرضيءَ هوندي به، اتي ويهي ڪين سگهندي هئي ۽ ترت اٿي ٻاهر نڪري ويندي هئي. دل ۾ هزارين تمنائون ۽ خواهشون ماڻدي، اندر ويندي هئي، پر جعفر جي اڳيان وڃڻ سهل سندس زبان ڳالهائڻ جي طاقت وڃائي وهندي هئي. دل ۾ خيال ڪندي هئي ته اڄ واندي ٿي وڃي ٿي پنهنجي اميدن جي مرڪز وٽ ويهان ۽ سڄو ڏينهن پنهنجي مجازي معبود کي ويٺي ڏسنديس. پر انهي جاندار بت جي اڳيان ٿيڻ وقت ۽ اکيون اکين سان ملائڻ سهل طاقت ڪانه ٿيندي هيس، جو رڳو اکيون کڻي مٿي ڪري. پر هميشه دل ۾ اها اميد هوندي هيس ته سنهنجو دل چور مون کي ڏسي رهيو آهي. جڏهن نظر هيٺ ڪري، اکل نگاه سان، انهيءَ چت جي چورکي جاچيندي هئي ته هن کي مدائين، کنهن اوٺهي فڪر ۾ غلطان ڏسندي هئي، جو کڏهن پٽ تي پيل ڪک کڻي انهن کي پيو پڄندو پورينڊو هو. ان وقت سندس من ۾ اٿيل سڀ ولولا ٿڌا ٿي ويندا هئا ۽ جسم جي هر حصي ۾ سرديءَ جي لهر محسوس ڪندي هئي. ڪنن ۾ وڄندڙ ۽ موهيندڙ ساز گم ۽ دل جي دک دک يڪدم گهٽ ٿي ويل سمجهندي هئي. سندس خيالي اڏيل ماڙيون ڦهڪو ڪري اچي پٽ تي پونديون هيون ۽ دل تي ڀاري ڀار پيل سمجهي نراسائيءَ ۽ نا اميديءَ ۾ پرجي اٿي ڪڙي ٿيندي هئي. پڇاڙيءَ جو جعفر تي هڪ حسرت ڀريل نظر وجهي ٻاهر هلي ويندي هئي.

جعفر جهڙي سمجهدار ماڻهوءَ لاءِ نرگس جي دل جي حقيقت جو اندازو ڪرڻ ڏکيو ڪونه هو. هو پنهنجي شربتي اکين جي طاقت کان اڻ واقف ڪونه هو. ليڪن هن اڃا تائين پنهنجي دل ۾ اهو فيصلو ڪونه ڪيو هو، ته ڪيس انهيءَ فتح تي خوش ٿيڻ گهرجي يا نه! هر وقت انهيءَ پريشانيءَ ۾ رهندو هو. هڪڙي ڏينهن سمهڻيءَ جي نماز پڙهي، سمهڻ سهل هوسان کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ سڏ ڪيائين ۽ ڪيس پنهنجي وڃڻ جي ارادي کان واقف ڪيائين هوسان جواب ڏنس ته آءٌ توهان جي مرضيءَ خلاف توهان کي روڪڻ جي جرات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري نہ ڏو سگهان، ار ايترو ضرور چوندس تہ اجا تائي پيچرا برف سان پوريا پيا آهن. توهان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو مهينو ترسڻ گهرجي. موسم ڦرڻ تي توهان کي زياده تڪليف ڪانہ ٿيندي.

”برف جي موسم تہ هاڻي گذري چڪي آهي.“ جعفر ورائيو، ”پر جيڪڏهن برف هوندي تہ بہ منهنجي ارادي کي روڪي نہ ٿي سگهي. مجاهد جي نظر ۾ مڪيو خواهہ ڏکيو رستو ٻئي هڪ جهڙا آهن. سون صبح جو وڃڻ جو ارادو ڪيو آهي.“

”ايترو جلدي!“ هوسان حيرت سان چيو. صبح جو تہ اسين توهان کي ڪين ڇڏينداسين.

”ڇگو صبح جو ڏٺو ويندو“ ائين چئي جعفر بستري تي سمهڻ لاءِ ٻڌجي رهيو. هوسان بہ اٿي پنهنجي ڪمري ۾ ويو. ٻاهران نرگس بيٺي هئي. هوسان کي ايندو ڏسي هڪ وڻ پٺيان لڪي ويئي. جڏهن هوسان صفي ۾ ويو، تڏهن پاڻ بہ وڻ جي پٺيان نڪري سندس پٺيان اندر گهڙي.

هوسان ڏسي چيس تہ ”نرگس ٻاهر سرديءَ ۾ لڪي ٻئي رلين؟“

”ويٺي ويٺي دل گهبرائڻ لڳي سو ٿورو گهمڻ لاءِ ٻاهر نڪتيس“ نرگس چيو ”ٻاهر تہ سردي ڪانہ هئي.“

هيءُ صفو جعفر جي ڪوٺيءَ کان وڏو ۽ ويڪرو هو. سندس هڪ ڪنڊ ۾ مکل گاه جي بستري تي هوسان ۽ ٻيءَ ڪنڊ ۾ اهڙي ئي بستري تي نرگس سمهندي هئي. بستري تي ليٽي، هوسان ٻڌايس تہ ”ادي، سياڻي پنهنجو مهمان هليو ويندو.“

نرگس ٻنهي جي گفتگو تہ ٻڌي چڪي هئي، پر هيءَ ڳالهہ اهڙي ڪانہ هئي جا ٻڌي هوءَ ماٺ ڪري. سو آهستي آهستي چيائينس تہ ”پوءِ تو ڇا چيس؟“

هوسان - سون ترسڻ لاءِ چيو تہ اٿس پر نڪڻ لاءِ زور ڪندي بہ ڊجان ٿو. سڄي ڳوٺ وارن کي سندس وڃڻ جو ارمان ٿيندو. آءٌ صبح جو ڪين چوندس تہ هو سڀ گڏجي ڪيس ڪجهہ ڏينهن رهڻ لاءِ چون. جيستائين هيٺي جاڳيا پٺي، تيستائين اهي ئي ڳالهيون ڪندا رهيا تان جو هوسان کي تہ ننڊ ڪٽي ويئي پر نرگس جي ننڊ ڦٽي ڀيٺي گهڻيئي ڪوشش ڪيائين تہ من کي ننڊ اچي پر سندس ننڊ الائي ڪيڏانهن سوڪلائي ويئي هئي. نيٺ اٿي ويٺي اندر ۾ آنڌ مانڌ سڄي ويس دل سوال ڪيس تہ هن کي اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح وڌو هوندو پوءِ آيو ڇو نه؟ خيالن جي هجوم منجهائي وڌس. آخر اٿي ٻاهر نڪتي جعفر جي ڪوٺيءَ ڪي چوڌاري ڦرڻ لڳي ۽ ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳي ته جاڳي ٿو يا ستو پيو آهي، نيٺ ڊڄي ڊڄي دروازو کوليائين پر اندر پير رکڻ جي جرات ڪري ڪين سگهي. ڪوٺيءَ ۾ شمع ٻري پئي جعفر رڄ جي ڪل سان پوستين پائي سمهيو پيو هو. سندس سر ڪاڏيءَ تائين اگهاڙو هو. نرگس پنهنجي دل ۾ چيو ته منهنجا شهزادا تون وڃڻ جو ارادو ڪري چڪو آهين! ظالم توکي ڪهڙي خبر ته تون پاڻ سان ڇاڇو کڻي وڃين ۽ ڇاڇو ڇڏي وڃين. هن ننڍڙي ڳوٺ جي سموري خوشي، سهڻن ۽ ننڍڙن ٻڪين جهڙيون سنڙيون ٻوليون، ٽڪريون، دلچسپ چيرا ڪاهن، چشمن ۽ باغن جون سڀ دلفريبيون، تون پاڻ سان کڻي ويندين. اسان جي هن گهر ۽ ڳوٺ ۾ سواءِ ويرانيءَ ۽ نراسائيءَ جي ٻيو ڪجهه ڪين هوندو. جي ڪجهه هوندو ته تنهنجي يادگيري هوندي ۽ ٻيو ڪي به نه. شهزدا! منهنجا شهزادا! ليڪن نه نه! آءٌ اهڙي سڀاڳي ڪٿي آهيان. آءٌ انهيءَ لائق ئي ڪين آهيان جو رڳو دل ۾ توکي پنهنجو ڪري ويچار ڪريان. اهڙو سوداءَ ڪندي سندس دل ڀرجي آئي ۽ پاڻ روڪي نه سگهي ۽ سڏڪا ڀري رئڻ لڳي. ٿوريءَ دير کان پوءِ پاڻ پلي، اچان ٿورو ويجهو وڃي، جعفر جي بستري کان فقط ٻه ٽي قدم پري ٿي بيٺي. پٽ تي پيل جعفر جي خنجر کي کڻي چميائين ۽ سيني سان لائي وري به ساڳيءَ جاءِ تي ڇڏيائين. ايتري ۾ جعفر پاسو ورايو. نرگس ڊڄي ٻاهر نڪتي، هڪ دفعو وري به پٺ ڏي مطلوب کي ڏٺائين هو بي فڪريءَ جي ننڊ ۾ مست هو. ڪا خبر ڪانه هيس ته اتي ڇا ٿي رهيو آهي، هيءَ مصيبت جي ماري، اتي ئي بيٺي رهي گهڙيءَ دير کان پوءِ نااميد ٿي ٻاهر نڪتي دٻيل پيرن سان پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي. هوسان، ائين ٿي سمهيو پيو هو هيءَ به پنهنجي بستري تي ڪري پيئي، پر سندس واسطي ننڊ ڪٿي هئي! فجر ٿيڻ تي هڪ ڳوٺاڻي ٻانگ ڏني. جعفر به ننڊ مان سجاڳ ٿي بسترو ڇڏي وضوءَ لاءِ چشمي تي آيو نرگس اڳيئي اتي ويٺي هئي. دستور جي خلاف، نرگس کي ايترو سوير نماز لاءِ آيل ڏسي جعفر پڇيس ته نرگس! تون اڄ ايترو سويل ڪيئن اٿي آهين؟

نرگس ڏهاڙي وٽن سان لڪي ڪيس اٿي ڏسندي هئي، پر اڄ جعفر جي اهڙيءَ بي پرواهيءَ جي شڪايت لاءِ تيار ٿي آئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ته ساڻس جهيڙو ڪنديس. ليڪن هن جي اهڙي بي‌نيازي ڏسي، سنديس دل ۾ اٿيل چڻگون ازخود وساسي ويون ۽ حدڪان وڌيڪ نا اميد ٿيڻ سبب اکيون پاڻيءَ سان پرجي آيس. ٿوري دير رکي آليون اکيون کڻي چيائين ته توهين اج هليا ويندا؟ سندس آواز ۾ التجا ۽ نياز هو. ڳالهائڻ جو نمونو اهڙو هوس، جنهن جعفر جهڙي قتيل انسان کي ڪجهه وقت لاءِ فڪر ۾ وجهي ڇڏيو. پروري به دل کي قابو جهلي، جواب ڏنائين ته” هائو نرگس، سون کي هتي آئي گهڻو وقت ٿي ويو آهي. توهان سهنجي لاءِ گهڻي تڪليف سٺي آهي، جنهن جو عوض آءٌ پرديسي ته توهان کي ڏيئي ڪين سگهندس، پر رب‌العالمين توهان کي ان جو نيڪ اجورو ڏيندو.“ ائين چئي پٽر جي چپ ٿي ويهي وضو ڪرڻ لڳو. سندس اهڙي بي‌پرواهي ڏسي، نرگس کي جيڪي چوٽو هو سوپ وسري ويس ۽ دل ۾ اٿيل خيالي طوفان ازخود ڏڍا ٿي ويس. جڏهن ڳوٺ جا ٻيا ساٿهو به اتي وضوءَ لاءِ اچڻ لڳا، تڏهن نرگس اتان کسڪي ويئي ڳوٺ جو اوتارو، جتي اڳي ارڳ ۽ ناچ جون محفلون ٿينديون هيون، اتي هيئنر قادر قدير جي عبادت ڪئي ويندي هئي. جعفر وضو ڪري اتي آيو جماعت تيار ٿيڻ تي نماز پڙهائي دعا گهرياڻين پوءِ ڪين ٻڌايائين ته آءٌ اج پنهنجي ڪئمپ ۾ ويندس. نمازين ۾ سر پر ٿيڻ لڳي ۽ سيني جي سنهن تي اداسائي ڇانئجي ويئي.

جعفر ۽ هوسان گڏجي ٻاهر نڪتا جڳهه تي پهچي جعفر ته اندر هليو ويو پر هوسان به سنٽ ترسي پيو. ايتري ۾ ڳوٺ جا ساٿهو، جن نماز وقت جعفر جي وڃڻ جي ڳالهه ٻڌي هئي، سي سيڙ ڪري اتي اچي پهتا. هوسان ڳالهه سمجهي وٺن ولڻ آيو. هڪ پوڙهي ترڪ پريائين پڇيس ته سچ پچ هو هليو ويندو ڇا؟

”هائو، سون کي به افسوس آهي، پر هو پنهنجي ارادي جو ڏاڍو پڪو آهي.“ هوسان جواب ڏنس.

گڏيل آواز ـ پلا جيڪڏهن اسين زور ڪريونس ته پوءِ.....

هوسان ـ شايد نڪي پوي. سون کي ته يقين ڪونه ٿو اچي ته به توهين سڀ گڏجي هيڪر ته چئي ڏسوس هو جنهن ڏينهن کان اسان وٽ آيو آهي، آءٌ ائين ٿو سمجهان ته سون کي ته دنيا جي بادشاهت ملي ويئي آهي. توهين سون کان عمر ۾ وڏا آهيو، ضرور ڪوشش ڪريو، شايد توهان جو چيو مڃي هي اچا، انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيچ گهڙ ۾ هٿا ته ايتري ۾ جعفر به زره پہائي، سڀ هٿيار لڳائي ٻاهر نڪتو. هو اڃ سچ پچ هڪ شهزادو ڏسڻ ۾ پئي آيو. ڪيس ڏسي ڳوٺائن گڏجي هڪ آواز تي چيو ته ”اسين توهان کي وڃڻ ڪونه ڏينداسون! اسين وڃڻ ڪونه ڏينداسون!

جعفر پنهنجي سچار ساٿين جي سڪ ڏسي مرڪيو. ٿوري دير سانت ڪري بيٺو رهيو. پوءِ هٿ مٿي کنيائين، جنهن تي سڀ سانت ڪري ڏانهس نهارڻ لڳا. چپ ٿيڻ تي پاڻ هيٺين ننڍڙي تقرير ڪيائين:

”پيارو سون کي ڪي اهڙيون مجبوريون آهن، جنهن ڪري آئون وڌيڪ ترسي نه ٿو سگهان. توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته جهاد هڪ اهڙو فرض آهي جنهن کي ڪنهن به حالت ۾ نظرانداز ڪري نه ٿو سگهجي. آءٌ توهان جي محبت ۽ وفاداريءَ جو دل و جان سان احسانمند آهيان. اميد ته اوهين سون کي خوشيءَ سان وڃڻ جي موڪل ڏيندا!“ اڃا ڪجهه وڌيڪ چوڻ تي هو ته هڪ ننڍڙيءَ ڇوڪري رڙ ڪري چيو ته ”اسين وڃڻ ڪونه ڏينداسون.“

جعفر وڌي ان معصوم کي مٿي کڻي سيني سان لاتو ۽ پيشاني چمي هيٺ وهاريائينس ۽ پنهنجي تقرير کي اڳتي هلائيندي چيائين ته ”توهان جا احسان، سون کي هميشه ياد رهندا. هن ننڍڙي ڳوٺڙي جو خيال سنهنجي دل کي سدائين خوش رکندو. آءٌ جڏهن پهريون دفعو هتي آيو هوس، تڏهن هڪ ڌاريون هوس، پر جڏهن هيئر ٿورن ڏينهن کان پوءِ وڃان ٿو تڏهن ائين ٿو سمجهان ته پنهنجي عزيز پيارن کان ڌار ٿي رهيو آهيان. خدا ۾ اميد آهي ته آءٌ وري به جلد ئي توهان وٽ ايندس.

ايترو چوڻ کان پوءِ ڪجهه ديني نصيحتون ڪيائين ۽ پوءِ سڀني کان واري واري تي هٿ ملائي موڪلايائين. هوسان به پين وانگر مرضيءَ جي خلاف موڪل ڏيڻ تي راضي ٿي چڪو هو، سو پنهنجو خوبصورت سفيد گهوڙو وٺي آيو ۽ عزت سان، اهو سڪ پريو تحفو قبول ڪرڻ لاءِ جعفر کي عرض ڪيائين.

جعفر هوسان جا ٿورا مڃي گهوڙو قبول ڪري مٿس سوار ٿيو. هوسان ۽ پين پندرهن نوجوانن ساڻس گڏ جهاد تي وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر جعفر کين منع ڪئي ۽ چيائين ته پنهنجي ڪئمپ ۾ پهچي پوءِ توهان کي گهرائيندس. سڀني کان موڪلائي ڇوڪرائڻ هلڻ لاءِ تيار ٿيو پر سندس اکيون ڪنهن جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦري

رهيون هيون. سندس دل نرگس کان موڪلائڻ کان سواءِ وڃڻ جي موڪل نه ڏنيس. نرگس پريان زالن جي ميڙ ۾ ويٺي هئي. دلدار جو خيال پاڻ‌هي آهستي آهستي رڙهي وڃي ريري ويٺي. هيءَ به پنهنجو گهوڙو وڏائي وٺائنس اچي لنگهيو. نرگس ڏانهن پڇاڙيءَ جو موڪلائڻ جي خيال کان نهاريائين. نرگس پٿر جي بت وانگر پڻ ڏانهس نهاري رهي هئي. هي پهريون پيرو هو جو نرگس جون اکيون جعفر جي اکين جو تاب نه جهلي هيٺ نه ٿيون. هن جي منهن مان مايوسي ۽ نا اميدي بکي رهي هئي. ليڪن اکين ۾ لڙڪن جو نشان به ڪونه هوس. جعفر خود درد جي انهيءَ شدد کان واقف هو، جنهن ۾ اکين جو پاڻي به سڪي ويندو آهي. هو، هيءَ جگر ڏاريندڙ نظارو ڏسي نه سگهيو. دل پرجي آيس پر وڃڻ کان ترسڻ ڏاڍو مشڪل ڏسڻ ۾ آيس، سو منهن ٻئي پاسي ڪري، اڳتي هلڻ لڳو. هوسان ۽ ڳوٺ جا ڪي ماڻهو ڪجهه مفاصلو ماڻس گڏجي هاڻ لڳا پر جعفر کين روڪي گهوڙي کي اڙي هڻي تڪڙو روانو ٿي ويو. گهوڙي جي رفتار چڱي تکي ٿي چڪي هئي پر ته به ائين پئي سمجهيائين ته ڪا ڳجهي طاقت کيس اڳتي وڌڻ کان روڪي رهي آهي.

ماڻهو وڏن وڏن دڙن تي چڙهي، کيس ويندو ڏسڻ لڳا، پر نرگس اتي جو اُتي، ويٺي اندر مان اوري رهي هئي. سنجهس چرڻ پرڻ جي طاقت ڪانه رهي هئي. پند پهڻ بنجي ويٺي رهي. سندس گستاخ ساهيڙيون، چوڌاري مڙي اچي ويٺس زمرد، جا ٻين سڀني کان وڌيڪ گستاخ هيس، سا غمگين ٿي کيس ڏسڻ لڳي. ٻيون زالون نرگش کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي اوڏانهن وڌڻ لڳيون. زمرد ڏنو ته ڳالهه ٿي خراب ٿئي، سو اڳيان اچي سڀني زالن کي تڪائيءَ مان چيائين ته هتي ڇا آهي؟ ڇا ٿيون ڏسو؟ پنهنجي گهر ڇو نه ٿيون وڃو؟ زمرد جو اهڙو خشڪ آواز ٻڌي گهٽيون زالون ته پنهنجي گهر هليون ويون، ٻر اڃا به ڪي اتي بيهي پاڻ ۾ مس پس ڪرڻ لڳيون. زمرد، نرگس وٽ اچي، ڪلهي تي هٿ رکي، ڏونڌاڙي، چيس ته نرگش، هلو ته گهر هلون. نرگس چوڌاري نهاري ماڻس گڏجي پنهنجي جاءِ اندر هلي ويئي. چرين وانگر، بي اختيار ٿي جعفر جي رهڻ واري ڪمري ۾ ويئي. اتي جعفر جو سمان ڪرڻ وارو پوستين ائين جو ائين ويڙهيو رکيو هو، سو ڪڍي منهن لڪائي اوڇنگارون ڏيئي رڻ لڳي. زمرد گهٽيءَ دير تائين ته چپ ڪري کيش ڏسندي

رهي پر نيت ھانھن کان جھلي پاڻ ڏي متوجه ڪيائينس. پوءِ چيائينس ته نرگس، توهان جلد ئي مايوس ٿي پيئي آهين. مون ڪيترا دفعا ڪيس وعظ ۾ چوندي ٻڌو هو ته اسان کي خدا جي رحمت مان نااميد ٿيڻ نه گهرجي. هو سوالين کي ڪڏهن به خالي نه ٿو ڇڏي. اٿ نرگس، منهن ڌوءُ ۽ نيرن ڪر. هو ضرور ايندو. تو ڪونه ٻڌو ته پاڻ ٻئي چيائين ته آءٌ جلد ايندس.

نرگس اکيون اگهي، زرد سان گڏجي، اٿي هٿ منهن ڌوتو ۽ ماني پچائڻ جي تياري ڪرڻ لڳي، پر سندس دل ۾ ڇا هو، ان جي ڪنهن کي خبر؟

(٤)

ٻن پهرن جو وقت آهي. سج پوري عروج تي آهي. گرمي سا به وري عرب جي گرمي. سڀڪا شيءِ ڄڻڪ تي رکيل ٿئي وانگيان جلي رهي آهي. بصري جي ويجهو هڪ ڳوٺڙي جي ٻاهران، کجين جي باغ ۾ ڪي ماڻهو ويٺا ڏسجن، جن مان ڪي سڀ آهن ۽ ڪي ڳالهين ۾ رڌل آهن. سندن گفتگو اڪثر قتيبه، محمد بن قاسم ۽ طارق جي فتحن بابت آهي. ”ڀلا انهن ٽنهي مان بهادر ڪير آهي؟“ هڪ نوجوان سوال ڪيو. ”محمد بن قاسم“ هڪ ماڻهو ٿورو ويچار ڪري جواب ڏنو. محمد بن قاسم جو نالو ٻڌي، هڪ ماڻهو جو ننڊ ۾ پئي اوجهريو، سو هوشيار ٿي ويو. ”محمد بن قاسم“! اڙي! اهو ڪيئن بهادر ٿيو؟ سنڌ جي ڊڄڻن هندو راجائن کان لڙايون ڪٽڻ به بهادري آهن ڇا؟ ماڻهو، هن کان رڳو، انهيءَ ڪري ٿا ڊڄن جو هو حجاج جو ڀائٽيو آهي. انهيءَ کان ته طارق بهادر آهي!“ گهريل همراه ائين چئي، وري به اکيون بند ڪري سمهي رهيو. ايترو ٻڌي محمد بن قاسم جي مداح کي جوش اچي ويو ۽ چيائين ته چند ڏانهن ٿڪ اچلبي ته اها اچليندڙ جي منهن ۾ واپس اچي لڳندي. اڄ اسلامي دنيا ۾ محمد بن قاسم جهڙو ڪوبه بهادر سالار ڪونهي.“ ٽئين چئي چيو ته ”اسين محمد بن قاسم جي عزت ڪريون ٿا، ليڪن اهو صحيح ڪونهي ته هن جهڙو بهادر ٻيو ڪوبه سپاهي ڪونهي. منهنجي خيال ۾ طارق جهڙو طاقتور سپاهي هن وقت ڪوبه نه آهي.“ چوٿين چيو ته ”اهو به غلط آهي. قتيبه انهن ٻنهي کان بهادر آهي.“ طارق جي ساراه ڪندڙ چيو ته لاحول ولا قوة، ڪٿي طارق ڪٿي قتيبه؟ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته اسين سڀون ڏٺا ته قتيبه هوشيار ۽ بهادر آهي. هو محمد بن قاسم کان به وڌيڪ جرات وارو آهي پر طارق کان گهٽ آهي. انهن ڳالهين ڪندي اچي پاڻ ۾ وانوريا ۽ آخر ڳالهه وڃي تلوارن تائين پهتي. ٻه ڄڻا تلوارون ڪڍي هڪ ٻئي سان وڙهڻ لاءِ ڊوڙي اچي آمهون سامهون بيٺا. اڃا ڪنهن به وار شروع ڪونه ڪيو هو ته، ايتري ۾ پري کان عبدالله گهوڙي کي پڃائيندو ايندو نظر آين. عبدالله ٻنهي کي تلوارون ڪڍي سامهون ٿيندو ڏٺو هو، سو گهوڙي کي اڙي هڻي، تڪو تڪو اچي ٻنهي جي وچ ۾ بيٺو ۽ ڪائن وڙهڻ جو سبب پڇيائين. ٻئي هڪ جواب ڏنو ته هي انهيءَ ڳالهه جو فيصلو پيا ڪن ته طارق بهادر آهي يا محمد بن قاسم؟ عبدالله سرڪي چيو ته "توهين ته ڪي بي وقوف ٿا ڏسجو، طارق، محمد بن قاسم يا ٻيا مجاهد، ڪنهن جي ساراه يا گلا کان بي پرواهه آهن. محمد بن قاسم ڪڏهن به قبول ڪونه ڪندو ته ڪو کيس طارق يا ٻئي ڪنهن مجاهد کان بهتر سمجهي. ساڳيءَ طرح طارق به ائين گورا ڪين ڪندو ته سون کي ڪو ٻين کان اوچو سمجهيو وڃي. جي انسان خدا جي حڪم تي پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪندا ڪن، سي اهڙين ڳالهين تي هرگز ڌيان ڪونه ڏين. توهين اجايو پاڻ ۾ نه وڙهو. تلوارون ميان ۾ وجهو." اهو ٻڌي ٻئي ڄڻا ڏڪانيءَ کان ڪنڌ هيٺ ڪري وڃي ٻري ويٺا. ان کان پوءِ سيني اڳي عبدالله کي هٿ ڏيئي ڪيڪاريو. خوش خير وعافيت کان واندو ٿي، عبدالله هڪ ڄڻي کان پنهنجي گهر جي خيريت پڇي. "توهان جي گهر سڀ خير آهي؟ سون ڪالهه توهان جي ڇوڪري کي ڏٺو آهي. اميد ته ڀڻي وانگر پهلوان ٿيندو." هن جواب ڏنو.

"منهنجو ڇوڪرو؟" عبدالله حيرت ۽ خوشيءَ سان پڇيو.

"هائو، توهان جو پٽ. ڇا توهان کي اڃا اها به خبر ڪانهي؟"

هن شخص ورندي ڏني. "توهان کي ته رب پاڪ پنهنجي مهرباني سان ٽن ڇئن مهينن کان پٽڙو ڏنو آهي. ڪالهه منهنجي گهر واري کيس اسان جي گهر کڻي آئي هئي. گهڻي وقت تائين منهنجي ٻارن کيس ڀئي وندرايو."

عبدالله، اها خبر ٻڌڻ کان پوءِ ڏاڍو خوش ٿيو، ان جي خوشيءَ تان مسرور ٿي ويو. هن کي ڳوٺ جي واريءَ جا دڙا به نچندا نظر اچڻ لڳا. دل گهريس ته هڪڙي ئي ٽپ ۾ گهر پهچي وڃان. ليڪن اتي ويٺان

جي شرم کان، گهوڙي کي وک وٺي پئي ويو. جڏهن ڳوٺ پرڀرو ٿيو تڏهن گهوڙي کي ڪٽي ڇڏيائين. گهر جي دروازي تي پهچي، ٽپ ڏيئي هيٺ لٿو. ٽڪڙو ٽڪڙو، گهوڙي کي واڳ کان وٺي اندر داخل ٿيو. اڱڻ ۾ ڪلثوم، ڪجيءَ جي وڻ جي ڇانوَ ۾ کٽ تي ليٽي پيئي هئي. سندس ساڄي پاسي کان هڪڙو خوبصورت ٻار ليٽي پنهنجي هٿ جو آڱوٺو پئي چوسيو. عبدالله ڪجهه ڪڇڻ پڇڻ کان سواءِ سندس پاسي کان ويهي رهيو. ڪلثوم شرميلي نظر مٿس وجهي اٿي ويٺي. عبدالله ٻرڪي ٻار کي هنج ۾ کنيو. سندس نرڙ تي چمي ڏيئي، ڏانهن نهارڻ لڳو. ڇوڪرو عبدالله جي چيلهه ۾ ٻڌل خنجر جي چمڪندڙ شئي ڏانهن نهاري، ان کي هٿ ۾ جهلڻ لاءِ هٿ هلائڻ لڳو. عبدالله خنجر جو دستو سندس هٿن ۾ ڏنو جو وٺي ٻار وات ۾ وڌو. ڪلثوم ٻانهن وڌائي ٻار کان خنجر جو هٿيو ڇڏائي چيو ته ڏاڍو سٺو رانديڪو وٺي آيا آهيو."

عبدالله ٻرڪندي چيو ته "مجاهد جي اولاد لاءِ هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو سٺو رانديڪو ٿيندو؟"

"جڏهن اهڙن رانديڪن سان کيڏڻ جو وقت ٿيندو، تڏهن انشاء الله تعاليٰ ته کيس ٻين کان گهٽ نه ڏسندا! ڪلثوم جواب ڏنو.

"ڀلا ڪلثوم، نالو ڇا رکيو اٿيئس؟ عبدالله پڇيو.

"توهين ٻڌايو" ڪلثوم چيو. "توهين ڀانيو ٿا ته مون ڪهڙو نالو رکيو هوندس؟"

عبدالله ڏکيو ساهه پريندي، يڪ ساهي چيس ته مون کي ته بس هڪڙو ئي نالو سٺو ٿو لڳي. آهه جعفر تون ڪٿي هوندين؟

اهو ٻڌي ڪلثوم گهٽيءَ خوشيءَ سان جواب ڏنس ته مون کي يقين هو ته توهين اهوئي نالو پسند ڪندا، تنهنڪري مون نالو به "جعفر" رکيو اٿس.

(۵)

نرگس جي ڳوٺ کان موڪلائي، سؤ کن ميل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ، ترڪن جو هڪ ٻيو ننڍڙو ڳوٺڙو آيو. جعفر هنن مالدارن جي رسمن رواجن کان واقف هو، سو سڌو مهمان خاني ۾ وڃي لٿو. ڳوٺ جي پٽيل، کيس اسلامي لشڪر جو سردار سمجهي سندس آدر ڀاءُ ڪرڻ ۾ ڪا به ڪثر ڪانه ڇڏي. ماني کائي سمهي پيو. صبح جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سويل اٿي گهڙڻ ڦرڻ جي خيال کان ٻاهر نڪتو. اڃا ٿورو پرڀرو مس نڪتو هو ته، پري کان، ڪنهن لشڪر جي نغارن وڄڻ جو آواز ٻڌائين، پنيان سڙي نهاري، ته ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ڊپ ۽ هراس وچان پنهنجا اجها ڇڏي، ڀاڙن ۾ پناهه جي جاءِ ڳولي رهيا آهن، جعفر ڊوڙي انهن سان وڃي مليو ۽ ڪائنن انهي ڀڄڻ جو سبب پڇيائين. وڏيري ٻڌايس ته ”نزاق، مسلمانن کان هارائي فرغانه ڏانهن ڀڄي پيو وڃي. اسان کي پتڻ ۾ آيو آهي ته واٽ تي جيڪو به ڳوٺ ڏسن ٿا، سو ڦريندا لٽيندا پيا وڃن. جيڪڏهن اسان جي ڳوٺ جي پرسان لنگهندا ته اسان کي به تباهه ڪري ڇڏيندا. توهين هتي بيهو ته آءٌ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي ڏسان ته ڪهڙو رستو ٿا وٺن.“

جعفر به وڏيري سان گڏ ڊوڙي وڃي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهيو. اتان اٽڪل ٽن چئن ميلن جي مفاصلي تان تاتارين جو لشڪر ويندو ڏسڻ ۾ آين. پنيل ٿوري دير چپ ڪري، سندن رفتار ۽ گس جاچيندو رهيو. پوءِ خوشيءَ سان ٽپ ڏيئي چيائين ته ”اسين بچي وياسون. هو هيڏانهن ڪونه ايندا، ٻيو رستو ورتو اٿن، سويل مون سمجهيو ٿي ته توهان جو اچڻ ئي اسان جي بربادي‌ءَ جو ڪارڻ آهي، پر هاڻي مون کي يقين آهي ته توهين رحمت جا فرشتا آهيو، هيءَ توهان جي ڪرامت آهي، جو هي بکيا بگهڙ، اسان جي ڳوٺ کي پاسي تي ڇڏي اڳتي پيا وڃن.“

ائين چئي جعفر جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي، هيٺ لٿو ۽ ٻين ڳوٺاڻن کي اها خوشخبري ٻڌايائين. هو سڀ پنهنجي اڪين سان ڏسڻ لاءِ ٽڪريءَ تي چڙهي ويا. صبح جو ايرندڙ سج ۾ ڀڄندڙن جي گهوڙن جي دز جو اٿيل ڪڪر چٽو پئي ڏسڻ ۾ آيو. گهوڙن جي هڻڪارن ۽ فوجي نغارن جو گوڙ به آهستي آهستي پري پوندو پئي ويو. هي سڀ غريب ڳوٺاڻا پاڻ کي بچندو ڏسي، خوشيءَ سان ٽپ ڏيندا، ڳائيندا، نچندا ڪڏندا هيٺ لٿا ۽ وڃي گهرن ۾ سکي ٿيا. جعفر اهو ڏينهن به اتي آرسي تڪ لاٿو. رات جو به سويل ئي نماز پڙهي سمهي پيو. ننڊ ۾ هيءَ مجاهد گهوڙي تي سوار ٿي، خدا جي دشمنن سان جهاد ڪندو، تيرن جي ٻارش ۽ تلوارن جي جهڻڪارن ۾ دشمنن جي صفن کي چيريندو اڳتي وڌندو پئي ويو. صبح جو سويل اٿي، خدا جو فرض ادا ڪري، پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو. اهڙيءَ طرح ڇهن ستن منزلن ڪرڻ کان پوءِ، هڪڙي ڏينهن شام ڌاري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري کان اسلامي لشکر جي ڪئمپ ڏسڻ ۾ آيس. هو سروکان پنهنجي لشڪر کي هتي آيل ڏسي حيران ٿي ويو، پر وري سمجهيائين ته نزاق جي حملي قتيبه کي وقت کان اڳيئي اڳتي وڌڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. قتيبه بن مسلم باهليءَ، پنهنجي هن وڇڙيل دوست سان گهڻي محبت سان مليو. پيا سالار به سڪ سان گڏيس. سڀني ڪائنس گهڻا سوال ڪيا، جن جي جواب ۾، هن پنهنجي حقيقت مختصر طرح ڪري ٻڌائي. پوءِ قتيبه به خبرن ڏيندي ٻڌايس ته اسين نزاق جي پٺيان آهيون.

رات جو سالار اعظم، پنهنجي تنبوءَ ۾ پنهنجي جرنيلن جي ميٽنگ ڪئي، جنهن ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪن رٿن تي بحث ڪيو ويو. جعفر سڀني کي يقين ڏياريو ته ابن صادق فرغانه کي پنهنجي سازش جو رڪز بڻائيندو، تنهنڪري اسان کي حملي ڪرڻ ۾ دير وجهڻ نه گهرجي.

صبح جو سويل ڪوچ جو نغارو وڄيو. قتيبه فوج کي ٽن حصن ۾ ورهايو ۽ انهن ٽنهي دستن جي رواني ٿيڻ لاءِ، جدا جدا رستا سوچيائون. هڪ دستو پنهنجي سالاريءَ ۾ ڪري، هڪ رستي کان روانو ٿيو ۽ ٻيو اڌ پنهنجي ڀاءُ جي هٿ هيٺ ڏيئي، ڪين ٽئي رستي کان وڃڻ لاءِ چيائين. جعفر به انهيءَ ٽئي حصي ۾ هو. جيئن ته هيءُ ترڪستان جي ٽڪري ٽڪري کان واقف هو، تنهنڪري، کيس اڳ ۾ هلندڙ دستي جو سالار مقرر ڪري، اڳتي وڌيا.

(٦)

نرگس، چشمي جي ڪناري تي پيل ڇپ تي ويهي پاڻيءَ سان پئي راند ڪئي. ڪڏهن هٿ سان پاڻيءَ لهرون اٿاري، انهن جو تماشو پئي ڏٺائين ته ڪڏهن ننڍڙيون ٺڪريون کڻي، پاڻي ۾ وجهي، انهن کي تر تائين ويندو جاچيندي رهي. جڏهن هڪڙي ٺڪري تر تائين پهچي ٿي، تڏهن وري ٻي ٺڪري پاڻي جي مٿان تي رکيائين. ڪنهن مهل وري انهيءَ راند سان ڪڪ ٿي، سامهون ميدان ڏانهن ٿي نهاريائين، جتي نظر جي حد تائين ميدان گاهه سان سائو پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڪٿي ڪٿي جا ڍگها وڻ ايا هئا ۽ ٽڪرين جو چوٽيون برف سان چمڪندڙ نظر پئي آيون. موسم بهار جي مست ڪندڙ هوا جا جهونٽڪا پئي لڳا، ڪٿي ڪٿي صوفن جا وڻ ٻور سان پريا پيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿا ۽ انگورن جون وليون ڇڳن سان پُر هيون. پر هيءَ زماني جي ستم جي ستايل، انهن سيني دلچسپين کان بي خبر، پنهنجي خيالن ۾ مست هئي ته ايتري ۾ پٺيان زمرد اچي هڪ وڏو پٿر پاڻيءَ ۾ اڇلايو. پاڻيءَ ۾ ڇنڊا ابري نرگس جي ڪپڙن تي لڳا. نرگس ڇرڪ ڀري پٺيان نهاريو. زمرد هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو، ليڪن نرگس ڪجهه به ڪين ڪڇيو. نرگس کي اهڙيءَ طرح چپ ۾ ڏسي. زمرد به مغموم ٿي، سندس پرسان اچي ويهي رهي ۽ چيائين ته "نرگس سون اج توکي ڏاڍو ڳوليو آهي. تون هتي ويهي ڇا پيئي ڪرين؟"

"ڪجهه نه" نرگس ساڳيءَ طرح پاڻيءَ ۾ هٿ وجهندي چيو.

زمرد – تون ڪيستائين، پاڻ کي هن طرح ڳاريندينءَ" تنهنجو منهن اڳئين جو اڌ به ڪونه رهيو آهي. ڪهڙي نه زردي ٿي ويئي آهين؟

نرگس – خدا جي واسطي، زمرد، تون سون کي تنگ نه ڪر؛ وڃ وڃي پنهنجو ڪم ڪر.

"آءٌ ڇرچو ڪانه ٿي ڪريان نرگس، خدائي جاءِ ٿوته توکي هن حال ۾ ڏسي سون کي ڪيترو نه ارمان ٿو ٿئي! انين چئي زمرد، نرگس کي ڀاڪر پائي ڪٺي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو. نرگس به بيمار ٻار وانگر، پنهنجو سر سندس هنج ۾ ڪٺي ڇڏيو. ڪاش! آءٌ تنهنجي لاءِ ڪجهه ڪري سگهان!" زمرد نرگس جا وار سندس نرڙ تان هٽائيندي چيو. نرگس جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. هن ڏکاري آواز ۾ چيو ته "زمرد، منهنجي لاءِ جيڪي ٿيو هو، سو ٿي چڪو. سون تڪرين جي دلڪش نظارن ڏانهن ته خيال ڪيو، پر رستي جي تڪليفن طرف ڌيان ئي ڪونه ڏنم. ادي! هو منهنجي لاءِ نه هو. آءٌ سندس لائق ڪانه آهيان. سون کي هن لاءِ ڪابه شڪايت ڪانهي. سون جهڙيون هزارين هن جي پيرن جي خاڪ کي پنهنجي اکين جو سرمو بنائڻ لاءِ رکنديون هونديون. ليڪن... هو هتي آيو ڇو؟ ڀلا جي آيو هو ته پوءِ وري ويو ڇو؟ آءٌ هن کي ڏسڻ سان بي قرار ۽ بي آرام ڇو ٿي ويس؟ سون هن کي سڀ ڪجهه ٻڌايو ڇو نه؟ ڀلا منجهس اهڙي ڪهڙي طاقت هئي جا منهنجي زبان کان ڳالهائڻ جي طاقت ڦري ونندي هئي. سون ڏٺو به ٿي ۽ سمجهيس به پئي ته هو اسان جي قوم کان بلڪل نرالو آهي، پوءِ پاڻ کي سندس پيرن ۾ ڇو اڇليم؟ آءٌ انهيءَ جي نتيجي کان ڊنيس ٿي. هاءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاءِ! اهو خوف جيڪڏهن مون کي، هن ڪوهه ۾ ڪرڻ کان روڪي ها ته جيڪر اڄ هي ڏينهن ڏسڻا نه پون ها. زمرد، منهنجي پياري ڀيڻ زمرد، آءٌ ننڍپڻ کان اهي خواب ڏسندي هيس ته آسمان کان هڪڙو شهزادو هتي ايندو. آءٌ انهيءَ تي دل و جان سان قربان ٿيندس. منهنجو شهزادو آيو به، ليڪن آءٌ کيس پنهنجو بنائڻ کان ڊڄندي رهيس. ڇا هي به هڪڙو خواب آهي؟ انهيءَ خواب جو ڪو تعبير به ٿيندو؟ زمرد، زمرد، مون کي ڇا ٿي ويو آهي؟ تون وري به انهن چوندينءَ ته صبر ڪر. افسوس! صبر منهنجي وس ۾ هجي.

”نرگس هر ڪنهن خواب جي تعبير لاءِ وقت مقرر ڪيل هوندو آهي. حد کان وڌيڪ مايوسين ۾ به انتظار ۽ اميد انسان جو آخرين سهارو هئڻ گهرجي.“ زمرد سمجهائيندي چيس. ”خدا کان دعا گهر. هن طرح ٽڏن ماهن پرڻ مان ڪو به فائدو ڪونهي. اٿ ته گهر هلون.“

نرگس اٿي زمرد سان گڏجي هلي. اڃا ٻه چار وکون ئي مس کنيون هئائون ته سامهون هڪڙو سوار گهوڙو سرسيدان ڏياريندو نظر آين. سوار سندن ويجهو اچي گهوڙو روڪيو. زمرد، سوار کي سڃاڻي، پري کان ئي رڙ ڪري چيو ته ”نرگس! نرگس! تنهنجو شهزادو! تنهنجو شهزادو اچي ويو.“ نرگس اٿي ئي جڙ ته جهي ويئي. کيس پنهنجي اکين تي به شڪ پئي ٿيو. دماغ کي گهر وٺندي ويس. خبر ئي ڪانه ٿي پيس ته خوشي پئي ٿئيم يا غم ۾ غلطان ٿيندي پيئي وڃان. جيئن ڪو خواب ۾ ٻه ٽي وکون کڻندو آهي، تيئن هيءَ به ٻه ٽي پير کڻي اٿي ئي آکڙجي ڪري پيئي. جعفر، يڪدم گهوڙي تان لهي، وڌي، ٻانهن کان جهلي اٿاري وهڻ ۾ مدد ڪيس ۽ چيائينس ته ”نرگس توکي ڇا ٿيو آهي؟“

”ڪجهه ڪونه ٿيو اٿم“ نرگس اکيون کولي ڏانهس ڏسندي چيو.

”مون کي ڏسي ڊڄي وئينءَ ڇا؟“ جعفر پڇيس.

نرگس ڪجهه به جواب ڏيڻ کان سواءِ، اکيون ڦاڙي جعفر طرف ڏسندي رهي. هن کي ايترو ويجهو ڏسڻ، سندس اميدن کان گهڻو مٿي هو. ليڪن جعفر کيس بهتر ٿيندو ڏسي ٻه ٽي قدم هٽي پري ٿي بيٺو. نرگس جهوليءَ ۾ آيل گل جي جدائي سهي نه سگهي. هن جي رڳ رڳ ۾ ڏڪڻي پئجي ويئي. زناني غرور کي ڇڏي، اڳتي وڌي ۽ هن مسافر جي قدمن ۾ ڪري پيئي. جعفر سخت ڪوشش ڪري پاڻ تي ضابطو رکيو. پوءِ نرگس کي ٻانهن کان جهلي اٿاري، زمرد کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين ته هن کي گهر وٺي وڃ. نرگس ڀڙڪيائين جعفر کي ۽ پوءِ زمرد کي پيرن کان وٺي ڇوٽيءَ تائين جڪاسيو. سندس اکين مان سيڪهن جي ڦڙين وانگر لڙڪ ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. پر سنهن ڀئي پاسي ڦيرائي، ازخود گهر ڏانهن هلڻ لڳي. اڳتي هڪ پيرو وري به ڦري جعفر تي نظر وڌائين ۽ پوءِ هلي وئي زمرد اتي جو اتي بيٺي رهي. جعفر دردليي آواز ۾ چيس ته ”زمرد، وڃ وڃي کيس تسلي ڏي.“ زمرد کهري آواز ۾ چيس ته ”تسلي ڇا جي؟ توهان اڇي هن جي پوئين اميد به برباد ڪري ڇڏي. انهيءَ کان ته نه اچو ها ته بهتر هو...

”آءٌ هوسان سان ساڻ لاءِ آيو هوس. هو ڪٿي آهي؟“ جعفر پڇيو.

”هو شڪار تي ويو آهي.“ زمرد وري به ساڳئي نموني ورائيو.

”تڏهن سنهنجو سندس گهر وڃڻ اجايو ٿيندو. هوسان کي سلام ڏج ۽ کيس ٻڌائج ته اسان جي فوج فرغانه ڏانهن ڀيٺي وڃي. آءٌ به انهن سان آهيان، تنهنڪري ترسي نه ٿو سگهان.“

ائين چئي جعفر گهوڙي تي سوار ٿيو، ليڪن زمرد اڳيان وڌي گهوڙي جو لغام اچي جهليس ۽ چيائينس ته ”آءٌ سمجهندي هيس ته توهين بلڪل سياڻا آهيو، پر هينئر سمجهان ٿي ته توهان کان وڌيڪ ڪوبه سنگدل انسان ڪونه هوندو. شايد توهين مٽيءَ مان ٺهيل ڪونه آهيو پر ٻيءَ ڪنهن شيءِ مان بنيل آهيو. هاڻي ته هن بدنصيب جي جسم ۾ خون به ڪونه رهيو آهي.“

”زمرد! هوڏانهن ڏس.“ جعفر هٿ سان هڪ پاسي اشارو ڪري چيس.

زمرد ڦري ان طرف ڏٺو ته مسلمانن جو لشڪر ايندو نظر آيس. ”شايد ڪا فوج پئي اچي.“ زمرد چيو.

جعفر- اها، اسان جي فوج آهي. آءٌ هوسان سان ساڻ لاءِ فوج کان اڳتي وڌي آيو هوس.“

زمرد جواب ڏنس ته ”توهان ترسو، اميد ته هو اج رات ڏاري اچي نڪرندو.“

جعفر- هينئر سنهنجو ترسڻ ڏکيو آهي. آءٌ وري ايندس......

نرگس جي دل ۾ شايد سنهنجي باري ۾ ڪا غلط فهمي آهي، تون وڃي کيس خاطري ڏي. سون کي خبر ني ڪانه هئي نه ڪو هوءَ دل جي ايتري ڪمزور آهي، کيس ٻڪ ڏي ته آءٌ ضرور ايندس. آءٌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس اندر جي ڳالهين کان واقف آهيان.

زمرد– آءٌ اڄ ٿائين، توهان جي اچڻ جي پڪ ڏياريندي آئي آهيان، پر هاڻي شايد خيالي ڳالهين تي خاطري نہ ٿي ٿئي. توهين ڪا اشاني ڏيو تہ وڃي ڏيانس. شايد انهيءَ تي ڪيس پڪ ٿئي. جعفر اونهي ويچار ۾ پئجي ويو. ساعت ڪن رکي ڪيسي مان محمد بن قاسم جو سوکڙي ڏنل رومال ڪڍي ڪيس ڏنائين ۽ چيائينس تہ ”هيءَ وڃي ڪيس ڏي.“

ايتري ۾ ڳوٺ جا ماڻهو لشڪر جي اچڻ جي خبر ٻڌي، خوف ۾ ڊپ کان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ ۽ لڪڻ لڳا. جعفر گهوڙي کي اڙي هڻي وٺي ويو ۽ کين چيائين تہ ڊپ جو ڪوبہ سبب ڪونهي. توهين بي فڪر رهو. ڳوٺاڻا کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پاڪر پائي ساڻس مليا. ايتري ۾ لشڪر بہ اچي ڳوٺ جي پاسي کان لنگهيو. غريب ڀاڳيا جعفر سان گڏجي ديني ڀائرن جي استقبال لاءِ وڌي اڳتي ويا. جعفر فوج جي سالارن سان سندن واقفيت ڪرائي. ڳوٺ جي رهاڪن مان ويهارو ڪن نوجوان ساڻن گڏ جهاد تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا، جن ۾ نرگس جو چاچو برڪ نالي اڌڙوٽ عمر جو ترڪ بہ هو. برڪ پنهنجي عمر جون پنجاہ بهارون ڏسي چڪو هو، پر اڃا بہ پاڻ کي جوانن کان وڌيڪ طاقتور ٿي سمجهائين. هنن نون مجاهدن جي سنبرڻ لاءِ فوج کي ڪجهہ وقت ترسڻ جو حڪم مليو. ڪلاڪ سوا ۾ ويهہ ئي مجاهد سهي سنبري هٿيار لڳائي، گهوڙن تي سوار ٿي، اچي لشڪر ۾ شامل ٿيا. سالار لشڪر کي ڪوچ جو حڪم ڏنو. ڳوٺڙي جون زالون، ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي، مجاهدن جي رواني ڏيڻ جو نظارو پسي رهيون هيون. جعفر سڀ کان اڳئين دستي جي رهنمائي ڪري رهيو هو. نرگس ۽ زمرد ٻين کان جدا پاسي تي، رستي جي ويجهو پاڻ ۾ ڳالهين ۾ مشغول هيون. نرگس جي هٿ ۾ هينئر بہ پرينءَ جو ڏنل تحفو (رومال) قابو جهليل هو. زمرد، جعفر ڏانهن اشارو ڪري، نرگس کي چيو تہ ”نرگس تنهنجو شهزادو تہ سچو پچو شهزادو ٿي پيو آهي.“

نرگس، اونهو ساہ کڻي چيو تہ ”ڏنل هو منهنجو ٿئي.

زمرد– ڇا اڃا بہ توکي ويساهہ ڪونہ ٿو اچي؟

نرگس– يقين اچي ٿو، پر وري بي ويساهي بہ ٿئي ٿي. جڏهن مايوسيءَ جا ڪارا ڪڪر، اميد جي چنڊ کي لڪايو ڇڏين، تڏهن

وريو، انهيءَ ماهتاب جي روشنائي، ڏسڻ نهايت مشڪل ٿيو پوي.
مچ ٻچين ته مون کي اجا تائين به تنهنجي ڳالهين تي پت ڪانه ٿي اچي. زمرد! تون مون سان چرچو ته ڪانه ٿي ڪرين؟

زمرد_ هرگز نه! منهنجي مڃي پيڻ. آءٌ توسان مسخري ڪانه ٿي ڪريان. چوين ته ڊوڙ پائي سڏ ڪريانس. اجا ايترو ٻري ڪونه ويا آهن.

نرگس_ نه، هن کي سڏڻ جو ضرور ڪونهي. ڀلا تون قسم کڻ ته اهو سچ آهي!

زمرد_ توکي ڪهڙي قسم تي اعتبار ايندو؟

نرگس_ تون ... پنهنجي شهزادي جو سنهن کڻ.

زمرد_ ڪهڙي شهزادي جو؟

نرگس_ هوسان جو.

زمرد_ توکي ڪيئن خبر پيئي ته هو منهنجي دل تي حڪومت ڪري ٿو.

نرگس کلي چيس ته اهو توئي ته ٻڌايو هوم!

زمرد_ سو وري ڪيئن؟

نرگس_ جڏهن ادو رڇ جي شڪار تان ٿڪجي گهر آيو هو ۽ تو اها سڄي رات اسان جي گهر، مون سان گڏ اکين تي ويهي گذاري هئي. منهنجو... به ڪڏهن اُئين زخمجي آيو هو.

زمرد_ ڀلا آءٌ انهيءَ جي سر جو قسم کڻنديس ته توکي اعتبار ايندو؟

نرگس_ شايد اچي وڃي.

زمرد_ ته ٻڌ ... مون کي هوسان جي سر جو قسم آهي ته آءٌ ڏيسان چرچو ڪانه ٿي ڪريان. هن مون کي چيو آهي ته آءٌ جلد موٽي ايندس.

زمرد، زمرد، منهنجي خيرخواه زمرد! هن سڄي ڳوٺ ۾ توهان ٻن ڪانسواءِ مان ڪنهن کي به پنهنجو گهڻگهرو ڪانه ٿي ڏسان. هوسان ته شيل ۽ شڪار کان واندو ئي ڪونهي. هن کي منهنجي اندر جي ڳارائي......... تون نه هجين ها ۽ ايتريون دلداريون نه ڏينم ها ته شايد گهڻو اڳ سنيءَ ۾ ملي ستي ٿي وڃان ها. ڀلا تو ٻڌيس ته ڪڏهن ايندو؟

زمرد_ هو جلد ايندو. جيڪڏهن سگهو نه آيو ته ... نرگس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڳالهه پوري ٿيڻ کان اڳ ئي پڇيس ته ”مڱهو نه آيو ته پوءِ ڇا؟“

زمرد ـ ڪنڌ هيٺ ڪري، جواب ڏنس ته آءٌ ته تنهنجي پاڻ کي سوڪلي ڪيس گهرائي ونديس. ٻي فڪر رهه.

مَ ڪين روءُ، مَ رڙ ڪين، مَ ڪين ڪر دانهون،
سَتي لوڪ لطيف چئي، ٻي ڪنج ٻانهون،
لڏيءِ جت لائون، سو ڏيهه پسنديءَ سارئي.
”شاهه“

—

پاڳو ٽيون

باب پهريون

(١)

ايلچي

جعفر کي ابن صادق جي پٺيان وئي ڇهه مهنا گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ قتيبه، نزاق کي قتل ڪري ترڪستان جي بغاوت کي ختم ڪري ڇڏيو. نزاق جو هڪ حليف (مددگار) شاجرجاهه به انهيءَ جنگ ۾ پنهنجي جان ڏيئي چڪو هو. انهن جنگين کان فارغ ٿي، قتيبه، سغد جي بچيل علائقن کي فتح ڪندو، وچي سيستان تائين پهتو. اتان اتر طرف وڌي، وچي خوارزم تي ڪڙڪيو. خوارزم جي حاڪم جزيو ڏيڻ جي انجام تي صلح ڪيو. سمرقند وارن، قتيبه جي خوارزم ۾ وڃڻ جو ٻڌي وري بغاوت ڪئي.

قتيبه اها خبر ٻڌڻ سان، ٻه چار دستا فوج جا وٺي طوفان وانگر اچي مٿن ڪڙڪيو ۽ شهر کي گهيرو ڪري ويهي رهيو. هيءَ شهر قلعي جي مضبوطيءَ ۽ ٻين ڳالهين ۾ بخارا کان گهٽ ڪين هو، پر قتيبه، الله تي ڀروسو ڪري، بي پرواهه ٿي ويٺو رهيو ۽ روز منجنيقن سان قلعي جي ڀتين تي پٿرن جو مينهن وسائيندو رهندو هو. آخر تن مهنن جي گهيري کان پوءِ سمرقند جي حاڪم صلح جي درخواست ڪئي. قتيبه جي ذڪر شرطن تي صلح ٿيو ۽ شهر مسلمانن کي مليو.

سمرقند ۾ هڪڙو وڏو بت خانو هو، جنهن جو ادب، ساري ترڪستان ۾ ڪيو ويندو هو. ان مندر ۾ هڪڙو شاهي بت رکيل هوندو هو، جنهن لاءِ مشهور هوندو هو ته جو به ان کي هٿ لائيندو، سو يڪدم ڪنهن وڏيءَ مصيبت ۾ مبتلا ٿيندو. قتيبه اهو ٻڌي،

ان مندر ۾ ويو ۽ گرز جي هڪ ئي ڌڪ سان ان بت کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيائين. بت پڃڻ تي منجهانئس پنجاهه هزار مثقال مون جا نڪتا اتي جي رهاڪن، جڏهن ڏٺو ته قتيبه کي ڪا تڪليف نه ڪانه پهتي پر انلو مون جو شاهي ڏيڳ نصيب ٿيس، تڏهن، جٺن سمجهيو ته هيءَ رڳو پوڄارين جي چالاڪي هئي، سو بيشمار ماڻهو ڪلمه توحيد پڙهي مسلمان ٿيا.

اهڙيءَ طرح قتيبه بن مسلم، شهرن متان شهر فتح ڪندو، هاڻي وري، ايرندي طرف وڌيو. سنه ٩٥ هه ۾ هو فرغانه ڏانهن ويو، ان طرف به اسلامي جهنڊي کي لهرائيندو، وڃي ڪاشغر وٽ پهتو. ان کان پرتي چيني حڪومت جي حد هئي. اچا ڪاشغر ۾ منزل انداز هئا ته هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو جعفر به اچي نڪتو. ڪيس ڏسي ساري ڪئمپ ۾ خوشيءَ کان غوغا مچي ويو. سڀ پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا. قتيبه هاڻي چين تي چڙهائيءَ جون تياريون ڪرڻ لڳو. چين جي بادشاهه، سندس ارادو معلوم ڪري پنهنجو وڪيل صلح لاءِ موڪليو. صلح جي شرطن طئي ڪرڻ لاءِ قتيبه، جعفر، هبيره ۽ پنجن ٻين تجربيڪار مجاهدن کي چين جي بادشاهه وٽ موڪليو.

(٢)

چين جي شاهي سفارت خاني ۾ جعفر ۽ هبيره، پنهنجي ساٿين سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

”قتيبه کي ڪهڙو اطلاع موڪليون؟“ هبيره، جعفر ڏانهن منهن ڪري چيو ته ”چين جو لشڪر اسان جي فوج کان تمام گهڻو آهي. توهان ڏٺو ته هو ڪهڙي تڪبير ۽ غرور سان، اسان سان مليو آهي!“

”چينين کي سمجهڻ ۾ اوهان غلطي ڪئي آهي.“ جعفر بي پرواهيءَ سان چيو. ”نه هو شاه ايران کان وڌيڪ متڪبر آهي ۽ نه ڪيس ان کان وڌيڪ طاقت آهي. هي زرديءَ چڙهيءَ وارا مست ۽ ڏڄڻا چيني، رڳو اسان جي گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ جو آواز ٻڌي ڀڄي ويندا. اسان جيڪي پنهنجا شرط ٻڌايا آهن، انهن جي جواب ملڻ تائين ترسو. في الحال قتيبه کي لکي موڪليو ته چين جي فتح لاءِ ٻي وڌيڪ فوج جي ضرورت ڪانهي....“ جعفر، اڃا پنهنجي ڳالهه پوري ئي ڪانه ڪئي هئي ته هڪڙو شاهي خادم، اندر گهڙي آيو ۽ جهڪي سلام ڪري چيائين ته ”جهان پناهه، هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرو وري به توهان سان گفتگو ڪرڻ گهري ٿو."

هبيره- اسان پنهنجا شرط پيش ڪيا آهن. انهن ۾ ڪا به ردو بدل ڪانه ٿيندي. جيڪڏهن، اهي شرط قبول نه پوندا ته پوءِ تلوار پاڻيهي فيصلو ڪندي.

شاهي خادم- خاقان چين، انهن شرطن کان سواءِ به ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ گهري ٿو. مون کي حڪم ڏنو آهي ته اوهان سان هڪ جڳهه تي ويهي خدمت شاهيءَ ۾ حاضر ڪريان. جهان پناهه محسوس ٿو ڪري ته توهين هيتري دور دراز ڏيهه کان سفر ڪري مال و زر جي لالچ ۾ هتي آيا آهيو. سو توهان کان ڪجهه انعام ڏيئي دوستي وانگر موڪلائي ڪري. هن کي توهان جي ساک ۽ قوم بابت ڪجهه واقفيت وٺڻ جي خواهش به آهي. اهي ڳالهيون پڌي جعفر سيني کان اڳ ۾ اٿي پنهنجي تلوار ميان سان ڪڍي، چيني خادم کي ڏني ۽ چيائينس ته اها کڻي وڃي پنهنجي مالڪ کي پهچاءِ. اسان جي پاران هيءَ تلوار، هر سوال جو جواب ڏيندي.

"هيءَ تلوار؟" شاهي خادم عجب سان ورائيو؟

جعفر- هائو اها تلوار. بادشاهه کي وڃي ٻڌاءِ ته هن تلوار جي تيز ڌار تي، اسان جي قوم جي زندگيءَ جو بيان نقش ٿيل آهي ۽ ايترو به چئجانس ته اسين سنڌس، سندس خزانن کي مجاهدن جي گهوڙن جي سنبن سان اڏائل کهه جيترو به وزن ڪونه ٿا ڏيون، چيني خادم، جعفر جي زبان جي تيزي ڏسي ڏڪي ويو ۽ چيائين ته شاهه چين جي توهان کي ناراض ڪرڻ جي مرضي ڪانهي. هو توهان جي جرات ۽ بهادريءَ کي مڃي ٿو. توهين هڪڙو ڀيرو ساڻس ملاقات ڪريو. مون کي اميد آهي ته هن ملاقات جو نتيجو چڱو نڪرندو.

هبيره، جعفر کي چيو ته "انهيءَ ۾ ڪهڙو نقصان آهي، تون وڃ ۽ وڃي تبليغ ڪر.

جعفر- توهين مون کان عمر ۽ تجربي ۾ وڌيڪ آهيو.

هبيره- آءٌ توکي انهيءَ ڪري موڪليان ٿو، جو تنهنجي تلوار ۽ زبان ٻئي تکيون آهن، تون، مون کان وڌيڪ اثرائتي نموني ڳالهائي سگهندين. آخر جعفر شاهي خادم سان گڏجي روانو ٿيو.

دربار جي دروازي تي هڪڙو امير مليس، جو سونهري چمڪندڙ ٿيل چينيءَ جي پليٽ ۾ هڪ عاليشان جبو کڻائي بيٺو هو. جيئن

جعفر ويجهو آيو، تيئن ان اسير اڳيان وڌي چيس ته توهان جو اهو جبو قاتل ۽ پراڻو آهي: توهين بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ وڃو ٿا، تنهنڪري، اهو جبو لاهي هيءُ پهريو. جعفر مرڪي ٿي ڪٽي چيس ته آوهان جا اهي قيمتي لباس، توهان کي بادشاهن جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ تي مجبور ڪن ٿا، ليڪن آئون ڏسندين ته منهنجو هيءُ پگهر ۾ سڙيل پهراڻ، سون کي توهان جي خاقان اڳيان نمڻ ڪين ڏيندو. انهن چئي، بي پرواهيءَ سان اڳتي هلندو رهيو. شاهي دربار جي ٻاهرئين دروازي تي بيٺل غلامن مان هڪ غلام پاڻيو ته جعفر جو پراڻو ۽ سَرُ ۾ ميرو ٿيل جوتو، صفا ڪريان، پر جعفر ان کي ٻه ٻانهن ڪان وٺي اپو ڪيو ۽ پاڻ پاسو ڏيئي اڳتي هليو ويو.

دربار ۾ چين جو بادشاهه، سون جي ٺهيل تخت تي ٻيل ريشمي غاليچن تي طولن کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. سندس ڳلن تي پيريءَ جا نشان پڌرا بيٺل هئا. ڪاڏيءَ تي ڏاڙهيءَ جا ڪجهه ٿورا وار هئس. پرسان ملڪه ويٺي هيس، جنهن جو خوبصورت منهن ٻڌائي رهيو هو ته جوانيءَ ۾ هيءُ جسم ڪهڙو نه خوبصورت هوندو. هوءَ فرغاني جي شاهي خاندان مان هئي، جنهن کري چيني عورتن ڪان وڌيڪ حسين ۽ خوبرو ڏسڻ ۾ پئي آئي. بادشاهه جي ٻئي طرف سندس ولي عهد، ڳلي ۾ موتين جا قيمتي هار پايو ويٺو هو. سندس پٺيان ٻانهين جي ٽولي بيٺل هئي، جن جي هٿن ۾ چينيءَ ۽ شيشي جون شراب سان ڀريل رنگين صراحيون ۽ پيالا هئا. ٻانهين جي وچ ۾ حسن آرا نالي هڪ ايراني ٻانهي بيٺل هئي جا پنهنجي شڪل شباهت سبب، ٻين ٻانهين ڪان وڌيڪ ممتاز پئي نظر آئي. سندس ڏگها ۽ سونهري وار ڪلهن تي پکڙيا پيا هئا. مٿي تي ڳاڙهي رنگ جو رومال ويڙهيل هوس ۽ چيلهه ڪان مٿي ڪاري رنگ جي هڪ چست قميص، اهڙيءَ طرح پيل هيس جو سندس جسم اگهاڙو پئي سمجهڻ ۾ آيو. هيٺ ڳاڙهي رنگ جي وڌي ۽ ويڪري سلوار پيل هيس، هن جو قد ٻين سڀني ٻانهين ڪان ڏگهو هو.

جعفر، فاتح جي حيثيت سان دربار ۾ داخل ٿيو. بادشاهه ۽ درٻارين تي نظر ڦيرائي السلام عليڪم چئي بيهي رهيو. بادشاهه پنهنجي درٻارين ڏانهن ۽ درٻاري بادشاهه ڏانهن ڏسڻ لڳا. جعفر پنهنجي سلام جو جواب نه ملندو ڏسي، بادشاهه ڏانهن نهاريو. بادشاهه نوجوان مجاهد جي نظر جي طاقت برداشت نه ڪري، ڪنڌ ڪٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺ ڪيو. ولي عهد اٿي جعفر سان هٿ ملايو ۽ هڪ خالي ڪرسيءَ تي وهڻ لاءِ اشارو ڪيائينس. بادشاهه پنهنجي راڻيءَ ڏانهن نهاري، تاتاري زبان ۾ چيو ته هي ماڻهو ڏاڍا دلچسپ ٿا ڏسجن. هي سنهنجو ملڪ فتح ڪرڻ نڪتا آهن! سندس پوشاڪ ته ڏس! جعفر ساڳيءَ زبان ۾ چيو ته ”سپاهيءَ جي طاقت جو اندازو، هن جي لباس سان نه، پر سندس تلوار جي تيزيءَ ۽ ٻانهن جي ٻل سان لڳائڻ گهرجي. بادشاهه نوجوان عرب کي تاتاري زبان ۾ ڳالهائيندو ڏسي ڪجهه وقت ته حيرت سان هڪو ٻڪو ٿي ڏانهس نهاريندو رهيو، پر وري به پريشاني لڪائي چيائينس ته ”بهادر عرب! اڳ تنهنجي بهادريءَ جي ساراهه ٿو ڪريان، پر جيڪڏهن توهين پنهنجي زور آزمائيءَ لاءِ ڪا ٻي طاقت چونڊيو ها ته بهتر ٿئي ها. توهين جنهن حڪومت جي وارث کي ترڪن جي ننڍن ننڍن جاگيردارن جهڙو نه سمجهجو. سنهنجا وچ جيان ڊوڙندڙ گهوڙا توهان جي فخر سان پڙيل متن کي پيهي ڇڏيندا. توهان جيڪي حاصل ڪيو آهي، ان تي قناعت ڪريو. اڃين نه ٿئي جو چين سان گڏ ترڪستان به وڃائي ڇڏيو.“

جعفر، بادشاهه جا وڏائي ڀريل گفتا ٻڌي اٿيو ۽ ويو. تلوار جي مُٺ تي هٿ رکي چيائين ته ”اي هنيلا، هيءَ تلوار ايران ۽ روم جي شهنشاهن کي متيءَ جو ڪاچ بنائي چڪي آهي. تو ۾ ان جي ضرب جهلڻ جي طاقت ڪٿي آهي؟ چا، تنهنجا گهوڙا، ايرانين جي گهوڙن کان سگهارا آهن؟“

اسلامي مجاهد جي انهن گفتن ٻڌڻ سان دربار ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. چوڌاري ماٺ لڳي ويئي. سڀئي ڪري ته به سندس ڪرڻ جو آواز ٻڌجي. بادشاهه پنهنجي سر کي هڪ هلڪي جنبش ڏني. حسن آرا اشارو سمجهي، شراب جو جام ڀري، شاهي تخت اڳيان اچي گوڏا جهڪائي پيش ڪيو ۽ وري به اچي پنهنجي جڳهه تي ويٺي. هڪ ٻانهيءَ حسن آرا جي ڪن ۾ چيو ته ”جهان پناهه ڏاڍي جلال ۾ آهي. هيءُ نوجوان حد کان وڌي ويو آهي.“ حسن آرا جعفر تي دل ڦريندڙ نظر وجهي چيو ته ”هيءُ بيوقوفيءَ تائين بهادر آهي. شايد خبر ئي ڪانه اٿس ته اهڙيءَ دليريءَ جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو آهي.“

بادشاهه شراب جا ٻه چار ڍڪ ڀريا، وري به جعفر ڏانهن نهاريو ۽ چيائين ته ”اي نوجوان! اڃين نه سمجهه ته اسين تنهنجي ڌمڪين کان ڊڄي ويا آهيون يا ڊڄنداسون. تنهنجي بهادريءَ جو امتحان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ٽيندو، ليڪن اسين اهو معلوم ڪرڻ گهرون ٿا ته توهين، پراسن حڪومتن ۾ فساد ڇو ٿا پکيڙيو؟ جيڪڏهن توهان کي حڪومت جي لالچ آهي ته اها اڳئي نها ... و، جيڪڏهن خزاني جو لوڀ اٿو ته اسين توهان جا تنبو سون چانديءَ سان پري ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. ياد رکو ته ايترو سال ڏيڻ هوندي ٻه اسان جي خزانن ۾ ذري جيتري ٻه کوٽ ڪانه پوندي. گهر ڇا ٿو گهرين؟“ جعفر جواب ڏنو ته اسان پنهنجا شرط پيش ڪيا آهن. توهان اسان کي غلط سمجهيو آهي. اسين دنيا ۾ بدامني پکيڙڻ لاءِ ڪونه نڪتا آهيون، پر اسين ان کي ٻه اسن ڪونه چوندا آهيون، جنهن ۾ هڪ ڏاڍي جو ڏاڍي ٻيڪس ۽ ٻي وس کي صبر سان سهڻو پوندو آهي: اسين دنيا ۾ اهو اسن پکيڙڻ لاءِ نڪتا آهيون، جنهن ۾ ڏاڍي جو هٿ هيٺي تي اٿي نه سگهي؛ جنهن ۾ آقا ۽ ٻانهي جو تفاوت ميٽجي وڃي. اهو عالمگير قانون اسلام آهي. جيڪڏهن توهان کي اسلام قبول نه آهي ته پوءِ توهان کي جزيو ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن توهان کي انهن ٻنهي ڳالهين مان ڪابه ڳالهه قبول نه پوندي ته پوءِ اسان جي تلوار ان ڳالهه جو فيصلو ڪندي. اسان کي دولت ۽ خزاني جي ڪابه لالچ نه آهي. اسين دنيا جي ظالم حڪومتن کان، مظلومن جا ڦريل حق، انهن غريب ۽ ٻي واهن کي واپس وٺي ڏيڻ لاءِ نڪتا آهيون. توهان کي شايد خبر ڪانهي ته دنيا جي وڏي کان وڏي حڪومت جا مالڪ هوندي ٻه ان دنيا کان ٻي نياز آهيون.“ جعفر ايترو چئي ويهي رهيو. دربار ۾ هڪ دفعو وري ٻه مات ماٺوڙو لڳي ويو. حسن آرا، پر واريءَ کي چيو ته ”مون کي هن خوبرو نوجوان تي رحم ٿو اچي. اسان جي شهنشاهه جي هٿ جو اشارو، سندس خاتمي لاءِ ڪافي آهي، پر خبر نه آهي ته ڇو، جهان پناهه، ايترو رحمدل ٿي پيو آهي. ڏسجي ته هن جو حشر ڪهڙو ٿو ٿئي. هن عمر ۾ موت کي سفت ۾ سڏڻ ڪيتري نه ناداني آهي!“

بادشاهه جعفر جي تقرير وقت، بي قراريءَ جو اظهار ڪندي، هڪ ٻه پيرو پاسو بدلايو. ڪوبه جواب ڏيڻ جي بجاءِ پنهنجي درٻارين ڏانهن ڏسي، ملڪه سان چيني ٻوليءَ ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪري، جعفر کي چيائين ته ”اسين هن معاملي بابت وري گفتگو ڪنداسين. اڄوڪي محفل ۾ گهڻيون ڳالهيون، اسان جي مرضيءَ جي خلاف ٿيون آهن، تنهنڪري چاهيون ٿا ته ان ڪوڙاڻ کي ٻئي نموني ۾ بدلايون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين چئي حسن آرا ڏانهن ڪو اشارو ڪيائين. حسن آرا مطلب سمجهي، بادشاهه ۽ درٻارين جي وچ ۾ بيهي جعفر ڏانهن نهاري مرڪي ۽ هٿ ڏگهيري، پيرن ڪي جنبش ڏنائين. ساڳئي وقت هڪ ريشمي پردي جي پٺيان ستار ۽ رباب جي دلڪش صدا شروع ٿي. حسن آرا ستار جي پرسان پير ملائي، آهسته آهسته قدم کڻي شاهي تخت جي اڳيان اچي گوڏا کوڙي ويٺي. بادشاهه هٿ اڳيان وڌايو. حسن آرا، ادب سان هٿ چمي، وري اٿي ساڳيءَ طرح پٺيان هٽڻ شروع ڪيو. ساز جو آواز آهستگيءَ سان وڌندو ويو. حسن آرا جي ناچ ۾ به تيزي ايندي ويئي. هوءَ چوڌاري چڪر لڳائيندي رقص ڪرڻ لڳي. هن جو هرڪو عضوو پنهنجي نزاڪت ۽ جاذبيت جو نمونو ڏيکارڻ لڳو. هوءَ ڪڏهن مٿي ڪي چنيدي پنهنجا ڏگها وار سنهن تسي وجهڻ ۽ ڪڏهن ڪنڌ ڌوڻي پٺيان اڇلي پنهنجي حسن جو جلوو درٻارين کي ڏيکارڻ لڳي. ڪڏهن هن جون چانديءَ جهڙيون خوبصورت ٻانهون هوا ۾ بلند ٿينديون رهيون ۽ ڪڏهن نانگ وارا ور وڪڙ کائي هيڏانهن هوڏانهن ڦرنديون رهيون. ڪڏهن وري چيلهه تي هٿ رکي اڳيان ۽ پٺيان ايترو ته نمي ٿي جو سندس وار فرش سان پئي لڳا. مطلب ته سندس هر قدم انا البرق پڪاري رهيو هو. اهڙيءَ طرح وينلن تي بجلي ڪيرائيندي، هڪ سونهري ڦولدان طرف وڌي ۽ ان سان هڪ گلاب جو ڳاڙهو گل پٽي، جعفر ڏانهن وڌي. جعفر جي اڳيان پهچي، گوڏا کوڙي ويهي رهي، پر هو ملنگن وانگيان پنهنجي ڪنهن ڌن ۾، هن دنيا کان نڪري، ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ پهچي چڪو هو. ناچڻيءَ گل کي پنهنجي چپن سان لڳائي چمي ٻنهي هٿن ۾ رکي، جعفر جي اڳيان پيش ڪيو؛ پر هن پنهنجيون اکيون به مٿي ڪونه کنيون. رقاصه پنهنجا هٿ اجا به اڳتي وڌايا، ايتري قدر جو سندس آڱريون مجاهد جي سيني کي ڇهڻ لڳيون. جعفر ڪانئس گل وٺي کڻي هيٺ اڇليو. هيءَ بي قدري ڏسي، ناچڻي ڪاوڙ کان ڳاڙهي ٿي، چپن کي چڪ پائيندي، جعفر تي ڦهري اکين جا ڪان اڇليندي، سامهون هڪ دروازي جي ريشمي پردي پٺيان گم ٿي ويئي. سندس وڃڻ سان ساز جون تانون به بند ٿي ويون ۽ دربار ۾ اهاني سانت مچي ويئي.

بادشاهه، جعفر ڏانهن نهاري چيو ته ”شايد اسان جو راڳ ۽ ناچ توکي نه وڻيو.“ اسان کي ته اهو راڳ ۽ ساز وڻندو آهي جو

ٻن تلوارن کي ٽڪرائڻ سان پيدا ٿيندو آهي.“ جعفر ساڳيءَ بي پرواهيءَ سان چيو. انسان جي تهذيب، زالن کي هن ريت اگهاڙو ٿي نچڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي. نماز جو وقت اچي ٿيو آهي. سون کي اجازت سلڻ گهرجي.“ ائين چئي جعفر وڏيون پرانگهون ڀريندو دروازي سان ٻاهر نڪري ويو. دروازي تي حسن آرا بيٺي هئي. جعفر کي ڏسي ڪاوڙ سان، منهن سجائي، ڪنڌ ڦيري ڪٽي ٿي پاسي ڪيائين. جعفر ڪيس ڏنو ان ڏنو ڪري اڳتي وڌي ويو. حسن آرا کي ٻيو دفعو به پنهنجي شڪست جو احساس ٿيو. ”تون تمام ذليل آهين. سون کي توکان ڪراهت ٿي اچي.“ حسن آرا جعفر جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ذرا ڏاڍيان آواز ۾ تاتاري زبان ۾ چيو، ليڪن، هن خدا جي ٻندي، سنهن ورائي به ڏانهس ڪو نه نهاريو. حسن آرا ڏاڍي ٿڪي ٿي. جڏهن جعفر گهٽو اڳتي وڌي ويو، تڏهن هوءَ نااميد ٿي ڳٽتين ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري وڃي پلنگ تي ويٺي. هن جي حياتيءَ ۾ هيءَ پهريون ڀيرو هو جو سندس وار خالي ويو هو.

رات جو جعفر، پنهنجي بستري تي ليٽي سمهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پر اڄ الائي ڇو ننڊ ڪانئس رسي ويئي هئي. سندس همراهه ڪونگهرا هڻي آرام ڪري رهيا هئا. ڪمري ۾ ڪيترين شمعون، چيني جي رنگين شمعدانن ۾ ٻري رهيون هيون. ڏينهن جا ٿيل واقعا، هن مست سلنگ کي پريشان بنائي رهيا. رکي رکي سندس خيال چين کان هزارين ميل پري ڪيس اڏائي پئي ويا. ڪنهن مهل سندس ڳوٺ ۾ ڪنهن مهل نرگس وٽ. حسن آرام هن کي نرگس جو جلوو ڏيکاري ڏيڻ لڳو. هنن ٻنهي جي شڪلين ۾ گهڻي مشابهت هئي. ليڪن فرق رڳو اهو هو نه حسن آرا خوبصورت هئي ۽ هن کي پنهنجي خوبصورتيءَ جو احساس به هو. احساس به اهڙو زبردست جو پنهنجي حسن مان پورو پورو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندي، هوءَ معصوميءَ ۽ پاڪيزگيءَ کان بلڪل محروم ٿي چڪي هئي. سندس صورت ۾ قدرتي سادي حسن جي بجاءِ بناوت گهڻي هوندي هئي، پر نرگس فطري حسن جي معصوم ۽ غير فاني تصوير هئي. نرگس کان ٻچاڙيءَ جي سوڪلائيءَ جو منظر هيمنئر اکين اڳيان تري آيس. پڪ هيس ته نرگس جي پاڪ ۽ صاف سيني ۾ صرف سندس لاءِ ئي جڳهه آهي: ان صنم خانه جو معبود پاڻ ئي آهي. نرگس رڳو پوڄاريءَ وانگر، پنهنجي تن ۽ من سان، ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاندار بت جي پوڄا لاءِ جي رهي آهي. هن لڙائيءَ هلندي، پاڻ ڪيترا پيرا ڪوشش ڪيائين ته نرگس سان ڪيل انجام پوري ڪرڻ لاءِ هڪ پيرو وٺس وڃان، پر هر دفعي ”هيءَ لڙائي ڪٿي پوءِ“ جو خيال کيس ترسائيندو آيو، هر سهم کي آخري سهم سمجهندو، پنهنجي ارادي کي ٽاريندو رهيو. اهڙيءَ طرح هي هتي پهتو هو. هن وقت سندس حالت اهڙي مسافر جهڙي هئي جو پنهنجون قيمتي شيون ڌاڙيلن کان ڦرائڻ کان پوءِ باقي بچيل سامان خودئي اڇلائي، اڳتي وڌندو رهي. هن غريب لاءِ دنيا جو سک ۽ آرام بي معنيٰ لفظ هئا. جيتوڻيڪ نرگس سان ڀريون پيرو ڪيل موڪلائي، کيس ڪجهه آٿت ڏنو هو، پر اهو به ايترو ڪو نه هو جو سندس هن وقت ڪاميل ڦٽن کي يڪدم پري آرام ڏيئي سگهي. هو جڏهن به نرگس بابت ويچار ڪندو هو ته نرگس کي پنهنجي زندگيءَ جو آخرين اجهو سمجهندو هو. پر ان آڌار کان به هميشه جي جدائيءَ جو ڀيانڪ تصور کيس ڏڪائي ڇڏيندو هو. اتي ئي بستري تي ليٽي ليٽي خيال آيس ته خبر ناهي ته نرگس هينئر ڪهڙيءَ حالت ۾ هوندي ۽ ڪهڙن خيالن ڪندي سنهنجو انتظار ڪندي هوندي. جيڪڏهن، اها به ڪلثوم ۽ زليخان وانگيان... نه نه ته خدا ائين نه ڪري! مطلب ته نرگس بابت ڪيئن خيال اچي جاڳيس. هو پاڻ کي گهڻيئي دلاسا ڏيڻ لڳو، پر چوندا آهن ته ”ڪير جو سڙيو، ڇاڄ ڦوڪي پيئي.“ ان وانگيان هن غريب جي زندگي به هميشه ناڪاميابين ۾ گذري هئي، سو، سندس دل، ڪنهن به نقطي دلاسي تي مطمئن نه ٿئي ٿي. جيئن ڪو ڪنل ساٿهو گس هلندي ڪٿان اوچتو شاهي خزانو ليي غني بنجي پوي، ۽ وري به سال ڦرجي وڃڻ جو ڊپ کيس شاهوڪار هئڻ جي خوشيءَ جو مزو نه وٺڻ ڏئي؛ ساڳي حالت هن غريب مسافر جي هئي. سندس دماغ ۾ هزارين خيال اچي ڪٺا ٿيا. سک آرام وسري ويس. بسترو ساڙڻ پئي آيس. سو اُٿي ٽهلڻ لڳو. ڪوٺيءَ ۾ هلندي هلندي ٻاهر نڪري ويو ۽ چنڊ جي ٿڌيءَ چانڊوڪيءَ ۾ ويهي رات جي وقت لڳندڙ ٿڌيءَ چانڊوڪيءَ ۾ ويهي رات جي وقت لڳندڙ ٿڌيءَ هير سان سغز کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

(٣)

محلات جي پٺي طرف هڪ سينگاريل ڪوٺيءَ ۾، حسن آرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبنوس جي ڪرسيءَ تي ويهي پور پچائي رهي هئي. مرواريد، سندس نوڪرياڻي پريان گلم تي ويهي، ڪيس حيرانيءَ سان ڏسي رهي هئي. حسن آرا، دل ئي دل ۾ پنهنجي هار جو بدلو وٺڻ لاءِ رٿون رٿي رهي هئي.

”ڇا هن مون کان به ڪا خوبصورت عورت ڏٺي آهي!“ اهو ويچاريندي، حسن آرا، ڪرسيءَ تان اٿي، سامهون ڀت تي لڳل قدآدم آرسيءَ جي اڳيان وڃي بيٺي. ڇڳيءَ طرح ڇتائي پنهنجو عڪس جاچڻ لڳي. پوءِ ميز تان ڦٽي ڪٽي وارن کي ڏاهي، ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪرڻ لڳي.

مرواريد، اهو سڀ ڪجهه ڏسي حيرت جي درياءَ ۾ غوطا کائڻ لڳي. نيٺ همت ڪري اٿي چوائينس ته ”اڄ توهين آرام ڪين ڪندا ڇا؟ ... “جيستائين آءٌ هن ڏنار عرب کي پنهنجي پيرن تي ڪريل نه ڏسنديس، تيستائين مون کي آرام ڪين ايندو.“ حسن آرا تيزيءَ سان جواب ڏنئي، اڳئين کان به تکڙو هلڻ لڳي. مرواريد پنهنجي جاءِ تان اٿي، دريءَ وٽ بيهي، پنهنجي اکين سان ننڊ وڃائڻ لاءِ باغ ڏانهن نهارڻ لڳي. اوچتو ڪيس باغ ۾ ڪو ماڻهو گهمندو نظر آيو. حسن آرا کي آهستي، پاڻ ڏانهن سڏ ڪري، هٿ سان اشارو ڪري چوائينس ته ”ڏسو، توهان ئي وانگر ڪو ويچارو، ڏکن جو ڏتل هتي ڪٿيون ڪائي دل وندرائي رهيو آهي.“ حسن آرا اکيون ڦاڙي ان طرف ڏسڻ لڳي. جڏهن اهو ماڻهو وڻن جي وچ مان نڪري سامهون ٿيو، تڏهن چنڊ جي روشنائيءَ ۾ پوريءَ طرح ڪيس سڃاتائين. جعفر کي ڏسي، حسن آرا ڇپن ئي ڇپن ۾ مرڪڻ لڳي ۽ خبر نه آهي ته دل ۾ ڪهڙو طوفان برپا ٿي ويس. ”مرواريد تون اتي ترس. آءٌ. اجهو ٿي اچان.“ ائين چئي حسن آرا، چرين وانگر ڊوڙندي باغ ۾ هلي ويئي. چمنستان ۾ پهچي، حسن آرا، هڪ وڻ جي اوٽ ۾ بيهي رهي. جڏهن جعفر آهستي هلندو ڪيس ويجهو آيو، تڏهن يڪدم وڻ جي اوٽ مان نڪري، اچي اڳيان بيٺيس. هيئن اوچتو پنهنجي اڳيان ماڻهو ڏسي، جعفر کان چرڪ نڪري ويو.

”توهين ڊڄي ويا؟ مون کي ارمان آهي.“ حسن آرا چيو.

”تون هن مهل هتي ڪيئن آئي آهين؟“ جعفر پڇيس.

”آءٌ به اهوئي سوال توهان کان پڇڻ واري هيس.“ حسن آرا جواب ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ هئي، ننڊ نٿي آئي، تنهنڪري..."
حسن آرا سندس ڳالهہ اڌ مان ڪپي چيو تہ "توهان جي طبيعت بہ ناساز ٿيندي آهي ڇا؟ مون ڀانيو ٿي تہ توهين، اسان جهڙن ماڻهن کان ٻيءَ طرح جا آهيو. آءٌ پڇي سگهان ٿي تہ توهان جي ننڊ ڇو ڦٽي آهي؟"

جعفر، بي پرواهيءَ مان جواب ڏنو تہ "اهو ضروري ڪونهي تہ تنهنجي سوال جو جواب ڏجي." ائين چئي هو اٿي وڌيو. حسن آرا جنهن سمجهيو ٿي تہ هن بي پرواهہ انسان جي ننڊ جو ڦٽڻ سندس زلفن ۽ حسن جي اثر کان آهي، سا ڳالهہ، جڏهن غلط ثابت ٿي، تڏهن محبت يا نفرت کان وري بہ اٿي وڌي ۽ جعفر جو رستو روڪي بيهي رهي. هو پرديسي سڙي ٻئي پاسي کان وڃڻ لڳو، پر حسن آرا وري بہ جرات ڪري اچي پهراڻ جي پلاند کان جهليس. جعفر ڏانهس نهاري پڇيو تہ "توکي ڇا کپي؟"

حسن آرا وٽ ان جو جواب تہ هوئي ڪونہ، سو سندس سڄو بدن ڏڪي ويو. سندس حسن جو غرور مجاهد جي قدمن ۾ پامال ٿي چڪو هو. ڏڪندي ڏڪندي مسافر جي پيرن تي ڪري پيئي. جعفر ٻانهن کان جهلي اٿاريس ۽ ڪجهہ ڪڇڻ پڇڻ کان سواءِ تڪڙو تڪڙو پنهنجي ڪمري ۾ گهڙي ويو. بستري تي ڪري، الائي ڪهڙن ڪهڙن پورن ۾ غرق ٿي ويو. حسن آرا ٿوري دير اتي بيهي رهي. نرڙ تي شرم کان پگهر اچي ويس. آخر پگهر اگهي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي پنهنجي جاءِ تي آئي. هڪ دفعو وري بہ ساڳيءَ آرسيءَ اڳيان بيهي پنهنجي حسن جو جلوو پسڻ لڳي. آخر هڪ مسافر تي چڙهيل ڪاوڙ وڃي، بي جان آرسيءَ تي نازل ٿي. شراب جي خالي صراحي کڻي، انهيءَ آرسي تي ڦهڪائي ڪڍيائين. "هو جهنگلي آهي. آءٌ هن جي پيرن تي ڇو ڪريس؟" ائين چوندي حسن آرا بي قراريءَ مان ڪمري ۾ هلڻ لڳي. "آءٌ هن جي پيرن تي ڇو ڪريس؟ آءٌ هن وٽ ويس ڇو؟" ائين چوندي ڀڳل آرسيءَ جو ٽڪر کڻي منجهس پنهنجو منهن ڏسي، وري بہ کڻي اڇلايائين ۽ پوءِ ڳلن تي مستن وانگر ڦٿرون هڻڻ لڳي. آخر ٿڪجي، جعفر کان سواءِ سڄي دنيا کي گاريون ڏيندي وڃي بستري تي ڪري ۽ منهن ڪپڙن ۾ لڪائي سڏڪا ڀري رئڻ لڳي.

انهيءَ واقعي کان مهينو کن پوءِ، جعفر ڪاشغر پهچي، قتيبہ کان ڇهہ مهينا موڪل ورتي. هيا بہ ڪي مجاهد جي موڪلن تي

گھرن ڏي وڃڻا هئا، سي سندس ساٿي ٿي سائس سفر ۾ همراهه ٿيا. ان ننڍڙي قافلي ۾ جعفر جو هڪ جهونو دوست وڪيع به هو، جنهن قافلي کان جدا ٿي، پنهنجو رستو ورتو گهريو، پر وڪيع هين سائين سان هم‌صلاح ٿي جعفر کي سندس منزل مقصود تي ڇڏڻ لاءِ اڳتي وڌيو.

(٤)

نرگس، هڪ اوچيءَ ٽڪريءَ تي ويٺي، سهڻن نظارن سان دل وندرائي رهي هئي. زمرد کيس ڳوليندي اچي اتي نڪتي. سڌي چڙهندي ئي نرگس! نرگس!! پڪاريندي ڊوڙندي چڙهندي آئي. ويجهو اچڻ تي چيائينس ته نرگس! هو اچي ويو! تنهنجو شهزادو اچي ويو!! جيڪڏهن اها ٽڪري سڄي سون جي ٿي پوي ها ته به شايد نرگس ايترو حيران نه ٿئي ها، جيترو ان ڳالهه ٻڌڻ سان ٿي. هن کي پنهنجي ڪنن تي به اعتبار ڪين ٿي آيو. ساعت‌کن رکي زمرد وري به چيس ته ”نرگس تنهنجو شهزادو اچي ويو!“ نرگس جو منهن خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳو. پڙڪو ڏيئي اٿڻ لڳي. پر گهڻي ۽ اوچتيءَ خوشيءَ سبب سارو جسم اچي ڏڪڻ لڳس ۽ ڪري پيئي. زمرد ٽپ ڏيئي اچي کيس ٻانهن ۾ ڪنيو.

”منهنجا خواب آخر سچا نڪتا.“ نرگس ڏکيا ساهه کڻندي چيو.

”نرگس، مون اڳ ئي به خوشخبري آندي آهي.“ زمرد چيو.

”انهيءَ کان وڌيڪ منهنجي خوشيءَ لاءِ ٻي ڪهڙي خبر ڏيندي؟“

نرگس ورائيو.

”تنهنجي شادي به اڄ ٿيندي“ زمرد چيو.

”اڄ!... نه نه.“ نرگس چيس. ”اهڙيون مسخريون نه ڪر...“

نرگس ويساهه ڪر، اڄ جو اڄ تنهنجي شادي ٿيڻ واري آهي“ زمرد چيو.

نرگس جو خوشيءَ سان ٻهڪيل منهن، وري به زردو ٿي ويو. نااميديءَ وچان اکيون آليون ٿي ويس. هڪ ٻه ڳوڙها پنبڻن هيٺان ئي نماڻيون اکيون ڪٽي، زمرد کي چيائين ته ”ادي، تون به ڏکويل سان اهڙيون مسخريون ٿي ڪرين؟“ اهي لفظ ٻڌي زمرد جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ نرگس کي ڀاڪر پائي چيائين ته ” ادي، آءٌ ڪوڙ ڪونه ٿي ڳالهايان. خدا جو قسم هو آيو آهي. اچڻ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو پڇيائين. سون سيڪجهه ڪيس ٻڌايو آهي. ماڻس گڏ ڏک اڏروت عمر جو ٻيو به ساٿهو آهي، جنهن هوسان سان آهستي ڪي ڳالهيون پئي ڪيون. هوسان، اڄ ڏاڍو خوش پئي ڏسڻ ۾ آيو. سون کي تنهنجيءَ ڳولا لاءِ انهيءَ ئي سوڪليو آهي. هل، هل، نرگس اتي تنهنجي پڇا هوندي. نرگس خوشيءَ سان ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپي. زمين ڪان مٿي پئي هلي. زمرد ٻه ڊوڙي تڪڙو ويئي هلي، پر نرگس جا پير خوشيءَ وچان پئي ٿڙيا.

ڳوٺ جا ماڻهو، ڪٺو ڪري سڀ هوسان جي گهر اچي گڏ ٿيا هئا. وقيع، جعفر ۽ نرگس جو نڪاح پڙهيو. گهوٽ ۽ ڪنوار تي چئن ئي پاسن ڪان جهنگلي گلن جي بارش ٿي پئي. زمرد هڪ ڪنڊ ۾ بيهي، هوسان ڏانهن تڪي رهي هئي. هوسان اڄ ڏاڍو خوش پئي ڏٺو، سو ٻر ۾ وينل هڪ پيرسن تاتاريءَ کي ڪن ۾ ڪجهه چيائين. هو تاتاري، اتي زمرد جي پيءُ وٽ ويو ۽ ماڻس ڪجهه ڳالهيون ڪيائين. هن به ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي. پوءِ اتي هوسان وٽ آيو ۽ پڇيائينس ته ”چا اڄ ئي؟“ هوسان به چيو ته ”هائو“ زمرد جي پيءُ چيو ته ”آءٌ گهر واريءَ سان صلاح ڪري جلدئي ٿو اچان.“ شام ٿيڻ ڪان اڳ وري به سڀ ڳوٺاڻا اچي زمرد جي پيءُ جي گهر گڏ ٿيا ۽ هوسان ۽ زمرد جو نڪاح به وقيع پڙهيو.

جڏهن ڪنوار هوسان جي گهر آئي ۽ نرگس ۽ زمرد اڪيلائيءَ ۾ پاڻ ۾ گڏيون، تڏهن نرگس پنهنجو چمڙي جو ٿيلهوڪولي منجهانئس هڪ روسال ڪڍيو. پوءِ اهو روسال زمرد کي ڏيندي چيائين ته ”زمرد، هن وقت، هن ڪان وڌيڪ مون وٽ ڪابه قيمتي شيءِ ڪانه آهي. هيءَ توکي سوکڙي ڏيان ٿي؟ پلائي ڪري قبول ڪر.“

زمرد — اڄ ڏاڍي سخي ٿي پئي آهين! جعفر نه اچي ها ته شايد اهڙي سخاوت نه ڪرين ها.

نرگس — زمرد، اجوڪن واقعن تي ته اڃا به مون کي اعتبار ڪونه ٿو اچي. پانيان ٿي ته ڪو خواب پئي لهان!

زمرد — پلا، جيڪڏهن سچ پچ اهو خواب ئي هوي ته؟

نرگس — اهڙي خواب ڏسڻ ڪان پوءِ ڪير جيئرو رهي سگهندو؟

وقيع ۽ ان جي همراهن رات اتي گذاري. صبح جو سوڪلائڻ مهل جعفر ٻڌاين ته آءٌ به جلد ئي بصري ۾ اچي توهان سان ملندس. هوسان جي گهر ۾ جنهن ڪمري ۾ اڳي ئي جعفر رهندو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئنئر به اهو ساڳيو ڪمرو ڪين رهڻ لاءِ مليو. جعفر جنهن جڳهه ۾ ڪجهه وقت اڳي هڪ غريب پرديسيءَ وانگر اچي رهيو هو، تنهن ۾ هينئر مالڪ وانگر رهڻ لڳو. کيس هيءُ سچو ڳوٺ، جنت جو نمونو پئي محسوس ٿيو. آس پاس جا سهڻا نظارا، اڳئين کان گهڻو وڌيڪ دلڪش پئي نظر آيس. ڳلن مان پريل ۽ ولين مان سينگاريل ٽڪريون، خوشبوءِ واريءَ هوا جا جهونا، سهڻن ۽ ننڍڙن پکين جون سنڙيون ٻوليون، مطلب ته هر ڪنهن شيءِ مان کيس محبت ۽ سرور جا آلاپ ٻڌڻ ۾ پئي آيا.

باب ٻيو

(١)

زماني جو انقلاب

خليفي وليد جي خلافت جي پوئين زماني ۾، ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ کان وٺي ڪاشغر ۽ سنڌ تائين مسلمانن جو جهنڊو جهولي رهيو هو. تاريخ اسلام جا ٽي مشهور سپه سالار، شهرت ۽ ناموريءَ جي آخرين حد تائين پهچي چڪا هئا. محمد بن قاسم اپرنديءَ ۾ سنڌونديءَ تائين پهچي، هندستان جي مشهور آباد ملڪ کي فتح ڪرڻ جون رٿون رٿي رهيو هو، قتيبه، ڪاشغر جي اوچين ڏڪرين تي ٻيهي خليفة المسلمين جي دربار مان چين تي حملي ڪرڻ جي حڪم اچڻ جي واٽ ڏسي رهيو هو ۽ الهندي طرف موسيٰ بن نصير جو لشڪر پرنيز جبل اڪري فرانس ۾ داخل ٿيڻ وارو هو. ليڪن سن ٩٦ هه ۾ خليفه وليد جي وفات ڪرڻ ۽ سليمان جي تخت نشين ٿيڻ سبب اسلامي فتوحات جو ڪم، جو جتي هو، سو اتي ئي روڪجي پيو. سليمان پنهنجي دل ۾ گهڻي وقت کان خليفه وليد ۽ سندس همراهن کان وير وٺڻ جون تجويزون پئي سوچيون. خليفي جي فوت ٿيڻ سبب، اهو سو، ڪانئس ٻچي ويو. هن، مسند نشين ٿيڻ سان اڳئين خليفي جي پيارن سپهه سالارن کي يڪدم واپس اچڻ جا احڪام جاري ڪيا.

حجاج بن يوسف لاءِ هن سڀ کان خوفناڪ سزا سوچي هئي، پر ان کي ته ملڪ الموت، خليفي سليمان جي قبضي مان ڇڏائي ورتو. حجاج جي موت به سليمان جي غصي جي باهه کي ٿڌو ڪين ڪيو.

هن، چاچي جي ڪٽر پائٽي مان ڪڍڻ جا سانباها ڪيا. محمد بن قاسم کي سنڌ مان گهرائي سخت تڪليفن ڏيڻ ۽ جنين ڪڙڻ سان ختم ڪيو ويو، ڇو ته هو حجاج بن يوسف جو ويجهي ۾ ويجهو عزيز ۽ محبوب هو.

موسيٰ بن نصير کي سندس خدمتن جو عيوض، هن جي سموري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڪيت ضبط ۽ نوجوان پٽ کي قتل ڪرڻ جي صورت ۾ ڏنو ويو. انهن سيني بي رحمين ۾ ابن صادق جو جفاڪار هٿ شامل هو. هن پوڙهي ۽ سڪار لوڙي دنيا جي بي شمار ناڪاميابين سهندي به همت ڪانه هاري هئي. وليد جو موت سندس خوشيءَ جو باعث بڻيو. حجاج ان کان اڳ ئي قبر داخل ٿي چڪو هو. ان مشهور ظالم جا اڪثر عزيز قريب ختم ڪيا ويا هئا. هاڻي هن لاءِ دنيا ۾ ڪوبه ڊپ ڪونه رهيو هو. ڪنهن پاسي سان نڪري اچي خليفي سليمان جي دربار ۾ پهتو. خليفي پنهنجي پراڻي واقفڪار کي سڃاڻي گهڻي عزت ڏني. ابن صادق جهڙو خوشامدڙيو، ٿورن ڏينهن ۾ پنهنجي چاپلوسيءَ ۽ چالاڪي سان خليفي جو خاص صلاحڪار بڻجي چڪو هو. محمد بن قاسم بابت خليفي جي اڪثر مشيرن جي راءِ هئي ته هو بي گناهه آهي. خليفي کي بي گناهه جي خون سان هٿ رنگين نه ڪرڻ گهرجن، پر ابن صادق جي راءِ انهن کان مخالف هئي. هن محمد بن قاسم جي موت کي جائز ۽ ضروري ٺهرائيندي چيو ته اميرالمومنين جي دشمن کي دنيا ۾ زنده رهڻ جو ڪو حق نه آهي. هو حجاج جو ويجهي ۾ ويجهو عزيز آهي ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي دنيا ۾ جيئرو رهڻ نه ڏجي.“ ابن قاسم جي بي گناهه قتل کان پوءِ موسيٰ جي زخمي دل تي لوڻ برڪيو ويو. ان کان پوءِ خليفو قتيبه بن مسلم کي پنهنجي جار ۾ ڦاسائڻ لاءِ تجويزون سوچڻ لڳو. قتيبه جو سڄي اسلامي دنيا ۾ اثر هو. عربن ۽ ايرانين کان سواءِ نو مسلم ترڪ به هن مجاهد تان فدا ٿيندا هئا.

سليمان کي ڊپ هو ته جيڪڏهن هيءُ پهلوان رنو ته اڳيان پويان سڀ پلاند وٺندو. آخر انهيءَ مشڪلات کي حل ڪرڻ لاءِ ابن صادق سان صلاح ڪيائين، جنهن چيس ته ”حضور، اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. دربار خلافت سان قتيبه جي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڪيو وڃي. جيڪڏهن هو حاضر ٿيو ته واهه، نه ته پوءِ ٻيا به ڪيترا رستا آهن، جن سان کيس ڦاسائي سگهجي ٿو.

خليفي پڇيس ته ”ٻيا ڪهڙا رستا سوچيا اٿيئي.“

حضور، اهو هن خادم تي ڇڏي ڏيو. قتيبه کي ترڪستان ۾ ويٺي ئي ويٺي قتل ڪرائي سگهجي ٿو.“ ابن صادق ادب سان جواب ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢)

نرگس سان گڏ رهندي، جعفر کي ٻه سهڻا ڏينهن گذري ويا، پر هن جي ليکي کو ڏينهن سوا مس ٿيو هو. ڏينهن جو ٻهاڙن جي خوشنما نظارن ۾ شيل ۽ شڪار سان ۽ رات جو نرگس سان گڏ بستري تي پئو ئي ڪونه ٿي پيس ته ڪيئن پيو وقت گذري. گهر وڃڻ جو ارادو ٻه ڪجهه وقت لاءِ دل سان ڪيڏي ڇڏيو هئائين. پر اها حالت ٻه ڪا گهڻو وقت ڪانه هلي. هڪ ڏينهن صبح جو سويل، پرهه ڦٽيءَ کان اڳيرو مجاهد جي اک کلي. ڪنهن خيال اچڻ سان، اٿي ٿي اٿي ويٺو. سندس اٿڻ سان نرگس به جاڳي پئي. جعفر چيس ته نرگس سون ڪيترو سارو وقت اٿين بيڪار هتي ويهي وڃايو آهي. هينئر اسان کي واپس هلڻ گهرجي. اسان جو گهوڙو هتان سوين ميل پري آهي. اتي هلي تون اداس ته ڪانه ٿينديئين؟

”اداس ڇو ٿينديس؟ آءٌ ته پاڻ خوش ٿينديس. سون کي توهان جي وطن ڏسڻ جي ڏاڍي سڪ آهي. ڪڏهن هلڻ جو خيال ڪيو اٿوَ؟“ نرگس جواب ڏنو.

”چڱو سڀاڻي سويل تيار رهج. اڄ جنهن کان سوڪلاڻو هجيمي ان کان سوڪلائي ڇڏج.“ اٿين چئي جعفر نماز جي تياريءَ لاءِ اٿيو ٿي ته هوسان اچي سڏ ڪيس. نرگس سڏ ڪري هوسان کي اندر ڪوٺيو، جنهن اچي ٻڌايس ته سنهنجو چاچو برمڪ، جو قتيبه جي فوج ۾ هو. سو توهان جي لاءِ کو نياپو کڻي آيو آهي. جعفر نياپي جو ٻڌي تڪڙو ٻاهر نڪتو. برمڪ، اچا گهوڙي تي ئي ويٺو هو. جيئن ئي جعفر سامهون آيس، تيئن سلام ڪري چيائينس ته توهان کي هينئر جو هينئر سون سان گڏ هلڻو آهي. تيار ٿيو. وڌيڪ هيءَ خط پڙهي ڏسو.

”توکي سخت تاڪيد ٿيو ڪجي ته خط ماڻ سان هتي اچ. اميرالمومنين جي وفات سبب کي نوان واقعا ٿيا آهن. صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ تنهنجي سخت ضرورت آهي. وڌيڪ احوال برمڪ کان معلوم ڪريو.“

جعفر گهبراهٽ وچان، برمڪ کان پڇيو ته سمرقند ۾ بغاوت ٿي آهي ڇا؟ ”نه، نه بغاوت ٿئي ها ته آءٌ توهان کي سڏڻ ڪونه اچان ها.“ برمڪ جواب ڏنو. پوءِ پلا سون کي سمرقند ۾ اچڻ جو تاڪيد ڇو ڪيل آهي. قتيبه ته ڪاشغر ۾ هو. برمڪ چيو ته قتيبه

ڪن خاص حالتن ڪري سبب سمرقند ۾ آيو آهي، جتي هو پنهنجي سيني دوستن ۽ سالارن سان نين حالتن پيدا ٿيڻ بابت صلاح مشورا ڪندو رهي ٿو.

”اهي ڪهڙا نوان واقعا ٿيا آهن، جو اهڙو ڏڇي ويا آهيو؟“ جعفر پڇيو.

برڪ- امير المومنين جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ نشين خليفي سليمان، محمد بن قاسم کي شهيد ڪرائي ڇڏيو آهي. موسيٰ کي سندس نوجوان پٽ جي قتل جو داغ ڏنو آهي ۽ هاڻي اسان جي سالار کي به دربار خلافت ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم پهتو آهي. انهيءَ ئي سبب، توهان کي وٺي هلڻ لاءِ سون کي اچڻو پيو آهي.

محمد بن قاسم جي شهادت جو ٻڌڻ سان، جعفر جي اکين اڳيان اونده اچي ويئي. هو پيو ڪجهه به ٻڌي ۽ سمجهي نه سگهيو. بي اختيار اکين سان لڙڪ وهڻ لڳس. گهڻيءَ دير کان پوءِ اکيون مٿي ڪري برڪ کي چيائين نه ”ڏاڍي خراب خبر آندي اٿيئي. ترس نه آءٌ تيار ٿي ٿو اچان.“ جعفر پريشان حالت ۾ اندر ويو ۽ ساٿ سيٺ ڪري وضو ڪري وڃي نماز پڙهڻ بيٺو. نرگس سندس اها حالت ڏسي ڏڇي ويئي. جڏهن جعفر نماز پڙهي واندو ٿيو، تڏهن نرگس پڇيس نه ”آهي نه خير. اهڙو گهٻرائجي ڇو ويو آهين؟“

جعفر - پاڻ هينئر جو هينئر سمرقند هلنداسين؛ تون تيار ٿيءُ. آءٌ ٻاهران ٿي ٿو اچان.“ نرگس گڏ هلڻ جو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي. ڀوريائين سمجهيو هئائين نه شايد سون کي اڪيلو ڇڏي ڪنهن لڙائيءَ تي ويندو. پر هينئر اهڙي خوشخبري ٻڌي خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپي. هن لاءِ اهوئي گهڻو هو نه هوءَ جعفر سان گڏ وڃي. باقي ڪٿي ۽ ڪيئن ويندي، انهيءَ جي ڪيس پرواهه ڪانه هئي.

سمرقند جي قلعي ۾ هڪ ڪمري ۾ قتيبه پنهنجي جانثار همراهن سان گڏ ويهي ڳالهيون ڪري رهيو آهي. چوڌاري ڀتين تي جدا جدا ملڪن جا نقشا ٽنگيا پيا آهن. قتيبه، چين جي نقشي ڏانهن اشارو ڪندي چيو نه ”اسين هن شاهي ۽ سرسبز ملڪ کي نورن سهينن ۾ فتح ڪري سگهون ها، پر نئين خليفي، اسان جي اسڪن کي اڳي ئي روڪي ڇڏيو آهي. جنهن وقت قيمتي هتي سخت ضرورت آهي، ان وقت، سون کي گهرايو ويو آهي. سمجهو ٿا نه سون سان

کھڙو برتاءُ ڪيو ويندو؟ ”جهڙو ابن قاسم سان ڪيو ويو.“ هڪ جرنيل جواب ڏنو.

”آخر ڇو؟“ قتيبه جوشيلي آواز ۾ ورائيو ته ”مسلمانن کي اڃا منهنجي خدمتن جي ضرورت آهي. چين فتح ڪرڻ کان اڳ آءٌ پنهنجو پاڻ خليفي کي نه سونپيندس.“ ايترو چئي قتيبه وري به نقشو جاچڻ لڳو. ايتري ۾ جعفر به دروازي سان سنهن ڪيدي سلام ورايو. جعفر جي سلام جو جواب ڏيئي، قتيبه ۽ ٻيا سمورا سالار ٽپ ڏيئي اٿيا ۽ ڀاڪر پائي جعفر سان ملڻ لڳا.

قتيبه - دوست! افسوس آهي جو ڪمهلو توکي تڪليف ڏني اٿم. ڀلا اڪيلو آيو آهين يا ......

جعفر سندس ڳالهه اڌ ۾ روڪي جواب ڏنو ته آءٌ سگهرو آيو آهيان. مون خيال ڪيو ته شايد مون کي دمشق وڃڻو پوي، تنهن ڪري ...... دمشق؟ نه نه، خليفي مون کي گهرايو آهي. شايد اسان جي قاصد توسان غلط ڳالهه ڪئي آهي. نئين خليفي کي توهان کان اڳ منهنجي ئي ضرورت آهي.“ انهيءَ ڪري نه آءٌ بارگاهه خلافت ۾ وڃڻ گهران ٿو. شايد ڪا غلط فهمي ٿي آهي.“ جعفر ورائيو.

جعفر! منهنجا ڀالا ڀولا دوست! ڪا به غلط فهمي ڪا نه ٿي آهي خليفي کي منهنجو سر گهربل آهي، تنهن ۾ ڪو به شڪ نه آهي. مون توکي انهيءَ لاءِ ڪونه گهرايو آهي ته تون منهنجي ڀاران ٻگهڙن جي ڏڻ اڳيان وڃ. مون کي پنهنجي جان کان وڌيڪ رڳو تنهنجي نه، پر منهنجي سڀني همراهن جي جان پياري آهي. مون توهان کي انهيءَ لاءِ گهرايو آهي ته صلاح ڏيو ته هن حالت ۾ مون کي ڇا ڪرڻ کپي. جعفر نهايت اطمينان سان جواب ڏنو ته ”وقت جي خليفي جي حڪم عدولي ڪرڻ، هڪ مسلمان جي منهن تي نه ٿي سونهي.“

”تون محمد بن قاسم ۽ موسيٰ بن نصير سان ڪيل عاقبت بڇي مٽي به مون کي اهو مشورو ڏين ٿو؟“ قتيبه پڇيو.

”منهنجي خيال ۾ امير المومنين، توهان سان اهڙو برو سلوڪ ڪونه ڪندو، پر جيڪڏهن خدانخواسته، معاملو انهيءَ حد تي وڃي پهتو ته به ترڪستان جي سڀ کان وڏي جرنيل کي ثابت ڪري ڏيکارڻ کپي ته هو اطاعت امير ۾ ٻين کان پٺ تي پوڻ وارو نه آهي.“ جعفر ادب سان جواب ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قتيبه- آءٌ موت کان نه ٿو ڊڄان، ليڪن آءٌ محسوس ٿو ڪريان ته اسلامي دنيا کي اڃا منهنجي ضرورت آهي. چين فتح ڪرڻ کان اڳ پاڻ کي موت جي منهن ۾ ڏسڻ، آءٌ نه ٿو پسند ڪريان، سڀ کان وڏيڪ آءٌ هڪ بيڪس قيديءَ جيان نه پر مجاهد وانگيان مرڻ چاهيان ٿو.

جعفر- مون اڳي به عرض ڪيو ته دربار خلافت ۾ توهان بابت ڪا غلط فهمي ٿيل پائنجي ٿي. انهيءَ ڪري مون کي وڃڻ ڏيو. اميد ته آءٌ اها غلط فهمي دور ڪري جلد ئي موٽي ايندس.

قتيبه- آءٌ پاڻ کي بچائڻ جي خيال کان توکي بوهي ۾ ڪيئن ڏيان!

قتيبه- آءٌ هتي ئي رهندس. جيڪڏهن اميرالمومنين مون سان به ابن قاسم جهڙي هلت هلندو ته منهنجي تلوار منهنجي حفاظت ڪندي.

جعفر- اها تلوار توهان کي خليفةالمسلمين کان عطا ٿيل آهي. ساڳي تلوار خليفي جي خلاف استعمال ڪرڻ جو خيال دل ۾ به نه آڻجو. مون کي وڃڻ ڏيو. مون کي دمشق ۾ ڪوبه ڪونه سڃاڻي جو مون سان دشمني ڪري اميد ته بارگاهه خلافت ۾ منهنجي التجائن کي وزن ڏنو ويندو. قتيبه پنهنجي سالارن ڏانهڻ نهاري سندن راءِ معلوم ڪرڻ جو اظهار ڪيو. هيبره اشارو سمجهي چيو ته "سڄي عمر جي عبادت هڪ ترلي تاراج ڪرڻ نه گهرجي. هينئر آخري عمر ۾ باغين جي جماعت ۾ نالو داخل ڪرائڻ موزون ڪونهي. جعفر جي زبان جي تاثير کان ڪير غير واقف آهي؟ کيس دمشق وڃڻ جي موڪل ڏيو، خدا سڀئي چڱي ڪندو."

قتيبه، ڪجهه وقت، ڪنهن اونهي ويچار ۾ پئجي ويو. آخر منهن مٿي ڪري چيائين ته چڱو جعفر، تون ڀلي وڃ. دربار خلافت ۾ مون بابت عرض ڪج ته چين فتح ڪرڻ کان پوءِ اچي حاضر ٿيندس. تون ڀلا ڪڏهن ويندين؟

جعفر- آءٌ سڀاڻي صبح جو سويل هتان روانو ٿي ويندس.

قتيبه- تو چيو نه آءٌ سگهرو آيو آهيان، پوءِ......؟

جعفر- آءٌ پنهنجي گهر واريءَ کي به ساڻ وٺي ويندس. دمشق ۾ پنهنجو فرض پورو ڪري، کيس پنهنجي گهر ڇڏي موٽي ايندس. ٻئي ڏينهن پره ڦٽيءَ کان اڳ جعفر ۽ نرگس، ڏهن سپاهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي همراهيءَ ۾ دمشق ڏانهن روانا ٿي ويا. هو، ڪا ڳالهه ويچاري برمڪ کي به پاڻ سان وٺي ويو هو.

(٣)

دمشق ۾ پهچي، جعفر هڪ سراءِ ۾ پنهنجي همراهن جي رهڻ جو بندوبست ڪيو. پنهنجي ۽ نرگس جي رهڻ لاءِ جدا جڳهه دسواڙ تي ورتائين. برمڪ کي نرگس وٽ ڇڏي، پاڻ بارگاهه خلافت ڏانهن روانو ٿيو. خليفي جي محل تي پهچي، بارياب‌ءَ جي موڪل گهريائين. انسان هڪ ڏينهن آرام ڪرڻ جو حڪم ٿيو. ٻئي ڏينهن صبح جو باب عاليءَ ڏانهن رواني ٿيڻ کان اڳ، جعفر، برمڪ کي چيو ته تون جيڪڏهن، مون کي ڪنهن سبب دربار خلافت ۾ دير ٿي وڃي، ته تون نرگس جي حفاظت خيال سان ڪج ۽ نرگس کي به سمجهايائين ته منهنجي غير حاضريءَ ۾ پريشان نه ٿج.

”آءٌ توهان جي غير حاضريءَ ۾ هنن اوچين ماڙين کي ڏٺيندي رهنديس.“ نرگس خوش طبعيءَ جي نموني چيو.

جعفر کي ڪجهه وقت قصر خلافت جي ٻاهرئين دروازي تي ترسڻو پيو. آخر دربان جي اشاري سان، هو اندر گهڙيو. خليفي جي حضور ۾ حاضر ٿي، ادب سان سلام ڪري، هڪ طرف بيهي رهيو. خليفي جي ساڄي کاٻي ڪيترا معزز امير ويٺا هئا، ليڪن جعفر ڪنهن به طرف خيال ڪو نه ڪيو. خليفي سليمان جي چهري تي ايترو رعب هو، جو ڪو به بهادر ماڻهو اک ملائي ڪين سگهندو هو. خليفو گهڙي کن ڪيس ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پڇيائينس ته ”ترڪستان مان تون آيو آهين؟“

”هائو اميرالمومنين“ جعفر ورائيو.

”توکي قتيبه ٿي موڪليو آهي؟ “خليفي وري سوال ڪيو.

هن سوال جعفر کي حيران ڪيو، پر نيٺ چيائين ته اميرالمومنين، آءٌ پنهنجي مرضيءَ سان آيو آهيان.“

”ڇو ۽ ڇا جو ٿو اٿيئي؟“ خليفي ڪيس پنهنجي مدعا ظاهر ڪرڻ جو حڪم ڪيو. ”اميرالمومنين، آءٌ خدمت عاليءَ ۾ عرض ڪرڻ آيو آهيان ته قتيبه، بارگاهه خلافت جو وفادار ۽ جان نثار سپاهي آهي. توهان کي شايد محمد بن قاسم، وانگر هن بابت به ڪا غلط فهمي ٿي آهي.“ جعفر آهستي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليفو، اهي لفظ ٻڌي ڪاوڙ ۾ لعل ٿي ويو ۽ پنهنجي مسند تان اٿي اڀو ٿي ويو ۽ چڙ وچان، چپن کي چٻاڙي ڪڙڪو ڪري چيائين تہ ”بيوقوف نوجوان! توکي خبر آهي تہ تو جهڙن گستاخن کي هتي ڪهڙي سزا ڏني ويندي آهي؟“ جعفر اڃا ڪجهہ وڌيڪ ٻڌڻ جي ڏُن ۾ ڪن ڪڙا ڪري بيٺو هو تہ دربار خلافت ۾ هڪ مجاڪل آواز ٻڌائين :-

”امير المومنين! هيءَ محمد بن قاسم جو جهونو رفيق آهي. هن کي خلافت عاليہ کان وڌيڪ، انهي ملعون نسل سان محبت ۽ عقيدت آهي.“

جعفر منهن ڦيرائي ڳالهائيندڙ طرف ڏٺو ۽ هڪو ٻڪو ٿي، چپن ۾ چيائين تہ ”اڙي، ابن صادق! !“

ابن صادق، اهڙي نموني سان جعفر طرف مرڪندي نهاريو، جيئن ڪو درندو، پنهنجي شڪار کي ڦهڙ مهل خوشي ڪندو آهي. جعفر بہ محسوس ڪيو تہ ارڙ نانگ، هڪ ڀيرو وري بہ وات ڦٽي ڳهڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. هن دفعي هن خوفناڪ بلا جا ڏند، اڳئين کان بہ تيز ٿيي ڏسڻ ۾ آيس. آخر هوش سنڀالي خليفي ڏانهن متوجهہ ٿي چيائين تہ ”اميرالمومنين، سزا جو ڊپ مون کي سچ چوڻ کان روڪي ڪين سگهندو. بيشڪ محمد بن قاسم منهنجو دوست هو، ليڪن مون کان وڌيڪ توهان جو دوست هو. ابن قاسم جهڙا بهادر سپاهي هميشہ سائرون ڪونہ ڄمنديون آهن. هزارن ورهين کان پوءِ مس ڪا اهڙي هستي پيدا ٿيندي آهي. توهان ابن قاسم کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. حجاج جو بدلو، هن جي بي گناهہ پاٽي کان ورتو ويو آهي. ابن صادق جهڙن ذليل انسانن جي ڦندي ۾ ڦاسي، قتيبہ بن مسلم جهڙي مجاهد جي بہ اهڙي ئي حالت بڻائڻ گهرو ٿا. اميرالمومنين! توهين نہ رڳو مسلمانن جي وقار کي بلڪ پنهنجي وقار کي بہ ختم ڪري رهيا آهيو. اڳ ادب سان عرض ٿو ڪريان تہ توهين هڪ وڏي خطري ۾ ڦاسڻ وارا آهيو. هيءَ انسان اسلام جو زبردست دشمن آهي. هن جي چالبازين کان پاڻ کي بچايو.“

”بس ڪر.“ خليفي لال اکيون ڪري جعفر کي دڙڪي ڏني ۽ پنهنجي محافظ دستي کي ڪو اشارو ڪيائين. يڪدم ويهہ پنجويهہ سپاهي اگهاڙين تلوارن سان جعفر کي ڦري ويا.

”نوجوان! اڳ ابن قاسم جي دوستن جي تلاش ۾ هوس. چڱو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو تون ازخود اچي وٺين.“ خليفي گهٽي ڪاوڙ سان چيو ۽ سپاهين کي سنهن ڪري چيائين ته هن کي سخت پهري هيٺ بند ڪيو وڃي. سپاهي اگهاڙين تلوارن جي ڇانوَ هيٺ جعفر کي ٻاهر وٺي ويا. دروازي تي سندس همراه ڪيس انهيءَ حال ۾ ڏسي هراسجي ويا. جعفر کين ٻنل ڏسي، ايهي رهيو ۽ چيائين ته ”توهين يڪدم واپس وڃو. برمڪ کي چئي وڃجو ته نرگس جي حفاظت ڪري ۽ اتي ئي رهي. قتيبه کي منهنجا سلام ڏجو ۽ چئجوس ته بغاوت نه ڪري.“ ڪوتوال جعفر کي ڳالهين ۾ رڌل ڏسي چيو ته معاف ڪجو، اسين ايترو وقت ترسي نه ٿا سگهون.“

”مهرباني، آءٌ توهان کي وڌيڪ ڪونه ٿو ترسايان، هلو.“ ائين چئي جعفر سپاهين سان گڏجي هلڻ ويو.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

(١)

”شڪاري شڪار جي قبضي ۾“

سليمان، پنهنجي جاه و جلال سان خلافت جي تخت تي رونق افروز آهي، ليڪن اڄ سندس، پر رعب چهري تي فڪر جا نشان پيا ڏسجن. گهڙي کن رکي، ابن صادق ڏانهن نهاري چيائين ”ڇو اڃا تائين ترڪستان مان ڪا به خبر ڪانه آئي آهي؟“

”اميرالمومنين، بي فڪر رهو. انشاء الله تعاليٰ ته ترڪستان مان ٿورين ڏينهن ۾ خبر سان گڏ قتيبه جو سر به حضور ۾ پيش ڪيو ويندو.“ ابن صادق جواب ڏنو.

ايتري ۾ هڪ دربان حاضر ٿي عرض ڪيو ته اسپين مان هڪ سالار عبدالله آيو آهي ۽ بارياب ٿيڻ جي اجازت لاءِ عرض گذار آهي.

”عبدالله! هائو نيڪ آهي، کيس اندر موڪل.“ خليفي حڪم ڪيو. دربان هليو ويو. ۽ جلد ئي عبدالله اندر اچي سلام ورايو.

خليفي سلام جو جواب ڏيئي ٿورو مٿيرو اٿي کيس هٿ ڏنو. عبدالله ادب سان هٿ سان هٿ ملائي بيهي رهيو.

”تنهنجو نالو...؟ خليفي پڇيو.

”عبدالله“ جواب مليو.

هائو عبدالله، مون کي ياد آيو. اسپين ۾ تنهنجا ڪيل ڪارناما مون ٻڌا آهن. اسپين جي فوج ۾ ڪڏهن ڀرتي ٿيو هئين؟

”اميرالمومنين، آءٌ طارق سان گڏ، اسپين جي ڪناري تي لٿو هوس. ان وقت کان وٺي اتي ئي آهيان.“ عبدالله جواب ڏنو.

خليفو- تڏهن ته تون طارق کان چڱيءَ طرح واقف هوندين؟ طارق بابت تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟

عبدالله - اميرالمومنين، هو هڪ سچو مجاهد هو.

خليفو- پلا موسيٰ بابت تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟

عبدالله - اميرالمومنين، آءٌ سپاهي آهيان هڪڙو سپاهي ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابت بدظن ٿي نه ٿو سگهي. آءٌ ذاتي طرح سوين جو مداح آهيان. هن بابت ڪوبه برو لفظ منهنجي زبان مان ڪين نڪرندو.

خليفو. هون! ڇگو محمد بن قاسم کي ڪيئن ٿو سمجهين؟

عبدالله ڪجهه وقت تہ سوچ ۾ پئجي ويو آخر جواب ڏنائين تہ ”اميرالمومنين! منهنجي خيال ۾ هو هڪ لائق، بهادر ۽ تجربيڪار سپاهي هو.

خليفو. توکي خبر آهي تہ سون کي انهن سان ڪيتري نفرت آهي؟

عبدالله. خليفة النبي! مون کي توهان لاءِ حد کان وڌيڪ عزت ۽ احترام آهي، ليڪن آءٌ منافق نہ آهيان. حضورجن منهنجي ذاتي راءِ دريافت فرمائي هئي، جا مون بنا لڪ ڇپ جي عرض رکي آهي.

خليفو. بيشڪ! تون بهادر ۽ جرات مند ٿو ڏسڻ ۾ اچين. اسين تنهنجي سچ کي قدر جي نگاهہ سان ڏسون ٿا. تون ڪڏهن بہ خلافت جي برخلاف ڪنهن سازش ۾ شريڪ ڪونہ ٿيو آهين، تنهن ڪري اسان کي توتي پروسو آهي.

عبدالله. انشاء الله تعاليٰ تہ آءٌ اميرالمومنين جي خوشنودي حاصل ڪري سگهندس.

خليفو. توکي اسان ڪنهن خاص ڪم لاءِ گهرايو آهي. قسطنطنيه ۾ اسان جي فوج کي ڪابہ ڪاميابي حاصل ٿي نہ سگهي آهي. ان لاءِ اسان کي تجربيڪار ۽ بهادر جنرل جي ضرورت آهي. تون پنج هزار سپاهي وٺي اوڏانهن روانو ٿيءُ. اميد تہ تون اسان جي خواهش کي پورو ڪري ڏيکاريندين.“ پوءِ سليمان نقشو ڪڍي کيس ويجهو سڏي قسطنطنيه تي حملي ڪرڻ جون جدا جدا تجويزون ٻڌايون. ايتري ۾ دربان هڪ خط ڪڍي اچي پيش ڪيو. سليمان ابهرائيءَ سان خط کولي پڙهي، ابن صادق ڏانهن وڌائيندي چيو تہ قتيبہ کي قتل ڪيو ويو آهي. ٻن ٽن ڏينهن اندر سندس سر بہ اچي پهچندو ”مبارڪ صد مبارڪ“ ابن صادق خوشيءَ سان چمڪندي چيو. ”يلا حضورجن قتيبہ جي سوڪليل انهيءَ نوجوان بابت ڇا سوچيو آهي؟ ڏاڍو خطرناڪ ٿي ڏٺو.“

”هانو مون کي وري ڳالهہ ئي وسري ويئي. ان بابت بہ جلد فيصلو ڪيو ويندو.“ ائين چئي خليفو وري بہ عبدالله ڏانهن متوجه ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليفو. تنهنجون انڪلون، فتحيابيءَ حاصل ڪرڻ وارئون ڏسجن ٿيون. تون ڀلا ڪڏهن روانو ٿيندين؟ هن ڪم ۾ دير پوڻ نہ گهرجي.

عبدالله. انشاء الله تعاليٰ آءٌ سڀاڻي ئي هتان روانو ٿي ويندس. ائين چئي عبدالله سلام ڪري ٻاهر نڪتو.

(٣)

عبدالله دربار مان نڪري اچا ڪجهہ پريرو مس ٿيو هو تہ پٺيان ڪنهن ڪلهي تي هٿ رکي جهلي بيهاريس. ڇرڪ ڀري پٺيان نهاريائين تہ هڪ خوبصورت نوجوان ڏٺڻ ۾ آيس، جنهن کي ڏسي بنا دير جي ڪٽي ڀاڪر ۾ جهليائين ۽ چيائينس تہ نعيم! تون هتي ڪيئن پيو ڏسجين؟ يار، اسپين مان ائين ڀڳين جو پڇاڙيءَ ۾ موڪلائي بہ ڪونہ وئين!"

نعيم. آءٌ هتي ڪوتوال آهيان، پر ادا، توکي مبارڪون هجن، مون کي پڪ هئي تہ اج دربار مان تنهنجو لاشو نڪرندو. تون تہ نئون جانو آهين. تون ئي پهريون شخص آهين، جنهن جي سچ چوڻ تي خليفي صبر ڪيو آهي.

عبدالله. جو تہ مون ۾ سندس ڪم آهي ۽ منهنجي ڪيس ضرورت آهي. تون ڪٿي هئين؟ مون تہ توکي ڪونہ ڏٺو.

نعيم. آءٌ بہ هڪ هنڌ بيٺو هوس. تنهنجو ڌيان ٻئي طرف ويو ئي ڪونہ ٿي. تون صبح جو وڃڻو آهين، تنهنڪري اج رات مون وٽ رهہ. قسمت مان آيو آهين. وري الائي ڪڏهن ملون.

عبدالله. مون کي توسان گڏ رهڻ ۾ ڏاڍي خوشي ٿيندي، پر هينئر خبر اٿيمي تہ صبح جو سويل لشڪر مان گڏ ڪوچ ڪرڻو آهي. تنهنڪري مون کي رات ڇانوڻيءَ ۾ ئي گذارڻ گهرجي.

نعيم. چڱو ڀلا هيئن ٿا ڪريون. هتان گڏجي ڪئمپ ۾ ٿا هلون. اتي حڪم احڪام ڏيئي، تون اچي مون وٽ رهہ. صبح جو سويل هليو وڃج. رستي ۾ هلندي چار ڳالهيون تہ ڪندا هلنداسون.

حاصل ڪلام ٻئي گڏجي فوجي ڪئمپ ۾ ويا. عبدالله ڪئمپ جي انچارج جنرل کي خليفي جو حڪم ڏنو ۽ پنج هزار سپاهين کي پرهہ ڦٽيءَ مان اڳ تيار رهڻ لاءِ گهربل هدايتون ڏيئي، نعيم سان گڏجي سندس جاءِ تي آيو. رات جو ماني نڪي کائي، ٻئي وچڙيل دوست

اسلامي فتوحات بابت ڳالهيون ڪندي، اچي ابن قاسم ۽ قتيبه جي
الم ناڪ پڇاڙيءَ جي ڳالهين تي پيا. اهڙيون ڏک جهڙيون ڳالهيون
ڪرڻ سان سندن آکيون به جر هارڻ لڳيون ۽ وڏيڪ ڳالهائي نه
سگهيا، جنهن ڪري ڪجهه وقت ماٺ لڳي ويئي. ٿوريءَ دير کان
پوءِ عبدالله پڇيس ته دربار ۾ اهو ٺلهو ستارو ڪير هو جنهن قتيبه
جي قتل تي خليفي کي مبارڪون پئي ڏنيون.

نعيم. ساري دمشق ۾ انهيءَ انسان کي ڪوبه ڪونه سڃاڻي.
اهو اسان سڀني لاءِ هڪ راز آهي. سندس نالو ابن صادق آهي.
ٻڌجي ٿو ته خليفي وليد سندس سر لاءِ هڪ هزار گيني‍ون انعام رکيون
هيون. وليد جي وفات تائين ته ڪنهن غار ۾ لڪو پيو هو، پر
جيئن ئي هن وصال ڪيو، تيئن هيءُ ان ڪند سان نڪري نئين
خليفي وٽ اچي حاضر ٿيو، جنهن کيس گهڻي شوق سان پاڻ وٽ
رکيو آهي. هينئر ته اها حالت آهي جو خليفو انهيءَ کان وڌيڪ
ڪنهن جي ڳالهه ئي ڪانه ٿو ٻڌي.

عبدالله. گهڻو وقت اڳي مون به انهيءَ نالائق بابت ڪجهه
ٻڌو هو، پر هينئر هن جو ايترو زور سڀني مسلمانن لاءِ خطري جو
سبب آهي. شايد اسان سڀني لاءِ پيانڪ وقت اچڻو آهي.

نعيم. سائڻي وقت وري نهايت ڪميڻو ۽ بي رحم آهي.
محمد بن قاسم جي قتل وقت، اهو انسان ڪونه هو جنهن لڙڪ نه
ڳاڙيا هجن. خليفو جيتوڻيڪ اهڙو سنگدل آهي، پر ان الم ناڪ واقعي
کان پوءِ ڪيترا ڏينهن ڪنهن سان ڳالهايائين به ڪونه. پر هيءَ
ظالم انهيءَ ڏينهن ڏاڍو خوش پئي ڏٺو. سنهنجو وس پڄي ته جيڪر
ڪتا ٻڇائي پورو ڪرايانس. جنهن به انسان ڏانهن هيءُ اشارو
ڪري ٿو ته خليفو بنا جاچ جوچ جي ان بدنصيب کي قتل ڪرڻ
جو حڪم ڏئي ٿو. ٻڌو ڪين ته اڄ به خليفي کي هڪ قيديءَ جي
يادگيري پئي ڏنائين.

عبدالله. ٻڌو ته مون به هو، پر اهو قيدي آهي ڪير!

نعيم. اهو قتيبه جو هڪ نوجوان رفيق آهي. جڏهن ان نياڳي
جي يادگيري ٿي اچيم ته سدن کي ڏڪڻي وٺيو وڃيم. شايد انهيءَ
جو حال به محمد بن قاسم جهڙو ٿئي. دل گهڙي ٿي ته هن نوڪريءَ
کي ڇڏي ڪو پيو ڏنڌو وڃي ڪريان. محمد بن قاسم ٿي عرب جو
ٻچو ٻچو فخر ڪري ٿو ۽ ڪندو رهندو، ليڪن هن معصوم سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اھڙو ٻرو ٻرتاءُ ڪيو ويو، جو خطرناڪ باغيءَ سان ٻہ جيڪر نہ ڪجي. جڏھن ھن کي واسط جي قيد خاني ۾ قيد ڪيائون، تڏھن سون کي ٻہ ان جيل جي حفاظت لاءِ اوڏانھن موڪليو ويو ھو. واسط جو حاڪم صالح، اڳيئي ابن قاسم جو دشمن ھو. ھو روز ھن غريب بيگناھہ کي نئين تڪليف ڏيندو ھو. ھڪ ڏينھن اھو ابن صادق بہ اتي آيو. ان کان پوءِ وري ھيءُ ظالم ويچاري مصيبتن جي ماريل کي طرحين طرحين نمونن سان ستائڻ لڳو. ھڪ پيري اڌ رات ڌاري، ابن قاسم جيئن موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ پسار پئي ڪيو، تيئن ھيءُ ذليل تلھو اتي آيو. ٻاھرئين دروازي تي ٻيھي سڏ ڪيائين. پھريدار ويچارا ڪيس ڏسي ڏجي ويا. دروازو کولي ڪيس سون وٽ وٺي آيا. سون وٽ اچي چيائين تہ مرضي اٿم تہ قيديءَ سان ملاقات ڪريان. سون جواب ڏنس تہ ”امير جو حڪم آھي تہ رات جو ڪنھن کي بہ ساڻس ملڻ نہ ڏيان.“ ”ايترو ھڏڻ سان، ميان صاحب ڦوڪجي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ ”خبر اٿيئي تہ آءٌ ڪير آھيان؟“ آءٌ تہ ڪيس سڃاڻندو ھوس، سو ھراسجي ويس: تہ وري سون کي دلاسو ڏيئي چيائين تہ صالح توکي ڪجھہ بہ ڪين چوندو ۽ پوءِ خودبخود وڏي دروازي جي سيخن سان ابن صادق ڪيس ڏسڻ لڳو. ھو غريب تہ پنھنجيءَ ئي ڪنھن ڌن ۾ مست ھو. ھن ڏانھن ڪوبہ خيال ڪونہ ڪيائين. نيٺ سندس ڌيان ڇڪائڻ لاءِ چيائينس ”حجاج جا لاڏلا، ڪھڙو حال اٿيئي؟ محمد بن قاسم چرڪ پري ڏانھس نھاريو پر ڪجھہ ڪين چيائين اصل ڪونہ ”سون کي سڃاڻين ٿو؟ ”ھن نامراد وري پڇيس.

ابن قاسم. سون کي ياد ڪونھي تہ ڪو توھان کي ڪٿي ڏٺو اٿم. توھين ڪير آھيو؟

ابن صادق. چا تو سون کي وساري ڇڏيو آھي، پر سون تہ توکي اجا ڪونہ وساريو آھي. محمد بن قاسم اڳيان وڌي سيخن کي جھلي خيال سان ڪيس ڏسڻ لڳو. ابن صادق بنا ڪنھن چوڻ آڪڻ جي اڳيان وڌي، ھٿ وارو لڪڙ زور سان مظلوم قيديءَ جي آڱرين تي ڦھڪائي ڪڍيو ۽ جيئن ھن ٻيوس نمائين اکين سان، سندس منھن ۾ ڏٺو، تيئن ھن ظالم منھن ۾ ٿڪ ھڻي ڪڍيس. آءٌ حيران ٿي ويس، جڏھن ڏٺم تہ مجاھد جي اکين ۾ ڪاوڙ جو نشان بہ ڪونہ ھو. پھراڻ جي دامن جي ڪنڊ سان منھن اگھي، ھن تلھي ڳڏھہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي چيائين ته پريا مڙس سون ته ڪڏهن به ڪنهن وڏيءَ عمر واري کي ڪونه رنجايو. جيڪڏهن پل چوڪ ۾ ڪڏهن توکي سون کان ڪا تڪليف پهتي هجي ته بيشڪ پيو دفعو به سون کي ٽڪ هڻ.“ خدا جو قسم، ان وقت اني کو پٽر پيل هجي ها ته اهو به پگهرجي پوي ها، پر هن بي رحم، بي ايمان تي ذرو به اثر ڪونه پيو. دل چاهيو ته ڏاڙهيءَ کان جهلي به تي لوڏا ڏيانس، پر خبر ناهي ته خلافت جي احترام جو اثر هو يا پنهنجي بزدلي هئي جو وات ڦاڙي ڏسندو رهيس، پيو سون کان ڪجهه به ڪين ٿيو. آخر ابن صادق، بڪندو جتان آيو هو اوڏانهن هليو ويو. پوئينءَ رات جو چڪر لڳائيندي ڏٺم ته ابن قاسم سجدي ۾ ڪري، خداوند عالم کي پڪاري رهيو هو. سون کان اها حالت ڏٺي ڪانه ٿي، سو بي اختيار دروازو کولي اندر گهڙي ويس. جڏهن سجدي مان مٿو مٿي کنيائين، تڏهن چيو مانس ته ”انو سون کان وڌيڪ هيءَ منظر ڏٺو نه ٿو ٿئي. عجب ۾ پئجي سون کي چيائين ته سون تنهنجو مطلب ڪونه سمجهيو. سون چيو ته سون وٽ به تکا ۽ پلا گهوڙا آهن. هئي جٽا هينئر جو هينئر هتان هليا ٿا هلون. بصري ۽ ڪوفي جا رهاڪو اسان جي آواز کي پڌندا ۽ اسان کي پناهه ڏيندا. هنن بگهڙن ۾ رهڻ سون کي نه ٿو وڻي. خدا شل انهيءَ مرد مجاهد کي جنت الفردوس ۾ آرام سان رهائي.“ ان تي مرڪي چيائين ته ”چا؟ پنهنجي جان جي سلامتيءَ لاءِ هزارها مسلمان ٻچن کي يتيم ڪريان. تنهنجي مرضي آهي ڇا ته دنيا، ابن قاسم کي غازي يا مجاهد سڏڻ جي بجاءِ باغي ۽ فسادي چوي!“ سون وري به چيس ته ”اسلامي دنيا کي اجا توهان جي ضرورت آهي.“ ابن قاسم جواب ڏنو ته ”مسلمانن ۾ سون جهڙن سپاهين جي کوٽ آهي ڇا؟ اسلام کي ڏورو به سمجهڻ وارو، بهترين سپاهي ٿي سگهي ٿو. ادا، ياد رک، دربار خلافت مسلمانن جي طاقت جو مرڪز آهي، ٿورڙيءَ تڪليف سلڻ تي، ان سان بي وفائيءَ جو خيال ڪڏهن به نه ڪج.“ نعيم ڳالهه پوري ڪئي، پر سندس ڳل لڙڪن سان پسيا پيا هئا. عبدالله به پريل، آواز سان چيو ته ”پانو، اهڙو مجاهد وري جلد پيدا ڪونه ٿيندو.“

گهڙي کن رکي نعيم وري چيو ته اسان جي مصيبت اتي پوري ڪانه ٿي آهي. سون توسان اڳهرو قتيبه جي هڪ جرنيل جي ڳالهه ٿي ڪئي. هن جي شڪل هوبهو توجهڙي آهي. قد سو توکان ٿورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکيرو اٿس. مون کي ان غريب، بي ڪس مظلوم سان به ڏاڍي محبت ٿي ويئي آهي. خدا نخواسته، جيڪڏهن ان کي به اهڙيءَ بي رحميءَ سان قتل ڪيو ويو ته خدا جو قسم، اها بغاوت جي باهه دکائيندس جا ههڙن ابن صادق پارن نالائقن کي ساڙي ٻاري ڦاهيو بنائيندي. هن غريب رڳو ايترو گناهه ڪيو آهي جو ابن قاسم ۽ قتيبه جي باري ۾ به چڱا لفظ چيائين. هاڻي وري ابن صادق، هن معصوم کي روزانه قيد ۾ وجي ايذائيندو رهي ٿو. ڪالهه به مون کان پڇيائين ته آخر مون کي ڪهڙي ڏوهه ۾ بند ڪيو ويو آهي؟ مون کي ڪڏهن ڇڏيندا وغيره. مون ته کيس گهڻيون تسليون ڏنيون آهن، پر ڀڄان ٿو ته خليفو، ابن صادق جي چور تي کيس آزاد ڪرڻ جي عيوض قتل نه ڪرائي ڇڏي. هو پنهنجي تاتاري زال کي به هتي وٺي آيو آهي، جا پنهنجي چاچي سان گڏ شهر ۾ منهنجي ساميءَ جي گهر پرسان هڪ جاءِ ۾ رهندي آهي. هن جي مظلومي ڏسي، منهنجي ماسيءَ تي ڏاڍو اثر ٿيو آهي. هوءَ سجو ڏينهن وٽس رهندي آهي ۽ مون کي به مجبور ڪيو اٿن ته ڪنهن به صورت ۾ هن جي مڙس کي بچايان. آءٌ نه وڏيءَ آفت ۾ آهيان ته ڪيئن ڪريان!

عبدالله، ڪنهن گجهي بار هيٺ دٻيو، نعيم جون ڳالهيون ٻڌندو ويو. سندس دل ۾ نعيم جي ڳالهين طرحين طرحين شڪ ۽ وهم پيدا ڪيا. آخر، دل جهلي نه سگهيو ۽ نعيم کان پڇيائين ته قيديءَ جي شڪل مون جهڙي آهي؟

”هائو، هوبهو اهڙي، رڳو ٿورو ڏکيرو آهي.“ نعيم جواب ڏنو.

”سندس نالو جعفر ته ڪونهي؟“ عبدالله ڪجهه سوچي سوال ڪيو.

”هائو، هائو، جعفر. تون کيس سڃاڻين ڇا؟“ نعيم پڇيو.

”هو منهنجو ڀاءُ آهي. دنيا ۾ اڪيلو ڀاءُ. خبر اٿيئي؟ جيڪڏهن سندس نالو جعفر آهي، هن جي شڪل به مون جهڙي، قد مون کان ٿورو ڏکيو، نرڙ منهنجي پيشانيءَ ڪار ويڪرو، نڪ منهنجي نڪ کان ڏگهو ۽ سنهو، اکيون منهنجي اکين کان وڏيون، چپ منهنجي چپن جي ڀيٽ ۾ سنهڙا ۽ سهڻا ۽ جسم مون کان ڪجهه سنهڙو اٿس، ته آءٌ قسم کڻي چوندس ته اهو منهنجو ننڍو ڀاءُ جعفر آهي. ڪيترن ڏينهن کان جيل ۾ آهي؟

اٽڪل ٻن مهنن کان نظربند آهي. ”پر عبدالله، اسان کي هن جي بچائڻ جي ڪا تجويز سوچڻ کپي.“ نعيم چيو.

عبدالله- تون پاڻ ڪي ٻوڙهي ۾ وجهڻ ڪان سواءِ ڪجهه ڪري سگهندين؟

نعيم- عبدالله، توکي ياد هوندو ته قرطبه جي گهيري وقت تو مونکي بچايو هو. تيرن جي وسڪاري هوندي به تون مون کي زخمين جي ڍڳ مان ڪڍي بچائي ڪٺي ويو هئين!

عبدالله- اهو ته منهنجو فرض هو: ڪنهن تي احسان ڪوروئي ڪيو هوم.

نعيم- تہ هيءُ به آءٌ پنهنجو فرض سمجهي ڪندس. توتي احسان ڪونه ٿو ڪريان.

عبدالله، نعيم جي اکين مان اکيون ملائي ڪجهه چوڻ تي هو ته نعيم جو حبشي غلام اندر گهڙي آيو ۽ چيائين ته ”ابن صادق توهان سان گڏجڻ لاءِ آيو آهي. ابن صادق جي اچڻ جو ٻڌي نعيم جو منهن لهي ويو عبدالله کي چيائين ته تون هن ساهين ڪمري ۾ وڃ، متان هن کي ڪو شڪ پوي. نعيم، عبدالله کي پنهنجي ڪمري ۾ بند ڪري آرام جو ساهه کنيو ۽ غلام کي چيائين ته وٺي اچينس. ابن صادق، اندر اچڻ سان عليڪ سليڪ جي بجاءِ چيو ته ”منهنجي اچڻ جو ٻڌي تون عجب ۾ ته پيو هوندين؟“

نعيم- آءٌ تہ توهان کي ڪٿي به ڏسندو آهيان ته حيران ٿيندو آهيان. اچو وهو.

ابن صادق پنهنجي ڪمري جي دروازي ڏي يڪ ٽڪ نهاريندي چيو ته مون کي اڄ ڏاڍو گهٽو ڪم آهي. هو توهان جو دوست ڪٿي؟

نعيم ٿورو پريشان ٿي پڇيو ته ڪهڙو دوست؟ مون کي توهان وانگر غيب جو علم ڪونهي. توهان الائي ڪنهن بابت ٿا پڇو؟

ابن صادق- آءٌ پڇان ٿو ته جعفر جو پاءُ عبدالله ڪٿي آهي؟

نعيم- توهان کي ڪيئن خبر پئي ته عبدالله جعفر جو پاءُ آهي؟

ابن صادق- جعفر بابت معلومات حاصل ڪرڻ ۾ مون ڪئين سال لڳايا آهن. توکي خبر آهي ته مون کي هن سان ڪيتري دلچسپي آهي

نعيم- ٿوري ٿوري خبر اٿم ته توهان کي جعفر سان دلچسپي آهي، پر عبدالله بابت توهين پڇا ڪري رهيا آهيو، ان ڳالهه حيران ڪيو اٿم.

ابن صادق- اهو به پتو پئجي ويندءِ، پر پهريائين ٻڌاءِ ته عبدالله ويو ڪيڏانهن؟

نعيم- سون ڪي ڪهڙي خبر ته عبدالله ڪٿي آهي؟ اهو ضروري آهي ڇا ته توهان کي، جنهن بابت دلچسپي هجي ته آءٌ به ان جي جاسوسي ڪندو وتان.

ابن صادق، ڪجهه خشڪ ٿي چيس ته ميان صاحب، جڏهن هو دربار خلافت سان نڪتو هو ته نون سائس گڏ هئين. چانوٽيءَ ۾ ويو ته به تون سائس گڏ هئين. اتان به ٻئي گڏجي واپس شهر ۾ آيا ۽ هن ڄاڻ ۾ گڏجي گهڙيا. پڪ اٿم ته اڃا به هو هتي ئي آهي.

نعيم- هو سون سان گڏ ماني کائي هليو ويو.

ابن صادق- ڪيڏي مهل؟

نعيم- اڳهرو.

ابن صادق- ڪيڏانهن؟

نعيم- پڪ ته ڪانهي، پر شايد چانوٽيءَ ڏانهن ويو هجي.

ابن صادق- ٿي سگهي ٿو ته جيل ڏانهن ويو هجي يا پنهنجي ٻيوهه ياڄائيءَ کي تسلي ڏيڻ ويو هجي.

”ٻيوهه ياڄائي؟ ڇا چيو ... نعيم اڇل سان پڇيو.

ابن صادق بي پرواهيءَ سان ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرائيندي چيو ته اڄ نه ته سڀاڻي ٻيوهه ٿي پوندي. آءٌ توهان کي اميرالمومنين جو حڪم ٻڌائڻ آيو آهيان ته ابن قاسم جي سيني دوستن جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪريو ۽ پنهنجي پاران فقط ايترو عرض ڪندس ته عبدالله سان ملي سندس پاءُ کي آزاد ڪرڻ جي ڪا به سازش نه سمجهو. سڀاڻي ان لاءِ به آخرين فيصلو ٻڌايو ويندو.

”توهين اهو ڪيئن ٿا چئو ته آءٌ اهڙي سازش ۾ حصو وٺندس.“ نعيم ڪاوڙ سان چيو.

ابن صادق- سون کي پڪ ته ڪانهي، پر شايد عبدالله جي دوستي توهان کي اهڙي پيانڪ قدم کڻڻ تي مجبور ڪري. منهنجو دماغ سون کي ايندڙ خطرن کان اڳواٽ آگاهه ڪندو آهي. توهان کي شايد خبر ڪانهي ته جعفر جي آزادي، منهنجي موت جو پيغام آهي. جيستائين، هن جي ڳچيءَ تي تلوار نه وهندي تيستائين مون کي آرام ڪين ايندو.

ابن صادق اڃا پنهنجو جملو پورو ئي مس ڪيو هو ته ائين ئي پٺيون دروازو کليو. عبدالله ڪاوڙ ۾ سهڪندو ٻاهر نڪتو ۽ چيائين ته ”اي سنگدل، ياد رک جعفر جي قتل کان اڳ ۾ تون

قبر جي انڌاري ڪوٺيءَ ۾ قابو هوندين. ابن صادق کي عبدالله جي روپ ۾ ملڪ الموت نظر اچڻ لڳو. هن پاڻيو تہ پنهنجي جان بچايان پر نعيم خنجر ڪڍي سندس ڇاتيءَ تي رکي چيس تہ تون هاڻي هتان نہ ٿو وڃي سگهين.

ابن صادق، پنهنجو هوش سنڀالي چيو تہ ”خبر آهي تہ آءُ ڪير آهيان؟

نعيم- هيسٽانئين اها خبر هئي سون تہ تون ڪير آهين، پر هاڻي تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪج تہ اسين ڪير آهيون. انهن چٽي تاڙي وڄائي. تاڙيءَ جو آواز ٻڌي سندس غلام زياد ڊوڙندو آيو. زياد پنهنجي قد بت ۾ شڪل شبيهہ جي ڪري ڪاري ديو وانگي پئي ڏسڻ ۾ آيو. اک تمام ڏگهو ۽ ٿلهو هوس. ٻيت ايڏو وڏو هوس جو هلڻ مهل پاڻيءَ جي پخال وانگر هيٺ مٿي ٿيندو هو. هيٺيون چپ اهڙو ٿلهو ۽ ڪريل هوس، جو هيٺيان ڏند ٻهارن تائين ڏسي سگهبا هئا. اکيون ننڍيون ۽ چڪنديون. مٿيون چپ هيٺئين کان بہ ٿلهو ۽ وڏو هوس. مطلب تہ ڏسڻ ۾ تمام خوفناڪ نظر ايندو هو.

زياد، نعيم جي تاڙيءَ جو آواز ٻڌي ڊوڙندو ۽ سهڪندو اندر گهڙي آيو ۽ بکايل شينهن وانگر، ابن صادق ڏي نهاري، پنهنجي مالڪ جي حڪم جي انتظار ۾ بيٺو رهيو. نعيم کيس رسي کڻي اچڻ لاءِ چيو. زياد، ساڳيءَ طرح پيٽ کي هيٺ مٿي اڇلائيندو ٻاهر ويو ۽ رسي سان گڏ، چمڙي جو ٺهيل مضبوط چابڪ بہ کڻي آيو. نعيم چيس تہ انهيءَ رسي سان هن کي مضبوط ٻڌ. زياد اڳئين کان بہ خوفناڪ شڪل ڪري اڳتي وڌيو. ابن صادق کي پنهنجي مضبوط ٻانهن ۾ جهلي جيئن ٻلي ڪوئي سان راند ڪندي آهي، تيئن ساڻس دل وندرائڻ جي خيال کان، کيس هيٺ مٿي اڇلائڻ ۽ جهٽڻ لڳو. ابن صادق، پاڻ کي هن درندي کان ڇڏائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر آخر بي وس ٿي راضي بہ رضا رهي، چپ ڪري رانديڪو بڻيو رهيو. زياد، جڏهن ڏٺو تہ هاڻي بي هوش ٿيڻ تي آهي. تڏهن کيس جهلي هڪ پيلپائي سان قابو ڪري ٻڌي ڇڏيائين. عبدالله ۽ نعيم ٻئي ويهي هيءُ تماشو ڏسندا رهيا. جڏهن زياد، ابن صادق کي مُشڪُ ڪري ٻڌي ڇڏيو، تڏهن عبدالله، اڳتي وڌي کيسي مان رومال ڪڍي، ابن صادق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وات تي ٻڌي ڪپڙي ٻيڙي ڪان به بند ڪري ڇڏيس. نعيم، عبدالله ڏانهن نهاري چيو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

عبدالله - مون سڀڪجهه طي ڪري ڇڏيو آهي. تون هڪ وڏيءَ مسافريءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي. پلا توکي جعفر جي بيگم جي رهڻ جي خبر آهي ته ڪٿي ٿي رهي؟

”هائو، اها ته ويجهو ئي رهندي آهي.“ ائين چئي نعيم ڪپڙا وغيره مٽائڻ ۽ ٻي تياري ڪرڻ ۾ لڳي ويو. تيسين عبدالله هڪ خط لکي کيسي ۾ وڌو.

نعيم - هيءُ خط ڪنهن کي موڪليندا؟

عبدالله - اها ڳالهه هن ذليل ڪتي جي منهن تي ٻڌائڻ موزون نه آهي.

نعيم - پلا هن کي ڇا ڪريون؟ ماري ڪڍ ڪٿي پوري ڇڏيونس؟

عبدالله - نه، نه، ائين نه. مون بهتر تجويز سوچي آهي؛ تون زياد کي چئو ته پنهنجي واپس اچڻ تائين، سندس حفاظت ڪري. پلا گهر ۾ ڪا ڪاٺ جي وڏي صندوق آهي؟ نعيم سندس رٿ سمجهي سرڪيو ۽ سامان جي ڪوٺيءَ ۾ وٺي وڃي هڪ شاهي صندوق ڏيکاريائينس. عبدالله، ڏسي پسند ڪئي ۽ ڪجهه ٻاهر ڪري خنجر سان هوا لاءِ ان ۾ ٻه ٽي سوراخ ڪيائين. پوءِ عبدالله، نعيم کي چيو ته هاڻي هل ته ٻاهر هلون، دير پئي ٿئي. نعيم چيس ته بيهه ته هلون ٿا. شايد آءٌ هن سان وري ملي نه سگهان. مائٽ مون کي ڪجهه ڳالهائڻو آهي. ائين چئي وڏي، ابن صادق وٽ آيو ۽ چيائينس ته مون کي توهان کي ڪجهه ڏيڻو آهي. شايد وري نه ملون. تو ابن قاسم جي منهن ۾ ٿڪ هنئي هئي، هيءُ ان جو عيوض آهي. (ابن صادق جي منهن تي شاهي ڪانگهارو هنيائين) تو ان بيوس قيديءَ جي هٿ تي لڪڻ سان ڌڪ به هنيو هو. هيءُ ان جو بدلو آهي. ائين چئي هٿ تي زور سان چابڪ وهاياڻينس. تو جعفر کي ٿڦڙ هنيو هو، ان لاءِ توکي به هڪ ٿڦڙ هڻڻو آهي ۽ زور سان منهن تي ٿڦڙ لڳايائين. ياد هوندءِ ته جعفر جا وار به پٽيا هوءِ، تنهنڪري تنهنجا وار به پٽيندس (ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهي زور سان لوڏا ڏنائينس) عبدالله وڏي ٻانهن کان جهلي چيس ته اهي چوڪرائيون ڪهڙيون ٿو ڪرين؟ جلد ٻاهر هل. نعيم ٻاهر نڪري چيس ته چڱو ٻوڙها مڪار رهيل اجورو وري ڪڏهن سياسون ته پوءِ ڏنو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"زياده هن جو خيال رکجو" جيڪڏهن هيءَ ڪيڏانهن گم ٿيو ته تنهنجو ۽ اسان جو خير ڪونهي." ائين چئي ٻيئي ٻاهر نڪري ويا.

(٣)

رستي ۾ هلندي، نعيم، عبدالله کان پڇيو ته توهان ڪهڙي ترڪيب سوچي آهي؟

عبدالله- مون هيءَ خيال ڪيو آهي ته تون سون کي جعفر جي گهرجي دروازي تي ڇڏي، قيدخانه ڏانهن وڃ ۽ جعفر کي وٺي تنهنجي گهر وڃ. جيل- سان قيدي وٺي وڃڻ ۾ توکي تڪليف ته ڪانه ٿيندي؟

نعيم- مون کي ڪهڙي تڪليف ٿيندي؟

عبدالله- تو چيو تي ته سون وٽ ٻه ڀلا گهوڙا آهن. هڪڙو گهوڙو پنهنجو آهي، باقي هڪڙي گهوڙي جو بندوبست تون ڪري سگهندين؟

نعيم- آءٌ ڏهن گهوڙن جو به انتظام ڪري سگهندس، پر جعفر جا پنهنجا گهوڙا به ته بيٺا آهن.

عبدالله- تمام سٺو. هاڻي هيئنئن ڪر. تون جعفر کي جيل سان وٺي پنهنجي گهر وڃ. تيسين آءٌ ڀاڄائيءَ کي وٺي شهر جي الهندين دروازي تي توهان لاءِ اچي بيهندس. عبدالله کيسي سان هڪڙو خط ڪڍي ڪيس ڏنو ۽ چيائينس ته توهين هتان کان سڌو قيروان وڃو؛ اتي جو سالار اعليٰ منهنجو جاني دوست آهي. جعفر سان به گڏ پڙهيو آهي. اهو توهان کي اسپين ۾ پهچائڻ جو بندوبست ڪندو. اسپين ۾ پهچي طليطله جي فوجي ڇانوڻيءَ جي منتظم ابوعبيده کي اهو خط ڏج. هو منهنجو خيرخواهه ۽ سڄڻ آهي. هو توهان کي پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ڪندو ۽ حفاظت سان پاڻ وٽ رکندو. ڪيس ايترو ٻڌائڻ جي ضرورت ني ڪانهي ته جعفر منهنجو ڀاءُ آهي. مون لکيو آهي ته هي ٻئي منهنجا دوست آهن ڪنهن ٻئي کي پنهنجي حالت کان واقف نه ڪجو. آءٌ قسطنطنيه کان موٽي اچي اميرالمومنين جي غلط فهمي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. نعيم خط وٺي کيسي ۾ وڌو ۽ سامهون هڪ عاليشان بنگلي ڏانهن اشارو ڪري چيائينس ته اهو جعفر جو گهر آهي. اتي ٻيئي جدا جدا ٿيا عبدالله وڃي گهرجي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي. نوڪر دروازو کوليو ۽ عبدالله

ڪي جعفر سمجهي بي انتها خوشيءَ وچان تاتاري زبان ۾ چيائين ته خدا جو شڪر آهي جو توهين اچي ويا. ”نرگس، اما، اجهو هيءَ ته اچي نڪتو.“

عبدالله، تاتارين جي سنگت ۾ رهي تاتاري زبان سکي ويو هو، سو چيائين ته آءٌ جعفر نه پر سندس پاءُ آهيان. ايتري ۾ نرگس به اچي نڪتي ۽ پري کان ئي پڇيائين ته ”هو آيو آهي؟ ڪٿي آهي؟“ پر برمڪ چيس ته ”اما هيءُ جعفر جو پاءُ آهي.“ نرگس ٿڌو ساهه کڻي چيو ته ”مون سمجهيو ته هو پاڻ آيو آهي... نرگس جي خوشي ڪافور ٿي ويئي ۽ وڏيڪ ڳالهائي نه سگهي.

عبدالله چيس ته ”ادي، آءٌ جعفر وٽان ئي آيو آهيان ۽ سندس ئي چوڻ سان هتي آيو آهيان.

هن سان ملي... هو پاڻ ڪيئن آهي؟“ نرگس اکين جا لڙڪ اگهندي پڇيو.

عبدالله ـ تون يڪدم مون سان گڏجي جعفر وٽ هلڻ لاءِ تيار ٿيءُ نرگس عبدالله ڏانهن شڪي نگاهن سان ڏسندي چيو ته ”هو ڪٿي آهي؟ توهين ته اسپين ڏانهن ويل هئا!“

عبدالله ـ ادي، تون ڪوبه فڪر نه ڪر. آءٌ اڄ اسپين سان آيو آهيان. هتي اچڻ سان اها خبر پئي، سو مون سڀ انتظام ٺيڪ ڪري ڇڏيو آهي. تون تيار ٿيءُ. برمڪ، ڪو خيال ڪري چيو ته هتي اوندهه آهي، هلو ته اندر هلون ۽ ٽيئي گڏجي اندر گهڙيا. شمع جي روشنائيءَ ۾ نرگس عبدالله جي شڪل ڪي جاچي ڏسي خاطري ڪئي. پوءِ چيائين ته پلا اسان ڪي پيادل هلڻو پوندو ڇا؟ ”نه گهوڙن تي“ جواب ڏيئي عبدالله برمڪ کان پڇيو ته گهوڙا ڪٿي آهن؟“ برمڪ، طبيلي ڏانهن اشارو ڪري چيو سامهون پڌا بيٺا آهن. ”عبدالله چيو ته اسين گهوڙا تيار ڪريون ٿا، تيسين توهين سنيري ولو. عبدالله ۽ برمڪ، اٿي وڃي ٽن گهوڙن تي زينون وڌيون. نرگس جي تيار ٿي اچڻ تي ٽيئي ڄڻا گهوڙن تي سوار ٿي روانا ٿيا. شهر جي دروازي تي پهريدارن روڪين، پر عبدالله خليفي جو حڪم ڪڍي ڏيکاريو. پهريدار ادب سان جهڪي سلام ڪري دروازو کوليو. ٽيئي ڄڻا، هلي پريان وڻن جي جهڳٽي ۾ لڪي اچي بيٺا. نرگس هر هر پئي پڇيو ته ”هو ڪٿي آهي؟“ ڪيڏيءَ مهل ايندو؟ ”عبدالله گهڙيءَ صحبت سان پئي، جواب ڏنس ته ”...

وارو آهي.“ گهڙيءَ کن کان پوءِ جعفر ۽ نعيم ٻه پري کان ايندا ڏسڻ ۾ آيا. جعفر ويجهو اچڻ سان گهوڙي تان لهي اچي پاءَ کي پاڪر پاتو. عبدالله، پيار سان پيشانيءَ تي چمي ڏيئي چيس ته ”هاڻي دير نه ٿي. جلدي ڪريو. پرهه ڦٽڻ واري آهي. قيروان کان اڳ ڪٿي ساهي به نه ڪجو. ”برمڪ پون سان گڏ هلندو.“ جعفر گهوڙي تي سوار ٿي وري ٻه هٿ اڳتي وڌايو. عبدالله هٿ هٿ ۾ ڏيئي وري ٻه پٺي ٻيريس. جعفر جي اکين سان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ پڇيائين ته ”ادا ڪلثوم ڪيئن آهي؟ هوءَ خوش آهي ”خدا گهريو آهي ته اسين جلد توهان کي اسپين ۾ اچي ملنداسون. آخر سيني هٿ ڏيئي هڪ ٻئي کان موڪلايو. عبدالله پچاڙيءَ جو نرگس وٽ آيو ۽ هٿ مٿي ڪنيائين. نرگس مطلب سمجهي ڪنڌ جهڪايو. عبدالله محبت سان مٿي تي هٿ ڦرايس. نرگس چيو ته ادا، ڪلثوم پيڻ کي منهنجا گهڻا سلام ڏجو ۽ ننڍڙي کي پيار ڪجو. اهڙيءَ طرح سڀيئي هڪ ٻئي کان موڪلائي جدا ٿيا. جعفر، نعيم ۽ نرگس، هڪ طرف ويا ۽ عبدالله برمڪ کي پاڻ سان وٺي فوجي چانوٽيءَ ۾ آيو. اتي اچي برمڪ جو گهوڙو ڇڏي هڪ اٺ هٿ ڪيائين. وري پاڻ گهوڙي تي ۽ برمڪ اٺ تي سوار ٿي شهر ڏانهن موٽيا.

(۴)

زياد پنهنجي مالڪ کان ابن صادق کي چڱيءَ طرح سنڀالڻ جو حڪم ٻڌو هو. سو ان حڪم جي تعميل ۾ ايترو محو هو، جو اک ڪانه لڳائين. جڏهن ڏٺائين ته ننڊ ٿي اچي تڏهن اٿي ابن صادق جي چوڌاري چڪر لڳايائين. آخر اوچتو دل ۾ ڪو خيال آيس، سو وڌي ابن صادق جي ويجهو آيو ۽ سندس منهن ۾ چتائي نهارڻ لڳو. منهن تي پيانڪ سرڪ اچي ويس. ابن صادق جي ڪاڏيءَ تي هٿ رکي پاڻ متوجه ڪيائينس ۽ پوءِ منهن تي ٺڪون هڻڻ لڳس. جڏهن وات جو سپ پاڻي ڪپي ويس، تڏهن چابڪ کڻي ڏڙا ڏڙ مڙس وسائڻ لڳو. جڏهن ٻانهون ٿڪيس، تڏهن چابڪ اڇلائي، منهن تي اهڙو ٺڦڙ وجهايائينس جو ٿوريءَ دير لاءِ ابن صادق جهڙو ٺلهو بي ايمان به بي هوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن وري به ڏاڙهيءَ کان جهلي ڇڪڻ ۽ لوڏا ڏيڻ لڳس. ابن صادق، هيءَ نئين مصيبت نه سهي، پيلپائي تي ڪنڌ ڊرو ڪري پئجي رهيو. زياد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به ڪيس چڙي ڪمري ۾ ڇڪر هڻڻ لڳو. وري به جڏهن ڏنائين ته هوش ۾ آيو آهي، تڏهن وري به چابڪ هڻڻ، ڏاڙهي پٽڻ ۽ ٺڦڙون لڳائڻ جو سلسلو جاري ڪيائين. اهڙيءَ طرح ننڊ ڦٽائڻ لاءِ ابن صادق سان دل وندرائيندو رهيو. اوچتو ستان عبدالله ۽ برمڪ به اچي نڪتا. عبدالله زياد جو دلچسپ مشغل ڏسي، چيس ته بيوقوف هيءَ ڇا ٿو ڪرين، جلدي ڪيس صندوق ۾ بند ڪر. زياد، انهيءَ اڌ مٺي ارڙ ڪي وٺي ڪٺي صندوق ۾ اڇليو. ڍڪ بندي تالو لڳايائين. سج چڙهي مٿي آيو ته عبدالله به پنهنجي لشڪر سان قسطنطنيه طرف ويندو ڏسڻ ۾ آيو. سامان سڙي سان گڏيل اٺن ۾ هڪ اٺ تي وڏي صندوق به رکيل هئي. عبدالله برمڪ ۽ زياد کانسواءِ ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته صندوق ۾ ڇا آهي. عبدالله جي حڪم سان زياد، صندوق واري اٺ جي مهار جهلي گهوڙي تي سوار ٿي سيني جي اڳيان پئي هليو. برمڪ به سندس پاسي کان پئي آيو.

(۵)

جعفر، نرگس ۽ نعيم اچي قيروان پهتا. اتا قرطبه وچي نڪتا، جتي طليطله ويا. اتي پهچي نرگس کي هڪ سراءِ ۾ ڇڏي پاڻ هئي ڪئمپ ۾ ويا. اتي سالار اعظم سان ملي ڪيس عبدالله جو خط ڏنائون. ابو عبيد، عبدالله جو خط پڙهي، کين چيو ته توهين عبدالله جا دوست آهيو. اڄ کان سون کي به اهڙوئي دوست سمجهجو. ڀلا عبدالله پاڻ ڪونه آيو. ”ان کي اميرالمومنين قسطنطنيه تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.“ جعفر جواب ڏنو. اسان وٽ هن جي قسطنطنيه کان زياده ضرورت هئي. طارق ۽ موسيٰ جي جاءِ پرڻ وارو ڪونهي. آءٌ ضعيف ٿي چڪو آهيان. سون کان به ڪو ڪم ڪونه ٿو پڄي. هيءُ ملڪ شام ۽ عرب کان پئي نموني جو آهي. هتي وڙهڻ جو نمونو به ٻئيءَ طرح جو آهي. توهان کي به پهريائين رواجي سپاهي ٿي ڪم ڪرڻو پوندو. باقي توهان جي حفاظت پوري پوري ڪئي ويندي. جيڪڏهن اميرالمومنين توهان کي گولڻ لاءِ ڪنهن کي موڪليو ته پوءِ توهان کي وري ڪنهن محفوظ جڳهه تي موڪلي ڏبو. باقي سنهنجو اهو اصول آهي ته قابليت ۽ لياقت جي پرک کان سواءِ، ڪنهن کي به ڪو ذميواريءَ وارو ڪم ڪون ڏيندو آهيان جعفر اهو ٻڌي چيو ته آءٌ ڪو عهدي ۽ ناموريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لالچ لاءِ ڪونہ ٿو وڙهان. پوئينءَ صف ۾ وڙهندي بہ اهائي خوشي حاصل ٿيندم جا محمد بن قاسم ۽ قتيبہ جي پاسي ۾ بيهي وڙهڻ سان ٿيندي هيم.

ابوعبيد- توهان جو مطلب سون ...

ابوعبيد، اجا جملو پورو ئي ڪونہ ڪيو هو تہ نعيم چيو تہ ”هيءَ محمد بن قاسم ۽ قتيبہ بن مسلم بہاهليءَ وٽ سٺن عهدن تي رهي چڪو آهي.“ اهو ٻڌي ابوعبيد چيو تہ ”معاف ڪجو، مون کي خبر ڪانہ هئي تہ ڪو آءٌ پاڻ کان بہ زياده قابل ۽ تجربيڪار سالار سان ڳالهائي رهيو آهيان.“ ائين چئي هن وري ٻيو پيرو بہ جعفر سان هٿ ملايو ۽ چيائين تہ هاڻي مون سمجهيو تہ توهين لڪڻ جي ڪوشش ڇو ٿا ڪريو. هتي توهين پاڻ کي سپڪنهن خطري کان پناهہ ۾ سمجهجو. پر ان هوندي بہ احتياط جي خيال کان، توهان جو نالو زبير ۽ توهان جي ساٿيءَ جو نالو عبدالعزيز ٿا رکون. پلا پيو تہ ڪير توهان سان ڪونهي.

جعفر- هائو، سنهنجي زال بہ مون سان گڏ آهي.

ابوعبيد- انهيءَ لاءِ بہ آئون ترت ئي بندوبست ڪريان ٿو. ائين چئي نوڪر کي سڏ ڪري چيائين تہ شهر ۾ ڪا چڱي جاءِ ڳولي اچ.

چئن سهنن کان پوءِ، هڪ ڏينهن، جعفر زرهہ پائي، سڀ هٿيار لڳائي، نرگس وٽ ويو ۽ چيائينس تہ جنهن رات عبدالله ۽ ڪلثوم جي شادي ٿي هئي، انهيءَ ئي ڏينهن صبح جو سويل، پاڻ جهاد ڏي روانو ٿي ويو هو. مون پنهنجي اکين سان ڏٺو هو تہ ڪلثوم جي سنهن تي پريشانيءَ ۽ فڪر جو ذري جيترو بہ نشان ڪونہ هو.

نرگس- توهان ڪيترا ڀيرا چيو آهي تہ عرب زالون، تاتاري عورتن کان وڌيڪ بهادر آهن، پر آئون، توهان جو اهو خيال غلط ثابت ڪنديس.

جعفر- پورچوگال فتح ڪرڻ ۾ اسان کي ڇهہ سهنا کن لڳي ويندا. ڪوشش ڪري وڃ ۾ هڪ ڀيرو اچي ويندس، پر جي نہ اچي سگهيس تہ بہ ڏجي نہ وڃج. اج کان ابوعبيد، هڪ ٻانهي ڏياري موڪليندو جا هميشه تو وٽ رهندي. ان سان وندري ويٺي رهج.

”آءٌ توهانکي... نرگس شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري چيو تہ ”هڪ نئين خبر ٻڌائڻ ٿي گهران.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻڌاءِ“ جعفر ڪاڏيءَ کي جهلي سندس سڻو سڻي ڪندي چيو.
”جڏهن توهين ايندا... ته هڪڙو...
”ها مون سمجهيو، آءٌ پيءُ ٿيڻ وارو آهيان، ائين نه؟“
جعفر ڪيس جهلي ڪٽي چاتيءَ سان لڳايو ۽ محبت ڀريل آواز سان چيائينس ته ”نرگس ٻڌاءِ ته ان لاڏلي جو نالو ڇا رکنديءَ؟ آءٌ ٻڌايانءِ. عبدالله “

”پر جي ڌيءَ ڄمي پئي ته...! جعفر غمگين آواز سان پڇيو.
”نه، نه، نرگس جوش سان چيو. مون کي تيرن جي بارش ۾ تلوارن ۽ نيزن سان کيڏندڙ پٽ جي ضرورت آهي. آءٌ هن کي تيراندازي، نيزي بازي ۽ شاهسواريءَ جا ڪرتب سيکاريندي س. آءٌ هن کي سندس پيءُ ڏاڏي جي تلوار جو قدر ڪرڻ سيکاريندي س ۽ ان جي ٻاڙن ۾ طاقت ۽ دل ۾ شجاعت ۽ جرات جو جوهر پيدا ڪندي س.

(٦)

خليفي وليد، وفات کان اڳ قسطنطنيه تي حملي ڪرڻ لاءِ جهازن جو هڪ ٻيڙو ۽ ايشيا ڪوچڪ جي رستي هڪ زبردست فوج موڪلي هئي، پر ان حملي ۾ مسلمانن سخت شڪست کاڌي هئي. قسطنطنيه جي مضبوط ديوارن تي قبضي ڪرڻ کان اڳ ئي اسلامي لشڪر جي کاڌي پيتي جو سامان کپي ويو هو. ان کان سواءِ سياري شروع ٿيڻ سان، سڄي لشڪر ۾ اچي وبا پئي، جنهن ۾ هزارين سپاهي اجل جو شڪار ٿي ويا هئا. اهڙين مصيبتن ۾ مبتلا ٿي هڪ سال کان پوءِ مسلمان پوئتي هٽڻ لاءِ مجبور ٿيا.
محمد بن قاسم ۽ قتيبه بن مسلم جي قتل کان پوءِ، سنڌ ۽ ترڪستان ۾ اسلامي فتوحات جي رفتار تمام گهٽ ٿي ويئي. مسلمان ان بدناميءَ جي داغ کي قسطنطنيه جي فتح سان ڌوئڻ جو ارادو ڪيو. هن سمجهيو ته قسطنطنيه فتح ڪرڻ سان، وليد کان وڌيڪ سندس جي شهرت ٿيندي پر بدقسمتيءَ سان جيڪي سپاهي موڪليائين، تن ۾ سپاهگيريءَ جو لچڻ ڪونه هو، جنهن ڪري هڪ ٻئي پٺيان ڪيترائي حملا ناڪامياب ٿيس. آخر اسپين جي فوجي گورنر کي ڪو لائق ۽ تجربيڪار سالار موڪلڻ لاءِ لکيائين. جيئن اڳي پڙهيو ائين ته عبدالله ان حڪم جي تعميل ۾ آيو هو ۽ پنج هزار سپاهي وٺي روانو ٿيو.

خليفو خود به دمشق ڇڏي، رمله ۾ اچي رهيو هو، جيئن اتان فوجن موڪلڻ ۾ سولائي ٿئي، خليفو خود به ڪيترا ڀيرا، انهن فوجن سان گڏجي حملہ آور ٿيو هو، پر اچا ڪامياب ڪين ٿيو هو. عبدالله کي سليمان جي گهڻين تجويزن سان اختلاف هو. هن جي مرضي هئي ته سنڌ ۽ ترڪستان جا مشهور جرنيل جي محمد بن قاسم ۽ قتيبه سان محبت رکڻ جي ڏوه ۾ جيلن ۾ سڙي رهيا آهن، تن کي وري به فوجن ۾ شامل ڪجي، ليڪن ان جي عيوض، خليفي پنهنجا ڪي نا اهل دوست، فوجن ۾ ڀرتي ڪيا هئا. عام مسلمانن جي دلين ۾ محمد بن قاسم ۽ قتيبه ۽ ٻين مشهور سالارن سان خراب ورتاءُ هاڻ سبب، سليمان لاءِ ڪابه محبت ۽ عزت ڪانه رهي هئي. خدا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ مال ۽ جان قربان ڪرڻ وارا سپاهي، رڳو خليفي کي خوش ڪرڻ خاطر پنهنجو خون وهائڻ کان پاسو ڪرڻ لڳا. جنهن ڪري فتحن جو سلسلو اڳئين کان گهڻو ٿڌو ٿي ويو. اهڙين ڳالهين ۽ سڀ کان وڌيڪ ابن صادق جي گم ٿيڻ، خليفي کي ڳڻتين ۾ وجهي ڇڏيو. هن کي ڪوڙيون تسليون ڏيئي، ايندڙ خطرن کان بي پرواهه ڪرڻ وارو ڪوبه ڪونه رهيو. بي گناه ماڻهن جي قتل ٿيڻ سبب، پنهنجو ضمير به ملامت ڪري رهيو هوس. هن ابن صادق جي ڳولا ڪئي، جاسوس مقرر ڪيا، انعام آڇيا، پر هن جو ڪوبه پتو ڪونه پيس.

— —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

(١)

ڪئي جو ڪيتو

عبدالله کي خبر هئي تہ ابن صادق جي ڳولا ۾ خليفو سڀ ڪنهن طرح ڪوشش ونندو، تنهنڪري ان کي حيدرو رکڻ ڏاڍو خطرناڪ آهي، پر تہ بہ هيءَ بهادر اهڙي ذليل انسان جي خون ۾ پنهنجو هٿ رڱڻ هڪ مجاهد جي شايان شان ڪين سمجهندو هو. جڏهن قسطنطنيہ جي رستي قونيہ جي شهر ۾ پهتو، تڏهن شهر جي حاڪم سان مليو ڪيس چيائين تہ سون کي پنهنجي قيمتي سال جي رکڻ لاءِ ڪا مناسب جڳهہ هٿ ڪري ڏي. شهر جي حاڪم ڪيس هڪ پراڻو ۽ غيرآباد بنگلو ڏنو. عبدالله، ان پراڻي جڳهہ جي تہ خاني ۾ ابن صادق کي بند ڪري رکيو ۽ زياد ۽ برمڪ کي سندس سنڀال لاءِ ڇڏي پاڻ اڳتي روانو ٿيو.

زياد کي هاٿوڪي حياتي اڳئين کان وڌيڪ دلچسپ نظر اچڻ لڳي جو تہ هو اڳي رڳو هڪڙو خدمتگار غلام هو، پر هاڻي ڪيس هڪ انسان جي حياتيءَ تي پورو اختيار هو. هو جڏهن بہ گهرندو هو، تڏهن ابن صادق سان ڪانہ ڪا جٺ ڪندو هو، پر هن کي هن رانديڪي سان ڪيڏندي ڏيءَ ڪونہ ٿيندو هو. هن کي پڪ هئي تہ هيءَ کيڏوٿو سنهنجي لاءِ پهريون ۽ پويون آهي. هن کي ابن صادق سان پيار هو يا نہ سو ڪاوڙ هئي، پر هو روزانو ابن صادق کي لپاٽون هڻڻ، ڏاڙهي پٽڻ، چابڪن سان سٽڻ ۽ سنهن تي ٺڪن لڳائڻ سان، پنهنجي دل ضرور خوش ڪندو هو. برمڪ جي هوندي اهڙيءَ دل لڳيءَ ڪرڻ جي جرات ڪري ڪين سگهندو هو، پر جڏهن برمڪ ٻاجي پتي وٺڻ لاءِ ٻاهر ويندو هو، تڏهن ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان زياد، پنهنجي دل خوش ڪندو هو.

عبدالله جو حڪم هو تہ ابن صادق کي سٺي ۾ سٺو کاڌو کارايو وڃي ۽ کيس ڪابہ تڪليف ڏيڻ ۾ نہ اچي. زياد ٻئي حڪم

ڪي خيال ۾ ڪين آڻيندو هو، باقي ڪاڏي لاءِ ابن صادق کي ڪابہ تڪليف ڪانہ هوندي هئي. زياد ٿوري گهڻي عربي زبان ڳالهائي ڄاڻندو هو، پر ابن صادق سان هميشه پنهنجي مادري زبان ۾ گفتگو ڪندو هو. ابن صادق کي شروع ۾ تڪليف ٿي، پر آخر هيءُ به جهان ديدو هو، سو ٿورن ڏينهن ۾ اها ٻولي بہ ايتري سکي ويو جو زياد جي ڳالهہ سمجهي پنهنجو مطلب پورو پيو ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن برمڪ بازار ۾ ويو هو ۽ زياد، ابن صادق جي تهہ خاني جي دروازي جي ٻاهران ويٺو، دريءَ مان ٻاهر بازار ۾ پئي نهاريو تہ اوچتو ڪيس پنهنجو مٽ هم قوم گڏهہ تي سوار ٿيل نظر آيو. ديو جهڙي ٿلهي متاري شيديءَ جي ٻار هيٺ، ويچاري گڏهہ جي چيلهہ بہ ٻيٽي ٿيو پئي ويئي، سو بہ وکون ڪڍو وريو ويهو پئي رهيو. شيديءَ بہ هر هر چابڪن سان سٽي پئي اڏاريس. زياد اهو نظارو ڏسي تهڪ ڏيئي اٿيو ۽ چابڪ کڻي تهہ خاني جو دروازو کولي اندر گهڙيو. ابن صادق هميشه جي رواج پٽاندر ڏاڙهي پٽائڻ ۽ چابڪ کائڻ لاءِ تيار ٿيو، پر زياد ٿوري دير چپ ڪري بيٺو رهيو. پوءِ ٻئي هٿ پٺ تي ڪوڙي جانورن وانگيان هلڻ لڳو. اٺ ڏهہ فوٽ هلڻ کان پوءِ، ابن صادق کي چيائين تہ ”اچ.“ ابن صادق سندس مطلب نہ سمجهيو ۽ ڪنهن نئينءَ مصيبت جي خوف کان سندس نرڙ تي پگهر جا ڦڙا موتين وانگر چمڪڻ لڳا، زياد وري بہ چيس تہ ”اچ“، مون تي سواري ڪر. ابن صادق کي خبر هئي تہ زياد جي جائز خواهہ ناجائز حڪم جي تعميل ڪرڻ ۾ ئي فائدو آهي، سو ڊڄندي ڊڄندي زياد جي پٺيءَ تي چڙهي ويٺو. زياد تهہ خاني جي پٿين جو پاسو وٺي ٻہ چار چڪر لڳايا. پوءِ هيٺ لهڻ جو اشارو ڪيائينس. ابن صادق ڪوڙي خوشامد ڪرڻ جي خيال کان چيس تہ تون ڏاڍو طاقتور آهين. ليڪن هن سندس لفظن جو ڪوبہ خيال ڪونہ ڪيو. هٿ صفا ڪندي، ٻانهن کان وٺي هيٺ جهڪائي چيائينس تہ هاڻي منهنجو وارو آهي. ابن صادق ڄاتو ٿي تہ ديو جهڙي شيديءَ جي ٻار هيٺان دٻجي چيپاٽجي ويندس، پر ناڪار ڪرڻ جي توفيق بہ ساري نہ ٿي سگهيو. زياد، پنهنجو چابڪ کڻي، ابن صادق جي پٺيءَ تي سوار ٿيو. ابن صادق جي چيلهہ چپي ٿي ويئي. سخت تڪليف سان ٻہ ٽي وکون ڪٽي ڪري پيو. زياد کي ڪپندي اها ڳالهہ هئي، سو چابڪ کڻي وڏ ڦڙي مينهن وانگر مٿس وسائڻ لڳو. ايتري قدر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هو غريب بي هوش ٿي ويو. زياد کيس اٿاري پٽ جي ٽيڪ ڏياري وهاريس ۽ پاڻ ڊوڙي ٻاهر نڪري ويو. ساعت نہ ڪين گذري تہ هڪ ٿالهيءَ ۾ انگور، صوف ۽ ڪجھہ ٻيو سڪل ميوو کڻي آيو. انهيءَ وچ ۾ ابن صادق کي بہ خودبخود هوش ۾ آيو هو. زياد اچڻ سان پنهنجي هٿ سان ميوو کائڻ لڳس. انگور، بادام، ڪشمش وغيره کارائيندو ويس. ان کان پوءِ پنهنجي خنجر سان صوف کي بہ اڌ ڪري هڪڙو اڌ ابن صادق کي ڏنائين ۽ ٻيو پاڻ کاڌائين. جڏهن ابن صادق پنهنجو حصو کائي پورو ڪيو، تڏهن وري هڪڙو ٻيو صوف وڍي کيس ڏنائين. ابن صادق کي خبر هئي تہ زياد ڪڏهن ڪڏهن حد کان وڌيڪ مهربان بہ ٿيندو آهي، سو اهو ٻيو صوف کائي پورو ڪري، از خود ٽيون صوف ٿالهيءَ مان کڻي ورتائون. زياد جو خنجر جو ٿالهيءَ ۾ رکيو هو، سو کڻي ان سان صوف چلڻ لڳو. زياد لاءِ صوف ڇلي کائڻ هڪ نئين ڳالھہ هئي، سو مستن وانگر وات ڦاڙي، ڏانهس ڏسڻ لڳو. ابن صادق، صوف ڇلي خنجر رکندي چيو تہ هيءَ ڪڻ نقصانڪار آهي، تنهنڪري لاهڻ ڇڏڻ گهرجي.

”هان!“ زياد مٿو لوڏيندي جواب ڏنو ۽ پاڻ بہ خنجر کڻي هڪڙو صوف ڇلڻ لڳو. ڇليندي ڇليندي سندس هٿ تي رهڙ اچي ويئي ۽ ٿورو رت بہ وهڻ لڳس. زياد هٿ وات ۾ وجهي چوسڻ لڳو. ”سون کي ڏيو تہ آءٌ ڇلي ڏيانو.“ ابن صادق هٿ وڌائيندي چيو. ”ها تون ئي ڇل نہ تہ آءٌ صوف ڇليندي هٿ بہ ڇلي ڇڏيندس.“ زياد صوف ۽ خنجر ڏيندي چيس.

ابن صادق اهو صوف ڇلي ڏيئي پڇيس تہ ”ٻيو کائيندا؟“ زياد کي بہ ان مان جو نئون سواد آيو، سو مٿو لوڏي پنهنجو راضپو ڏيکاريائين. ابن صادق، ٻيو صوف کڻي ڇلڻ شروع ڪيو. ان وقت سندس مڪار دل ۾ ڪو ٻيو خيال جاڳيو، پر زياد جي خوف کان سندس دل ۽ هٿ ٻيئي ڏڪڻ لڳا. تہ بہ پنهنجي قسمت آزمائڻ جي خيال کان سنهن ورائي دروازي ڏانهن نهاري چيائين تہ ”الائي ڪير پيو اچي!“ زياد سندس ان فريب ۾ اچي، جهڙو دروازي ڏانهن نهاريو، تهڙو هن ملعون سڄو خنجر دستي تائين، ڇاتيءَ ۾ ٽنبي ڏنس ۽ ساگئي وقت ٽپ ڏيئي گهٽو پري وڃي بيٺو. زياد ڪاوڙ مان اٿي ٻئي هٿ وڌائي کيس جهلڻ لاءِ ڊوڙيو، پر ابن صادق، ان بدبخت حبشيءَ کان وڌيڪ ڦڙت هو، سو ٽپ ڏيئي وڃي ٻئي پاسي بيٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زياد، ابن صادق جي پنيان به ٽي چڪر لڳايا. پر آخر گهڻي خون نڪرڻ سبب ضعيف ٿي، اتي ئي ويهي رهيو. سندس متو ڦرڻ لڳو ۽ اکين اڳيان اونده اچي ويس. آخر پٽ تي ڪري پيو. ابن صادق کي جڏهن پڪ ٿي ته دشمن ختم ٿي چڪو آهي، تڏهن سندس ڪيسي مان ڪنجي ڪڍي، دروازو کولي ٻاهر نڪتو. برمڪ اچا بازار مان ڪونه سونيو هو، سو بي ڊپو ٿي جاءِ مان ٻاهر نڪري شهر ۾ ويو. هاڻي ڪيس ڪوبه ڊپ ڪونه هو. شهر جي رهاڪن کان ٻاهرين دنيا جون خبرون چارون پڇيون. پنهنجي مصيبت جي آکاڻي خليفي کي ٻڌائڻ لاءِ رمله طرف روانو ٿيو. ابن صادق جي جيل مان ٻاهر نڪرڻ کي ٿورائي ڏينهن گذريا هئا، ته ساڻس ٻڌو ته خليفي عبدالله کي سپه سالاريءَ جي عهدي تان موقوف ڪري جيڏيو آهي، جنهن کي زنجيرن ۾ جڪڙي رمله ڏانهن وٺيو پيا اچن. ابن صادق بابت مشهور ٿيو ته ڪيس اسپين جو مفتي اعظم مقرر ڪيو ويو آهي.

(۳)

سنه ۹۹ هجريءَ ۾ سليمان، فوج جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ڪري قسطنطنيه تي حملو ڪيو، پر سندس اميد جي سگڙي اچا ٽڙي ئي ڪانه هئي ته ڏاڍي جي سڏ تي خلافت جي مسند عمر بن عبدالعزيز لاءِ خالي ڪري پاڻ دل جو دل ۾ سانڍي وڃي قبر ۾ پهتو. عمربن عبدالعزيز عادتن ۽ خصلتن ۾ بني اميه جي ٻين خليفن کان ٻئي نموني جو هو. بني امين جي ظلمي زماني ۾ پيدا ٿيو هو، پر پاڻ ظالم نه هو. هن، ان بي رحميءَ جي زماني ۾ به هڪ، پيرو خلفائي راشدين جي وقت جون سکون ڀئي لاٿيون، جنهن ڪري ڪيس چوندائي آهن "عمر ثاني". نئين خليفي خلافت جي قبا پائڻ سان، سڀ کان اڳي جيڪي مظلوم، سليمان جي وقت کان جيل ۾ سڙي رهيا هئا، تن کي آزاد ڪيو. ظالم ۽ ڦورو حاڪمن کي موقوف ڪري عادل ۽ چڱا ماڻهو، انهن جاين تي مقرر ڪيائين. عبدالله جو اجا ٿائين رمله جي جيل ۾ هو، تنهن کي آزاد ڪري دربار خلافت ۾ گهرايو ويو. عبدالله، بارگاه خلافت ۾ حاضر ٿي پنهنجيءَ آزاديءَ جي شڪرادائي ڪئي. اميرالمومنين پڇيس ته "هاڻي ڪيڏانهن ويندين؟" اميرالمومنين مون کي گهران نڪتي تمام گهڻو وقت ٿيو آهي. هيئنر اوڏانهن ويندس." عبدالله ادب سان جواب ڏنو.

”اسان تنهنجي لاءِ خراسان جي گورنريءَ جو حڪم ڪيو آهي. هڪ مهنو توکي موڪل آهي. مهينو گذاري، يڪدم خراسان وڃ“ خليفي ٻڌايس.

عبدالله، سلام ڪري ٻاهر نڪرڻ لاءِ دروازي ڏانهن وڌيو. چار پنج وکون کڻي وري بيهي رهيو. خليفي چيس ته ”تنهن جو ڪم آهي؟“

”اميرالمومنين، مون کي پنهنجي ياءَ لاءِ ڪجهه عرض ڪرڻو آهي. مون هن کي دمشق جي قيد خاني مان آزاد ڪيو هو. هو بي گناهه هو ۽ سندس ڏوهه رڳو اهو هو، جو محمد بن قاسم ۽ قتيبه بن مسلم باهليءَ جو نامور سالار رهي چڪو هو ۽ هن اميرالمومنين کي قتيبه کي قتل ڪرڻ کان منع ڪئي هئي.

خليفو- تون جعفر بن عبدالرحمان جو ذڪر ته ڪرين؟

عبدالله - ها، نبي صه جا جانشين، هو منهنجو ننڍو ياءُ آهي.

خليفو اهو هينئر ڪٿي آهي؟

عبدالله - مون هن کي اسپين ۾ ابوعبيد وٽ موڪليو هو. هينئر ٻڌو اٿم ته ابن صادق کي اسپين جو مفتي مقرر ڪيو ويو آهي، جو منهنجي ياءُ جو جاني دشمن آهي.

خليفو- ابن صادق لاءِ مون اڳيئي اسپين جي واليءَ کي حڪم لکي موڪليو آهي ته کيس قيد ڪري هيڏانهن موڪليو وڃي. تنهنجي ياءُ جو به اسين خيال رکنداسين.

”اميرالمومنين! جعفر سان گڏ سندس هڪ دوست به آهي، جو به حضور جن جي نوازش جو بکيو آهي.“ عبدالله ادب سان چيو.

اميرالمومنين، ان مهل ئي مس قلم گهرائي، اسپين جي واليءَ جي نالي خط لکي، هڪ سپاهيءَ جي حوالي ڪندي چيس ته ”هاڻي ته تون خوش ٿيندين؟ جعفر کي ذڪرڻ پورچوگال جو گورنر مقرر ڪيو ويو آهي ۽ ان جي دوست کي فو ۾ چڱو عهدو ڏيڻ جي سفارش ڪئي اٿم ۽ ابن صادق لاءِ به تاڪيد لکيو اٿم.“

عبدالله، ادب سان سلام ڪري ٻاهر نڪتو.

(٣)

اندلس جو والي قرطبه ۾ منزل انداز هو. هن ذڪرڻ پورچوگال ۾ زبير نالي هڪ نئين سالار جي بهادريءَ جي ڳالهه ساراهه ٻڌي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو ابوعبيد کي لکي موڪلائين ته زبير کي اسان وٽ موڪلي ڏي. جعفر (زبير) حڪم موجب قرطبه ۾ پهچي واليءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن گهڻي عزت ڏيئي پنهنجي پر ۾ وهاريس. ڳالهين ڪندي اسپين جي واليءَ چيس ته اسين توسان ملي ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. ابوعبيد هر ڪنهن خط ۾ تنهنجي پهلوانيءَ جي تعريف لکندو آهي. توکي ڏينهن کان پورچوگال جي ڏاکڻي حصي ۾ بغاوت ٿي پيئي آهي. منهنجي مرضي آهي ته انهن باغين کي سيکت ڏيڻ لاءِ توکي موڪليو وڃي. تون سڀاڻي تائين تيار ٿي وڃي سگهندين؟

جعفر- بغاوت جي حالت ۾ دير ڪرڻ چڱي نه آهي. اجازت ڏيو ته هاڻي ئي وڃان.

حاڪم- تمام سٺو، آءٌ سپهه سالار کي صلاح ڪرڻ لاءِ گهرايان ٿو. ايتري ۾ دربان اچي عرض ڪيو ته مفتي اعظم توهان سان ملڻ دروازي تي بيٺو آهي.

حاڪم- ان کي اندر موڪل. ائين چئي وري جعفر ڏانهن منهن ڪري چيائين ته تون شايد اسان جي نئين مفتيءَ سان ڪونه مليو آهين. هن کي آئي هفتو کن ٿيو آهي. هذو اتم ته اميرالمومنين جي خاص دوستن مان آهي. پر دوست هو ڪٽي ڪيترو به چالاڪ ۽ هوشيار هجي ته به انهيءَ عهدي جو لائق نه آهي هنج جي جاءِ تي ڪانوَ کي مقرر ڪيو ويو آهي.

جعفر- نئون مفتي آهي ۽ خليفي جو گهرو دوست؟ نالو ڇا اٿس؟

حاڪم- ابن صادق.

”ابن صادق!!“ جعفر کان ڇرڪ نڪري ويو.

”هائو، ابن صادق، تون ڪيس سڃاڻين؟“ حاڪم چيو.

ايتري ۾ ابن صادق به اچي پهتو. جعفر ڪيس ڏسندي، دل ۾ چيو ته هاڻي ڪا نئين مصيبت آئي رهي. ابن صادق به ڪيس ڏسندي ڇرڪ ڀري پيرن تي جمي ويو. پير ئي نه کڄيس. حاڪم ڏانهس نهاري چيو ته توهين هن کي سڃاڻو. هيءَ اسان جي فوج جو بهادر جرنيل زبير آهي.

”هان!“ چئي ابن صادق، جعفر ڏانهن هٿ وڌايو، ليڪن جعفر کيس هٿ نه ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توهان شايد پنهنجي جهوني دوست کي ڪونه سڃاتو!“ ابن صادق چيو.

جعفر، اوڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنئي، گورنر ڪان اٿڻ جي موڪل گهري. ٿورو ترسو، سپهه سالار جي نالي فوج ڏيڻ جو حڪم ڪٿي وڃو. گورنر حڪم لکي جعفر کي ڏيڻ لاءِ سڏي ڪنيو، ته ابن صادق چيو ته اهو ڪاغذ مون کي ته ڏيکارجو. گورنر لکيل حڪم ڪٿي سندس هٿ ۾ ڏنو. ابن صادق ڪاغذ پڙهي، گورنر کي واپس ڪندي چيو ته هن ڪان پوءِ توهان جي هن بهادر جرنيل جي خدمت جو ڪپ ڪونهي. هن جي جاءِ تي ٻئي ڪنهن سالار کي موڪليو.

هن بابت توهان کي ڪهڙو شڪ آهي؟ هيءَ ته اسان جي فوج جو بهترين جرنيل آهي.“ حاڪم ابن صادق کي ٻڌايو.

ابن صادق چيو ته ”ڇا توهان کي خبر ڪانهي ته هيءَ دمشق جي جيل مان ڀڳل قيدي آهي. سندس نالو زبير نه پر جعفر آهي. هيءَ خليفي جي ڪٽر دشمنن مان هڪ آهي.“

ڇا اهو سچ آهي! گورنر حيران ٿي جعفر ڪان پڇيو. ليڪن هو ماٺ ۾ رهيو. ”توهين هن کي يڪدم گرفتار ڪري، منهنجي عدالت ۾ موڪلي ڏيو. ابن صادق چيو.

”هڪ جرنيل کي بنا ڪنهن ثابتيءَ جي گرفتار ڪري نه ٿو سگهجي. انهيءَ ڪان سواءِ توهين ٻئي پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح مليا آهيو، جو ڄڻ اصل ڪان هڪ ٻئي جا دشمن آهيو. اهڙيءَ حالت ۾ هيءُ ڪٿي ڏوهي هوندو ته به ڪيس توهان جي عدالت ۾ ڪين موڪليندس.“ گورنر جواب ڏنو.

”توهان کي خبر هئڻ گهرجي ته آءٌ اسپين جو مفتي اعظم آهيان.“ ابن صادق حشمت مان چيو.

”سچ آهي پر توهان کي شايد خبر ڪانهي ته آءٌ اسپين جو عامل (وائسراءِ) آهيان.“ ساڳئي طرح گورنر چيو.

سچ آهي. پر توهان کي شايد خبر ڪانهي ته آءٌ اسپين جي مفتي اعظم هئڻ ڪان سواءِ ٻيو به ڪجهه آهيان.“ ابن صادق رعب مان چيو.

هاڻي جعفر ماٺ ڪري نه سگهيو. چيائين ته هن کي خبر ڪانهي ته آءٌ تو ٻڌايان ته تون ڪير آهين؟ اميرالمومنين کي ڪوڙيون

خبرون ٻڌائيندڙ، ابن عامر، ابن قاسم ۽ قتيبہ جو قاتل، ترڪستان ۾ بغاوت پکيڙيندڙ، تون ئي آهين. تون اهڙو ظالم ۽ نالائق آهين جو پاڻ ۽ معصوم ڀائٽيءَ کي خون ڪرڻ کان بہ نہ گهٽين. تون هن وقت سنهنجو ڏوهي آهين. ائين چئي بجليءَ جهڙيءَ چالاڪيءَ سان ميان مان تلوار ڪڍي ڪيس سيني تي رکيائين ۽ چيائينس تہ مون توکي آسمان ۾ پئي ڳوليو. خدا ڪٽي سون کي زمين تي ڏياريو آهين. اميرالموسنين کي تنهنجي قتل جو افسوس ضرور ٿيندو، پر اسلام جو مستقبل، مون کي خليفي جي خوشيءَ کان وڌيڪ محبوب آهي. ايترو چئي وري تلوار ڪٽي ورتائين. ابن صادق، موت جي ڊپ کان بيد جي وڻ والگر پئي ڏڪيو. موت اکين اڳيان ڏسي، اکيون پوري بت بنيو بيٺو رهيو. ابن صادق جي اها حالت ڏسي جعفر کان کل نڪري ويئي. چيائينس تہ ”بزدل ڪتا، هن تلوار، سنڌ ۽ ترڪستان جي دلاورن جو خون پيتو آهي، سا تو جهڙي ڊڄڻي جي رت ۾ رڱيندي شرم ٿو اچيم. ايترو چئي تلوار ميان ۾ وجهي، سنهن ڪٽي هٿي پاسي ڪيائين. سڄي جڳهہ ۾ سانت لڳي ويئي. سڀ جعفر ڏانهن ڏسندا رهيا. ايتري ۾ هڪڙو قاصد، بارگاهہ خلافت جو خط ڪٽي اندر گهڙي آيو. عاسل خط وٺي کولي پڙهيو ۽ بہ ٽي ڀيرا جعفر ڏانهن ڏسي چيائين تہ جوڪڏهن تنهنجو نالو زبير نہ پر جعفر آهي تہ توکي پورچوگال جو گورنر مقرر ڪيو ويو آهي. ائين چئي خط ڪٽي ڪيس ڏنائين. هيءَ خط اميرالموسنين عمر بن عبدالعزيز جو لکيل هو. جعفر کي خط ڏيئي، اسپين جي عامل، دربان کي سڏ ڪري ڪيس حڪم ڏنو تہ چار سپاهي اندر موڪل. سپاهين جي اچڻ تي گورنر ابن صادق ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ هن کي گرفتار ڪريو.

ابن صادق کي خبر ٿي ڪانہ هئي تہ ايڏين مصيبتن سهڻ کان پوءِ بہ سندس قسمت جو ستارو اهڙو جلد لهي ويندو، سو رضا تي راضي رهي، پاڻ کي سپاهين جي حوالي ڪيائين. هڪ طرف جعفر پورچوگال جو گورنر بنجي پئي ويو تہ ٻئي طرف ابن صادق چورن وانگر ٻڌو ڪٽي جو ڪيتو لوڙڻ لاءِ دمشق طرف پئي ويو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ جعفر ٻڌو تہ ابن صادق دنيوي سزا جي ڊپ کان رستي ۾ ئي زهر کائي، پاڻ کي سچي سرڪار جي حوالي ڪيو ۽ پاڻمهِ پاڻ کي ابدي عذابن ۾ مبتلا ڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جعفر، ياءَ کي خط لکي گهر جي خيريت جي خبرچار پڇي، پر گهڻن ڏينهن' تائين ڪان پوءِ به جواب نه ملڻ تي، تنهن مٿان موڪل وٺي ڳوٺ ويو. اتي خبر پيس ته عبدالله، خراسان جو گورنر ٿي پار بچا وٺي اوڏانهن ويل آهي. جعفر جي مرضي خراسان وڃڻ تي هئي، پر اسپين جي آئر طرف اسلامي فوجن جي حملي ڪرڻ جو ٻڌي، پنهنجو ارادو بدلائي پورچوگال آيو.

—

باب پنجون

(١)

آخري فرض ادائي

ڳالهيون جلد پوريون ٿينديون آهن ۽ وقت پنهنجي سدي تي گذرندو آهي. ڏينهن سهن ۾ سهينا ورهين ۾ تبديل ٿيندا رهن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪائنات جو چڪر ڦرندو رهي ٿو. جعفر کي پورچوگال جي گورنريءَ جو عهدو سنڀاليندي ارڙهن ورهين جو ڊگهو عرصو گذري چڪو آهي. سندس جوانيءَ جي جڳهه تي پيري قبضو ڪري ويئي آهي. پوڙهر جهڙن ڪارن وارن تي اڇو چمڪندڙ رنگ اچي ويو آهي. نرگس به چاليهن ورهين ڪان وڌي ويئي آهي، ته به ان جي خوبصورت چهري جي ڪشش ۾ ڪا خاص ڦيرگهير ڪانه ٿي ڏسجي. جعفر جو وڏو پٽ عبدالله پندرهن سالن جي عمر جي ٿيندي ئي اسپين جي فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو، جتي هن بهادر پيءُ جي پهلوان پٽ، ٿن سالن جي ٿوري عرصي ۾ ئي ايتري، ناموس حاصل ڪئي هئي جو ماءُ پيءُ سندس نالي وٺڻ سان نٽڙي پوندا هئا. سندس ننڍو ڀاءُ حسين ڪانئس اٺ ورهيه ننڍو هو. ههڙي ڏينهن حسين ٻنگلي جي اڱڻ ۾ تيراندازيءَ جي مشق پئي ڪئي. نرگس ۽ جعفر ورانڊي ۾ ويهي سندس تير اڇلائڻ جو نمونو پئي ڏٺو. حسين جي هنيل تيرن مان، ڪي نشان تي پورا ڪونه لڳا. جعفر اهو ڏسي سرڪندي ڏانهن وڌي آيو ۽ سندس پٺيان بيهي رهيو. حسين پيءُ کي ڏسي تيرڪمان ۾ چاڙهي نشان ڇنيو.

”پٽ تنهنجا هٿ پيا ڏڪن ۽ تون ڳچي به ڪجهه مٿانهين تو ڪرين.“ جعفر پٽ کي چيو ته ”بابا، جڏهن توهين مون جيڏا هئا، تڏهن توهان جا هٿ ڪونه ڏڪندا هئا؟“ ”ميان جڏهن آءٌ تو جيڏو هوندو هوس، تڏهن اڏامندڙ پکيءَ کي تير سان ڪيرائيندو هوس ۽ جڏهن توکان چار سال وڏو هوس، تڏهن بصره جي فوجي اسڪول جي شاگردن ۾ سڀني کان سٺو تيرانداز چوندا هئم.“ جعفر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار سان چيس. "پلا نوڪرين تير هلايو." حسين پيءُ کي ڪمان ڏيندي چيو. جعفر ڪمان وٺي تير چاڙهي، نشان چٽڻ شروع ڪيو. سندس سڀ تير نشان جي پوري وچ تي وڃي لڳا. پوءِ پٽ کي نشان چٽڻ جو نمونو سمجهائڻ لڳو. نرگس به سندس پرسان اچي بيٺي ايتري ۾ هڪڙو نوجوان گهوڙي کي سر پٽ ڊوڙائيندو ٻاهرئين دروازي تي اچي بيٺو. دربان گهوڙو وٺي قابو ڪيو. سوار گهوڙو ڏيئي ڊوڙندو اڳڻ ۾ آيو. پيءُ وڇڙيل پٽ کي ڀاڪيءَ سان لائي پيار ڪيو. نرگس پنهنجي هرهڪ نظر سان هزارين دعائون ڪندي اڳتي وڌي. "پٽ، ڏٺيءَ جا لک احسان آهن جو تون به اچي نڪتين. پٽ آهي نه خير؟ "اهڙو ابهرو ۽ تڪڙو پيو ڏسجين؟" جعفر ڪيڪارڻ جي عيوض پٽ کي چيو.

"بابا سائين!" عبدالله ڪنڌ هيٺ ڪري ڏکاري آواز ۾ چيو ته "فرانس جي لڙائيءَ ۾ اسان سخت نقصان سهي پٺ تي هٽيا آهيون. اسان فرانس جو شاهي علائقو فتح ڪيو هو. هاڻي پيرس ڏانهن وڌڻ وارا هئاسين ته جاسوس اچي خبر ڏني ته فرانس جو بادشاهه، هڪ لک فوج وٺي اسان جي مقابلي لاءِ ڊوڪيندو اچي. اسان وٽ ڪل ارڙهن هزار لشڪر هو: اسان جي سپهه سالار قرطبه ڪان مدد گهرائڻ لاءِ خط لکيو، پر اتان خبر آئي ته سراڪش ۾ بغاوت پيدا ٿي آهي، تنهنڪري فرانس ڏانهن وڌيڪ فوجون موڪلي نه ٿيون سگهجن. لاچار جهڙي تهڙي حال فرانس جي لشڪر کي سامهون ٿياسين، پر اسان جو لشڪر اڌ کان وڌيڪ ميدان ۾ ڪم آيو."

"عقبه هينئر ڪٿي آهي؟" جعفر پڇيس.

"هو هينئر قرطبه ۾ آهي، جتان جلدئي سراڪش تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيندو. بربرين سراڪش ڪان وٺي تيونس تائين بغاوت جي باهه ٻڪيڙي ڇڏي آهي. سڀ مسلمان عامل قتل ڪري ڇڏيا اٿن. هڏجي ٿو ته هن بغاوت ۾ رُومين ۽ خارجين جو به هٿ آهي." پٽ جواب ڏنو.

جعفر – عقبه، بهادر سپاهي بيشڪ آهي پر قابل سپهه سالار ڪونهي. مون ڪيترا ڀيرا اسپين جي عامل کي لکيو آهي ته مون کي وري به فوج ۾ ڪٽو پر هو مڃي ئي نه ٿو.

"چڱو ابا، مون کي موڪل ڏيو. آءٌ رکو توهان کي ڏسڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو هوس. مون کي سراڪش وڃڻ واري لشڪر سان گڏ وڃڻو آهي
”عبدالله ادب سان چيو. ”پٽ، سهينن کان پوءِ آيو آهين، رات ٻه
تہ ترس.“ نرگس سڪ مان وراڻيو.

”امان، ترسڻ جيترو وقت ڪٿي آهي. ڏينهن ٻن ۾ اسان جي
فوج رواني ٿيندي.“ عبدالله چيو.

”چڱو پٽ، الله جي اَسَن ۾ آهين. خدا حافظ.“ نرگس وراڻيو.
عبدالله ماءُ پيءُ کي پيرين پئي، پاءُ کي ڀاڪر پائي، ساڳيءَ طرح
گهوڙي تي سوار ٿي، گهوڙو ڊوڙائي روانو ٿي ويو.

(٣)

بربرين جي بغاوت هزارين مسلمانن کي پنهنجي باهہ جي لاٽن
۾ جهپي ورتو. هنن جهنگلين، مسلمان حاڪمن کي شهيد ڪرڻ کان
پوءِ، پنهنجي خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو

عقبہ پنهنجو لشڪر وٺي سراڪش جي ڪناري تي اچي لٿو.
شام مان بہ ڪجهہ فوج، سندس مدد لاءِ آئي هئي. اڌ اگهاڙن بربرين
جي لشڪر جو تہ اندازو ئي ڪونہ هو. ماڪوڙين ۽ مکين وانگر شاهي
فوج هئي، جا چئني ئي پاسن کان مسمانن کي وڪوڙي ويئي. مسلمانن
جمي مقابلو ڪيو. پر دشمنن جو تعداد بي شمار هو. هڪڙا ٿي مٿا تہ ٻين
ٿي سندن جاءِ پري. عقبہ بہ ان لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو. جعفر جي پٽ
عبدالله، ڏاڍي بهادري ڏيکاري. هو دشمنن جي صفن ۾ گهڙي لڙندو
رهيو، پر آخر سخت زخمن رسڻ سبب گهوڙي تان ڪريو ٿي تہ
هڪڙو عرب جرنيل ٻانهن ۾ کڻي پنهنجي گهوڙي تي وهاري ميدان
جنگ کان گهڻو پري وٺي ويس.

اسپين ۽ شام جي گڏيل لشڪر مان اٽڪل سنو حصو لڙائيءَ
۾ ڪم آيو. بچيل سپاهي هڪ طرف هٽڻ لڳا. بربري کين پڄندو
ڏسي ڪٿين ميلن تائين پٺيان پيا. آخر الجيريا ۾ اچي انهن بچيل
سپاهين ساهي کنئي ۽ هتان هتان سڀ اچي اتي گڏ ٿيا. اسپين جي
وائسراءِ کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن هن چوڏاري لشڪر جي ڀرتيءَ
لاءِ قاصد ڊوڙائي چڱي فوج گڏ ڪئي. نئين حملي ۾ لشڪر جي
اڳوانيءَ لاءِ جعفر جو نالو رٽي ڪيس گهرائيو، لشڪر جي ڪمان
ڏنائين. ١٢٥ هہ ۾ بربرين سڄي اتر آفريڪا ۾ ظلم جي باهہ ٻاري
ڏني هئي. ان وقت اوچتو جعفر بہ ڏهہ هزار لشڪر وٺي اچي متان

ڪڙڪين. بربري هن حملي ڪي سنهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا، سو وائڙا ٿي ويا. جعفر کين شڪستن پٺيان شڪستون ڏيندو، اڀرندي طرف وڌڻ لڳو. هوڏانهن آلجيرا ۾ جا شڪست کان فوج منزل انداز هئي، سا بہ هينئر جعفر جي فتحن جو ٻڌي نئين سر تيار ٿي، شيدين جي مقابلي لاءِ اڳتي وڌي. بربري هينئر جنڊ جي ٻن پڙن جي وچ ۾ آيل داڻن وانگر پيسجڻ لڳا. هڪ سهيني جي لڳا تار ڪوشش کان پوءِ جعفر سراڪش کي باغين کان صاف ڪيو. پر وري اتر اوڀر آفريڪا ۾ فسادي گڏ ٿيڻ لڳا. خارجين سازشين جي رهبري ڪندي کين تيونس ۾ وچي گڏ ڪيو. جعفر پاڻ سراڪش ۾ انتظام سڌارڻ لاءِ رهي پوڻ جو خيال ڪيو ۽ تيونس ۾ گڏ ٿيل باغين کي سزا ڏيڻ لاءِ ڪو لائق سالار چونڊڻ لاءِ پنهنجي تنبوءَ ۾ فوج جي سيني جرنيلن جي ميٽنگ ڪيائين. هڪ ننڍي، پر جوشيلي تقرير کان پوءِ چيائين تہ تيونس تي حملي ڪرڻ لاءِ هڪ سرفروش سالار جي ضرورت آهي. توهان ۾ اها خدمت ڪرڻ جو ڪو خواهان آهي؟"

جعفر اڃا پنهنجو جملو پورو ئي ڪين ڪيو تہ ٻي جوان اٿي بيٺا، جن سان هڪڙو تہ سندس دوست نعيم هو، ٻيو سندس نوجوان پٽ عبدالله هو ۽ ٽيون نوجوان جنهن جي شڪل ۾ عبدالله جا گهڻا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ پئي آيا سو هو. ليڪن جعفر ڪانئس ناواقف هو. جعفر ڀهريائين تہ ڪيس ڏسندو رهيو، پر پوءِ پڇيائين تہ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ "سنهنجو نالو جعفر آهي." نوجوان ادب سان جواب ڏنو.

"جعفر؟ تنهنجي پيءُ جو نالو؟" جعفر حيرت سان پڇيو.

"سنهنجي پيءُ جو نالو عبدالله بن عبدالرحمان" نوجوان ساڳيءَ طرح چيو. "عبدالله بن عبدالرحمان هو! !" جعفر گهٽي حيرت سان کيس تڪيندي پڇيو. تہ "تون بصري جي ويجهو...... ڳوٺ جو وينل آهين؟"

"هائو آءٌ انهيءَ ساڳئي ڳوٺ جو رهاڪو آهيان." نوجوان جواب ڏنو.

"ڇا، تنهنجو پيءُ هن وقت جيئرو ڪونہ آهي؟" جعفر ڏکويل آواز سان پڇيو.

"نہ" سنهنجي پيءُ کي شهيد ٿئي ٻہ سال گذري چڪا آهن هڪ خارجيءَ جي هٿان، خراسان ۾ شهيد ٿيو." نوجوان گهبرائجي جواب ڏنو.

جعفر ڪجهہ چوڻ ۾ هو تہ پٺس عبدالله وچ ۾ چيو تہ ”بابا مراڪش جي جنگ ۾ هن ئي دلاور مون کي بچايو هو. جعفر هاڻي پاڻ کي روڪي نہ سگهيو. اڳتي وڌي نوجوان کي ڪُٽي پاڪر پاتائين. اکين مان بي اختيار لڙڪ وهي آيس. ڀريل ڳلي سان چيائين تہ ”پٽ تون مون کي سڃاڻين ٿو؟“ ”هائو، توهين اسان جا سپهہ سالار آهيو.“ نوجوان سادگيءَ سان جواب ڏنو. ”بيشڪ، پر انهيءَ کان وڌيڪ بہ منهنجو توسان لاڳاپو آهي. آءٌ تنهنجو چاچو آهيان. عبدالله منهنجو سڳو ڀاءُ هو. جعفر هٿ کڻي ڀاءُ لاءِ مغفرت جي دعا گهري.“ ڪجهہ دير سانت ڪري وري پڇيائينس ”تنهنجي ماءُ ڪيئن ...“ جملو پورو ڪري نہ سگهيو ۽ لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس. ڀائٽيس، سندس مطلب سمجهي جواب ڏنو تہ ”چاچا سائين، والده محترمہ خوش هئي. مون کي چيو هئائين تہ مراڪش جي لڙائي پوري ٿيڻ کان پوءِ توهان کي ڳولي سندس نياپو ڏيان تہ چاچيءَ کي وٺي توهين هڪ دفعو ضرور پنهنجي گهر اچو. جعفر جا مشڪل ڦٽ هڪ ڀيرو وري بہ رسجي پيا، سو هن سيني کي سوڪل ڏيئي پاڻ اڪيلو ويهي لڙڪ ڳاڙي دل کي هلڪو ڪرڻ لڳو. سانجهي نماز پڙهي، وري بہ ساڳيءَ طرح سالارن کي سڏائي پنهنجو فيصلو ٻڌائين. پنهنجي تلوار ڇيلهہ مان ڇوڙي هٿن مان ڀائٽيءَ جي ڇيلهہ ۾ ٻڌي کيس چيائين تہ پٽ هيءَ اسان جي خانداني تلوار آهي. سندس حق ادا ڪرڻ هاڻي تنهنجي ذمي آهي. تون اڄ کان هتي جي فوج جو سالار آهين. عبدالله پٽ! هيءُ تنهنجو وڏو ڀاءُ آهي. سندس حڪم، منهنجو حڪم سمجهي دل و جان سان مڃج.

جعفر بن عبدالله چيو تہ چاچا تيونس ۾ ڪنهن کي موڪلڻ جو خيال ڪيو اٿو؟ ”پٽ منهنجو خيال توکي موڪلڻ جو هو، پر هاڻي تون هتي منهنجي جاءِ تي رهہ. تيونس آءٌ خود ويندس. تون نوجوان آهين. دنيا کي تنهنجي ضرورت آهي. مون گهڻو ڪجهہ ڏٺو وائٺو آهي. تيونس جي فساد کي بند ڪري، آءٌ سڌو گهر ويندس. في الحال عبدالله، سندس ماءُ ۽ ڀاءُ کي وٺي اوڏانهن ويندو ”جعفر دل کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ پڇيس تہ توکي ٻيو بہ ڪو ڀاءُ ڀيڻ آهي!“ ”مون کي هڪ ننڍو ڀاءُ ۽ ڀيڻ آهي.“ ”عبدالله ڪڏهن روانو ٿيندو چاچا؟“ جعفر پڇيس. هو سڀاڻي صبح جوئي روانو ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

ٽيونس ۾ باغين جو مقابلو ڪندي، جعفر کي پنهنجي الدازي ڪان وڌيڪ تڪليفون ڏسڻيون پيون. وحشي بربري هڪ هنڌان هارائي ڀڄندا هئا ته ٻئي هنڌ وڃي لٽ مار شروع ڪندا هئا. پر هن مجاهد به ڪين ڇڏي ڪونه ٿي ڏنو. مصيبتون سهندو ڪين ناس ڪندو ويو. ٿورن مهينن جي لڙائين ۾ ٽيونس، باغين کان پاڪ صاف ٿي ويئي. فسادي ٽيونس کي خالي ڪري، آفريڪا جي اڀرندي طرف ڀڄي ٽڙي پکڙي ويا. جعفر به پٺ ڪانه ڇڏين. ٽيونس ۽ قيروان جي وچ ۾ آخرين ۽ زبردست لڙائي لڳي. بربرين به ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو، پر مجاهدن جي اڳيان گهڻي تائين بيهي نه سگهيا. لڙائي مسلمانن کٽي پر جعفر سخت ڦٽجي پيو. بيهوشيءَ جي حالت ۾ قيروان کڻي ويس. اتي جي گورنر هن مجاهد کي دل ۾ جاءِ ڏني سندس علاج لاءِ هر طرح جو بندوبست ڪيائين. سخت ڪوشش کان پوءِ جعفر اک کولي. گهڻي رت ڇڏڻ سبب اهڙو ضعيف ٿي پيو جو ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا غش ٿي ويندو هو. هفتو کن سندس زندگيءَ جي ٻيڙي موت ۽ حيات جي وچ ۾ پئي لڏي. علاج لاءِ فسطاط مان ماهر طبيب ۽ جراح گهرايا ويا، جن زخم ڏسي چيو ته زخم خراب آهن. پر خدا مڙئي خير ڪندو، ليڪن مريض کي گهڻو وقت آرام ڪرڻو پوندو. ٽن هفتن کان پوءِ جعفر کي ڪجهه فائدو ٿيو. ان وقت کيس گهر ياد پيو ۽ وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيائين. طبيب ٻڌايس ته ڦٽ اڃا پوريءَ طرح ڇٽا ڪونه آهن. هي زخم زهريلن هٿيارن مان ڪيل ٿا ڀانئجن. سواري ڪرڻ مان يڪدم ٽاڪا کلي پوندا ۽ پوءِ سخت تڪليف رسندي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهنو اڃا به علاج ڪرڻ کپي. ليڪن هن متوالي جا خيال تمام ٻري رسي رهيا هئا. سندس تصور جو ڪبوتر پنهنجي ڳوٺ ۾ ان پراڻي گهر مٿان اڏامي رهيو هو، جتي ڪلثوم سان گڏ ننڍپڻ جا ڏينهن ڪاٽيا هئائين. واريءَ جي دڙن تي چڙهڻ، ڊوڙڻ، لڪڻ، تلاءَ ۾ وهنجڻ، ڪلثوم جو غوطا کائڻ ۽ الائي ڇا ڇا سڀ سنئيما جي سينرين وانگر اکين اڳيان تري آيس. سو هاڻي وڌيڪ ترسڻ ڏاڍو ڏکيو لڳس. پڪ هيس ته نرگس به اتي پهچي ويئي هوندي، سو پاڻ به ان زمين جي بهشت ۾ وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيائين پر سنگتين ساٿين جي زور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڻ تي وري به ترسي پيو. ويهه ڏينهن اهڙي انتظار ۾ گذاريائين. ان کان پوءِ وري سندس ڦٽ، جي ٻاهران ڪجهه اڇي سڪا هئا، سي بگڙڻ لڳا ۽ ڪجهه هلڪو بخار به اچڻ لڳس. طبيبن ٻڌايس ته هٿيارن کي ڏنل زهري پاڻي رت ۾ سمائجي چڪو آهي، ان ڪري، هن وقت تمام گهڻي خبرداريءَ سان علاج ڪرڻو پوندو ۽ توکي به ڪنهن قسم جو فڪر ۽ غم نه ڪرڻ گهرجي. طبيعت کي خوش رک.“ لاچار ٻه چار ڏينهن ٻيا به ترسي پيو؛ پر هاڻي وڌيڪ وقت ڪانئس انتظار سڌو نه ٿي ٿيو. هڪ پيري، پنهنجي وڇاڻي تي ليٽندي ۽ پاسا ورائيندي، اڃي آڌي رات ٿيس ته به ننڊ نه اچيس. سندس خيال گهڻو ٻري وڃي نڪتا هئا. ڪلثوم ۽ ڪلثوم جو گهر دماغ ۾ ڊوڙي رهيو هوس. دل ۾ اهو ئي اچي خيال ويٺس ته شايد قدرت کي اسان جي ملاقات منظور نه آهي. هو، هن کان اڳ به گهڻا دفعا ڦٽيو هو پر هيئنءَ جو ڦٽجڻ تمام پئي نموني جو هو. موت کان ڊنو ڪونه ٿي، پر سندس خيال هو ته رڳو هڪڙو دفعو ڪلثوم ۽ نرگس سان ملان ۽ پاڻ جي يتيم ٻارن کي ڏسي ڪين تسليءَ جا ٻه اکر چوان. هو ان خيال ايندي ئي هنڌ ڇڏي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪوٺيءَ ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳو. سجاهد جي ارادي جي مضبوطي سندس جسماني ڪمزوريءَ تي غالب اچي ويئي هئي ۽ اوڏيءَ مهل آزاد ٿيڻ لاءِ ميزبان جي نوڪر کي سڏي ڪري اٿاري چيائين ته منهنجي گهوڙي تي منج رک. هو غريب حيران ٿي ويو. سمجهيائين ته سندس دماغ ضعيف سبب هوش سڃي ٿي ويو آهي؛ سو ادب سان چيائين ته طبيب جو حڪم آهي ته توهين هلو چلو نه پر هڪ ئي هنڌ ويهي رهو، پر هن ستواليءَ ڪابه ڪانه ٻڌيس. بس اهو ئي جملو زبان تي هوس ته ”گهوڙو يڪدم تيار ڪر“. هن ويچاري گهڻو ئي نتايو، جي هن وقت آڌيءَ رات جو ڪيڏانهن ويندا؟ منهنجي آقا کان موڪلائڻ کان سواءِ ڪيئن ويندا؟ پر هن هڪ به ڪانه ٻڌيس. آخر نوڪر گهوڙو تيار ڪري اچي ٻڌايس. جعفر ڏاڍيءَ خوشيءَ سان گهوڙي تي سوار ٿي چيس ته ”دوست تون جيڪي چوين ٿو سو سڀ ٺيڪ آهي، ليڪن مون کي ڪو ضروري ڪم آهي، تنهنڪري اهڙو تڪڙو وڃان ٿو. پنهنجي ڌڻيءَ کي چئج ته مون کي آڌيءَ رات جو وقت ڪيس جاڳائڻ مناسب نه سمجهيو، تنهنڪري بنا موڪلائڻ جي وڃان ٿو. خدا حافظ. السلام عليڪم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴)

صبح ٿيڻ کان اڳ جعفر قيروان کان ويهه ميل پري وڃي چڪو هو. هيڏي ڏکي پنڌ ۾ هن ايترو خيال ضرور ڪيو جو گهوڙو ٿڪو ڪونه هڪليائين ۽ ٿوري ٿوري پنڌ کان پوءِ لهي ساهي به ڪٽيندو رهيو. فسطاط پهچي به ڏينهن آرام ڪيائين. اتي جو گورنر به ڪيس هاڻ وٽ ترسائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي. پر جنهن جي ذيل ۾ سپرين جي سڪ سوايوٽي هئي سو ڪٿي ٿو ترسي. "ٿڃيءَ ٿڌيءَ ڪاهه ڪانهي ويل وهڻ جي" وانگر ترسڻ جو اکر به زبان تي ڪونه هوس. لاچار فسطاط جي حاڪم رستي جي سيني چونڪين کي سندس حفاظت ڪرڻ ۽ کيس هر طرح جو آرام ڏيڻ بابت حڪم لکي موڪليو. جعفر جيئن جيئن پنهنجي منزل کي ويجهو پوندو ويو، تيئن تيئن ڪمزوري وڌندي سمجهڻ لڳو. ڪيترن هفتن جي لاڳيتيءَ مسافريءَ کان پوءِ، هڪ ڏينهن شام جو جيئن هڪ بيابان مان گهوڙي کي هڪليندو پئي ويو، تيئن اوچتو پري کان الهندي طرفان غبار وانگيان ڪجهه انڌو نظر آيس. جيئن ته هو بيابان ۾ ڄاڻو نپنو هو، تنهنڪري کيس خبر هئي ته ڇا ٿيڻ وارو آهي. هينئر سندن ڳوٺ کو گهڻو پري ڪونه هو. آسپاس سڀ ميدان سندس سڃاتل ۽ ڏٺل وائٺل هئا. ٿوري وقت ۾ چوڌاري اونده انڌوڪان ٿي ويئي. جعفر، طوفان لهڻ کان اڳ گهر پهچڻ جو ارادو ڪيو. تنهنڪري گهوڙي کي اڙي هڻي تيز ڪيائين. گهوڙي جي ڊوڙڻ سبب سندس اڌ چيتل ڦٽ وري کلي پيا ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳس. اڃا به ميل گهوڙي ڊوڙائڻ کان پوءِ طوفان به پنهنجي پوري طاقت سان اچي ورايس. ڇئن ئي پاسن کان گرم واري وسڻ لڳي. گهوڙو اڳتي هلڻ جي بدران پٺ تي هٽڻ لڳو. لاچار گهوڙي تان لهي هن هڪ هٿ سان گهوڙي جي واڳ جهلي ۽ ٻئي هٿ سان هوا ۾ اينڌڙ ڪنڊر تارين کي ڪپڙن سان ڪڍڻ لڳو. واريءَ اڏامڻ سبب اونده انڌوڪار لڳي پيئي هئي. ٻٻر جي هڪ سڪل ٿاري اڏامندي، گهوڙي جي پٺ تي زور سان اچي لڳي، جنهنڪري گهوڙو ڇرڪ ماري ٽپ ڏيڻ لڳو. ان سبب جعفر جي هٿ مان سندس لغام ڇڏائي ويو. ايتري ۾ هڪ ٻي ٿاري گهوڙي جي ٻنهي ڪنن جي وچ ۾ ڪنڊا چڀائيندي اڏامي ويئي. گهوڙو هاڻي بيهڻ جي عوض هڪ طرف منهن ڪري وٺي ڀڳو. وفادار سائيءَ جي ههڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ۾ اهڙي بي وفائي ڏسي به جعفر ڪجهہ ڪين ڪڇيو. ڀلا ٻيو ڪري به ڇا ٿي سگهيو. ڦٽن سان رت وهي سندس پهراڻ به پسائي ڇڏيو هو. هو ڪنڌ هيٺ ڪري هوا جي ابتڙ طرف، سنهن ڪري ويهي رهيو. ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ اٿي بدن تان واري ڇنڊي پئي ڇڏيائين ته متان ...... سان سلڻ جي عيوض اتي ئي نه پورجي وڃان. ٿوريءَ دير کان پوءِ رات جي اونداهيءَ طوفان جي اوندهہ کي اڃا به وڌيڪ ڀيانڪ بنائي ڇڏيو. پر هيءَ مڪ جو مڪاڀل، سڀڪنهن خوف ۽ ڊپ کان بي پرواهہ ٿي ڳوٺ وڃڻ جون رٿون رٿيندو رهيو. پهر سوا رات گذرڻ کان پوءِ طوفان بند ٿيو ۽ آسمان تي وري به چنڊ پنهنجي ساٿين سميت مسافري ڪرڻ لڳو. جعفر جو ڳوٺ اڃا به ڇهہ ست ميل پري هو. گهوڙو سندس سنگت ڇڏي ڳس اڪيلو بنائي ويو هو. ننگن ۾ هلڻ جو ست ڪونہ ٿي ساريائين. اڃ سبب چپ به سڪي ويا هئس. پر وري بہ همت ڪري اٿيو. ڇپن ۾ چيائين تہ جي سج ايرڻ کان اڳ ڪنهن وسنديءَ ۾ نہ پهچندين تہ اس ۾ ڦتڪي ڦتڪي اتي ئي پورو ٿي ويندين.

آخر الله جو آسرو ڪري اٿي ڪڙو ٿيو. تارن جي رخ مان اندازو ڪري هڪ طرف اٿي هليو. ٻن ميلن کن پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ٿڪجي پيو. اڳتي پير کڻي نہ سگهيو. لاچار واريءَ جي هڪ دڙي تي ڀڄي رهيو. منزل کي ايترو ويجهو اچي، نا اميد ٿيڻ مجاهد جي سنهن تي ڪٿي ٿو سونهي. ڏڙندو ٿاهڙندو وري اٿيو ۽ پنهنجي منزل طرف وکون وڌائڻ لڳو. واريءَ ۾ گوڏن سوڌا پير هلڻا ٿي ويس. ٻہ ٽي ڀيرا آڏڙي ڪري بہ پيو، پر سندس ارادي ۾ گهٽتائي نہ ٿي. اڃ ڏڙي بہ سڪائي ڇڏي هيس. ڪمزوريءَ سبب اکين اڳيان انڌ اچي ويس ۽ مٿو ڦرڻ لڳس. تنهن ڪري وري بہ هڪ هنڌ ويهي رهيو. هيڏانهن جاچي دل ۾ چيائين تہ ڳوٺ هاڻ پري ڪونهي. ٽي چار ميل پنڌ مس رهيو هوندو. پاڻيءَ جي نهر تہ اها سامهون پئي ڏسجي. ڏڪندڙ ٽنگن سان وري بہ اٿي بيٺو. آهستي آهستي هلندو سامهون ڪٺندو اچي ناليءَ جي ڪپ تي ويٺو. سڄيءَ جي طوفان سبب پاڻيءَ جو مٿاڇرو ميرو ٿيو پيو هو. بي شمار ننڍيون ننڍيون تاريون پاڻيءَ جي مٿان تري رهيون هيون. جعفر هٿ سان تاريون پاسي ڪري پاڻي پي پيٽ ڀريو. پوءِ نديءَ جي پرسان ٿڌيءَ واريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ليٽي آرام ڪرڻ لڳو. اڌ سنو ڪلاڪ ساهي کڻڻ کان پوءِ جسم ۾ ڪجهه طاقت محسوس ڪرڻ لڳو ۽ ٽڪ وغيره لهي ويس. نهر سان لنگهي ٻيءَ پر ڏيو. آهستي آهستي وکون کڻندو واريءَ جا دڙا چڙهندو لهندو اچي ڳوٺ کي ويجهو ٿيو. هن جو هرڪو پير اڳئين کان اڳرو هو. اڌ ڪلاڪ جي ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ ان واريءَ جي دڙي تي هو جتي پاڻ ۽ ڪلثوم ننڍپڻ ۾ رانديون ڪندا هئا ۽ واريءَ سان گهر ٺاهي وري ڊاهيندا هئا. مٿان ليٽندا ليٽندا هيٺ ايندا هئا يا وري مٿان ٽپ ڏيئي اچي هيٺ پوندا هئا. هيئر سڀ اکين اڳيان ڦرڻ لڳس. دڙي تان لهي ڪجهه جي ڍڳهن ۽ گهاٽن وڻن کي پٺ تي ڇڏيندو، پنهنجي گهر کي سڃاڻي، تکيرڙيون وکون پريندو، اوڏانهن وڌندو رهيو. نيٺ اچي دروازي تي بيٺو. دروازو ڏسي خوشيءَ وچان اکين سان لڙڪ ڪري پيس. ٿنگون ڏڪڻ ۽ دل ڌڙڪڻ لڳيس. آخر همت ڪري ٺڪ ٺڪ ڪيائين. اندر گهر وارا اچا ستا پيا هئا، سي هڪ ٻين کي جاڳائڻ لڳا. ويرم ٿي ڪين گذري جو هڪ نوجوان ڇوڪريءَ اچي دروازو کوليو. جعفر حيرت ۽ عجب وچان نينگريءَ کي ڏسڻ لڳو. هن جي شڪل هوبهو ڪلثوم جهڙي هئي. ڇوڪري جعفر کي ڏسي، ڪجهه به ڪڇڻ پڇڻ بنا واپس اندر هلي ويئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ جعفر جو پٽ عبدالله، سندس گهر واري نرگس، سندس استقبال لاءِ اچي دروازي تي بيٺا. ڪلثوم انهن ٻنهي جي پٺيان خبر ناهي ته ڪهڙا پور پچائيندي، آهسته آهسته قدم کڻندي پئي آئي- ورهين جي وڇڙيل چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ ڏٺو ته قدرتي حسن جي ملڪه جي جواني جيتوڻيڪ زماني جي گردش جي نذر ٿي چڪي آهي، ته به هن جي ڪوماڻل چهري تي حسن جو رعب ۽ جلوو اهوئي ساڳيو آهي. گهڙي کن چپ ٿي بيهڻ کان پوءِ جعفر گهٽيل گلي سان غمگين آواز سان آهستي چيو ته ”ادي، پاڻو!“ ڪلثوم اکين جا لڙڪ اگهندي جواب ڏنو. ايتري ۾ نرگس جي نگاهه جعفر جي ڪپڙن تي وڃي پيئي جي رت ۾ ڳاڙها ٿيا پيا هئا. سا اها حالت ڏسي گهٻرائجي ويئي ۽ پريشان ٿي رڙ ڪري چيائين ته ”توهين ڦٽيل آهيو ڇا؟ هيءَ رت ڪٿان آيو؟“ ”ڦٽيل“ ڪلثوم جي وات سان اوچتو نڪتو ”ادا توهان کي ڪو زخم آهي ڇا؟“

اها طاقت جنهن کي هيستائين، جعفر رڳو پنهنجي ارادي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مضبوطيءَ سان قائم رکندو آيو، سا هاڻي يڪدم جواب ڏيڻ لڳي.
هن عبدالله کي سڏ ڪري چيو ته ”پٽ! سون کي جهلج، ڪري
نه پوان.“ عبدالله سندس چيلهه ۾ هٿ وجهي ٽيڪ ڏيئي، آهستي
ڪري اندر گهر ۾ وٺي ويس.

صبح جو جعفر بستري تي ليٽيو پيو هو. نرگس، ڪلثوم، سندس
ٻه ٻار حليمه ۽ خالد ۽ جعفر جا ٻه پٽ عبدالله ۽ حسين، سڀ سندس
چوڌاري سڙيا وينا هئا. جعفر سيني کي ڏسي جاچي، خالد ۽ حليمه کي
اشاري سان پاڻ ڏي سڏي وهاريو.

”پٽ، تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ جعفر ڏڪندڙ آواز سان خالد
کان پڇيو.

”خالد“ چاچا سائين.

”تنهنجو“ حليمه ڏي نهاري چيائين.

”حليمه“ هن جواب ڏنو. ماءُ جو نالو ٻڌي جعفر کي سڀ
وسريل ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون ۽ ماءُ کي ياد ڪندي بي اختيار
رئڻ لڳو. وينلن جي اکين مان به لڙڪ وهڻ لڳا. خالد جي عمر
سترهن سال ۽ ڏسڻ ۾ ٻئي آئي. جعفر خالد ڏانهن ڏسي چيو ته ”پٽڙا،
سون کي قرآن شريف نه پڙهي ٻڌاءِ، هن حڪم جي تعميل ڪندي،
پنهنجي مٺي آواز سان سورة ياسين پڙهڻ شروع ڪئي.

ٻئي ڏينهن زخمن جي تڪليف گهٽو وڌي ويس ۽ ايتري پنڌ
ڪرڻ ۽ رت ڇڏڻ ڪري سخت تپ اچي ٿيس. ڪمزوري سبب هرهر
بيهوش ٿيڻ لڳو. عبدالله، بصري سان هڪڙو طبيب وٺي آيو، جو
قت ڌوئي صاف ڪري ملم رکي پٽي ٻڌي واپس هليو ويو، پر ان
سان ڪوبه فائدو ڪونه ٿيو. هڪڙي ڏينهن جعفر، خالد کان پڇيو ته
”ابا تون اجا جهاد تي ڪونه ويو آهين؟“

”چاچا، آءٌ موڪل تي آيو هوس.“ خالد جواب ڏيندي چيس“
۽ هينئر وڃڻ وارو هوس ته......

جعفر اڌ مان ڳالهه ڪپي پڇيس ته ”وڃڻ وارو هئين ته پوءِ
وئين ڇو ڪونه؟“

”چاچا سائين، توهان کي اهڙيءَ حالت ۾ ڇڏي ...“

”پٽ، جهاد لاءِ مسلمان کي پياري کان پياري شيءِ به قربان
ڪرڻي پوندي آهي. تون منهنجو فڪر نه ڪر: پنهنجو فرض پورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر. ڇا تنهنجي ساءُ توکي ڪونہ ٻڌايو آهي تہ جهاد مسلمانن لاءِ سڀ کان وڏو فرض آهي؟“

”چاچا سائين، اڄ تہ اسان کي ننڍپڻ کان ٻڌائيندي اچي. آءٌ رڳو توهان جي بيماريءَ سبب نرمي پيس جو ڏنس تي تہ ستان توهان سون ني رنج ٿيو.

”بابل، منهنجي خوشي تہ انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي، جنهن ۾ منهنجو سائين خوش ٿئي. توهين وڃو. عبدالله کي بہ سڏ ڪر“ خالد عبدالله کي بہ سڏي آيو.

جعفر- پٽ اهي جاهلن جون ڳالهيون ڪٿان سکيو آهين؟ خداوند عالم جي خوشنوديءَ عيوض، سون کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش جو نہ ڪرين. منهنجي طبيعت هاڻي سڌري رهي آهي. توهين وڃو، پنهنجي رب جا نافرمان نہ ٿيو.

”بابا سائين آءٌ تيار آهيان. جيئن جيڏيءَ سهل حڪم ڪريو.“

”پٽ، خدا ۽ رسول جي حڪم اڳيان ٻئي ڪنهن جي حڪم ٻڌڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هاڻي جو هاڻي تيار ٿيو.“

(٥)

خالد ۽ عبدالله پنهنجي پنهنجي گهوڙن تي زينون وجهي رهيا هئا. ٻنهي جون سائرون سندن پر ۾ بيٺيون هيون. جعفر پنهنجي پٽ ۽ ڀائٽي کي جهاد تي روانو ٿيندو ڏسڻ لاءِ ڪوٺيءَ جو دروازو کولائي ڇڏيو هو. هو هنڌ تي ٽيڪ ڏيئي اڱڻ ڏانهن ڏسي رهيو هو. حليمہ پهريائين، پنهنجي پاءُ خالد جي چيلهہ سان تلوار ٻڌي، پوءِ چاچيءَ جي چوڻ تي ڪنڌ هيٺ ڪري شرمائيندي عبدالله جي چيلهہ سان تلوار ٻڌائين. جعفر بہ ٽي پيرا اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اٿي نہ سگهيو. اهو ڏسي عبدالله ۽ خالد کيس اٿارڻ لاءِ ڊوڙيا پر مجاهد سندن اچڻ کان اڳ ئي اٿي کڙو ٿيو هو. چيائين تہ ”بابا، آءٌ هاڻي ٺيڪ آهيان. سون کي پاڻي پياريو.“ حليمہ پاڻيءَ جو گلاس ڀري آڻي ڏنس. جعفر پاڻي پي اچي اڱڻ ۾ بيٺو. خالد ۽ عبدالله گهوڙن کي لغام کان وٺي ٻاهر نڪتا. جعفر بہ هري هري پير کڻندو ٻنيائٽن ٻاهر نڪتو. نرگس ڏاڍو روڪيس ڇي: توهين ضعيف آهيو. توهان جي لاءِ ٻاهر نڪرڻ مناسب نہ آهي پر جعفر دلاسو ڏيئي چيس

نہ فکر نہ ڪر. آءٌ هاڻي چاق آهيان. گهر جو ٻاهريون دروازو اکري عبدالله ۽ خالد موڪلائي سلام ڪري گهوڙن تي سوار ٿي روانا ٿيا. جعفر ڪين پري تائين ڏسڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري، واريءَ جي دڙن تي چڙهڻ لڳو. نرگس ۽ ڪلثوم گهڻي منع ڪيس، پر هن ڪنهن جي بہ ڪانہ ٻدي. آخر هڪ وڏي دڙي تي اچي بيٺو. جيستائين اهي ڪم مان مجاهد ڏسڻ ۾ پئي آيس، تيستائين انهن کي ڏسندو رهيو. جڏهن ڏسڻ کان ڏور ٿي ويا، تڏهن زمين تي ويهي سجدي ۾ ڪري پيو. جڏهن گهڻي وقت گذرڻ تي بہ جعفر سجدي مان سٿو، سٿي نہ ڪنيو، تڏهن ڪلثوم هراسجي ويجهو اچي ڪيس سڏ ڪيو. جڏهن انهن سڏن تي بہ سر نہ ڪنيائين، تڏهن نرگس ڊپ ۽ گهٻراهٽ مان ٻانهن کان جهلي لوڏي سڏ ڪيس. جڏهن ائين ڪندي بہ هن کو جواب نہ ڏنو، تڏهن سندس مٿو پنهنجي هنج ۾ رکي بي اختيار رنڻ ۽ ”منهنجا خاوند! منهنجا خاوند!“ ڪري پڪارڻ لڳي. ڪلثوم جعفر جي نبض ڏسي چيو تہ ”حليم امان، هيءُ بيهوش ٿي ويو آهي، وڃ گهران پاڻيءَ جو گلاس ڀري اچ. حليم ڊوڙ پائي پاڻي کڻي آئي. ڪلثوم پاڻيءَ جو گلاس وٺي جعفر جي منهن تي ڇنڊا هنيا ۽ ٻہ ٽي ڦڙا وات ۾ بہ وڌائينس. ان تي جعفر ڪجهہ سرت ۾ آيو ۽ گلاس پنهنجي هٿ ۾ جهلي ٻہ چار ڍڪ ٻيا بہ پيتائين. ڪلثوم سندس نندي ٻٽ کي چيو تہ ”حسين وڃ ڳوٺ مان ٻہ چار مڙس وٺي اچ تہ هن کي گهر کڻي هلن. پر جعفر روڪي چيس تہ ”نہ ضرور ڪونهي، آءٌ خود هلي سگهندس.“ اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر وري بہ دل تي هٿ رکي ليٽي پيو.

”منهنجا سرتاج! منهنجا آقا“ چوندي نرگس جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا. جعفر، نرگس، ڪلثوم، حليم ۽ حسين جي منهن ڏانهن ڏسڻ لڳو. سيني جون اکيون لڙڪن سان پريون پيئون هيون. اهي ڏسي جعفر، حسين کي چوڻ لڳو تہ ”ٻٽ، تنهنجي اکين ۾ لڙڪ ڏسي مون کي ارمان ٿو ٿئي. مجاهدن جا ٻار هن زمين تي لڙڪ نہ پر خون جا ڦڙا ڪيرائيندا آهن. نرگس صبر ڪر، ڪلثوم تون بہ هاڻي دعا ......“

انهيءَ کان وڌيڪ ڇئي نہ سگهيو. اهو ٻهادر جنهن پنهنجي ٻازن جي ٻل ۽ همت جو ڏونڪو عرب، سنڌ، ترڪستان ۽ اسپين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين وڃايو هو ۽ جنهن جو نالو ٻڌي وحشي بربري ٻه ڏڪڻ لڳندا هئا، سو خود اڄ هڪ واريءَ جي دڙي تي ٻهوسيءَ جي حالت ۾ ليٽيو پيو هو. سندس زندگيءَ جي ٻيڙي موت جي مهراڻ جي موجن سان ٽڪرائجي رهي هئي. گهڙي کن رکي جعفر شهادت جو ڪلمو پڙهي ڪٿي اکيون بند ڪيون.

إنا لله و انا إليه راجعون

تمت بالخير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مترجم بابت

هن ڪتاب جو مترجم ڊاڪٽر منظور احمد عرساڻي،

رهندڙ حيدرآباد سنڌ، سال ١٩٤٠ع ۾ تولد ٿيو. سال ١٩٥٧ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو ميٽرڪ امتحان پاس ڪيائين ۽ سنه ١٦٦٣ع ۾ ايم. بي. بي. ايس پاس ڪيائين. هن وقت پاڻ ضلع ٿرپارڪر ۾ ميڊيڪل آفيسر اسڪولس هيلٿ سروسز آهي. سندس والد محترم مسٽر محمد اسماعيل عرساڻي

بي. اي، بي. ٽي، وڏو تعليمي آفيسر ۽ ناميارو اديب ۽ شاعر آهي، هيءُ نوجوان به پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي علم و ادب سان چاهه رکندڙ پئي آيو آهي، چنانچه هن ڪتاب کان سواءِ سندس ٻيا هيٺيان ڪتاب تصنيف، تاليف ۽ ترجمه ڪيل آهن، جي سنڌ جي سڀني مکي ڪتب فروشن کان ملي سگهن ٿا:

(١) سيرت حضرت ايوب عليه السلام
(٢) سيرت حضرت موسيٰ ۽ خضر عليه السلام
(٣) شرلاڪ هومس جو موت
(٤) رهبر، ملڪ سرفراز
(٥) چيده نثر و نظم
(٦) ڪاٻ ۽ گهر (اصلاحي ناول)
(٧) ربيڪا (ناول)

QUR-AN PRESS HYDERABAD SIND

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڙهَندَڙ نَسُل) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڙهَندَڙ نَسُل جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَڙهَندَڙ نَسُل ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسل وارا پَڙهَندَڙ نَسُل بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَڙهَندَڙ نَسُل ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڙهَندَڙ نَسُل جا سڀ ڪم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَڙهَندَڙ نَسُل پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَڙهَندَڙ نَسُل پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَڙهَندَڙ نَسُل سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ڀاڱ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽُتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book